


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# شاهہ جا شيدائي

## (حصو ٻيو)

## تحقيق ۽ ترتيب: راهب علي لاڙڪ

## مارچ 2018ع

موضوع: لطيفي شخصيات

ڇاپو پهريون: مئي 2018ع

ڪمپوزنگ: ثاقب علي لاڙڪ

ٽائيٽل: شاهزيب ميمڻ

ڇپائيندڙ: سمبارا پبليڪيشن

منو ٽاور سامهون عبرت پريس ويجهو دوابا پوليس لائين، گاڏي کاتو حيدرآباد

03003513966

ملهہ: 350



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ارپنا

آءُ هي قلمي پورهيو
ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
ڊاڪٽر درشهوار سيد
۽
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نانءُ ڪيان ٿو .انهن نامور شاهه سائينءَ جي شيدائن سنڌي ادب، ٻولي، ثقافت، شاهه لطيف ۽ تصوف تي شاهڪار ڪم ڪيو آهي .انهن جو سنڌ ۽ سنڌ وارن تي اڻ مٽ احسان آهي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| مهاڳ | 8 |
| ٻه اکر | 10 |
| پنهنجي پاران | 12 |
| پريم تنهنجا پار | 14 |
| تعارف | 24 |
| محمد صديق مسافر | 26 |
| مولانا ثناءُ الله ثنائي | 33 |
| مولوي در محمد ”خاڪ“ ڪانڌيلوي | 35 |
| حافظ محمد احسن چنه | 38 |
| پير حسام الدين راشدي | 42 |
| پروفيسر علي نواز جتوئي | 45 |
| پروفيسر امينه خميساڻي | 48 |
| ڊاڪٽر الياس عشقي | 51 |
| عارف المولیٰ | 55 |
| ڊاڪٽر اياز حسين قادري | 57 |
| ڪريم بخش خالد | 62 |
| معمور يوسفاڻي | 69 |
| محمد حسين ڪاشف | 74 |
| الهه نواز رڪڻائي | 79 |
| ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 81 |
| حافظ محمد بخش خاصخيلي | 88 |
| حيدر علي لغاري | 91 |
| ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 92 |
| آغا سليم | 100 |
| محمد مٺل المعروف استاد حيدري چانديو | 109 |
| فقير حاجي امداد علي سرائي | 112 |
| ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ | 116 |

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي 118
آغا شهاب الدين 121
پروفيسر غلام رسول اڪرم سومرو 123
ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر 129
ڊاڪٽر نواز علي شوق 134
ڊاڪٽر درشهوار سيد 139
ڊاڪٽر بشير احمد شاد 144
ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ 149
ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ 152
ڊاڪٽر حيدر سنڌي 155
انور پيرزادو 157
ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو 164
سرور نواز ٻگهيو 170
ڊاڪٽر فهميده حسين 172
عبدالستار پيرزادو 179
فقير محمد لاشاري 180
ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي 183
ڊاڪٽر تهمينه مفتي 187
نذير ناز 190
ڊاڪٽر نور افروز خواجه 193
ڊاڪٽر مهرالنساء لاڙڪ 195
ڊاڪٽر قمر جهان مرزا 198
استاد لغاري 200
ڊاڪٽر آزاد قاضي 208
ڊاڪٽر پروين موسىٰ ميمڻ 210
سليم ڀٽو لطيفي 215
ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو 221
ڊاڪٽر غلام مصطفىٰ کهڙو 223
زيب نظاماڻي 229

| | |
|---|---|
| الطاف ملڪاڻي | 230 |
| ايوب کوسو | 233 |
| طارق عزيز شيخ | 235 |
| ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 237 |
| ڊاڪٽر احسان دانش | 241 |
| غلام شبير پيراهين | 245 |
| اعجاز علي ممنائي | 247 |
| ڊاڪٽر مخمور بخاري | 250 |
| شاهه لطيف سان عقيدت جو اظهار | 253 |
| عبدالله شرر | 253 |
| ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري | 254 |
| مختلف ليکڪن جا مضمون ۽ مقالا | 254 |
| بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس1988 ع جو مختصر احوال | 267 |
| شاهه عبداللطيف ڀٽائي سيمينار1999 ع جو مختصر احوال | 274 |
| شاهه عبداللطيف ڀٽائي سيمينار2000 ع | 275 |
| شاهه لطيف سيمينار2001 ع. | 277 |
| مددي ڪتاب | 278 |




books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مهاڳ

شاعرن جي سرتاج "شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ" جو رسالو پڻ انسان ذات جي زندگيءَ لاءِ هڪ رهنما اصولن جو انمول خزانو ۽ حق سچ جي هدايتن جو اڻ کٽ سرچشمو آهي جنهن لاءِ پاڻ فرمايو اٿن تہ:

جي تو بيت ڀانئيان سي آيتون آهين،
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي.

شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ اصطلاح، پهاڪا، چوڻيون، تمثيلون، حديثون ۽ حضرت علي عليہ السلام جا قول توڙي بيشمار بي بها موتي ڪوزي ۾ سمنڊ سميٽي پنهنجي ڪلام جي صورت ۾ سنڌين کي اهل ڪتاب سان نوازيائين.سنڌس ڪلام تي سنڌ توڙي هند جي برک عالمن وڏي اوک ڏوک ڪئي آهي.

شيرِ يزدان حضرت علي عليہ السلام جو قول مبارڪ آهي تہ يتيم اهو ناهي جنهنَ جا ماءُ پيءُ مري ويا هجن پر يتيم اهو آهي جنهن علم حاصل نہ ڪيو هجي .اسان جي يارن جي يار راهب علي لاڙڪ کي علم جي سعادت حاصل هئڻ سان گڏ هنکي مولا پاڪ جي ذات لطيفي متڪي جو پاٽي پڻ نصيب ڪيو آهي، ههڙي سخت گهٽ ۽ پوسٽ واري ماحول ۾ رهي ڪري هن جو مرشد لطيف سان جيڪو عشق جو نرالو انداز آهي سو چوڏهين جي چنڊ جهڙو صاف صاف روشن پيو لڳي، جنهن جو زنده ثبوت اهو آهي جو هن لطيف جي محبتي ماڻهو هر ممڪن ڪوشش ڪري مرشد لطيف جي دور دراز شيدائين جي نالن ۽ انهن جي مرشد لطيف تي ڪيل جداجدا خدمتن کي سهيڙي سموهي هڪ انمول ڪتاب نالي "شاهه لطيف جا شيدائي" ڪتاب لکيو آهي جنهن جي پڙهڻ سان راهب علي لاڙڪ جي وسيع النظري ۽ روشن خيالي جو پتو پوي ٿو . مرشد لطيف جي هن شيدائي پنهنجو ڪتاب "شاهه لطيف جا شيدائي" ڀاڳو ڀيو ۾ نہ رڳو سنڌ جي عالمن نقادن ۽ محققن جو تعارف پيش ڪيو آهي پر سندن لطيف تي ڪيل ڪم کي پڻ اجاگر ڪيو آهي، جنهن مان پيار محبت، انسانيت، رواداري جي خوشبوءِ اچي ٿي .سندس هي علمي ادبي پورهيو ايم-فل ۽ پي-ايڇ-ڊي ڪندڙ شاگردن لاءِ هڪ رهبر طور ڪم ايندو ۽ ايندڙ نسل کي هن ڪتاب مان لاڀائتو مواد ميسر ٿيندو.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ مرشد لطيف جي شيدائين تي ڪم ڪندڙ شايد ئي ڪو ٻيو نہ ڏٺو هجي.آءُ راهب علي لاڙڪ کي سندس ڪيل ڪم تي دل جي گهراين سان خراج تحسين ۽ مبارڪباد پيش ڪيان ٿو منهنجي دلي دعا آهي تہ مولا پاڪ کيس مرشد لطيف سان سندس عشق کي سدائين سلامت رکي ۽ ساڳي ئي چاهہ ۽ جذبي سان لکندو رهي .آءُ سندس جي مرشد لطيف سان روحاني عقيدت کي ڏسي مرشد لطيف جي ئي لفظن ۾ چوندس تہ:

ڪنول پاڙون پاتال ۾ ڀونئر ڀري آڪاس،
ٻنهين سندي ڳالهڙي رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس جنهن محبتي ميڙيا.

استاد حيدري چانديو
شهر نوان جتوئي 2 مارچ 2018ع



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

زندگي هڪ سفر آهي جنهن ۾ هر مسافر ڪجهه گهڙيون گهاري ٿو ڪو مسافر انهن گهڙين کي قلم جي نوڪ سان ڪتاب ۾ محفوظ ڪري ٿو ته ڪو وري انهن کي اجايون گهڙيون سمجهي ضايع ڪري ٿو پر پوءِ ڪي عاقل ۽ ڏاها انهن جي گهاريل گهڙين کي محفوظ ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪن ٿا .ائين ڪيتريون ئي تڪليفون ۽ پوڳنائون سهي سماج تائين انهن جي سوچ ۽ فڪر کي هو بهو پهچائين ٿا .ائين محسوس ٿئي ٿو جڻ اها شخصيت اسان جي سامهون اڄ به موجود آهي اهڙو ئي ڪاهوڙي ۽ جوڳين واري ريت اپنائڻ وارو پارکو راهب علي لاڙڪ آهي جنهن پوري دنيا جي محققن وانگي مرشد لطيف کي پهنجو ڪعبو ۽ قبلو ناهيو اٿس ۽ ساڻس سچي پريت پاڙي اٿس .سندس انداز نهايت نرالو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو مرشد کي ڏسڻ سان گڏ هر ان ماڻهوءَ تي نظر رکي ڪيس ڏسندو رهيو آهي ته منهنجي مرشد گهوٽ پٽائيءَ کي ڪنهن ڪيئن پيهي پروڙيو آهي اها ئي هڪ حقيقي عاشق جي ازلوئون روش رهي آهي جنهن جو ذڪر پاڻ لطيف سرڪار ڪيو آهي ”عشق ناهي راند ته ڪي ڪنس ڳيرو“ سو جيڪو به عشق ۾ پير پائي سو پهرئين سسئيءَ وانگر سور سهي، نوريءَ وانگر نماڻائي ڪري، سهڻيءَ وانگر سِير ۾ گهڙي تڏهن وڃي راڻو مومل ماڻيندو سو راهب علي لاڙڪ به پير پٽون ڪري مرشد جي ديدار ۾ بيٺل هر ماڻهوءَ کي نينهن واري نگاهه سان ڏسَڻ لڳو .جنهن به مرشد لطيف تي پنهنجي سوچ ۽ سمجهه آهر ٻه اکر لکيا تنهن جو جڻ ته پاڻ شيدائي ٿي پيو ۽ اهو سوچيائين ته جيڪو منهنجي مرشد تي ٻه اکر لکي ٿو اهو منهنجي سر جو سائين آهي ۽ اهو مون لاءِ سڀ ڪجهه آهي مان ڪا شيءِ ناهيان تنهن ڪري ڪتاب جو نالو به ”شاهه جا شيدائي“ رکيائين، جنهن جو ٻيو حصو اسان ۽ توهان جي هٿن ۾ آهي جنهن ۾ رڳو پراڻا ۽ مشهور شاهه سائينءَ جا محقق، اديب ۽ شاعر نه پر ڪوڙ سارن نون اديبن جي سوانح عمري سان گڏ سندن علمي ادبي خدمتن جو جائزو پيش ڪيو اٿائين .اهو سڄو ڪجهه هڪ ڪتابي صورت ۾ آڻي عوام آڏو پيش ڪيائون، جنهن تي سچ پچ هو جس لهڻي چو ته هيءُ ڪم ڪرڻ ڪنهن عام ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه نه آهي بلڪ اهو ڪم ڏينهن رات جي جاکوڙ ۽ رابطن ڪانسواءِ مسلسل مختلف ڪتابن، اخبارن ۽ مئگزينن جي سنجيده


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مطالعي سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو .هن ڪتاب ۾ ڪوڙ سارا اهڙا اديب شامل آهن جيڪي اڄ بہ لطيف شناسيءَ جي صف ۾ ڏينهون ڏينهن نيون تحقيقون ۽ نوان مقالا لکندا رهن ٿا پر جيڪي محقق ۽ لطيف جا پارکو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا آهن تن ڪي پاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ سهيڙي ”سي مري ٿيا نہ مات“ جو چٽو مثال پيش ڪيو آهي اميد آهي تہ هيءُ ڪتاب ادبي دنيا ۾ وڏو نانءُ پيدا ڪندو ۽ راهب علي لاڙڪ جون ڪيل ڏينهن رات جون ڪاوشون رنگ لائيندين ۽ لطيف جي پيغام سان پورو عالم امن ۽ آجپي جي چراغ سان روشن ٿي ويندو.

اعجاز ممنائي
نوشهرو فيروز
8 مارچ 2018 ع
03063218114



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ ۽ سنڌين جو محافظ آهي سندس الهامي ڪلام جي مطالعي بعد اها پروڙ پوي ٿي ته پاڻ سنڌ ۽ ساري عالم لاءِ امن ۽ خوشحالي لاءِ رب پاڪ کي ٻاڏائيندو رهيو آهي اهو ئي سبب آهي جو هندو مسلم سک عيسائي سيئي شاهه لطيف جا شيدائي آهن.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ڪتاب ببليوگرافي شاهه تي لکيل ڪتابن جي ترتيب ڏنو، ڊاڪٽر درشهوار سيد ڪتاب شاهه لطيف تي ببليوگرافي سهيڙيو. انهن ڪتابن مونکي تمام گهڻو متاثر ڪيو آءُ 2000ع تائين ان اوسيئڙي ۾ هئس ته ڊاڪٽر عبدالجبار ۽ ڊاڪٽر درشهوار وارو رهيل ڪم ڪو نه ڪو سرڪاري ادارو يا شاهه جو شيدائي شاهه لطيف تي لکيل ڪتابن مضمونن مقالن جي ببليوگرافي تيار ڪندو. پر اهو ڪم 1995ع کان اڳتي نه وڌيو پوءِ مجبورن مون پنهنجي ننڍڙي ذهن ۽ عقل مطابق 261 شخصيتن جي مختصر سوانح سان گڏ سندن لطيفيات تي ڪيل ڪم جو مختصر جائزو ورتم. اهو لطيفي شخصيات متعلق ڪتاب شاهه لطيف جا شيدائي حصو پهريون سمبارا پبليڪيشن 2016ع ۾ شايع ڪرايو. ان ڪتاب متعلق ادبي توڙي سماجي شخصيتن مان ڀرپور موٽ ملڻ تي آءُ سندن بيحد احسان مند آهيان. ڪتاب جي پهرئين ۽ ٻئي حصي ۾ انهن شخصيتن جا ڪتاب ۽ مضمون مقالا مون کان ڪجهه ضرور رهجي ويا هوندا، اهو مڪمل ڪم ڪو ٻيو شخص ڪنهن وڏي لائبرري ۽ وسيع مطالعي سبب ئي ڪري سگهي ٿو.

هن ڪتاب جي ٻئي حصي جي تياريءَ وقت هڪ دوست فون ڪري چيو ته. شاهه لطيف جا سچا شيدائي ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ آڻ ان مهل منهنجو ذهن چڪرائجي ويو، سوچيم ته هر ڪنهن شاهه سائين سان عقيدت ۽ محبت الڳ الڳ انداز سان ڪئي آهي. سڀ ته سيد محمود شاهہ، گنگا جتڻ، عبدالعظيم عرف وڏل شاهه، تمر فقير، ۽ مير عبدالحسين سانگيءَ وغيره جهڙا شيدائي نه ٿيندا، ته پوءِ اها پرک ڪير ڪري ته شاهه سائين جا سچا شيدائي ڪهڙا آهن، ڪوڙ سارن ليکڪن جا ڪتاب ۽ مضمون، مقالا لکيل آهن پر اهي غربت سبب يا ادارن جي من مستيءَ سبب ڪتاب نه ٿا شايع ڪرائي سگهن انهن جي دعويٰ آهي ته اسان شاهه لطيف جا سچا شيدائي آهيون. پر هن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

معاشري ۾ اهو تصور آهي تہ جيڪي ليکڪ گهڻا صاحبِ ڪتاب آهن اهي شاهہ جا سچا شيدائي آهن، جيئن تہ ملهہ، ميلائي، موالي، فنڪار، شاعر، سگهڙ، صحافي، نيوز ڪاسٽر، وڏيرا، وزير، فقير، ليکڪ، مصور، پروڊيوسر، ڪمپيئر، ريڊيو لسنر چون ٿا تہ اسان شاهہ سائين جا سچا شيدائي آهيون پر ائين ناهي هر ڪنهن کي پنهنجو ضمير ٻڌائيندو آهي تہ ان جي مرشد لطيف سان ڪيتري عقيدت آهي. اديبن جي گروپ بنديءَ سان يا گهڻا ڪتاب لکڻ سان ڪو شاهہ لطيف جو سچو شيدائي نٿو ٿي سگهي. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيغام تي عمل ڪرڻ سان شاهہ جو سچو شيدائي ٿي سگهجي ٿو.

محترم سائين حيدري چانڊيي، اعجاز ممنائي ۽ خاوند ڏني لاڙڪ صاحب جو مشڪور آهيان جن پنهنجن نيڪ خيالن جو اظهار ڪري هن ڪتاب کي زينت بخشي آهي آءُ سمبارا پبليڪيشن جي مالڪ ساجد سنڌيءَ جو بہ نهايت ٿورائتو آهيان جو ان شخص سنڌي ادب جي پارکن تائين وقت بہ وقت انمول ڪتاب پهچايا آهن مڙني جا لک قرب.

هي منهنجو ٽيون ڪتاب آهي جيڪو اڳ جيان پنهنجي ذاتي لائبرري جي ادبي خزاني مان لطيفي موتي ميڙي اوهان تائين رسايو آهي، هن ڪتاب ۾ ڪجهہ شخصيتن جي مختصر سوانح حيات. شاهہ لطيف تي ببليوگرافي، شاهہ جي شيدائين جي شاهہ سائين سان اظهارِ عقيدت ۽ ڪتاب جي آخر ۾ شاهہ لطيف بابت يادگار سيمينارن جو تذڪرو ڪيل آهي. اميد تہ ڪتاب متعلق پنهنجن قيمتي راين سان گڏوگڏ منهنجي اصلاح ضرور ڪندا.

خادم العلم

راهب علي لاڙڪ- لطيف لئبرري

ڪاهي راهو نزديڪ نوشهرو فيروز. 20 مارچ 2018ع

03042920096 --- 03013528644

واٽس ائپ نمبر.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پريم تنهنجا پار

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شيدائين، شاهه سائين سان عقيدت جو اظهار ڪجهه نرالي انداز ۾ ڪيو آهي. انهن مان ڪجهه خاص شخصيتون هن ريت آهن. شاهه لطيف جو روضو ان وقت جي حاڪم غلام شاهه ڪلهوڙي پنهنجي امڙ مائي گلان جي اسرار تي سکر بکر جي عيدن رازي زمين ڪان نيل تائين 67 فوٽ (58.5 فوٽ) اوچو ٺاهيو. ڪلهوڙن ۽ ٽالپر گهراڻي ڪان پوءِ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وزير صنعت حڪومت پاڪستان 18 جولاءِ 1962ع تي شاهه صاحب جي 210هين ورسيءَ جي موقعي تي ثقافتي مرڪز جي عمارتن: آڊيٽوريم هال، لئبرري، ريڊنگ روم، ميوزم ۽ آرٽ گئلري جو افتتاح ڪيو ۽ ڀٽ شاهه ڪي واپڊا جي بجليءَ سان منور ڪيائين. وزير اعظم جي حيثيت ۾ 25 جنوري 1974ع ۾ ڀٽ شاهه ڊولپمينٽ ڪامپليڪس جو سنگِ بنياد رکيائين ۽ بيا پڻ يادگار ڪم ڪرايائين. تنهن بعد شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو، 1994ع ۾ پنهنجي والد جي خوابن ڪي تعبير ڏيڻ لاءِ "ڀٽ شاهه بيوٽيفڪيشن پلان" جو سنگِ بنياد رکيو. ان منصوبي تحت ڪراڙ ڍنڍ ڪي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. اوپر واري حصي ۾ ڪراڙ پارڪ ٺاهيو ويو ۽ باقي حصي ڪي ڍنڍ طور برقرار رکيو ويو. ڀٽ خاندان شاهه سائين جي درگاهه تي بهترين ۽ لازوال ڪم ڪرايا آهن.

شهدادپور جي ويجهو ڳوٺ خير محمد وساڻ جي خاندان متعلق مشهور آهي ته هن خاندان جو هر پڳدار باقائده لطيف سائين جي عرس مبارڪ ۾ 3 ڏينهن لنگر هلائيندو هو ۽ باقائدي 3 ڏينهن ديوٽي ڏيندو هو .مرحوم رئيس حاجي پائي خان وساڻ اول لطيف سائين جو سچو شيدائي هو ان لطيف سائين جي روضي تي 7 فوٽ ڊگهي سوني نيل چڙهائي سوني نيل بابت 2 روايتون ملن ٿيون هڪ روايت اها ته هڪ دفعي پائي خان وساڻ گهر آيو ته ڪمري جي دروازي جي چائنٺ ٽپيو ته ڪيس ٺاپو آيو جڏهن هن هيٺ نهاريو ته ڪيس هڪ ديگ جو ڪنو ڏسڻ ۾ آيو جنهن ۾ هي وچڙي پيو هو، هن کوٽائي ڪرائي ته 2 ديگيون سونين گينين سان ڀريل هيون ۽ انهي مهل پاڻ لطيف سائين جي دربار تي ويو ۽ ان وقت جي سجاده نشين سيد علڻ سائين وٽ حاضر ٿي سڄي حقيقت ٻڌائي ۽ عرض ڪيو ته ان سون مان آئون مرشد لطيف سائين جي مزار


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي سوني نيل چاڙهڻ چاهيان ٿو، سجاده نشين پاران اجازت ملڻ بعد تقريباً 2 مڻ سون جي نيل متياري جي هڪ سوناري کان ٺهرائي چاڙهي .ٻي روايت هي آهي تہ ڪيس اولاد نہ پئي ٿيو ۽ پنهنجي مرشد لطيف جي مزار تي اچي دعا گهري تہ ڪيس پٽ جو اولاد ٿئي تہ هو سندس مزار تي سوني نيل چاڙهيندو ۽ سندس دعا قبول پئي ڪين فرزند عطا ٿيو ۽ پاڻ سندس نالو ڏاڏي پويان جان محمد خان وساڻ رکيو ۽ وڏي ڄج وٺي مزار تي سوني نيل چاڙهي، اها بہ روايت آهي تہ پاڻ ان وقت جي سجاده نشين سيد علڻ سائين گڏ سون وٺڻ لاءِ بمبئي ويو جتان 2 مڻ سون آڻي متياري جي هڪ سوناري کان نيل ٺهرائي چڙهائي ۽ انهي روايت کي وڌيڪ مضبوط سمجهيو وڃي ٿو .سندس وصال 1911ع ۾ ٿيو ڪيس مرشد لطيف جي پيراندي کان جيڪا هن وقت لاڙڪن جي اوطاق آهي ان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جو سڀ کان پهريون قلمي نسخو تمر فقير لکيو هو. تنهن کان پوءِ ٽنڊي مير محمود وارو قلمي نسخو 1200ھ ۾ مڪمل ٿيو، هن نسخي ۾ 1735 بيت ۽ 97 وايون ۽ ڪل 32 سر ڏنل آهي .حوالو -آزاد قاضي "ڪتاب. شاھ عبداللطيف سنڌي سماج جو ترجمان" مهراڻ اڪيڊمي، سال 2008ع ص-159-164.

سڀ کان پهريائين حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي بابت مختصر احوال مير علي شير قانع ٺٽويءَ پنهنجي فارسي ڪتاب مقالا الشعراءُ ۾ 1174ھ-1761ع ۾ لکيو .شاھ سائينءَ جي سوانح حيات ۽ حڪايتن تي فارسيءَ ۾ تحقيقي ڪتاب پهريون پيرو مرحوم مير عبدالحسين سانگيءَ "لطائف لطيفي" تاريخ 10 ذوالقعد 1305 ھ 19 جولاءِ 1888ع جمعي جي ڏينهن (8 کان 12 سالن جي عرصي ۾) ترتيب ڏئي پورو ڪيو .سانگي شاھ سائينءَ جو سچو شيدائي هو، پاڻ هر جمعي جي رات شاھ جو راڳ ٻڌڻ لاءِ حيدرآباد کان ڀٽ جو سفر ڪندو هو .سندس آخري آرامگاھ ڀٽ شاھ تي آهي .سڀ کان پهريائين شاھ سائين جي شاعريءَ جو فارسي منظوم ترجمو مولوي هدايت الله هالائي جو ڪيل ترجمہ از سرود سسئي ڇهاپ شده مجلہ توحيد ڪراچي 38-1939ع.

سنڌيءَ ۾ سڀ کان پهريائين شاھ لطيف جو رسالو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ 1866ع ۾ جرمني جي شهر ليپزگ لپسيا مان ڇپايو .سنڌي زبان ۾ شاھ سائين جي زندگيءَ تي تحقيقي ڪتاب سڀ کان پهريائين مرزا قليچ بيگ ڪتاب "احوال شاھ عبداللطيف ڀٽائي" پهريون دفعو 15 نومبر 1897ع ۾ شايع

ڪرايو .محمد صديق مسافر پهريون مسلم اديب، عالم ۽ شاعر هو جنهن شاهه سائينءَ جي سچي حياتيءَ جو ذڪر نظم ۾ لکيو جيڪو اخبار تعليم ۾ قسط وار شايع ٿيس. شاهه سائينءَ جي سچي شيدائي مرحوم درمحمد خاڪ شاهه جي 50بيتن جي شرح لکي، هيءَ اهم شرح آهي جنهن لاءِ درمحمد خاڪ لکيو آهي ته ڪيس مرشد گهوٽ لطيف خواب ۾ خود اچي شرح لکڻ لاءِ چيو. درمحمد خاڪ انهيءَ حڪم جي تعميل ڪندي اها شرح لکي ته پاڻ وري ٻيهر آيا ۽ درمحمد خاڪ کي ان شرح لکڻ تي مبارڪباد ڏنائين. جيڪا درمحمد خاڪ لاءِ وڏي سعادت آهي .الله تعالىٰ سيني کي اهڙي سعادت نصيب فرمائي .حوالو- پي-ايڇ-ڊي ٿيسز شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو. ڊاڪٽر غلام مصطفىٰ کهڙو 2003 ع، صفحو-443. ڊاڪٽر اياز حسين قادري شاهه سائينءَ جو بيحد عقيدتمند هو پاڻ وفات کان هڪ ڏينهن اڳ ملهايل لطيف ڏهاڙي ۾ ”شاهه لطيف ۽ دعا“ جي موضوع تي تقرير ڪئي هئي.

سنڌي زبان ۾ شاهه سائين جي سوانح حيات تي جديد طرز جي تحقيق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي. جيڪو لطيفيات تي وڏو ڪم ليکجي ٿو. لطيفيات تي سنڌي زبان ۾ سڀ کان پهرين پي-ايڇ-ڊي ڪندڙ جو اعزاز پروفيسر شاهنواز سوڍر کي 1988ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊگري ملي، پوءِ اها ٿيسز بعنوان ”سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف 1991ع“ ۾ شايع ٿي .شاهه سائينءَ تي سڀ کان پهرين ايم-فل جي ٿيسز ”شاهه جا سرموڙ“ منوهر بختراءِ متلاڻيءَ جي هي ايم-فل ٿيسز بمبئي يونيورسٽي پارٽ ۾ 1989ع ۾ منظور ٿي، جيڪا پوءِ 1996ع ۾ سنڌ ۾ شايع ٿي. سڀ کان پهريائين الف ب وار رسالو ديوان لطيف جي نالي سان محمد سومار شيخ ترتيب ڏنو جيڪو اڻڇپيل صورت ۾ بدين ۾ موجود آهي. شاهه جو رسالو الف ب وار، مرتب ڊاڪٽر محمد عالم سومرو روشني پبليڪيشن 16 مئي 1994ع. شاهه جو رسالو الف ب وار، مرتب عبدالغفار گوهر دائود پوٽو سنڌيڪا اڪيڊمي جون 1994ع. شاهه جو شيدائي انور ڏنگڙائي ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ ڏنگڙو جو رهواسي، هن 13 سالن جي محنت کان پوءِ ڀٽائي جي بيتن ۾ استعمال ٿيل 15 هزار لفظن تي مشتمل ڊڪشنري تيار ڪري ڊسمبر 2014ع ۾ شايع ڪرائي جيڪو هڪ وڏي مان مرتبي جو ڪم ليکجي ٿو .شاهه سائينءَ جي زندگيءَ تي سڀ کان پهريائين ناول سامي سچ وڙاءُ مراد علي مرزا لکيو .هي ناول ڊسمبر 2008ع ۾ شايع ٿيو .سامي سچ وڙاءُ نالو مرحوم ممتاز علي مرزا تجويز ڪيو هو .حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قلمي نسخي گنج جو ڊجيٽل ايڊيشن سڀ کان پهريائين شبير ڪنيار 42 اکرن جي الفابيٽ ۾ ڪتابت ڪيو آهي. شاهه جي رسالي گنج کي موجوده الف-ب ۾ ممتاز مرزا لکيو هو جيڪو پوءِ پٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڊيلڪس ايڊيشن طور 1994ع ۾ ۽ اسڪالر ايڊيشن طور 1995ع ۾ شايع ڪيو.

عربي زبان ۾ شاهه سائين جي رسالي جي سرن جو نثري ترجمو سڀ کان پهريائين ڊاڪٽر فضل رحيم سومري ڪيو، ان ترجمي کي تاج محل پريس شاهي بازار حيدرآباد مان 1980ع ۾ شايع ڪرايائين. هي مختصر ترجمو هو. تنهن کان پوءِ سندس مڪمل شاهه جي رسالي (30 سرن سميت) جي ترجمي جي مهورت ان وقت جي پاڪستان جي وزير دفاع، مير علي احمد خان ٽالپر ، توحيد پبليڪيشن جي احتمام هيٺ حيدرآباد ۾ 8 اپريل 1984ع تي مهورت ڪيو هو.

سرائيڪي زبان ۾ سڀ کان پهريائين شاهه سائينءَ جي رسالي جو ترجمو استاد لغاريءَ شاهه دا رسالا-منظوم سرائيڪي ترجمو 2010ع ۾ شايع ڪرايو. هن ترجمي ۾ 30 سر، 165 داستان، 3182 بيت ۽ 213 وايون شامل آهن، ٽوٽل شعر 3395 ٿين ٿا. هن جي شروعات سرڪلياڻ سان ۽ اختتام ڪيڏاري تي ٿئي ٿو.

بلوچي زبان ۾ سڀ کان پهريون ترجمو مير گل نصير جو ڪيل "لطيف گشيت" جي عنوان سان 1983ع ۾ بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا طرفان شايع ڪيو ويو .هي 60 صفحن جو ڪتاب آهي جن مان 15 صفحن تي شاهه سائينءَ جي سوانح حيات ڏنل آهي.

شاهه سائين جي رسالي جي ڪجهه بيتن جو نثري اردو ترجمو سڀ کان پهريائين آغا تاج محمد ڪتاب "عڪس لطيف" جي نالي سان ڪيو، ان ڪتاب کي آزاد بوڪ ڊپو صدر بازار حيدرآباد 1951ع ۾ شايع ڪيو.

پنجابي زبان ۾ سڀ کان پهريائين شاهه جو رسالو مترجم ڪرتار سنگهه عرش، ڇاپو پهريون 1990ع 1996ع ۾ 18 سرن جو پنجابي منظوم ترجمو ڪيو ويو.

ڪڇي ۽ گجراتي زبان ۾ سڀ کان پهرين مشهور عالم دليراءِ ڪاراڻي شاهه جي رسالي مان چونڊ بيت 1979ع ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرايا، ان کان اڳ ۾ ماستر هميراڻي شاهه سائين جو سمورو رسالو گجراتي ۾ ترجمو ڪيو هو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهہ سائين جي رسالي جي چوند بيتن جو براهوي زبان ۾ پهريون پيرو 1986ع ۾ بروهي عبدالقيوم جوهر سنگيت رسالو. براهوي پبليڪيشن فريدآباد ميهڙ ضلع دادو مان شايع ڪرايو. 1998ع ۾ چمن لطيف جي عنوان سان 35 سرن جي چاڻ ۽ ڪجهہ بيتن جي براهوي زبان ۾ شرح لکي شايع ڪرايائين.

انگريزي زبان ۾ سڀ کان پهريائين ڊاڪٽر سورلي جي تيار ڪيل پي-ايچ-ڊي ٿيسز آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ 1938ع ۾ منظور ٿي .جيڪا بعنوان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو رسالو مترجم ڊاڪٽر ايچ-ٽي-سورلي، ڇاپو پهريون شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ، لنڊن مان 1940ع ۾ شايع ٿي .انگريزيءَ ۾ شاهہ سائينءَ تي جديد طرز تي تحقيق سڀ کان پهريائين ڊاڪٽر ايچ-ٽي-سورلي ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي پهريون ڀارتي عالم هو جنهن کي دهلي يونيورسٽيءَ مان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي تي ٿيسز لکڻ جي ڪري پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ٿي سندس تحقيق جو عنوان هو شاهہ عبداللطيف، سندس زندگي ۽ ڪم. هي انگريزي ۾ لکيل ٿيسز دهلي يونيورسٽيءَ طرفان پهرين ايڊيشن طور 1973ع ۾ شايع ٿي.

هندي زبان ۾ سڀ کان پهريائين ترجمو ڪندڙ مٽي شنڪر دويدي "شاهہ لطيف ڪاڪاويہ" ڇاپو پهريون ساهتيہ اڪادمي نئين دهلي 1969ع ۾ شايع ٿيو.

ڀٽا قوم جو ڳوٺ لنڊو دڙو هي ڳوٺ ديهہ گونجي تعلقو صادق آباد ضلعي رحيم يار خان جي جاگرافيائي حدن اندر آهي .ڀٽائي سرڪار جي آمد سبب اڄ بہ هن ڳوٺ ۾ "لطيف جو لوڙهو" مشهور آهي، ڪنهن زماني ۾ لطيف جي لوڙهي جي خدمت هڪ عورت مائي خانزادي فقيرياڻي ڪندي هئي جيڪا هن لوڙهي جي پهرين مجاور محمد ابراهيم ڀٽي جي گهرواري هئي .ان عورت کي شاهہ سائين سان ايتري تہ عقيدت هئي جو ڪارا ڪپڙا پائي پيرين پنڌ ڀٽ شاهہ تي ويندي هئي .ٻوبي ڳوٺ جي نظاماڻين مان مائي تڏي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي پانڌياڻي هئي ۽ اتان لنگهندڙ ميرپورخاص واري اوائلي ميرن واري رستي تان پيرين پنڌ هر جمعي تي شاهہ عبداللطيف جي حاضري ڀرڻ ويندي هئي.

مرحوم ڄام ڪانيو خان شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مريد هو. سندن لاءِ اهو مشهور هو تہ پاڻ وقت بہ وقت پنهنجي مرشد جي مزار جي زيارت لاءِ ويندو هو پر هو لطيف سائين جي عرس مبارڪ ۾ بہ ڏينهن اڳ پهچي ويندو هو ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زائرين لاءِ لنگر عام هلائيندو هو .لطيف جي ميلي لاءِ سوين اٽ سيڌي سامان جا ۽ سوين ٻڪر، ڍڳا گوشت لاءِ پاڻ سان آڻيندو هو، جڏهن ته چانديءَ جي رپئن سان اٽن جا ٻورا پرائي ايندو هو ۽ اتي فقير فقراءُڪي ٻڪ ڀري ڏيندو هو .ميلي ۽ ملاڪڙي ۽ راڳ رهاڻ جي محفلن ۾ به وڏي سخاوت ڪندو هو، ملهن ۽ فنڪارن کي ته چاندي جي رپئن جا ٻڪ ۽ جهوليون ڀري ڏيندو هو .مرشد لطيف سائين سان عقيدت سبب پاڻ ڀٽ شاهه کان ميل ڏيڍ پوئتي پنهنجي نوڪرن چاڪرن سان گڏ گهوڙن تان لهي اتان کان پيرِ اگهاڙا ڪري پيرين پنڌ ايندو هو ۽ وري ڀٽ شاهه کان ميل ڏيڍ ٻاهر نڪري پوءِ جتي پائي سواريءَ تي چڙهندو هو.

نئون آباد ضلعي سانگهڙ جو نالي وارو ڊاڪٽر حڪيم علي ڏنو لسڪاڻي ولد الهه بچايو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جو سچو شيدائي تقريباً 47 سالن کان لاڳيتو هر جمعي جي رات درگاهه تي حاضري ڀري لطيفي تنوار مان سڪون وٺي ٿو .سانگهڙ شوگرمل ۽ جهول شهر جي نزديڪ ڳوٺ نظر علي نظاماڻي جي نالي سان مشهور ڳوٺ آهي، ان بزرگ يعني نظر علي نظاماڻي جي سٺي چال چلت سبب تر جي ماڻهن ڪيس علائقي جو چڱو مڙس ڪري مان بخشيو .مرحوم نظر علي وڏو پاڳيو هيو هن وٽ ڍڳين جو وڏو ڌڻ هو، هو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عقيدت ۽ محبت ۾ هر خميس جي رات راڳين لاءِ کير جي چونٽري مٿي تي کڻي پيرين پنڌ ڀٽ شاهه ويندو هو.

ارڙهين ميل پرسان ڳوٺ دوست محمد وساڻ جي رهواسڻ مائي بوٺاجمي خاصخيلڻ ڀٽائي جي راڳ جي پارکو جنهن کي اتان جا ننڍا وڏا امان حاجاڻي يا بوٺا حاجاڻي سڏين ٿا .بوٺا کي ڀٽائي سرڪار سان بي انداز محبت آهي جڏهن به ڪو ماڻهو ڀٽائي جي درگاهه تان موٽندو آهي ته بوٺا ان جا هٿ چمندي چوندي آهي ته ابا تون درگاهه تان ٿي آيو آهين تون محبوبن وٽان موٽيو آهين، زيارت ڪري آيو آهين توکي مبارڪون هجن ابا.

نڪر ڪرپالاڻي سپ کان پهريائين شاهه سائين جي ڪلام ۽ سورمين جي پسمنظر ۾ سهڻي، سسئي، مارئي، ليلا، مومل ۽ نوري وغيره جون تصويرون ٺاهيون پوءِ اهي اسڪيچ مختلف ڪتابن ۾ شايع ٿيا.

برطانوي حڪومتي دور ۾ سال 1930ع ڌاري ڏکڻ انديا جي نامور چترڪار ڪلڪرني لطيف سائين جا ٻه عاليشان چتر ٺاهيا هئا. اهي چتر انديا جي هفتيوار اخبار ۾ ان ئي دور ۾ ڇپيا هئا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نڪرڪرپالاڻي هندو مصورن ۾ پهريون مصور هو جنهن شاهه لطيف جي ڪلام ۽ سورمين جي پسمنظر ۾ سڀ کان پهريائين سهڻي، سسئي، مارئي، ليلا، مومل ۽ نوري وغيره جون تصويرون ٺاهيون. پوءِ اهي اسڪيچ مختلف ڪتابن ۾ شايع ٿيس.

چترو ناگپال 2 فيبروري 1932ع شڪارپور ۾ ڄائو ۽ جنوري 2007ع ۾ ناگپور ڀارت ۾ وفات ڪيائين .هن شاهه، سچل ۽ سامي ڪانسواءِ ٻين شخصيتن جا مٽيءَ جا پتلا ٺاهيا. شاهه، سچل، سامي جي تصويرن سبب ڏاڍي مقبوليت ماڻيائين، اهي تصويرون انڊيا جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيس.

سال 1983ع ۾ ڊاڪٽر محمد علي ڀٽيءَ لطيف سائين جو هڪ خيالي پورٽريٽ ٺاهي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي حوالي ڪيو پوءِ ان جي مڪمل ٿيڻ تي ساراهه سان گڏ ان تي اعتراض به ٿيا، ان تصوير لاءِ چيو ويو ته اها امام بري جي تصوير آهي.

گل محمد کتري هن 1921ع ۾ ٺٽي ۾ جنم ورتو، سنڌس وفات 20 مارچ 1979ع ۾ ٿي. پاڻ سڀ کان پهرين ڪتاب شاهه ڀٽائيءَ جا بيت ڇاپو پهريون گل محمد آرٽ اسٽوڊيو ڪراچي 1972ع ۾ شايع ڪرايائين. هن ڪتاب ۾ شاهه جي ڪجهه بيتن جي مصوري ڪئي وئي آهي. 1982ع ۾ شاهه سائين جي ڪلام مان چونڊ بيتن جو اردو ۽ انگريزي ترجمو اسڪيچن سان گڏ شاهه جي ڪلام جو مصور ايڊيشن ”نقوش لطيف“ ڇپائڻ لاءِ وڏا وس ڪيائين. سنڌس اهو ڪتاب غائب ڪيو ويو.

سال 1986ع ۾ بدر ابڙي پڻ لطيف جي منهن مبارڪ جو چيروليءَ جو بوتو جوڙيو، جنهن لاءِ عام راءِ اها آهي ته اهو يوناني طرز تي جوڙيو ويو آهي.

چترڪار مينگهراج تلريجا ڪڇ جي شهر آديپور ۾ لطيف سائين جي روايتي پٽڪي تصويرن جي طرز تي چتر ٺاهي سال 1995ع ۾ ڇپرائي پڌرا ڪيا.

مرحوم ظفر ڪاظمي شاهه جو شيدائي هو. هن شاهه سائين جي بيتن کي تصويرن جو روپ ڏيڻ جي شروعات 19 سالن جي عمر ۾ ڪئي، ڪيس شاهه لطيف ايوارڊ 90-1989ع ۽ شاهه لطيف ايڪسيلينس ايوارڊ 2005ع ۾ ڏنو ويو.

شفقت حسين وڏو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سر سهڻي، ڪارايل ۽ ٻين سرن جي بيتن تي تصويرون ٺاهي ڀٽائي سائين جو پيغام رنگن ذريعي ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

راز ناٿن شاهي جي ڀٽائيءَ جي بيتن تي ڪيل ڪئليگرافي جي نمائش 15اپريل 2010ع تي حيدرآباد جي ظفر ڪاظمي آرٽس گيلريءَ ۾ ٿي .هن خطاط شاهه سائين جي چونڊ سنڌي بيتن ۽ انهن جي اردو ترجمي جي خوبصورت خطاطي تي پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا آهن.

خيرپور جي فوزيہ مقصود ڀٽو ٽنڊو مستي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جي ديوار تي ڪاغذن جي ڪاريگريءَ ۽ پنهنجي فني ڏات ذريعي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي روضي جي تصوير ٺاهي ماڻهن کي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو, سنڌن ان عقيدت ۽ محنت جو قدر ڪندي جيڪر آفيسر حضرات ۽ حڪومت سنڌ اهڙن مصورن کي انعام سان نوازي تہ بهتر ٿيندو .حوالو عوامي آواز 26 مارچ 2017ع.

بيگم فقيرياڻي ڌي هارون فقير ملاح سنڌس جنم روهڙيءَ ۾ ٿيو, پاڻ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره ۽ شاعره ٿي گذري آهي .پاڻ هميشہ ڪارا ڪپڙا پائيندي هئي، شاهه سائين جي درگاهه تي ٻي انداز پيرا ڪرڻ ۽ بيحد عقيدت سبب ماڻهو کيس ”لطيف جي فقيرياڻي“ جي نالي سڏيندا هئا.

سنڌ جو مشهور فنڪار عبدﷲ ڪڇي ايترو تہ شاهه جو شيدائي ٿيو جو پنهنجي مادري ٻولي ڪڇي وساري شاهه سائين سان عقيدت سبب سنڌي ٻولي سکيو 1966ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي سنڌس پهريون ڪلام-والي واري آڻ ٻاروچا پنيور ۾ .جڏهن تہ گرامو فون تي سنڌس آواز ۾ پهريون ڪلام-گلا ڪام ڪري لکيو تان نہ ٽري، رڪارڊ ٿيو.

شاهه سائين جي راڳ جو پرستار فقير پيٽر پنڪي جو تعلق جرمني سان آهي، جرمني ۾ شاهه جي ڪلام جي سرن سرڏهر, آسا, بلاول, راڻو ۽ مارئي جي راڳ راڳڻين وسيلي ذهني مريضن جو علاج ڪيو ويجي ٿو .ان سبب اتان جا ماڻهو شاهه جا شيدائي ٿي پيا .اهڙي طرح لنڊن ۾ وري فنڪاره ساره (سائره) پيٽر شاهه جي ڪلام جي شيدائي آهي.

دنبوري تي شاهه لطيف جي وائي ڳائيندڙ پهرين عورت پي لنگ هانگ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي راڳ جي ٽي سؤ سالہ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ غير ملڪي عورت ڀٽائي جي درگاهه ۾ سومر جي ڏينهن پهرين جون 2015ع تي شاهه جي وائي ڳائي نئين تاريخ جوڙي ورتي .تائيوان جائي پي-لنگ هانگ (Piea ling Haung) ڀٽ ڌڻيءَ جي درگاهه تي روايتي راڳي فقيرن سان گڏ ويهي دنبوري تي شاهه جي وائي ڳائي، هن راڳي فقيرن ۾ پهرين عورت راڳي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فقيرياڻي جو اعزاز ماڻي ورتو .پاڻ هارورڊ يونيورسٽي جي ميوزيڪولاجي شعبي مان صوفي موسيقيءَ تي پي-ايچ-ڊي ڪري رهي آهي .هوءَ جڏهن 2009ع ۾ طبلو وڄائڻ جي سکيا وٺڻ لاءِ پاڪستان جي شهر لاهور ۾ آئي ۽ اُتي هڪ پروگرام ۾ شاهه جا راڳي فقير شاهه جو راڳ دنبوري تي ڳائي رهيا هئا، جنهن ۾ پاڻ شموليت اختيار ڪيائين .ان راڳ کيس تمام گهڻو متاثر ڪيو .تنهن بعد هن شاهه جي راڳ ۽ شاهه جي ڏنل پيغام کي پڙهيو .شاهه جي ڪلام سندس زندگيءَ ۾ تبديلي آڻي ڇڏي ۽ شاهه جي رسالي کي پڙهڻ بعد کيس اهو معلوم ٿيو تہ شاهه جي ڪلام ۾ انسان ذات لاءِ امن محبت ۽ ڀائيچاري جو درس ملي ٿو .مطالعو ڪرڻ بعد هيءَ شاهه جي ڪلام مان تمام گهڻو متاثر ٿي .تنهن کان پوءِ هن دنبورو هٿ ۾ کڻي باقاعدگيءَ سان شاهه جي ڪلام جي سکيا منٺار فقير جوڻيجو کان ورتي .هن جڏهن ڀٽ شاهه تي شاهه سائينءَ جي فقيرن سان گڏ وائي ڳائي تہ کيس وڏيڪ سڪون مليو.

ڳوٺ حويلي چور عمرڪوٽ جو مشهور شاهه جو شيدائي استاد شادي فقير شاهه سائين جو سرسارنگ ڳائيندو هو تہ برسات وسندي هئي .مولودي قاسم جوڻيجو بہ شاهه جو سارنگ ڳائيندو هو تہ ڪڪر وسندا هئا ۽ ڳوٺ سچيڏنو درياهه نزد ٽنڊوآدم فقير موليڏنو ماڇي، شاهه جو سر سارنگ ڳائيندو هو تہ برسات وسندي هئي.

روايتون ملن ٿيون تہ لطيف سائين کان وٺي ڀٽ شاهه ۾ شهداءِ ڪربلا جي ڏک ۾ عزاداري ٿيندي رهي آهي ليڪن درگاهه تي باقائده علم پاڪ جي حوالي سان پهريون علم پاڪ تقريباً 200 سال پهرين خاڻوٺ جي مشهور شخص سيد ملوڪ شاهه جي ڏاڏي سيد لطف علي شاهه لڳرايو هو. 100 سال کان پوءِ جڏهن اهو علم شهيد ٿيڻ تي هو تہ اتي لطيف سائين جي مشهور راڳي سيد جمن شاهه جي والد سيد مير محمد شاهه ان جاءِ تي علم پاڪ لڳرايو تقريباً 1977ع ڌاري ڪراچي جي هڪ عزادار سيد مشرف حسين شاهه زيدي جنهن مطابق کيس خواب ۾ مالڪن پاران اشارو ٿيو تہ درگاهه ڀٽ ڏٺي تي علم لڳراءِ ۽ انهن پنهنجو گهر کپائي درگاهه تي اسٽيل جو خوبصورت علم پاڪ لڳرايو . جڏهن تہ خميس 14 جنوري 2010ع بمطابق 27 محرم الحرام 1431هه ۾ ٽنڊو الهيار جي مشهور شخصيت منٺار پٽيءَ جي گهر واري مائي گلان پاران درگاهه ڀٽ ڏٺي تي باسيل باس پوري ٿيڻ تي تقريباً 35 لکن کان وڌيڪ لاڳت سان 110فوٽن جو اسٽيل جو ڏکهو خوبصورت علم لڳرايو ۽ علم جي پاڙ ۾ مختلف



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زيارتن جي ضريح مبارڪ/روضن مبارڪن جون شبيهون پڻ لڳرايون اهو علم پاڪ مختلف حصن ۾ ترڪن ۾ جڏهن پٽ شاهه پهتو تہ سڄي سنڌ مان آيل هزارين عزادارن علم پاڪ جو گلن جي ورکا سان استقبال ڪيو ان موقعي تي نغاره وڄايا ويا پوءِ نوحہ ۽ مرثيہ گوئي پڻ ڪئي وئي ۽ وڏي پيماني تي نياز ڪيو ويو.

سيد پريل شاهه 9 سيپٽمبر 1959ع ۾ جنم ورتو. هن بزرگ ٻين مشهور شخصيتن ڪان علاوه سيمينٽ ۽ پلاسٽ آف پئرس سان سسئي، عمر مارئي، مومل راڻو ۽ حضرت شاهه شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مجسمو تيار ڪيو. هي غريب سادات عالمي شهريت نہ ماڻي سگهيو. هن شاهه جي شيدائيءَ جو وصال 23 آگسٽ 2017ع ۾ ٿيو.

## راهب علي لاڙڪ

# تعارف

راهب علي ولد صيفل خان لاڙڪ، جنم 4 جنوري 1967ع. ڳوٺ ڪاهي راهو ضلعو نوشهرو فيروز. پيشو-استاد. تعليم- ايم-اي سنڌي 2001ع شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور.

شادي 1990ع اولاد هڪ نياڻي شڪيلا . ٽي پٽ. عاقب علي، ثاقب علي ۽ محب علي.

سنڌس بهترين ادب شناس دوست استاد لغاري، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو، غلام شبير پيراهين. ياسر عبدالغني خاصخيلي، اعجاز علي ممنائي، حاجي عبدالجليل لغاري، مزار خان فراش، ارشد حسين هڪڙو، وفا تاج محمد خاصخيلي ۽ محمد خان زرداري آهن.سنڌس پسند جا استاد سائين ارشاد علي ميمڻ، استاد محمد بخش سومرو، مرحوم سيد درمحمد شاهه، محمد رمضان وڳڻ، مرحوم قادر بخش لنڊ ۽ مرحوم عبدالستار ميمڻ نوشهرو فيروز.

راهب علي لاڙڪ جا شايع ٿيل ڪتاب -لطيفي معلومات موضوع وار ڪوئيز بوڪ ڇاپو پهريون 2006ع روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو .ڪتاب-شاهه لطيف جا شيدائي، حصو پهريون ڇاپو پهريون مارچ 2016ع سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد . شاهه جا شيدائي حصو ٻيون، ڇاپو پهريون 2017ع ۽ اڻڇپيل مواد ڪتاب شاهه لطيف جي ساڃاهه- جنرل نالیج ڪوئيز بڪ.

شايع ٿيل مضمونن-مقالن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

عيسوي سال جي مهينن تي نالا ڪيئن پيا. هن مضمون جون قسطون گلزارِ سنڌ پبليڪيشن حيدرآباد. اپريل-مئي 2004ع. گلزارِ سنڌ. آگسٽ 2005ع .سيپٽمبر 2005ع .دنيا جي مختلف زبانن ۾ هفتي جا ڏينهن. گلزارِ سنڌ پبليڪيشن. ايڊيٽر-احسان علي لغاري. ڊسمبر 2005ع .حضرت لعل شهباز ۽ سنڌس همعصر بزرگ. سلسليوار سنڌ سپيتا مورو. ايڊيٽر-امداد مجيداڻو. جنوري-فيبروري 2007ع .یومِ مئی کے حادثے کے نتیجے میں مزدوروں کو ان کے حقوق کا ملنا. انتخاب خبرنامو خوشبو. مارچ-مئي 2007ع .شاهه جي زندگي ۽ ان دؤر بابت ڄاڻ. سلسليوار فڪرِ لطيف ڀٽ شاهه. فيبروري-مارچ-اپريل 2009ع. شاهه لطيف ايوارڊ. فڪرِ لطيَف ڀٽ شاهه. جنوري-فيبروي-مارچ 2010ع. لاڪيٽي لطيف جي شاعريءَ ۾ انبياء ڪرام جو ذڪر. هفتيوار سنڌو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊائجسٽ، 16 کان 22 جنوري 2011ع. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ انبياءِ ڪرام ۽ خاتم المرسلين جو تذڪرو، فڪرِ لطيف، جنوري-فيبروي-مارچ2011ع .شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڌڻي تعالىٰ جي وحدانيت ۽ انبياءِ ڪرام جو تذڪرو، ماهوار امرتا حيدرآباد، ايڊيٽر-فقير محمد ڍول، جون 2012ع. سارو سنگهار، ڪارايل ۽ ڪپوريءَ جي ڪهاڻي، ڪاوش دنيا آچر 4 مارچ2012 ع .لاڪيٽي لطيف جو سوانح حيات، سندس دؤر جي ڪجهه واقعن ۽ بزرگن جو تذڪرو، پيج پٽائي پبليڪيشن، چيف نگران-نور سنڌي، 14-2013ع. ايچ-ٽي سورلي پٽائي جو شيدائي، سوجهرو سنڌي مئگزين 20 سيپٽمبر 2015ع .مدن فقير سان شاهه عنايت ۽ لطيف سائينءَ جون ڪچهريون، پيج پٽائي مئگزين، ڪڙي نمبر-52، سال 15-2014ع. لطيف درٻار جو ملادو پيازو وڳند فقير، پيج پٽائي مئگزين ڊسمبر 2015ع .شاهه لطيف مديني جي مير جو سچو عاشق، ڪتاب-ڪوڙين ڪايائون تنهنجيون، مرتب-منظور احمد قناصرو، چاپو پهريون 2015ع .لطيفي درٻار جو ملادو پيازو وڳند فقير، سوجهرو سنڌي مئگزين 27 مارچ 2016ع .شاهه جي رسالي جي لغتن جو مختصر جائزو، سوجهرو سنڌي مئگزين آچر 3 اپريل2016ع .شاهه جو رسالو سهيڙيندڙ ٻاگوجي ولد ڏانوجي، سلسليوار فڪرِ لطيف مئگزين پٽ شاهه 2016ع .شاهه لطيف جي پارکو ڊاڪٽر درشهوار سيد، عوامي آواز سنڌي مئگزين 25 ڊسمبر 2016ع .مشهور اسڪالر ۽ محقق ڊاڪٽر دِرشهوار سيد سوجهرو مئگزين 25 ڊسمبر 2016ع. صوفي محمد سچل فقير لاڙڪ ۽ ان جا صحبتي، هفتيوار اخبار سائين ۽ پرين پچار، نوشهرو فيروز 4 جولاءِ 2017ع.

راهب علي لاڙڪ کي شاهه لطيف ۽ ان جي ليکڪن سان بي انتها محبت آهي، لطيفي ليکڪن جي لکڻين جو وقت به وقت مطالعو ڪندو رهي ٿو. ان عشق سبب پنهنجي هڪ ننڍي لائبرري جوڙي اٿائين. ان لائبرريءَ مان استفادو وٺندي هن مهل تائين مضمون مقالن ڪانسواءِ لطيفيات تي 3 عدد ڪتاب شايع ڪرائي چڪو آهي. ڪائنس اڳتي به اها ئي اميدرکجي ٿي ته لطيفيات تي ڪم جاري رکندو.

محب علي لاڙڪ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# محمد صديق مسافر

محمد صديق مسافر پهرين اپريل 1879ع تي ٽنڊي باگي شهر ۾ ڄائو، سندس والد جو نالو گلاب خان شيدي ۽ والده جو نالو مائي بيگم هو. سندس مائٽاڻو نالو" جهنڊو "هو. ستن سالن جي عمر ۾ محلي جي مڪتب ۾ داخل ٿيو. قرآن شريف ختم ڪرڻ کان پوءِ ابوالحسن واري سنڌي به پڙهيو. ان کان پوءِ ڪيس سندس مامي حاجي عارف مرحوم پهرين آگسٽ 1893ع تي ٽنڊي باگي جي سنڌي اسڪول ۾ پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايو. سنڌي اسڪول جي هيڊ ماستر ويساک سنگهه خالصي، "مسافر" جي هوشياري معلوم ڪري ڪيس ٻئي درجي ۾ داخل ڪيو. جتي بهترين استاد صاحبان جي محنت سان سيپٽمبر 1896ع ۾ ورنيڪيولر فائينل جو امتحان پاس ڪيائين. مسافر پهرين فيبروري 1897ع تي ٽنڊي آدم جي سنڌي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. ان وقت اسڪول جو هيڊ ماستر عبدالرحيم "شائق" حيدرآبادي هو. ڊسمبر 1897ع ۾ سندس بدلي سنجارپور، تعلقي ٽنڊي باگي جي سنڌي اسڪول ۾ ٿي. محمد صديق "مسافر" سن 1899ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ ٽريننگ لاءِ داخلا ورتي، ٽي سال ٽريننگ ڪرڻ کان پوءِ ڪيس جنوري 1902ع ۾ ٽريننگ ڪاليج جي پريڪٽسنگ اسڪول ۾ اسسٽنٽ استاد مقرر ڪيو ويو. سن 1912ع ۾ ڪيس ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ فارسي ۽ سنڌي جو استاد مقرر ڪيو ويو. پاڻ ڪاليج جي علمي ۽ ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪندو هو. ڪاليج مان نڪرندڙ "اخبارِ تعليم" ۾ مضمون ۽ متفرقه ٽڪا جي عنوان سان لکندو هو، ان ڪانسواءِ ڪيترائي ڪتاب ترجما، تصنيف ۽ تاليف ڪيائين.

محمد صديق مسافر سال 1920ع کان 1925ع تائين ٽنڊي باگي جي لارينس مدرسه اسڪول جو هيڊ ماستر ٿي رهيو. ان کان پوءِ سندس بدلي شڪارپور جي گورنمينٽ اسڪول ۾ ٿي. جتان سال 1928ع ۾ سندس واپس بدلي ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ ٿي. اتان مارچ 1932ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين، هُن ٽي شاديون ڪيون. سندس پونئير مختلف عهدن تي فائز آهن.

محمد صديق مسافر 24 سيپٽمبر 1961ع تي وفات ڪئي، سندس آخري آرامگاهه ٽنڊي باگي شهر جي ويجهو اولهه طرف آهي.

محمد صديق مسافر جون تصنيفون تقريباً 50 کان مٿي آهن. تصنيفون.

1- ڪليات مسافر شاعري. 2- ڦولداني شاعري 1930ع. 3-سنڌي سونهون (درجو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيون) 1933ع. 4-سڄاڻ زالون (اخلاقيات) 1934ع. 5-مسدس اپوجهو (ترتيب) 1934ع. 6-حياتيءَ جي دور ڪندي 1934ع. 7-سنڌي سونهون (درجو پيون) 1935ع. 8-سوڪس (سڪيا) 1935ع. 9-گلشن خيال (شاعري) 1936ع. 10 تازو گرامر1936ع. 11-ديوان فاضل (ترتيب(1937ع. 12-سنڌي سونهون (درجو پهريون) 1937ع. 13-سنڌي سونهون (درجو ڇهون) 1938ع. 14-سنڌي سونهون (درجو پنجون) 1940ع. 15 تازو انگي حساب 1940ع. 16-سنڌ جي تاريخ 1941ع. 17-ڪلام مولیٰ (ترجمو) 1942ع. 18-اخلاق محسني (اخلاقيات) 1943ع. 19. شهيد ڪربلا (تاريخ) 1950ع. 20-رسالئہ در حقيقت (دين) 1951ع. 21-منتخب ديوان خاڪي خراساني (ترجمو ) 1951ع. 22-ديوان سانگي (ترتيب) 1952ع. 23-منتخب پنديات جوان مردين (مذهبيات) 1952ع. 24-گلزار نثر و نظم1953ع. 25-ائٽلس جاگرافي تعلقو بدين 1953ع. 26-ڪليات عرف منازل مسافر (شاعري) 1955ع. 27-فاطمةالزهرٰیؑ 1960ع. 28-جاگرافي تعلقو ٽنڊو باگو 1962ع. 29-غلامي ۽ آزادي جا عبرتناڪ نظارا (تاريخ) 1967ع. 30-قرب قليچ (شخصيات). 31-گلبدن (ترجمو ٿيل ناول). 32-ممتاز دمساز (منظوم ترجمو). 33-مهر نوربانو (ترجمو). 34-رموز القرآن (مذهبيات) وغيره.

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت لکيل منظوم مواد:

عبدالجبار قاسم نظاماڻي پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو تہ، محمد صديق مسافر پهريون مسلم اديب، عالم ۽ شاعر هو، جنهن شاهه صاحب جي ساري حياتيءَ جو ذڪر نظم ۾ لکيو آهي، جيڪو اخبارِ تعليم ۾ قسطوار شايع ٿيس. شاهه صاحب بابت مسافر جو لکيل منظوم مواد هتي پيش ڪجي ٿو.

محمد صديق مسافر نظم جي هن حصي ۾ شاهه جي والد شاهه حبيب جي بزرگي سندن خاندان جي ايران کان سنڌ ۾ آمد، انهن جو مٽياريءَ ۾ رهڻ، وري ڪٽياڻن ۾ رهڻ، ڀٽي پور جي وستيءَ ۾ رهڻ، شاهه جي ولادت جو سال 1102هه، شاهه جي فقيري خصال، جواني، جوڳين ۽ سامين سان سير سفر بابت هن طرح لکي ٿو:

سهڻو قصو سندو شاهه عبداللطيف
ڪري ذِڪر جو نظم ۾ هي نحيف
پِدر شاهه صاحب جو هو شاهه حبيب
خدائي محبت پريو جو لبيب



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏا شاهہ جا آيا ايران کان
رهيا سي اچي سنڌ ۾ شان سان
هئا صاف سيد سچا کان سچن
ڪيو شاهہ جي پيءُ متياري وطن
اتان سهنج خاطر لڏي شاهہ حبيب
ڪيو ڳوٺ پنهنجو ڪٽياڻن قريب
ڪٽياڻن جي ويجهو ڀِٽَي پور وَسي
ڀِٽائي سندي ات ولادت رسي
هزار ۽ ٻہ ڪو سؤ هو هجري سال
1102هہ
صدي عيسوي سترهين هئي بحال
1689ع
اجان شاهہ صاحب هو خورد سال
تہ ظاهر منجهس هئا فقيري خصال
سدا ڪيس خلوت گهڻي هُئي پسند
دنيائي سُڌن کان ڪِيئين دل ڪي بند
جڏهن شاهہ بالغ، ٿيو منجهہ ڇمار
تڏهن فقر واڌو ڪيائين اختيار
ٿيو شوق سان تُرت رمتو فقير
گهرن ۾ رهڻ ڪين هيس دلپذير
فقيرن جي سنگت ۾ ڪيائين سفر
گهڻن ديسڙن ۾ ڪيائين گذر
بزرگن ملاقات ان ڪئي گهڻي
هدايت زياده ڪيس تئن ڏٺي.

محمد صديق مسافر نظم جي هن حصي ۾ مرزا مغل بيگ جي بهادري، جرئت، مغلن جو شاهہ ۾ اعتماد، مغل جي نياڻيءَ سان شاهہ لطيف جي دل لڳڻ، ان لاءِ شاهہ حبيب جو سڱ گهرڻ، مرزا جو سڱ نہ ڏيڻ، شاهہ لطيف جو پاراتو ڏيڻ، مغل جي تباهي ٿيڻ، نيٺ بيبيءَ جو شاهہ لطيف کي سڱ ڏيڻ، شاهہ لطيف کي ان مان اولاد نہ ٿيڻ جو ذڪر هن طرح ڪري ٿو:

مغل بيگ ميرزا هئو نامور


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏي خاندان اهلِ پرده پڌر
گهڻو ئي هُئس شاھ ۾ اعتماد
ڪُٽنب ۽ قبيلي سان هو بامراد
هُئي هڪ نياڻي مغل بيگ ڪي
سندي شاھ صاحب تي دل ان مٿي
گهُريو سنگ سو اِبن لئي شاھ حبيب
قبولي بہ ميرزا حڪايت عجيب
انهي ڳالھ ارمانيو شاھ لطيف
ڪيائين ڪو ميرزا ڪي گفتو لطيف
ڳُتي ڪينڪي پٽ سا شاھ جي
تباهي رسي بيگ جي جاھ جي
رکيائون اچي شاھ سان نيٺ رَس
ڏنائون اهو شاھ کي سنگ بس
ٿيو ڪونہ بيبي منجهان شاھ بِن
عبادت ۾ زوجين هُئا رات ڏِن

محمد صديق مسافر شاھ جي ڪرامت کي نظم واري انداز ۾ هن طرح لکي ٿو .ان قصي يا ڪرامت جو بيان هن طرح آهي تہ "گلان" نالي هڪ ڳائڻي شاھ صاحب جي مجلس ۾ اچي ڪلام ڳائيندي هئي، سندس ڪلام جي اثر کان فقير وجد ۾ اچي ويندا هئا .هڪ دفعي شاھ لطيف کيس چيو تہ "گلان !رب ڪندو تہ توسان سنڌ جو حاڪم شادي ڪندو ۽ تون سنڌ جي حاڪمڻ ٿيندينءَ". تورن ڏينهن کان پوءِ اتفاق سان حاڪمِ سنڌ، ميان محمد ڪلهوڙي کي "گلان" وڻي ويئي، جنهن کان پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙي ساڻس شادي ڪئي .گلان منجهان ميان غلام شاھ ڪلهوڙو پيدا ٿيو، جنهن حيدرآباد شهر جو بنياد وڌو.
هُئي هڪڙي ڪَجري گلان نامدار
نچڻ راڳ ڳائڻ ۾ ڏاڍي هوشيار
اچي شاھ صاحب جي مجلس ۾ اُن
ڪيو خوش پڌر راڳ ڳائڻ جو گُن
هُئا صاف سيئي فقيرن خصال
اثر راڳ جي کان سين کي ٿيو حال

جڏهن وجد کان ٿياسي واندا وريام
تڏهن شاهه صاحب ڪيو هي ڪلام
ڳُلان سُڻ ڪندو رب سائين رب ستار
ڪندو تو سان شادي وڏو شهريار
سڄي سنڌ جي ٿيندينءَ حاڪمڻ
اَچي چاڻ پهتو اهو آهه ٿِڻ
ڳلان ڪَي دعا اي ڪئي شاهه جيئن
ڏينهن ٿورن ۾ ٿيو نيٺ تيئن
ڳلان ويئي ميان نور محمد وٽي
ڪئي عشق کان ان بہ شادي ڪٽي
قبولي ڪلهوڙن جي حاڪمن ڳلان
چوي بخت ان جو تہ اڄ مان ڪلان
ميان کي ڳلان مان ٿيو هِڪ پَسر
ميان نيڪ غلام شاهه نامور
پدر بعد ٿيو شاهه والا تبار
شهر حيدرآباد ان ڪيو تيار
خداوند جي قدرت ڪامله
ولين ساڻ رحمت سندس شامله

## شاهه جي رسالي جي سرن تي ڪتاب

جيئن تہ ڪوڙ سارن عالمن، فاضلن ۽ اديبن ، ”شاهه جي رسالي“ جا جدا جدا سُر لکيا آهن .انهن ۾ ماستر عبدالرحمان سپ کان وڌيڪ سُر لکيا آهن، جيڪي جملي 26 سُر آهن .اُهي سُر آر-ايڇ احمد برادرس حيدرآباد ۽ آر-ايم فتح ائنڊ برادرس حيدرآباد وارن شايع ڪيا هئا .ٻئي نمبر تي محمد صديق مسافر آهي، جنهن ”شاهه هجي رسالي“ جا 9 سُر ترتيب ڏنا، جيڪي آر-ايڇ احمد ائنڊ برادرس وارن شايع ڪيا هئا .هتي انهن جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

1- سُرڪنيات: محمد صديق مسافر جو تيار ڪيل ”سرڪنيات معنىٰ ۽ شرح سان“ جيڪو پهريون دفعو آر-ايڇ احمد ائنڊ برادرس-پبلشرس، بُڪ سيلر، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 1-1960ع ۾ شايع ڪيو .اِهو ڪتاب ڪرائون سائيز جي 92 صفحن تي مشتمل آهي .ڪتاب جي صفحي 1 کان 8 تائين


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”شاهه ڀٽائي جي مختصر سوانح عمري“ جو احوال لکيل آهي .صفحي 9 کان 11 تائين شاهه جو رسالو ۽ ان جا سر وار مضمون ڏنل آهن .صفحي 12 کان 14 تائين ”سرڪنيات، ظاهري مضمون ۽ سُر جو روحاني راز“ وارا مضمون ڏنل آهن . صفحي 15 کان 43 تائين سُر جو متن ڏنل آهي .سڄو متن ٻن داستانن تي مشتمل آهي .صفحي 44 کان 92 تائين بيتن ۾ ڏکين لفظن جي ”معنىٰ ۽ سمجهاڻي“ ڏنل آهي.

2- سُرسريراڳ: سرسريراڳ ”لفظي ۽ معنوي معنائن ۽ شرح سان“ هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو آر-ايڇ احمد ائنڊ برادرس-پبلشرس، بُڪ سيلر، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 1970ع ۾ شايع ڪيو .اِهو ڪتاب ڪرائون سائيز جي 112 صفحن تي مشتمل آهي .ڪتاب جي صفحي 3 کان 11 تائين ”شاهه جي حياتيءَ جو مختصر احوال“ صفحي 12 کان 13 تائين سُرسريراڳ جو مضمون، صفحي 14 کان 49 تائين سر جو متن ڏنل آهي .سڄو متن ڇهن داستانن تي مشتمل آهي .صفحي 50 کان 112 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي معنىٰ ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي.

3- سرسهڻي: سرسهڻي ”لفظي ۽ روحاني معنائن ۽ سمجهاڻين سان“ پهريون دفعو آر-ايڇ احمد ائنڊ برادرس-پبلشرس، بُڪ سيلر، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 1964ع ۾ شايع ڪيو .اِهو ڪتاب ڪرائون سائيز جي 217 صفحن تي مشتمل آهي .ڪتاب جي صفحي 1 کان 11 تائين ”شاهه جي حياتي جو مختصر احوال“ صفحي 12 کان 18 تائين ”سرسهڻي بابت، سر جو مضمون“ ۽ احوال ڏنل آهي .صفحي 18 کان 25 تائين ”سر جو روحاني راز“ صفحي 26 کان 78 تائين سر جو متن ڏنل آهي .سڄو متن نون داستانن ۽ ابيات متفرق تي مشتمل آهي . صفحي 79 کان 217 تائين ”بيتن جي ڏکين لفظن جي معنىٰ ۽ سمجهاڻي“ڏنل آهي.

4-سسئي آبري: سرسسئي آبري معنىٰ ۽ شرح سان، پهريون دفعو آر-ايڇ احمد ائنڊ برادر-پبلشرس، بُڪ سيلر، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 1960ع ۾ شايع ڪيو هو، هي ڪتاب بہ ڪرائون سائيز جي 187 صفحن تي مشتمل آهي.
ڪتاب جي صفحي 1 کان 4 تائين ”شاهه جي زندگيءَ جو احوال“ صفحي 4کان 7 تائين ”شاهه صاحب جي تعليم ۽ تربيت“ صفحي 7 کان 9 تائين ”شاهه صاحب جو سير ۽ سفر“ صفحي 9 کان 12 تائين ”شادي ۽ پٽ جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آبادي" صفحي 12 کان 13 تائين "شاهہ جو حُليو ۽ شڪل" صفحي 13 کان 14 تائين "شاهہ جي وفات" صفحي 15 کان 18 تائين "سسئي بابت آڪاڻي" ڏنل آهي .صفحي 18 کان 23 تائين سر جو روحاني راز، صفحي 24 کان 114 تائين سر جو متن، سچو متن يارهن داستانن ۽ ابيات متفرقہ تي مشتمل آهي .صفحي 115کان 187 تائين "بيتن جي ڏکين لفظن جي معنىٰ ۽ سمجهاڻي" ڏنل آهي.

5-سرليلان چنيسر: سرليلان ۽ چنيسر معنىٰ ۽ سمجهاڻين سان، پهريون دفعو آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس پبلشرس، بُڪ سيلر، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن ڇاپو پهريون 1943ع ۾ شايع ڪيو .هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو پڻ انهيءَ ساڳئي اداري طرفان1967 ع ۾ بہ شايع ٿيو .اهو ڪتاب ڪرائون سائيز جي 76 صفحن تي مشتمل آهي .ڪتاب جي صفحي 1 کان 9 تائين شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي مختصر سوانح عمري جو احوال، صفحي 10 کان 12 تائين "شاهہ جو رسالو ۽ ان جا سُر" صفحي 13 کان 17 تائين "سرليلان چنيسر جي آڪاڻي" صفحي 18 کان 19 تائين "روحاني راز" صفحي 20 کان 35 تائين "سر جو متن" ڏنل آهي . سچو متن ڇهن داستانن تي مشتمل آهي .صفحي 36 کان 76 تائين "بيتن جي ڏکين لفظن جي معنىٰ ۽ سمجهاڻي" ڏنل آهي.

6-سرڪاموڏ: سرڪاموڏ شرح معنىٰ سمجهاڻين سميت، پهريون دفعو آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس-پبلشرس، بُڪ سيلرس شاهي بازار، حيدرآباد سنڌ وارن سال جون 1959ع ۽ 1964ع ۾ شايع ڪيو .هي ڪتاب بہ ڪرائون سائيز جي 43 صفحن تي مشتمل آهي .ڪتاب جي صفحي 3 کان 7 تائين "شاهہ جي حياتيءَ جو احوال" صفحي 8 کان 9 تائين "سرڪاموڏ جو مضمون" صفحي 10 کان 11 تائين "سر جو روحاني راز" صفحي 12 کان 25 تائين سرجو متن ڏنل آهي .سچو متن ٻن داستانن تي مشتمل آهي .صفحي 26 کان 43 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي معنىٰ ۽ سمجاڻي ڏنل آهي.

7-سرسورٺ: سرسورٺ معنىٰ ۽ سمجهاڻين سميت پهريون دفعو آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس-پبلشرز، بُڪ سيلرز ائنڊ اسٽيشنري مرچنٽ شاهي بازار حيدرآباد وارن سال 68-1967ع ۾ شايع ڪيو .اهو بہ ڪرائون سائيز ۾ 80 صفحن تي مشتمل آهي .ڪتاب جي صفحي 1 کان 8 تائين شاهہ جي حياتيءَ جو احوال، صفحي 9 کان 11 تائين سرسورٺ جو مضمون، صفحي 12 کان14 تائين سر جو روحاني راز، صفحي 15 کان 40 تائين سر جو متن ڏنل آهي .سچو متن چئن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

داستانن تي مشتمل آهي .صفحي 41 کان 80 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ سمجهاڻي ڏنل آهي.

8-سرڪيڏارو: سرڪيڏارو لفظي، ”روحاني معنيٰ ۽ شرح سان“ پهريون دفعو آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس-پبلشرس، بُڪ سيلرس، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 63-1962ع ۾ شايع ڪيو .هي ڪتاب بہ ڪرائون سائيز جي 80 صفحن تي مشتمل آهي .ڪتاب جي صفحي 1 کان 8 تائين ”شاهہ عبداللطيف جي زندگيءَ جو مختصر احوال“ صفحي 9 کان 11 تائين سر بابت مضمون، صفحي 12کان 14 تائين سر جو روحاني راز، صفحي 15 کان 40 تائين سر جو متن، سڄو متن ڇهن داستانن تي مشتمل آهي .صفحي 41 کان 80 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي.

9-سرآسا: محمد صديق مسافر جو تيار ڪيل ”سرآسا معنيٰ ۽ سمجهاڻي سان“ پهريون دفعو آر-ايچ احمد ائنڊ برادرس پبلشرس، بُڪ سيلر، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ وارن سال 61-1960ع ۾ شايع ڪيو .اِهو ڪتاب ڪرائون سائيز جي 120 صفحن تي مشتمل آهي .ڪتاب جي صفحي 3 کان 12 تائين ”شاهہ جي حياتيءَ جو مختصر احوال“ صفحي 13 تي سرآسا بابت مضمون ۽ صفحي 13کان 16 تائين سر جو روحاني راز، صفحي 17 کان 70 تائين سر جو متن ڏنل آهي .سڄو متن چئن داستانن تي مشتمل آهي .صفحي 71 کان 120 تائين بيتن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي.

حوالو -سرفراز راڄڙ چيف ايڊيٽر انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد ڏهون-1، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سال 2016ع ص-232،233،242،243.

# مولانا ثناءُ اللّٰه ثنائي

لاڙڪاڻي جو ناميارو عالم في البديهہ شاعر، مولانا ثناءُ اللّٰه ”ثنائي“ ولد مولوي اللّٰه بخش ”صوفي“ عباسي تعلقي ڏوڪري جي ڳوٺ اسحاق ڪوهارو ۾ پيدا ٿيو .ميمڻ عبدالغفور هڪ مقالي ۾ مولانا ثناءُاللّٰه ثنائيءَ جي ولادت 5 ذوالقعد 1312هہ بمطابق 13 اپريل 1895ع لکي آهي ۽ وفات 12 صفرالمظفر 1398هہ بمطابق 21 ڊسمبر 1977ع لکي آهي .ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ روزاني ڪاوش اخبار ۾ تاريخ جي دري کلي ٿي .سندس جنم پهرين آگسٽ 1895ع



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لکيو آهي ۽ رسول بخش ڏيرو جي تصنيف ڪتاب-شاهه جو شان، صفحي 42 تي مولانا ثناءُالله جي ذات کوهارو لکيل آهي.

ڪيس اردو، سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ عبور حاصل هو .هيءُ هڪ بلند پايه عوامي شاعر جي حيثيت ۾ معاشي اوٽاين جي پرپور نموني سان نشاندهي ڪندو رهيو .ٿيهه اکريون، رباعيون، غزل، ڪافيون، مثنويون، مناجاتون، مولود سندس پسنديده اصناف سخن رهيون .واحد جي واڪاڻ، عشق رسول ﷺ، تصوف جا روحاني راز ۽ زمان مڪان بابت باريڪ نڪتا سندس شاعريءَ جو روح آهن . خوشخطي ۾ به ڪو ڇڊرو ساڻس لڳندو هو .سندس خطبا به اعلىٰ قسم جا ڇيل اٿس .ٻنهي جهانن جي سردار جي شان ۾ "مدح" چوندي مقبول ٿيو ۽ پاڻ کي "ثنائي" سڏائڻ لڳو .نثر تي به طبع آزمائي ڪندي ڪافي ڪتاب قلمبند ڪيائين، جن ۾ تاريخ اسلام، اشعار ثنائي، ترڪي ٽوپي، خطبات ثنائي، محمود غزنوي، ليلىٰ مجنون، ديوان ثنائي، سچا موتي، ٽيهه اکري، عقائد نامو، قيامت نامو ۽ ملا موالي شامل آهن .جيتوڻيڪ لفظن جو ذخيرو ججهو هئس تڏهن به ٻولي سپڪ، سادي ۽ عام فهم ڪم آندائين .انهي انمول خوبيءَ ڪيس "شاعراڻي عظمت" سان گڏ مثالي مقام بخشيو ۽ نتيجي ۾ ڪيس چار چنڊ لڳي ويا .سندس ڪلام جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

عشق گهر پنهنجو ڇڏائي تو رلائي دربدر،
بادشاهن کي پلائي، تو بنائي دربدر،
هير لئه حيران ٿي ڪيو تخت کي رانجهن ترڪ،
شاهزادو شوق مون مرلي وڄائي دربدر.

حضرت مولانا ثناءُ ثنائي مرحوم پنهنجي دؤر جو وڏو عوامي شاعر هيو ۽ عربي، فارسيءَ جي ڄاڻ سبب ٻين شاعرن جو وسيع مطالعو ڪيو هئائين .ڪيس شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام سان گهري دلچسپي هئڻ ڪري ڀٽائي گهوٽ جي ڪلام کي ايران جي فارسي شاعرن ۽ عرب جي مشهور شاعر امراء القيس سان ڀيٽ ڪيائين .سندس ٽي بهترين مضمون :ڪتاب-شاهه جو شان، مصنف-رسول بخش ڏيرو، ڇپائيندڙ-لطيف پبليڪيشن فريدآباد، ڇاپو پهريون 1980ع ۾ شايع ٿيل آهن. 1- ڀٽائي گهوٽ ۽ حافظ شيرازي .هن مقالي مان ڪجهه سٽرون ڀٽائي صاحب فرمائي ٿو دنيا جون ٻئي شيون محبوب ۽ قوتو اهي ٻئي فاني آهن . حافظ شيرازي چيو آهي ته عشق درياهه آهي ان کي ڪو پاند، ڪنڌي ڪنارو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪونهي ۽ ساهه ڏني سواهه ٻيو چارو ناهي ۽ ڀٽائي طالب المولیٰ کي سهڻي سڏيو آهي ۽ دلو طالب المولیٰ جو بدن آهي .ان جي وسيلي هن دنيا مان تري وڃي حقيقي ميهار نبي سائين سان ملڻو آهي. مقالو-2 امرءُ القيس ۽ ڀٽائي گهوٽ .ليڪڪ لکي ٿو ته ڀٽائي ۽ امرءُ القيس ۾ وڏو فرق آهي، امرءُ القيس فقط ماديت جو قائل آهي ۽ ڀٽائي ۾ روحانيت آهي .اهو سبب ڀٽائيءَ جي سير سفر جي ڪري آهي، ڀٽائي هر شاعر کان سير سفر ۾ اڳتي وک وڌائي آهي. مقالو-3 شاهه ۽ رومي تقابلي جائزو .هن مقالي مان ڪجهه سٽرون، مولانا رومي پنهنجي مثنوي کي قرآن جو مغز چيو آهي تيئن شاهه صاحب به چيو آهي ته منهنجو ڪلام ابيات نه سمجهو آيات آهي .رومي صاحب جي مزار تي اڄ تائين ماهيانو جمعو ٿيندو آهي ۽ شاهه صاحب جي مزار تي به هر جمعي جي رات سندس ڪلام پڙهيو ۽ ڳايو ويندو آهي .رومي هڪ گهڙي صالحن جي صحبت کي سؤ سالن جي عبادت کان وڌيڪ ٿو سمجهي، شاهه صاحب ته صالحن جي صحبت کي عبادات کان به وڌيڪ ترجيح ٿو ڏئي.

صحبت صالحن جي آهي اندر جو اوجار،
لاهي ڪٽ قلب تان جيئن لاهي قلعيدار،
تن وٽ سيپ جمار، لهي وڃ لطيف چئي.

# مولوي در محمد ”خاڪ“ ڪانڌيلوي

ابوالاقبال مولانا در محمد ولد عبدالرب قريشي صديقي پاڙو خيالاڻي، تاريخ 12 ربيع الاول1313هه 1897ع تي ڳوٺ ڪانڌڙا نصير آباد، تعلقو وارهه لاڙڪاڻي ۾ تولد ٿيو .ڊاڪٽر حافظ عبدالرزاق سومرو پنهنجي مضمون ۾ سندس ولادت 1310هه 1892ع ڄاڻائي آهي، حوالو: ماهوار السنڌ اسلام آباد جولاءِ 1996ع .مولانا در محمد قرآن مجيد ۽ فارسيءَ جا ابتدائي ڪتاب ملا محمود لاکير وٽ پڙهيو، ان بعد ڳوٺ آڏيءَ جي مدرسي ۾ داخل ٿيو، جتي مولانا مسعود کوکر وٽ تعليم پرايائين ۽ پوءِ حافظ فدا احمد، مولانا عبدالرحمان ڳوٺ ڏامراهه، مولوي قادر بخش سولنگي ڳوٺ ملاٽا، مولانا مير محمد نورنگي، مولانا مير محمد مارفاڻي بلوچ وٽ به تعليم حاصل ڪيائين .آخر ۾ مدرسه منگٽيجا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لڳ ڳاجي ڪهاوڙ ۾ مولانا محمد صالح ابڙي وٽ باقي ڪتاب پڙهي 25 ورهين جي ڄمار ۾ سن 1338ھ 1920ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو.
مولانا صاحب سنڌي، سرائيڪي، عربي ۽ فارسيءَ جو سٺو شاعر ۽ اديب هو .پهريائين تخلص خطائي پوءِ خاڪ تخلص استعمال ڪيائين .شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، جنهن ۾ حمد، نعت، ڪافي، غزل ۽ نظم شامل آهن .سنڌس شاعريءَ مان نعتيہ ڪلام جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

مڪو مهراڻ بنجي ويو مدينو معرفت جو گهر،
عرب ايران آبادي، همہ هادين جو هادي آ.

مولانا در محمد خاڪ سڄي عمر ديني ۽ علمي خدمت ڪندي تاريخ 30 ربيع الاول سن 1401ھ 6-فيبروري 1981ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو . سنڌس آخري آرامگاهہ گهر جي پرسان مسجد لڳ آهي.
مولانا در محمد صاحب درس تدريس سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم بہ جاري رکيو ۽ تقريبن 37 ڪتاب لکيائين، تن مان مختصر هيٺ ڏجن ٿا.
خزانة العارفين شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي صوفياڻي شرح، جذبات خاڪ، قصيده برده فارسي، تحفة الاخوان، گوهرن جو گنج قلمي، تاريخ بزرگ شهدادڪوٽي، گلشن پر بهار مولود شريف، نينهن جو نياپو، ٻڙو لاهہ نہ ٻاجهہ جو، فراق نامو يوسف، زين العباد، ڪليات خاڪ، مڪتوبات خاڪ، سهڻن جو سينگار، ڪتي پينو جو قصو، پوڪ ڪڙميءَ جو قصو، خطبات خاڪ ۽ رباعيات خاڪ وغيره شامل آهن .سنڌس ڪيترائي علمي، ادبي، مضمون ۽ مقالا پڻ مختلف رسالن جهڙوڪ الرحيم، نئين زندگي ۽ مهراڻ ۾ ڇپجندا رهيا آهن.
ڪتاب -خزانة العارفين ڀاڱو پهريون هن ڪتاب ۾ قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ سرڪلياڻ جي بيتن جي شرح ڪيل آهي .مولانا در محمد خاڪ جو نهايت قيمتي ۽ پيار پريو پورهيو نظر اچي ٿو، جنهن مان سنڌس مذهب سان محبت ۽ اهل الله درويش شاهہ لطيف سان عقيدت جو پتو پوي ٿو .هن شرح ۾ درمحمد خاڪ شاهہ جي 50 بيتن جي شرح لکي آهي، هيءَ اهم شرح آهي جنهن لاءِ درمحمد خاڪ لکيو آهي تہ ڪيس مرشد گهوٽ لطيف خواب ۾ خود اچي شرح لکڻ لاءِ چيو، درمحمد خاڪ انهيءَ حڪم جي تعميل ڪندي اها شرح لکي تہ پاڻ وري ٻيهر آيا ۽ درمحمد خاڪ کي ان شرح لکڻ تي مبارڪباد ڏنائين،


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪا درمحمد خاڪ لاءِ وڏي سعادت آهي .الله تعالىٰ سيني کي اهڙي سعادت نصيب فرمائي .حوالو -پي-ايچ-ڊي ٿيسز شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو، ڊاڪٽر غلام مصطفىٰ کهڙو 2003 ع صفحو-443.

مولانا صاحب هن ڪتاب ۾ 45 صفحن تي حضرت پٽائي گهوٽ جي سوانح حيات متعلق مدلل ۽ سير حاصل معلومات ڏني آهي .ان بعد رسالي جي منتخب بيتن جي شرح لکي آهي، جنهن ۾ هر بيت جو موضوع سري تي لکيو اٿس .توحيد جي تعريف لکندي مولانا صاحب عالمانه انداز اختيار ڪيو آهي . پڙهندڙ کي شارح جي دل ۾ مذهب جي محبت جو مهراڻ موجزن نظر اچي ٿو . من مان خرار پرکڻ جي مصداق هيٺئين بيت جي شرح ملاحظ فرمايو:

اندر آئينو ڪري پرين پوءِ پسيج،
انهيءَ راهه رسيج ته مشاهدو ماڻين.

مولانا جي هن ڪتاب جا 30 صفحا مختلف علماء اڪرام طرفان ڪتاب "خزانةالعارفين" جي تصديق ۽ ساراهه تي مشتمل آهن، آخر ۾ 11 صفحن جو "غلط نامو" ڏنو ويو آهي .سمورو ڪتاب 71-370 صفحن تي مشتمل آهي، جيڪو 15 جون1962ع ۾ منظور احمد صديقي جي زيرِ نگراني مدينه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻي مان ڇپجي پڌرو ٿيو هو. نوٽ: ڪتاب-شاهه لطيف تي ببليوگرافي، سهيڙيندڙ-ڊاڪٽر درشهوار سيد، ڇاپو 1996ع. صفحي 129 تي ڪتاب "خزانةالعارفين" ڇاپو پهريون1963 ع .صفحا 372 ڄاڻايا آهن .ان ڪانسواءِ مولانا صاحب جو لکيل ڪتاب "جديد دؤر جو سهڻي ميهار" اداره سجاني ڪانڊيلوي لاڙڪاڻو 1972ع ۾ شايع ڪيو.

سندس مضمون -سلطاني سهاڳ، پٽائي صاحب جي هڪ بيت جي شرح، قسط-1الرحيم آڪٽوبر 1977ع .قسط-2، الرحيم نومبر-ڊسمبر 1977ع .مضمون - شاهه پٽائي ۽ شهباز جو شڪار، الرحيم نمبر-2، شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد 1968ع .مقالو -پکين جي پچار تي هڪ نظر نروار، هن مقالي ۾ شاهه سائين جي رسالي ۾ ڳاتل پکين جي تذڪري وارن بيتن سان گڏ مولانا صاحب پنهنجي شاعريءَ مان هر هڪ پکيءَ متعلق ڏهه ڏهه بيت تضمين طور ڏنا آهن . سندس اهو مقالو ڪتاب-الرحيم1967 ع ۾ قسط وار شايع ٿيس .هن مقالي ۾ مولانا لکي ٿو ته شاعرن جو سرتاج ڪانگ کي پنهنجي پياري سنڌ جو سياڻو پکي سمجهي ڪري متس پيار ڪرڻ فرمائي ٿو سنڌين غير سنڌين کي ڪانگ

جي آڙ ۾ سجاڳ ڪرڻ جو موقعو بخشڻ فرمايو آهي ته جيئن ڪانگ سدائين سجاڳيءَ ۽ هوشياري سان پنهنجو بچاءُ ڳوليندو آهي تيئن توهان به ڪانگ کان سجاڳيءَ جو سبق سکي پنهي جهانن جي نقصانن ۽ عذابن کان پنهنجو بچاءُ ڳولي پاڻ کي بچائيندا رهو.

شاهه سائينءَ جي 216هين عرس مبارڪ 1968ع 1388هه تي ڀٽ شاهه ۾ مولانا صاحب جي پڙهيل ڪلام:

سرتاج سنڌ تو در سردار پڻ سلامي پنهنجا فقط نه آهن اغيار پڻ سلامي،
هر سال تنهنجي حضرت ورسي پيا ملهائن سو چا هزا لک لک لکبار پڻ سلامي.

# حافظ محمد احسن چنه

استاد الشعراء حافظ محمد احسن چنه ولد جمع خان چنه 12 اپريل 1900ع ۾ ڳوٺ ملڪاڻي شريف تعلقي دادو ۾ ڄائو .سندس نالو محمد رکيو ويو . ڪجهه عرصي بعد سندس نالو محمد هاشم رکيو ويو .سندن ڳوٺ ۾ پير مدد علي شاهه جيلاني راڻيپور وارو آيو .جنهن سندس نالو محمد احسن رکيو ۽ دعا ڪندي چيائين ته نيڪ، صالح، پرهيزگار، حافظ ۽ وڏي احسن عمل وارو ٿيندو.

حافظ صاحب جڏهن ڇهن سالن جو ٿيو ته کيس علامه مخدوم غلام محمد ملڪاڻي جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويو جتي قرآن شريف ناظره حافظ نصرالله وٽ پڙهيو .ان کان پوءِ فارسي ۽ عربي علامه غلام محمد ملڪاڻي صاحب وٽ پڙهيو .ڪتابن جي وسيع مطالعي کان پوءِ تصنيف و تاليف شعر گوئي ۽ مقالا نگاري جو ذوق پيدا ٿيس .پاڻ 1918ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني مدرسو کولي درس و تدريس جو آغاز ڪيائين. اهو مدرسو 1951ع تائين قائم رهيو .حافظ صاحب مڪتب ۾ نهايت محنت ۽ لگن سان ڪم ڪندو رهيو .سندس ڪيترن ئي شاگردن فائينل پاس ڪري ماستري ۽ ٻيون نوڪريون حاصل ڪيون ۽ ڪي شاگرد انگريزي پڙهي اعلىٰ عهدن تي پهتا .حافظ صاحب شاگردي واري زماني کان شعر و شاعري ڪندو رهندو هو .سندس پهريون قومي نظم لاڙڪاڻي مان نڪرندڙ اخبار الحقيقت ۾ شايع ٿيو. از انسواءِ 1920ع ۾ ملا اسڪول مخزن جيڪا ماهوار حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج مان شايع ٿيندي هئي .ان ۾ تعليم جي عنوان سان سندس شعر شايع ٿيو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حافظ صاحب ترغيب العلم نالي ڪتاب شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ڪي نظرثاني لاءِ موڪليو. جنهن ان ڪي پسند ڪيو ۽ اهو اسڪول بوڪ ڪاميٽي بمبئي ڪي موڪليو ۽ اهو ڪتاب اسڪولن لاءِ منظور ڪيو ويو .اهو ڪتاب پوڪرداس بوڪ سيلر شڪارپور واري 1922ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جيڪو اسڪولن ۾ پڙهايو ويندو هو .سال 1930ع ۾ ويڙهومل ڪنڍ مل ڪتب فروش لاڙڪاڻي واري پنهنجي خرچ سان ٻه سؤ شعرن جو مجموعو ديوان احسن جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. جيڪو تعليم کاتي، اسڪولن ۽ ٽريننگ ڪاليجن لاءِ منظور ڪيو هو .حافظ محمد احسن چنه، ماستر علي حيدر ملڪاڻي، جمع خان غريب ۽ امام الدين ضامن جي تعاون سان دادو شهر ۾ "انجمن آفتاب ادب" جو پايو وڌو .ان جو پاڻ آخر تائين جنرل سيڪريٽري رهيو . حافظ صاحب دادو ۾ ڇهين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس 1940ع ۾ ڪوٺائي، جنهن جو پاڻ جنرل سيڪريٽري هو .هن ڪانفرنس ۾ سڄي سنڌ مان ڪافي اديب شاعر ۽ وڏا دانشور شريڪ ٿيا .هن ڪانفرنس جي صدارت رئيس ضياءالدين ايس بلبل ڪئي هئي.

حافظ صاحب 1948ع ۾ ڳوٺ ملڪاڻي کان لڏي دادو شهر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي.ڪجهه عرصي بعد دادو شهر ۾ ٻارهين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس انجمنِ آفتاب ادب جي طرفان منعقد ڪرايائين. جنهن جي صدارت علامه آءِآءِ قاضي ڪئي .حافظ صاحب کي شعر و شاعري تصنيف تاليف ۽ مضمون نگاري سان لڳاءُ هو .مضمون ۽ شعرن تي ڪيس ڪيترائي انعام مليا . حافظ محمد احسن چنه جو ڪلام ريڊيو ۽ ٽي-وي تان به نشر ٿيندو رهندو آهي . حافظ صاحب کي 1973ع کان وٺي پاڪستان سرڪار طرفان ماهوار وظيفو ملندو رهيو .ان کان علاوه سال 1974ع کان سنڌ حڪومت به ماهوار وظيفو مقرر ڪيس.

حافظ جو ڪلام هر صنف تي آهي .غزل، قصيدو، رُباعي، قطعات، مسدس، مخمس ۽ قطع تاريخ لکڻ ۾ مشهور هو .سندس شعر سنڌ جي مشهور رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

حافظ صاحب ادب جي ميدان ۾ وڏو جاکوڙي انسان هو .هن صاحب دادو شهر ۾ هڪ اخبار "آواز سنڌ" جاري ڪئي .جنهن جو پاڻ پبلشر ۽ ايڊيٽر هو . حافظ صاحب 19 جون 1988ع تي وفات ڪئي .سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ماڻهو ماڻهو جو ويري ٿيو، ڪهڙو وريو واءُ،
پنهنجا پيي ٿي ويا پراوا، هر جا هلي رياءُ

**شاهه سائين سان اظهارِ عقيدت.**

آسمان علم جو آهي درخشان ماهه، شاهه،
شاعر شيرين ڪلامن، صوفين جو شاهه، شاهه،
هر جوان و پير جو دلداده ۽ دلخواهه، شاهه،
حق شناس و حق پرست و حق گو، حق آگاهه، شاهه.

حافظ صاحب جا نظم ۾ هيٺيان ڪتاب شايع ٿيا آهن .ديوان احسن، گلزار شعر، احسن الاخلاق، رباعيات احسن، گلدستہ احسن، لطيفي لات ۽ ٻيا نثر ۾ سندس هيٺيان ڪتاب قابلِ ذڪر آهن .ڪتاب-ڏونگر سي ڏوريندين، هي ڪتاب حافظ محمد احسن چنہ جي تجنيس حرفي ۽ متفیٰ عبارت جي مضمونن تي مشتمل آهي، جنهن کي نور محمد جيسر ترتيب ڏنو آهي .موضوع شاهه پٽائي جا داستان آهن ۽ احسن پرنٽرس دادو پاران 1967ع/1976ع ۾ ڇپيو . سنڌي ساهت حيدرآباد پاران ڪتاب-سراپا رسول، قصص الانبياء شايع ٿيس .ان کانسواءِ سندس ٻيا ڪتاب،سچن تي ستم، سوانح مخدوم بلال، بنات الرسول، اصلاح المسلمين، سنڌي گرامر ۽ سنڌي سونهون، شاهه جو پيغام -ڇاپو پهريون سنڌ يونيورسٽي 1958ع .شاهه جو پيغام ڇاپو پهريون احسن پبليڪيشن دادو 1959ع ڇاپو ٽيون 1969ع ڇاپو چوٿون 1970ع ۽ ڇاپو ڇهون 1985ع صداقت بوڪ ڊيپو حيدرآباد وغيره.

**شاهه لطيف متعلق مضمون ۽ مقالا.**

شاهه صاحب جو قاصد، ڪتاب-لطيف سالگره مخزن مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڇاپو پهريون 1964ع .محبوب جي طالبن لاءِ شاهه جو نظريو، ڪتاب-لطيف سالگره مخزن ڇاپو پهريون 1961ع .محبوب جي مشاهدي لاءِ شاهه جو ارشاد، ڪتاب-لطيف سالگره مخزن ڇاپو پهريون 1960ع .شاهه جي شعر ۾ شاعرانہ خوبيون، ڪتاب-يادِ لطيف مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڇاپو پهريون 1953ع .شاهه جو پيغام، مهراڻ شمارو-2، 1959ع. شاهه ۽ سندس شعر جي مقبوليت، ماهنامہ روح ادب حيدرآباد آڪٽوبر1954ع . وڪر وهائڻ، رسالو ڳوٺ سڌار حيدرآباد، سيپٽمبر 1957ع . شاهه جي ڪلام ۾ پڪيئڙن جي پچار، ڪتاب-پيهي منجهہ پاتال، مرتب-ڊاڪٽر بشير احمد شاد،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چاپو پهريون مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي 1992ع. شاهه لطيف جا قاصد، ماهوار پيغام نومبر-ڊسمبر 1982ع .لطيفيات تي سندس هيٺيان مضمون ۽ مقالا ماهوار نئين زندگي ۾ شايع ٿيا.
مضمون ليلا جو لاڏ، آڪٽوبر 1951ع . نوريءَ جو نياز، آگسٽ 1951ع .شاهه ڀٽائيءَ جو مناجاتي شعر، نومبر 1950ع جنوري-فيبروري 1975ع ساڳيو مضمون مخزن، جهانِ نو جولاءِ 1973ع سنڌڙي پبليڪيشن سکر پاران شايع ٿيس .مارئي جي مليرَ ۽ مارن سان محبت، جنوري 1952ع .سهڻيءَ جي سڪ، مارچ 1952ع .سسئي جا سور، آگسٽ 1952ع .سورٺ ۽ سر سوالي، نومبر 1953ع ۽ جنوري 1954ع ۾ شايع ٿيو .مارو، ملير ۽ مارئي، آڪٽوبر 1955ع . ڪت ۽ڪنب، آگسٽ 1957ع .سسئي جي ڪهاڻي، آڪٽوبر 1961ع .شاهه جي نظر ۾ جانب جو جمال، مئي 1967ع .شاهه ڀٽائي جا بيت ڀهاڪا جنوري 1980ع .محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ ڀٽائي جو نظريو، جولاءِ 1963ع. سنڌ جي شاعرن جو سرتاج-شاهه عبداللطيف، نومبر 1957ع. مارئي ۽ ملير، آڪٽوبر 1958ع .شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا مناجاتي بيت ۽ انهن جي شرح، جنوري ۽ فيبروري 1975ع .ڀٽائي جي ڪلام مان ناصحانه نڪتہ جنوري 1979ع .شاهه جي شعر ۾ صنعتون، مارچ-اپريل 1976ع .ساڳيو مضمون ڪتاب-فڪرِ لطيف، مرتب-بشير احمد شاد، چاپو پهريون، فڪر و نظر پبليڪيشن سکر 1985ع ۾ ۽ ڪتاب-پيهي منجهه پاتال، مرتب-ڊاڪٽر بشير احمد شاد سال 1992ع واري چاپي ۾ شايع ٿيس.
شاهه صاحب جي شعر ۾ شاعرانه خوبيون ۽ صنعتون. هن مضمون ۾ ليکڪ فصاحت ۽ بلاغت، تشبيهه، استعاره، تجنيس حرفي، تجنيس تام، تجنيس ناقص، صنعت تضاد، صنعت جمع يا تقسيم، صنعت، تجريد، صنعت ضرب المثل، صنعت ترصيع، صنعت تضمين، صنعت حسين التعليل، صنعت ايهام، صنعت تجاهل عارفانه، صنعت مراعات النظير ۽ اصطلاحن جهڙين ادبي خوبين ۽ صنعتن کي شاهه جي ڪلام مان چونڊ ڪري ڀرپور انداز ۾ لکيوآهي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پير حسام الدين راشدي

سنڌ جو نامور تاريخدان، صحافي، شاهه لطيف جو پارکو ۽ محقق پير حسام الدين راشدي 20 سيپٽمبر 1911ع تي ضلعي لاڙڪاڻي جي تعلقي رتيديري ۾ نصرت اسٽيشن جي پرسان راشدي پيرن جي ڳوٺ بهمڻ ۾ ڄائو، سندس والد جو نالو سيد محمد حامد شاهه راشدي هو. پير صاحب ابتدائي تعليم مولوي محمد سومار ڏکڻ کان ورتي، ان کان پوءِ هن مولوي محمد الياس پهنور ۽ مولوي سيد علي شاهه لکياريءَ کان درس ورتو. انهن استادن وٽ چار درجا سنڌي ۽ سکندر نامي تائين فارسي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ انگريزيءَ ۾ تعليم پرايائين.

راشدي صاحب 1926ع ۾ جاڳڻ اخبار جي عيوضيءَ طور صحافت جي دنيا ۾ قدم رکيو. ان کان پوءِ 1929ع ڌاري هڪ رسالي ”المنار“ جو ايڊيٽر ساڳئي وقت ماهوار اخبار پيغام جو نمائندو به ٿي رهيو، جيڪا مولوي عبدالڪريم چشتي شڪارپور وارو ڪڍندو هو. 1930ع ڌاري سنڌ زميندار اخبار سکر جو ساٿي ايڊيٽر مقرر ٿيو. ان وچ ۾ پنهنجي ڀاءُ پير علي محمد راشديءَ جي رسالي ”الراشد“ ۾ به ڪم ڪيائين. بعد ۾1930ع کان 1934ع تائين ”سنڌ زميندار“ اخبار جو ايڊيٽر ۽ 1934ع کان 1937ع تائين ”ستاره سنڌ“ اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو، جيڪا پير علي محمد راشديءَ ۽ پير حسام الدين راشديءَ گڏجي ڪڍي هئي. پير حسام الدين ڪيترين ئي اخبارن ۾ پس پرده به ڪم ڪيو. جن ۾ الوحيد ۽ قربانيءَ جا نالا قابلِ ذڪر آهن. جڏهن 1951 ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي نئين سر جوڙجڪ ٿي ته ان جي بورڊ ۾ ميمبر ٿي رهيو ۽ آخر تائين ان منصب تي رهيو. ان کانسواءِ 1957ع ۾ ٽماهي رسالي ”مهراڻ“ جو ايڊيٽر پڻ ٿيو.

سندس تاريخي خدمتن جي اعتراف ۾ کيس ڪيترائي انعام اڪرام مليا. 1964ع ۾ کيس حڪومت پاڪستان طرفان ”تمغه امتياز“ ڏنو ويو. 1965ع ۾ کيس شهنشاهه ايران طرفان ”نشانِ سپاس درجه اول جو تمغو“ ڏنو ويو ۽ تهران يونيورسٽيءَ طرفان کين ”ادبيات ۽ علوم انسانيه“ ڊاڪٽريٽ جي اعزازي سند پڻ ڏني وئي. 1965ع ۾ کيس پاڪ-روس ڪلچرل ايسوسيئيشن جو نائب صدر چونڊيو ويو.1966ع ۾ پاڪستاني ليکڪن جي وفد سان چين جي دوري تي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويو. 1966ع ۾ شهنشاهه ايران طرفان پهلوي ڪتب خاني تحت ٿيندڙ ايران شناس عالمن جي بين الاقوامي اجلاس ۾ ڪيس ڪوٽ ڏني ويئي .ساڳئي سال افغانستان ۾ وڃي سنڌ ۽ افغانستان جي گڏيل تاريخ تي مواد هٿ ڪيائين.

پير صاحب جي عظيم الشان ذاتي لائبريريءَ ۾ ڪيترائي املهه ۽ قيمتي ڪتاب ۽ اڻلڀ قلمي نسخا هوندا هئا .آخري وقت ۾ پير صاحب جي مرضي هئي تہ اها لائبرري سنڌ يونيورسٽي خريد ڪري، پر پوءِ ڪن سببن ڪري اها لائبرري قائد اعظم يونيورسٽيءَ جي ملڪيت ٿي وئي.سندس ڪتابن تي مشتمل بچي ويل علمي ذخيرو، سنڌالاجيءَ جي حوالي ڪرڻ جي وصيت ڪئي هئائين، اهي سڀ شيون هن وقت سنڌالاجيءَ ۾ موجود آهن .آخري عمر ۾ کيس ڪينسر جهڙي مهلڪ بيماريءَ ٿي پئي. ماسڪو جي ڊاڪٽرن کان بہ مايوس ٿيڻ کان پوءِ لنڊن علاج لاءِ ويو، پر سندس حياتيءَ وفا نہ ڪئي ۽ پهرين اپريل 1982ع تي لاڏاڻو ڪيائين .سندس وصيت موجب کيس مڪليءَ جي قبرستان ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مزار جي احاطي ۾ دفن ڪيو ويو .جڏهن تہ سندس خواهش مخدوم معين ٺٽويءَ جي قبرستان ۾ دفن ٿيڻ جي هئي .مشهور جرمن محقق خاتون ڊاڪٽر ائنيمري شمل جي علامتي قبر بہ سندس قبر جي پرسان ٺاهي وئي آهي.

پير صاحب سنڌ جي تاريخ تي جيڪو ڪم ڪيو آهي اهو صدين تائين ياد رهندو پاڻ نہ صرف سنڌ جو ناميارو ۽ هاڪارو عالم هو پر سندس نالو سڄي ايشيا کنڊ ۾ هڪ تاريخدان، عالم ۽ محقق طور وڏي عزت ۽ احترام سان ورتو وڃي ٿو.

پير حسام الدين راشديءَ جي تصنيفن جو تعداد 70 کان وڌيڪ آهي .تن مان ڪجهہ هن ريت آهن .ڪتاب -تذڪره امير خاني تحقيق 1961ع .ٻيو ڇاپو 2005ع .(تاريخ مظهر شاهجهاني) ايڊٽ ڪيل 1962ع .ان ڪتاب جو سنڌي ترجمو نياز همايونيءَ 1979ع ۾ ڪيو، جڏهن تہ انگريزي ترجمو ڊاڪٽر محمد سليم اختر 1990ع ۾ ڪيو .تذڪره مشاهير سنڌ (ايڊٽ ڪيل) 1974ع .بعد ۾ هي ڪتاب جلد اول طور شايع ٿيو 1985ع .اردو ترجمو -ڊاڪٽر عزيز انصاري ۽ عبدالله ورياهه 1939ع .هُو ڏوتي هُو ڏينهن (تصنيف) 1977ع .ٻيو ڇاپو 2002ع .مير محمد معصوم بکري (تحقيق) 1979ع .ٻيو ڇاپو 2005ع . ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون (مضمون ۽ مقالا) 1981ع .ٻيو ڇاپو 2006ع .تذڪرة



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

الشعرا (ايدٽ ڪيل)، پروفيسر عبدالغني، نظرثاني، پير حسام الدين راشدي 1976ع.

مختلف ليکڪن راشدي صاحب ڏانهن 13 ڪتاب منسوب ڪيا آهن، جڏهن تہ اردو، پنجابي ۽ فارسي زبان ۾ لڳ ڀڳ 35 ڪتابن ۾ ۽ انگريزي ۾ تقريباً 12 ڪتابن ۾ سندس سوانح ۽ علمي خدمتن جو احوال ڏنل آهي.

شاهہ سائينءَ متعلق مضمون ۽ مقالا

مضمون -شاهہ تي تحقيق، ڪتاب -گوهر لطيف سنڌي-اردو، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1986ع .ساڳيو مضمون ڪتاب پيهي منجهہ پاتال، مرتب-بشير احمد شاد، ڇاپو پهريون 1992ع ۽ ماهوار نئين زندگي، جون 2006ع ۾ ۽ ڪتاب-اڳهيا ست سندا ۾ پڻ شايع ٿيس .بلڙيءَ جو بادشاهہ شاهہ عبدالڪريم، ڪتاب سنڌي شاعري وهائو تارو: شاهہ ڪريم، سهيڙيندڙ -رڪيل مورائي، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2012ع .مضمون -لطيف قومي محبت جو پيامبر، ڪتاب -لطيفي لات، سهيڙيندڙ -خان محمد پنهور، ڇپائيندڙ -سگا حيدرآباد، ڇاپو پهريون مئي 1978ع .شاهہ ڀٽائي ڪافيءَ جو موجد نہ آهي، ماهوار نئين زندگي مارچ 1953ع .شاهہ جي حڪمت، ماهوار ڪونج، سنڌ جي سوڪڙي نمبر بمبئي 1963ع .مقالو _شاہ لطیف اور ہمارے تحقیقی فرائض، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی، مرتب-منظور احمد کناسرو، دسمبر2013ع.

راشدي صاحب 1961ع ۾ ڀٽ ڌڻيءَ جي ميلي جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ۾ ”شاهہ تي تحقيق“ عنوان سان صدارتي خطبو ڏنو، ان مان ڪجهہ سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

شاهہ سان عقيدت رکندڙ ۽ دانشور حضرات !آءٌ اوهان سڀني جو ممنون آهيان جو مون کي نہ رڳو سنڌ جي عظيم پر دنيا جي وڏي شاعر جي سالگره جشن جي موقعي تي هن ادبي ڪانفرنس جي صدارت جو اعزاز بخشيو اٿو .شاهہ صاحب جي سلسلي ۾ منهنجو ذاتي تاثر هي آهي تہ شاهہ صاحب جنهن عزت ۽ مقام جو شاعر آهي ان پايي جو اڄ تائين ڪوبہ مضمون يا مقالو نہ لکيو ويو آهي، انهي جو وڏي ۾ وڏو سبب مواد ۽ تحقيق جي ڪمي آهي .بي وڏي غلطي هيءَ آهي تہ اسان جي ذهن ۾ اڃا تائين شاهہ جو اصل مقام ڪونہ پيدا ٿيو آهي تنهن ڪري شاهہ جو ٻين شاعرن سان تقابلو ڪندا رهون ٿا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پروفيسر علي نواز جتوئي

پروفيسر علي نواز ولد حاجن خان جتوئي 11 جولاءِ 1914ع تي ڳوٺ گدو جتوئي لڳ پراڻا جتوئي تعلقي موري ۾ پيدا ٿيو .پاڻ ماهرِ لسانيات، صوفي مفڪر، ممتاز دانشور ۽ سنو شاعر ٿي گذريو آهي.

پروفيسر علي نواز جتوئي ڊي-جي سنڌ ڪاليج ڪراچي، جوناڳڙهه ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بہ پڙهيو.1943ع ۾ بي-اي پاس ڪرڻ ڪان پوءِ ٽنڊو باگو هاءِ اسڪول ۾ اسسٽنٽ ٽيچر ٿيو. 1945ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي-ٽي پاس ڪيائين. 1950ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌي جو ليڪچرر مقرر ٿيو.1952ع ۾ هالا هاءِ اسڪول جو هيڊماسٽر مقرر ٿيو.1951ع ۾ ايم-اي سنڌي۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين، هي سنڌ يونيورسٽيءَ جو سنڌيءَ ۾ پهريون ايم-اي پاس ڪنڌڙ شاگرد هو .هن 2 مارچ 1953ع تي اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي نوڪري اختيار ڪئي، جتان پروفيسر جي عهدي تان 1976ع ۾ رٽائر ٿيو .جتوئي صاحب 1958ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ پهريون سربراهہ پڻ مقرر ٿيو هو .ان وچ ۾ سن 1963ع ۾ لسانيات ۾ اعلىٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن يونيورسٽيءَ جي جڳ مشهور تعليمي اداري اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيزلنڊن ۾ داخلا ورتي .بہ سال لنڊن ۾ رهي جتوئي صاحب لسانيات ۾ خاص مهارت حاصل ڪئي .سنڌ يونيورسٽي طرفان يورپ مان لسانيات جي علم جي سکيا وٺڻ وارو سنڌي ٻولي جو هي پهريون عالم هو جيڪو يورپ مان لسانيات جي علم جي تربيت وٺي آيو.

پروفيسر جتوئي جون علمي ۽ ادبي خدمتون خاص طور لسانيات ۽ تصوف ۾ آهن .مٿس صوفيانہ رنگ جو گهڻو اثر هو .لسانيات جي سلسلي ۾ سندس لکيل ڪتاب ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ لسانيات جي ڏس ۾ ان کان بهترين ٻيو ڪوبہ ڪتاب ڪونهي .هن ڪتاب ۾ لساني ڄاڻ سائنسي بنيادن تي استوارڪيل معياري، جامع ڄاڻ ڏني وئي آهي .ان کانسواءِ سندس هيٺيان تصنيف ۽ تاليف ڪيل ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.

مياں عبدالرحيم گروهڙيءَ جو سنڌي ڪلام ترتيب 1956ع/1984ع . ديوان حافظ، سياست نامو (ترجمو) 1957ع .اخلاق محسنہ (ترجمو) 1957ع .(



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌي نصاب) لازمي (يارهين ۽ ٻارهين جماعت لاءِ سنڌي ادبي بورڊ پريس حيدرآباد 1961ع .سنڌي صحيفو 1962ع .غزلن جو غنچو عبدالجبار جوڻيجي سان ترتيب 1964ع .ويرون ۽ وهڪرا (مقالا) 1993ع .علم اللسان ۽ سنڌي زبان، ڇاپو پهريون 1968ع ڇاپو ٽيون 1996ع. ابتدائي سلوڪ 1407هه. حضرت بهاءُالدين نقشبندي بخاري قدس سره جي ڪلمات جو اردو ترجمو آسان تصوف.صبغت الله يعني رنگ رباني،رحيم ۽ رحيمي، لطيفي لهرون.

هن رٽائر ٿيڻ کان پوءِ 1980ع ۾ هوميوپيٿي جو ڪورس پاس ڪري اي-ايڇ-ايم-ايس جي ڊگري حاصل ڪيائين ۽ پوءِ هوميوپيٿي ڊاڪٽر ٿيو.پاڻ آخر تائين هوميوپيٿڪ علاج جو پيشو ڪندو رهيو.

پروفسير علي نواز جتوئي شاعري به ڪئي .جمال الدين "مومن" ۽ ٻين دوستن جڏهن "بزم صابر" جو بنياد جتوئي نوان ۾ رکيو ته ان پاران مشاعره ٿيندا رهيا، جن ۾ پروفيسر صاحب حصو وٺندو رهيو .پروفيسر علي نواز جتوئي 29سيپٽمبر 1996ع تي ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد ۾ وفات ڪئي، کيس ٽنڊي سائين داد پرسان مقبري شريف واري قبرستان ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو .
سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

پُر درد پيش آهي اڄ داستان پنهنجو
الن اڃي وسايو آ اڄ آستان پنهنجو
هڪ ڪي الله جي آ ٻئي ڪي گراهه جي آ
شاهن جو شان پنهنجو لنگهڻ جو مان پنهنجو.

جتوئي صاحب جي مختلف مضمونن جو گٽڪو ڪتاب "لطيفي لهرون" جيڪو سنڌي ادبي مجلس سٽي ڪاليج حيدرآباد پاران ڇاپو پهريون 1967ع ۾ شايع ٿيو .جنهن کي پروفيسر غلام رسول بلوچ ترتيب ڏنو .هن ڪتاب جو سن ڊاڪٽر درشهوار سيد ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب نظر چڪ سبب ڇپائيءَ جو سال نه ڏئي سگهيا آهن .هن ۾ هيٺيان مضمون شامل آهن. 1-توحيد. 2-سپرين. 3-نفس. 4-ڪارايل. 5-تقويٰ. 6-گندي ۽ گراهه. 7-مسلماني. 8-اخلاق ۽ ڪردار.
جتوئي صاحب جا شايع ٿيل مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.
مقالو -شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار .
مضمون -شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ اسلامي قدر .ان ڪانسواءِ سندس ٻيا


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مضمون-شاهه جي رسالي ۾ توحيد جو مفهوم -ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، آڪٽوبر 1950ع.ساڳيو مضمون لطيفي لنؤ مخزن گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد 1951ع ۾ شايع ٿيس .شاهه جي شرح -ماهوار آئينو، وينجهار پبليڪيشن حيدرآباد، آڪٽوبر 1973ع .لطيف تعليم -ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، نومبر 1983ع .مقالو -شاهه عبداللطيف جي زندگيءَ جو پسمنظر، هي مقالو ماهوار آئينو قسط-1، جنوري 1974ع .قسط-2، مارچ 1974ع .قسط-3، آگسٽ 1974ع ۾ شايع ٿيس .شاهه جي هڪ بيت جي شرح -الرحيم، چاپيندڙ-شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، مارچ 1972ع .سرسهٽيءَ جي اندروني اُپٽار -الرحيم، مارچ اپريل 1975ع .سرسريراڳ جي تمثيل جي تشريح، ڪتاب-سرسريراڳ جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون پٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1973ع .پٽ ڌڻيءَ جو پاري پيد، ڪتاب-تحفئہ لطيف، مرتب-اسماعيل خواجہ، محڪمہ اطلاعات ڪراچي 1958ع .مضمون -شاهه جي نفس شناسي، ڪتاب-بهار لطيف 1959ع .مسلماني پٽ ڌڻيءَ جي نظر ۾، رهبر ڊائجسٽ ۾ شايع ٿيس.

مضمون -سرڪارايل جي اندروني اپٽار، ڪتاب-يادگار لطيف، جناب اسدالله شاهه بيخود حسيني لطيفي ميموريل ڪائونسل پاران رسالہ روڊ 50 ڪنٽومينٽ حيدرآباد مان سيپٽمبر 1960ع صفحي 22 تان ڪجهہ سٽون هن سر ۾ پارهيڙي مان مراد پيرن جي پوشاڪ ۾ اهي شيطان آهن جي هادي سڏايو ماڻهن کي منجهايو گمراهہ ڪيو ٿا ڇڏين.

پڪي جنهن پڇائيا، تنهن ۾ ساهہ نہ ماهہ،
منجهہ ڪرنگهر ڪاٺ جو، مٿي پکن گاهہ،
ويچارن ويساهہ، مٿي پکن آئيو.

هن سر ۾ بي شرعي صوفين کي ”پکهہ“ ۽ شريعت وارن کي ”سر“ ڪوٺيو ويو آهي ۽ ”پرين“ مان مراد مکي مدني سرڪار جن آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پروفيسر امينه خميساڻي

مشهور محقق، نقاد، تعليمي ماهر ۽ استاد، پروفيسر امينه ”آمنه“ خميساڻي پاٽ شهر ۾ 16 اپريل 1919ع تي سکر جي اڳوڻي ڪليڪٽر علي بخش چنه جي گهر ۾ اکيون کوليون .هن مئٽرڪ جو امتحان ڪراچيءَ جي سينٽ جوزف اسڪول مان پاس ڪيو. 1947ع ۽ 1948ع ۾ بي اي انگريزي ۾ حوالو گل محمد عمراڻي ڪاوش هائيڊ پارڪ آچر 18 مارچ 2018ع. بي-اي انگريزي ۾1943ع ۾ لاهور جي مشهور ڪاليج kinnaid college for girls مان ۽ ايم-اي انگلش 1955ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين ۽ ان ئي سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي شعبي جي ليڪچرر مقرر ٿي .سموري حياتي تعليم جي خدمت لاءِ وقف ڪندڙ هن خاتون 1963ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان ”سترهين صديءَ جي انگريزي ادب“ جي عنوان تي ڊپلوما ڪئي.1969ع کان 1974ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي سان وابسته رهي .هن سبجيڪٽ ايڪسپرٽ طور پشاور يونيورسٽي، بلوچستان يونيورسٽي ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام ۾ پڻ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون.1983 ع ڌاري اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جي اٺتيهين اجلاس ۾ نمائندگي ڪيائين .پاڻ عورتن واري رتبي جي پاڪستان ڪميشن جي ميمبر ۽ ساڳي ڪميشن جي 1984ع واري ڇپيل رپورٽ جي سهڪاري ايڊيٽر پڻ رهي .آمنه خميساڻي 1985 ع ۾ وزيٽنگ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿي .هن بين الاقوامي شخصيت جي وفات 30 آگسٽ 2007ع ۾ ٿي .ڪيس سوين آلين اکين سان ميوا شاهه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

ڊي-ايس-پي غلام محمد خميساڻي سهتو سان لاڱون لهڻ کان پوءِ هن پنهنجي نالي جي اڳيان امينه خميساڻي لکڻ شروع ڪيو. امينه خميساڻيءَ مختلف موضوعن تي ڪيترائي تحقيقي مضمون لکيا، جن مان سنڌ جي عورت، ڪربلا کان اڳ ۽ پوءِ، اسلام ۾ عورت جو مقام ۽ ٻيا موضوع شامل آهن .ان کانسواءِ انگريزي ادب ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي معاملن تي ڪيترائي مفيد ڪتاب لکيائين جن ۾ 3 اهم ڪتاب هي آهن.

Drama between Two English Literature.

Book 1:-Casual Peeps at English Literature.

پاڻ انگريزي ادب ۾ ٻيو ڪتاب Sindhi's contribution to English لکيو، جنهن کي سنڌالاجيءَ پاران 1975ع ۾ شايع ڪيو ويو .سندس ان ڪتاب ۾ سنڌ جي 38 ناميارن عالمن، اديبن جي انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتابن جو اڀياسي رايو آهي.

جيئن تہ هن شاهہ عبداللطيف جو ڪلام ننڍي هوندي پنهنجي ناني ۽ ماسيءَ کان ٻڌو هو، اهڙيءَ طرح ڪيس ٻچپن کان ئي شاهہ جي ڪلام جون من ۾ ميخون لڳي ويون .پوءِ اڳتي هلي سندس وڏو ڪارنامو شاهہ جي رسالي جو نثر ۾ انگريزي ترجمو منظرِ عام تي آيو .جيڪو ثقافت کاتي سنڌ پاران 1994ع ۽ 2001ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.خميساڻي صاحب اهو ترجمو پنهنجي پيءُ علي بخش ۽ ماءُ عالم خاتون ڇنہ کي منسوب ڪيو آهي .اهو ترجمو پنهنجي ڌيءُ ياسمين جي چوڻ تي شروع ڪيائين ۽ ترجمي ڪرڻ وقت پنهنجي ڀاءُ جسٽس زيد-اي ڇنہ کان مدد ورتائين ۽ شاهہ لطيف جي زندگي بابت احوال، مرزا قليچ بيگ، آغا محمد يعقوب، ڪلياڻ آڏواڻي، ايلسا قاضي ۽ ايچ-ٽي سورلي جي ڪيل ڪم کان مدد وٺي لکيو آهي .هن ۾ سرن جي تعارف سان گڏوگڏ ٽيهن سرن جو مڪمل منظوم انگريزي ترجمو ڪيل آهي.

ڪتاب-شاهہ جي رسالي جو انگريزيءَ ۾ منظور ترجمو:

The Resalo of Shah Abdul Latif Bhitai in Verses.

ڇاپو پهريون، ڀٽ شاهہ ڪلچرل سينٽر ڪاميٽي، جولاءِ 1994ع صفحا-296، ڇاپو ٻيون 2003ع ۽ ڇاپو ٽيون 2012ع صفحا-358.

هن ڪتاب جي شروعات ۾ مهاڳ، شاهہ جي زندگيءَ جو خاڪو ۽ شاهہ جي تصوف بابت لکيو ويو آهي .ان کان علاوه هر سر متعلق ڇاڻ ڏني وئي آهي . هيءُ شاهڪار ڪلياڻ آڏواڻي جي رسالي 1976ع جو منظوم انگريزي ترجمو آهي .ان سان گڏوگڏ مترجم، گربخشاڻي ۽ شاهواڻيءَ جي رسالن جي مدد سان پڻ ترجمو ڪيو آهي ۽ "دي رسالو" عنوان هيٺ مختلف عالمن ۽ محققن جي رسالي تي ڪيل تحقيق ۽ ترجمن تي روشني وجهڻ کان علاوه اوائلي انگريزي ترجمن مان بہ رهنمائي حاصل ڪئي آهي .سندس ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو .بيت:

وٺي جنين وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تن ٽنين سين ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا.

ترجمو:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

Sit Close to those who listen your pain. Build your hut beside them, with them your time spend.

کيس شاهہ سائينءَ جي ڪلام تي بهترين محقق ۽ مترجم جو شاهہ لطيف ايوارڊ شاهہ سائينءَ جي 258هين عرس مبارڪ جي موقعي تي اڳارو 16 صفر 1423هہ 30 اپريل 2002ع ۾ ثقافت کاتي پاران مليو.

ڪجهہ شاهہ سائينءَ متعلق مضمونن ۽ مقالن جو وچور:

مضمون -سرمائيءَ جي حقيقت، ڪتاب-يادِ لطيف، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون 1953ع. ساڳيو مضمون ڪتاب-يادگار لطيف، مرتب-بيگم زينت عبدالله چنہ، ڇاپو پهريون شاهہ لطيف يادگار ڪائونسل حيدرآباد 1960ع ۾ شايع ٿيو .مضمون -شاهہ جي مارئي، ماهوار نئين زندگي مئي 1967ع .شاهہ جو رسالو هڪ نظر ۾ سرسهڻيءَ جو فلسفو -نئين زندگي مارچ-اپريل 1976ع . شاهہ جي شاعريءَ تي هڪ نظر، لطيف سالگره مخزن ڇاپو پهريون 1968ع . سرمارئي جي حقيقت -ڪتاب-يادِ لطيف. لطيف يادگار ڪائونسل 1953ع . مقالو -شاهہ عبداللطيف رومانوي شاعر، ڪتاب-نقشِ لطيف محڪمہ اطلاعات 1970ع .مضمون -شاهہ جي ڪلام ۾ رومانوي عنصر، سوڪڙي مخزن سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي 64-1963ع. مقالو -شاهہ عبداللطيف ۽ انگريزي جمالياتي شاعري -مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو مارچ-اپريل 1976ع .مقالو - بروهو پنيور آرياڻيءَ اجاريو، ڪتاب -پنيور ۽ ديبل .سهيڙيندڙ -عبدالقادر منگي، ثقافت کاتو ڪراچي ڇاپو 2012ع.شاهہ جي ڪلام ۾ ايثار جو تصور -ڇهہ ماهي سنڌي ادب، سنڌالاجي ڄامشورو آڪٽوبر 1980ع .مقالو -شاهہ جي ڪلام ۾ ايثار جو تصور .اٺن صفحن تي مشتمل آهي، سندس اهو مقالو شاهہ عبداللطيف انٽرنيشنل اڪيڊمي سجاول نٿو پاران شايع ٿيس. 31-30 مئي 1979ع تي .هن اهو مقالو پاڪستان فلاسافيڪل ڪانگريس طرفان اسلام آباد ۾ منعقد ٿيل لطيف سيشن واري موقعي تي پڙهيو هئو .هن مقالي مان خاص سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

شاهہ صاحب ايثار جو تصور خاص ڪري سرڪيڏاري ۾ بيان ڪيو آهي . ڪجهہ سرڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ پڻ .پر انهن ٽن سرن کان علاوه بہ رسالي ۾ گهڻن هنڌن تي ان جذبي جو ذڪر ڪيو اٿس. ايثار جي تصور کي پيش ڪرڻ لاءِ لطيف سائين بہ علامتون ڪم آنديون آهن، هڪ امامن جي شهادت پيو سوريءَ چڙهڻ.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر الياس عشقي

سنڌي، اردو ۽ فارسي زبان جو ناميارو شاعر، اسڪالر ۽ اديب ڊاڪٽر الياس عشقي 25 ڊسمبر 1922ع تي جئپور جي هڪ علمي گهراڻي ۾ ڄائو. سندس والد علامه زري جئپوري، هڪ بهترين شاعر ۽ عالم هو. ڊاڪٽر الياس 1945ع ۾ آگري يونيورسٽيءَ مان ايم-اي فارسي ۽ 1947ع ۾ ايم-اي (اردو) جون سَندُون ورتيون. 1950ع ۾ ريڊيو پاڪستان سان وابسته ٿيو ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين ۽ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان رٽائر ٿيو. سندس وفات 16 جنوري 2006ع تي سعودي عرب ۾ پُٽ وٽ ٿي، جتان سندن ميت کي آڻائي حيدرآباد سنڌ ۾ دفن ڪيو ويو.

ڪيس فارسي، سنڌي، اردو، هنديءَ ۽ انگريز ٻولين تي مڪمل عبور هو. 1983ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. سندس فارسي ڪلام جو مجموعو "شهر آشوب" 1949ع ۾ ملتان مان شايع ٿيو. ان ڪانسواءِ سنڌي شاعرن جي ڪلام جو منظوم اردو ترجمو "موج موج مهران" انجمن ترقي اردو ڪراچيءَ طرفان شايع ٿيل اٿس. صوفين جي شاعري جي اثر هيٺ پاڻ به شاعريءَ جي ڪجهه صنفن تي شاعري ڪيائين. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

تون ئي تون ڪاتار، ست به تنهنجو سڦرو،
چرخو چورين چت سين ڪتڻ ڪار اپار،
ويسريون آ تڻ ۾ چون الاهي توهار،
اندر تون اجار، ست سهي ٿئي ساهه جو.

عشقي صاحب کي خاص ڪري شاهه لطيف جي ڪلام تي وڏو عبور حاصل هو. سندس لطيف شناسيءَ جي آغاز ۽ عقيدت سال 1949ع کان ٿي. پاڻ شاهه جي اڀياس لاءِ سنڌي زبان سکيائين. ڪيس سنڌي لفظن جي معنىٰ ۾ ڏکيائي سبب مهينا لڳي ويندا هئا. پوءِ پڻائيءَ جي مطالعي سبب اهي لفظ ۽ معنائون شاهه سائين جي ڪنهن نه ڪنهن بيت مان ڪيس ملي ويندي هيون. سندس مطالعي هيٺ ديوان حافظ، مثنوي مولانا روم، ديوان غالب ۽ شاهه جو رسالو هميشه ساڻ هوندو هو. هن شاهه جي ڪيترن ئي سرن جو اردوءَ ۾ منظوم



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ترجمو ڪيو، جنهن جو فارم ساڳيو سنڌي بيت وارو رکيائين .سندس ترجمو اصل ڪلام واري لذت ڏئي ٿو .ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

ترجمو:

مالک رکھنا سندھ میں سدا باغ بھار،
اے سب کے دلدار سکھی رہے سنسار سب.

الياس عشقي جو هيئيون ڪتاب شاهه سائين جي زندگي، تصوف، فن فڪر ۽ ڪلام تي لازوال ڪم ليکجي ٿو .هن شاهه لطيف جي شاعريءَ ڪي مختلف آوازن ۾ ورهائي نئين انداز ۾ لکيو آهي .هن ڪتاب ۾ فارسي، اردو ۽ هندي جي نامورن شاعرن ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو آهي .هي ڪتاب جديد تحقيق جي نوعيت تي مبني آهي.

کتاب -آواز لطیف، ناشر -ادراک پبلیکیشنز-16، بلاک-B، یونٹ نمبر-5،لطیف آباد حیدرآباد۔ اشاعت اگست ۲۰۱۴ع۔ مشمولات : پیش لفظ -مشرق کی آواز -تصوف کی آواز -شاعر کی آواز -دیہات اور دیہاتی فیلسوف کی آواز -نسوانیت کی آواز -علم کی آواز -فن کی آواز -نغمے کی آواز -منفرد آواز -ضمیر کی آواز -حرفِ آخر۔
ضمیمے:۱ -شاہ کی مختصر حالاتِ زندگی۔ ۲ ( -الف )شاہ صاحب کی شادی خانہ آبادی( عشق کی حقیقت)۔(ب)اعترافِ لطیف( نظم)۔ الیاس عشقی (اخلاقی اور روحانی سبق)۔ ۳ -شاہ کا مذہب ( مضمرات)۔ ۴- شاہ اور مستشرقین۔ ۵ -شاہ کے رسالے کے خطی اور چھاپي لیتھو اور ٹائپ کے نسخے۔ ۶ -شاہ لطیف پر جدید تحقیق۔ ۷ -شاہ لطیف کے ابیات کا وزن اور سندھی تلفظ کے مسائل۔ ۸ -مالہ و ما علیہ۔



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سندس علمي پورهئي جو قدر ڪندي ڪيس 14 آگسٽ 2000ع تي حڪومت پاڪستان ”هلال امتياز“ جي اعزاز سان نوازيو. ان ڪانسواءِ پٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي گولڊن جوبلي جي موقعي تي 9 جولاءِ 2005ع تي شاهه لطيف ايڪسيلينس ايوارڊ ۽ ثقافت کاتي پاران 9 ڊسمبر 2014ع ۾ شاهه سائينءَ جي 270هين عرس مبارڪ جي موقعي تي بهترين محقق طور ڪتاب. آواز لطيف تي ”شاهه لطيف ايوارڊ“ سيد قائم علي شاهه جي هٿان سندس پونيرن کي ڏنو ويو.

پاڻ اردو، سنڌي ۽ انگريزي ۾ مختلف عنوانن تي جججهي تعداد ۾ مضمون، مقالا لکيائين، تن مان ڪجهه هن ريت آهن.

”کلامِ شاہ کا اردو منظوم ترجمہ“هن عنوان تحت ليڪ پٽائي جي ڪلام مان 30بيت هڪ وائي ۽ 3 ڪافيون، 5 نظم اردو ترجمو ڪيون آهن .سندس اهو ترجمو ڪتاب -پرکھ .ترتيب -مرغوب راحت .شعبہ اردو سنڌ يونيورسٽي 1978ع .ساڳئي شماري ۾ مقالو_شاہ عبداللطیف بھٹائی اور سندھی موسیقی- شايع ٿيل آهي .مقالہ -شاہ لطیف بھٹائی کی حقیقی عظمت۔ کتاب -لطیف شناسی۔ ترتیب -ڈاکٹر طاہر تونسوی۔ سرائیکی ادبی بورڈ ملتان۔ اشاعت اول اگست ۲۰۱۰ع۔ اول اللہ علیم -ترجمہ - الیاس عشقی۔ ماھنامہ اظہار کراچی فروری ۱۹۷۹ع۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کی حقیقی عظمت -سہ ماھی عبارت حیدرآباد جولائی تا ستمبر ۱۹۹۶ع۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی کی شاعری کے نسوانی کردار -لوحِ ادب عشقی نمبر حیدرآباد شمارہ جولائی تا مارچ ۲۰۰۷-۲۰۰۶ع۔ مقالہ -شاہ کا رسالہ اور سندھی موسیقی، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی، مرتب-منظور احمد کناسرو، دسمبر2013ع۔ مقالہ، سندھی موسیقی، ڪتاب-لطيف سالگره مخزن. مرتب-ڈاڪٽرنبي بخش خان بلوچ. پٽ شاهه ثقافتي مرڪز. مئي 1967ع .اردو مقالو -شاهه لطيف ڪا مذهب. اسلامي تصوف اور ويدانيت. هفتيوار سنڌ منظر. شمارو-192. ايڊيٽر-ڊاڪٽر مسرت حسين خواجه. اطلاعت کاتو نومبر 2016ع .شاهه ۽ لاهوتي -ڪتاب .شاهه نامه. سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي 1980ع .مقالو -شاهه جي شاعريءَ ۾ فن جي اپٽار .مهراڻ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نمبر-2-1، سال 1992ع .مقالو -شاهه جو مذهب، اسلامي تصوف ۽ ويدانت قسط-1، مهراڻ-3، سال 1992 ع .ساڳيو مقالو قسط-2، مهراڻ نمبر-4، سال 1992ع ۽ آخري قسط مهراڻ نمبر-1 ۽ 2، سال 1993 ع واري پرچي ۾ شايع ٿيس .ساڳيو مقالو ڪلاچي تحقيقي جرنل .ايڊيٽر -فهميده حسين .ڇپائيندڙ- شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي مئي 2007ع.مضمون -شاهه لطيف جي بيتن جو وزن ۽ سنڌي اچار جا مسئلا .مهراڻ نمبر-3، سال 1996ع . مقالو -سنڌ جي روايتي موسيقي .سنڌيڪار-مراد علي مرزا .نئين زندگي آڪٽوبر 1966ع کان آڪٽوبر 1967ع تائين 7 حصن ۾ شايع ٿيو .مضمون -شاهه انسانيت جو شاعر .ماهوار نئين زندگي اپريل 1969ع .اپريل 1970ع .ڪٽي ڪنپ ڪٽي ويا -ماهوار نئين زندگي .ايڊيٽر -شمشيرالحيدري .آڪٽوبر 1969ع .شاهه صاحب جا 3 بيت -لطيف سالگره مخزن -مرتب -ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ . ڇاپو پهريون 1968ع .ساڳيو مقالو لطيف سالگره مخزن 1969ع ۾ به شايع ٿيو. شاهه جا ٽي بيت شاهه نامه 228هين عرس جي موقعي تي .سال 1980ع .شاهه جا ٽي بيت، ڪلاچي تحقيقي جرنل مارچ 1999ع .روايتي سنڌي موسيقي شاهه جو دؤر، ترجمو-مراد علي مرزا .ماهوار نئين زندگي حيدرآباد مئي 1967ع .شاهه جي شاعريءَ ۾ فن جي اپٽار، مهراڻ-4، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو جون 1988ع. ساڳيو مضمون ڪتاب-لطيفي معلومات موضوع وار، ترتيب-راهب علي لاڙڪ، شاهه لطيف ڪتاب گهر، ڇاپو پهريون 2006ع ۾ شايع ٿيس .شاهه عبداللطيف جو دؤر، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد جون 1967ع .جسوڌن جيڏو -مخزن پرک . سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1976ع .سنڌي ٻولي صدين جي آئيني ۾، مهراڻ-4، سنڌي ادبي بورڊ 1975ع .شاهه جي رسالي جو پهريون محقق، مرزا قليچ بيگ .مهراڻ .سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو جنوري 1987ع .شاهه جي شاعري جا ٻه رخ، ماهوار سوجهرو .سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي يونيورسٽي مارچ 1970ع . اردو مضمون رسالي کا ایک باب سریمن کلیان. سنڌي موسيقي صدين جي آئيني ۾، ڪتاب-شاهه لطيف جي موسيقي، مرتب-ڊاڪٽر دِر شهوار سيد، ڇاپو پهريون آگسٽ 1992ع .مضمون -شاهه عبداللطيف حقيقي عظمت، ڪتاب-لطيف شناسي .ترتيب و انتخاب -ڊاڪٽر طاهر تونسوي .سرائيڪي ادبي بورڊ ملتان 2010ع .مقالو -سنڌ جي موسيقيءَ جا سر، ڪتاب-سنڌي موسيقيءَ جا سرتار، سنڌيڪار-خليل رحمان شيخ، ڇاپو پهريون 2011ع .مقالو -ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، ڪتاب-نقش لطيف، مرتب-شيخ عزيز، اطلاعات کاتو حيدرآباد، ڇاپو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پهريون اپريل 1970ع .مقالو -سنڌي رسالي جي ترتيب ۽ ان جو پسمنظر، مهراڻ-4، سنڌي ادبي بورڊ جون 1986ع .هن مقالي مان ڪجهه سٽون. گرنٿ ۾ 31 راڳ آهن جن منجهان 15 راڳ نه رڳو سنڌ ۾ رائج آهن پر انهن ۾ ڪيترا راڳ شاهه جي رسالي ۾ موجود آهن .راڳ مانجهه هي اهڙو راڳ آهي جيڪو شاهه جي رڳو هڪڙي رسالي ڀٽ شاهه واري گنج ۾ موجود آهي .هير رانجهي جو داستان انهيءَ سر ۾ ڳايو ويندو هو.

# عارف المولىٰ

سيد شاهنواز شاهه تخلص ”عارف المولىٰ“ ولد سيد ڏنل شاهه جيلاني 20 آڪٽوبر 1922ع تي ڳوٺ پير سبحان علي شاهه تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو .پاڻ قادرالڪلام شاعر ۽ شاهه لطيف جو بيحد عقيدتمند ٿي گذريو آهي.

عارف المولىٰ ڪي مشهور صوفي محمد فقير ڪٽياڻ جي عارفانه صحبت رنگي ريتو ڪري ڇڏيو .شاعري ۾ پهريائين“ عاجز ”تخلص استعمال ڪندو هو، پوءِ محمد فقير ڪٽياڻ ڪيس ”عارف“ جو تخلص ڏنو بعد ۾ سائين طالب المولىٰ ڪيس ”عارف المولىٰ “ جو تخلص عطا ڪيو، جيڪو آخر تائين قائم رکيائين . پاڻ ڪلام جي اصلاح مخدوم طالب المولىٰ کان ڪرائيندو هو .سندس ڪلام ۾ رنگيني ۽ شيريني، لطافت ۽ سوز آهي .پاڻ سٺو ڳائيندڙ به هو، ڪيس موسيقي جي سٺي ڄاڻ هئي.

عارف المولىٰ بيت، وايون، ڪافيون، گيت، لوڪ گيت، مثنوي، قصيده ۽ غزل چيا آهن .سندس گيتن ۾ عجيب سوز ۽ مستي آهي .سندس بيت ۽ ڪافيون به نهايت سريليون ۽ رسيليون اٿس، سندس ڪلام ڪيترن ئي ڳائڻن ڳايو آهي ۽ ريڊيو تان به نشر ٿيندو رهي ٿو ۽ رسالن ۽ اخبارن ۾ پڻ ڇپيل اٿس. هن ”ڪلام حسن بخش“ سهيڙي ترتيب ڏنو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 1957ع ۾ ڇپايو.

عارف المولىٰ پنهنجي وقت جي شاعرن ۾ انفرادي مقام رکندو هو .پاڻ خوش طبع، يار ويس، محفلن جو مور، اديبن ۽ شاعرن جو پر خلوص دوست هو .



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻ 31 مئي 1978ع تي ڪار جي حادثي ۾ انتقال ڪري ويو .نموني طور سندس هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

سورهيہ سانگا ست جيڻ جا جهان مان
مردانو تي موت جا مونجهارا سپ مت
لڳ لاڳاپا لوڪ جا لاهوتي سپ لٽ
خان مري تون ڪٽ مشاهدو محبوب جو.

قبلہ سائين عارف المولیٰ جن شاهہ لطيف جا وڏا شيدائي هئا .ڀِٽائي سائينءَ جي ميلي کي پنهنجي گهر جو ميلو سمجهندا هئا ۽ هر سال ميلي جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندا هئا .پاڻ ڀِٽائي سائينءَ جي شان ۾ ادبي ڪانفرنس ۾1956ع ۽ 1964ع تي ڀٽ شاهہ ۾ هيٺيان شعر پڙهيا هئا.

جاڳ ڀِٽائي جاڳ، توکي سڏي سنڌڙي
لٽيرا لٽي ويا، سندو سنڌ سهاڳ
اڄي عمر هٿ ڪيو، ماروئڙن جو ماڳ
ونين ويڙهيچن کي، وني ويو ويراڳ
سسئيءَ کي سيد چئي، ويا ڏئي ڏير ڏهاڳ
ليلان ڪان لٽجي ويو، چنيسر جو چاڳ
ڀلارا ڪو ڀاڳ، وري وارو لهين جو.
جاڳ ڀِٽائي گهوٽ، توکي ساري سنڌڙي
مٿان ماروئڙن جي، لاهہ ڪڙو لا ڪوٽ
سهڻيءَ کي سورن جي، چڙن ڏني چوٽ
سسئي سان سيدا، گهري وڌي گهوٽ
پنهنجا پراوا ٿيا، خان ڪري ويا ڪوٽ
وڪڻي وينا سنڌڙي، نيرا ڏسي نوٽ
مرشد ڪائي موٽ، لهہ ڪا سار سنڌين جي.

شاهہ سائين متعلق مضمون ۽ مقالا.

لطيف جو درس خودي، ڪتاب-لطيف مخزن ڇاپو پهريون 1961ع .بادهہ عرفان عرف ميخانہ لطيف، ڪتاب-لطيف سالگره مخزن 1960ع.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر اياز حسين قادري

ناميارو محقق، نقاد، ڪهاڻيڪار، مترجم، شاهه جو پارکو بيباڪ صحافي، قادرالڪلام شاعر ڊاڪٽر اياز حسين قادري ولد غلام سرور قادري 19 جنوري 1927ع تي محلہ ميان جي ڳڙهي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم بعد 1944ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪراچيءَ مان بي-اي آنرس. (ايم-اي )فارسي. (ايم-اي) سنڌي ۽ ايل-ايل-بي جون ڊگريون ورتائين. سندس تعلق لاڙڪاڻي جي مشهور علمي ۽ ادبي قادري خاندان سان آهي. جنهن غزل جي اوسر ۾ وڏو ڪم ڪيو. هن جي اک غزل جي دنيا ۾ کُلي. ملازمت سانگي اڪثر ڪراچيءَ ۾ رهيو. هاءِ اسڪول ٽيچر کان وٺي ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ 1971ع کان اسسٽنٽ پروفيسر ۽ چيئرمين مقرر ٿيو ۽ پوءِ اتان 1986ع ۾ پروفيسر جي حيثيت ۾ رٽائر ٿيو، پوءِ جڏهن ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾1986ع تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر قائم ٿي تہ قادري صاحب 4 سيپٽمبر 1986ع کان 21 سيپٽمبر 1991ع تائين ان جو پهريون ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. پهرين آگسٽ 1987ع کان 1991ع تائين شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جو پهريون ڊائريڪٽر مقرر ٿيو، حوالو-انسائيڪلوپيڊيا سنڌيا، جلد ڏهون.1

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر جميل جالبيءَ چيئر جي جوڙجڪ لاءِ قادري صاحب کي هڪ اهم ڪم سونپيو هو، پوءِ قادري صاحب شاهه لطيف چيئر جا شاهه جي ڪلام، زندگي، سنڌي شعر ۽ ادب تي تحقيق، ترجمي ۽ ڪتابن جي ڇپائي وغيره جي حوالي سان 8 بنيادي مقصد جوڙيائين ۽ انهن تي اهو ڪم جاري ٿيو، اڳتي هلي سندس رهبريءَ ۾ 13 کان وڌيڪ اسڪالرن پي-ايڇ-ڊي مڪمل ڪيون. هڪ اداري ”شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي“ جو قيام 1972ع کان عمل ۾ آيو تہ پاڻ 1972ع کان ان جو سيڪريٽري جنرل منتخب ٿيو.

قادري صاحب مختلف ادبي جماعتن ۾ بہ ڪم ڪيو، جن ۾ ڪراچي جي سنڌي ادبي سوسائٽي ۽ بزم نظامي ۽ محفل احباب ۽ لاڙڪاڻي جي سنڌي سڌار سوسائٽي ۽ بزم مشاعره ۾ مختلف عهدن تي پڻ رهيو. هو جمعيت الشعراء سنڌ ۽ سنڌي ادبي سنگت ۾ بہ شامل رهيو. سنڌ ادبي سنگت



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سکر سنڌ جو پهريون سيڪريٽري جنرل اياز قادري مقرر ٿيو هو .سندس ڪوشش سان سنڌ ۾ قومي ۽ ترقي پسند ادب ۾ تحرڪ پيدا ٿيو .پاڻ 1977ع کان وٺي 1982ع تائين سنڌي ادبي بورڊ آف گورنرس جو به ميمبر رهيو.

اياز حسين قادري اردو، سنڌي ۽ فارسي زبانن جو وڏو ڄاڻو هو. ادبي سخن جو ڏانءُ کيس وڏڙن کان مليل هو. سندس لکڻيون لاجواب ۽ محققانه مزاج رکن ٿيون. پاڻ 47-1946ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪيائين. جيڪا ان وقت سنڌ جي مختلف رسالن، ڪتابن ۾ شايع ٿي. قادري صاحب افساني جو آغاز 1954ع کان ڪيو.

قادري صاحب مختلف ادبي مشاعرن ۾ پڻ حصو وٺندو هو. ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي 29 سيپٽمبر 1975ع ۾ ڪرايل هڪ نعتيه مشاعري ۾ هن پنهنجي هيءَ نعت پيش ڪئي هئي.

محور فضل مصطفیٰ تون آن،
هادي منزل هدیٰ تون آن،
تو سان انسانيت کي شان مليو،
ساري عالم جو پيشوا تون آن،
تنهنجي آئي وئي ڪفر جي اونده،
جنهن سان روشن آ جڳ، ضيا تون آن،
جنهن سان بيدار ٿيو جهان سارو،
سو پڙاڏو، ندا، صدا تون آن،
جهول خالي اياز جو آهي،
صاحب جود ۽ سخا تون آن.

سنڌ جي ليکڪن اياز قادري جي قلمي پورهئي کي مختلف موقعن تي نروار ڪيو آهي .ان ڪانسواءِ ذوالفقار علي قادري آگسٽ 2007ع ۾ ”زلف اياز“ جي نالي سان اياز قادري جي شاعريءَ جو مجموعو شايع ڪرايو آهي .هن مجموعي ۾ 23 نظم ڏنل آهن .ذوالفقار علي قادري، اياز صاحب جي يادگيرين، مضمونن ۽ مقالن کي سهيڙي“ مشعل اياز ”نالي سان ڪتاب آگسٽ 2007ع ۾ شايع ڪرايو. هن ڪتاب ۾ ڪل 31 مضمون ۽ مقالا ڏنل آهن.

قادري صاحب جون 1982ع ۾ ”سنڌي غزل جي اوسر“ بابت هڪ ضخيم مقالو تيار ڪري علامه غلام مصطفیٰ قاسميءَ جي رهبريءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ

مان ڊاڪتريٽ جي سند سان پاڻ سينگاريائين .ڪيس مجتا طور 1985ع ۾ اڪيڊمي ادبيات ان تحقيقي مقالي تي ايوارڊ سان نوازيو.

ڊاڪٽر صاحب جو ڇپريون ڪتاب -بلو دادا ڪهاڻيون 1957ع، اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ (ترجمو-خاڪا)، عشقي داستان 1980ع. متيءَ لڌو مان (ترتيب) 1970ع. گورڪيءَ جي آتم ڪهاڻي (ترجمو) 1977ع. پرين جون ڪهاڻيون 1979ع .نصيحت پريون ڪهاڻيون .سنڌي غزل جي اوسر. ڇپريون پاڱو نومبر 1983ع ۽ ٻيون پاڱو ڊسمبر 1984ع ۾ شايع ٿيس.

قادري صاحب شاهه لطيف جو ايڏو تہ وڏو شيدائي هو، جو هن پنهنجي وفات کان هڪ ڏينهن اڳ ملهايل لطيف ڏهاڙي ۾"شاهه لطيف ۽ دعا" جي موضوع تي تقرير ڪئي هئي .سندس وفات 15 ڊسمبر 1997ع ۾ ٿي .پوءِ ڪيس 15 شعبان جي رات 2 وڳي خانداني قبرستان درگاهه ميان محمد صالح قادريءَ جي ويجهو ڪيس آخري آرامگاهه ۾ لاتو ويو.

اياز حسين قادري شاهه سائين جي ڪلام تي مختلف رخن کان تحقيق ڪري مقالن تي مبني ڪتاب "مون مطالع سپرين" شايع ڪرايو .هن ڪتاب ۾ شاهه سائين جي ڪلام جو منفرد انداز ۾ اڀياس ڪيل آهي، اياز حسين جو خيال آهي تہ شاهه لطيف جي مجازي شاعري تي بنهہ گهٽ لکيو ويو آهي .ڇاڪاڻ جو اسان جا عالم مجاز جا قائل ناهن .در اصل شاهه لطيف ڀريائين عاشق هو ۽ پوءِ معرف .ڪيس مجاز ئي پنهنجا واهڻ ڇڏرايا .مجاز سبب ورهين جا ورهيہ سير سفر ۾ بسر ڪيائين. اسان کي سندس مجازي ڪلام جي هبڪار سيني سرن ۾ نظر اچي ٿي .هن ليکڪ پنهنجن مقالن ۾ شاهه جي مجاز ۽ عشق کي مختلف رخن کان عيان ڪيو آهي .هن ڪتاب جو هڪ اهم مقالو "سارنگ جي سورمي" تہ جي عورت جيڪا پنهنجي ور لاءِ واجهائيندي رهي ٿي اها عورت "وانڍي" آهي يعني سرسارنگ ۾ وانڍي سورمي جي ڪردار جو تذڪرو ڪيل آهي شاهه سائين جي سرسارنگ ۾ اياز حسين قادريءَ وانڍي سورميءَ کي نروار ڪيو آهي .جيئن تہ شاهه سائين جي شيدائين شاهه لطيف جي ستن سورمين جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن بعد نياز سرڪي شاهه جي رسالي مان اٺين سورمي موکيءَ کي سريمن ڪلياڻ مان دليلن ۽ ثبوتن سان عيان ڪيو .تہ وري اياز حسين قادريءَ شاهه سائين جي سرسارنگ مان نائين سورمي وانڍي کي نروار ڪيو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب -مون مطالع سپرين، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جو اڀياس، ڇاپيندڙ-شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي، ڇاپو پهريون اپريل 1995ع .ڪتاب ۾ ڏنل فهرست: ناشر طرفان ٻه اکر -پيش لفظ -مقدمو -شاهه جي مجازي شاعري -شاهه جو رقيب -شاهه ۽ سنڌ جي سياست -شاهه جا پهاڪا -شاهه ۽ قسمت -سارنگ جي سورمي -متو آهين مڇ -ڪاهوڙي خبرون -جي پائين جوڳي ٿيان -شاهه عبداللطيف ۽ ڪربلا جو قضيو -شاهه جا پاراتا ۽ دعائون -شاهه جو ڊرامائي انداز -نئين شرح لطيفي.

ڪتاب "ڪلام شاهه عبداللطيف ڀٽائي"-جي عنوان سان اياز حسين قادريءَ ۽ ڊاڪٽر سيد وقار احمد رضويءَ شاهه جي رسالي جو اردو نثر ۾ ترجمو ڪيو .ان جو پهريون جلد 1993ع ۾ شايع ٿيو، هن ڪتاب ۾ سُر کلیان، سُر یمن کلیان، سرکنیات، سُر سری راگ، سُر سامونڈی، سُر سوھنی ۽جلد ٻيو 1993ع ۾ ان ۾ سُر آبری، سُر معذوری، سُر دیسی، سُر کوھیاری، سُر حسینی ڏنل آهن .جلد ٽيون 1993ع هن ۾ سُر لیلا چنیسر، سُر مومل رانو، سُر عمر ماروی، سُر کاموڈ، سُر گھاتو، سُر سورٹھ، سُر کیڈارو ڏنل آهن ۽ جلد چوٿين ۾ سُر سارنگ، سُر آسا، سُر ڈھر، سُر رامکلی، سُر رپ، سُر کھاھوڑی، سُر بروو سندھی، سُر کاپائتی، سُر پورب، سُر کارایل، سُر پربھاتی، سُر بلاول- هي چارئي جلد اڪادمي ادبيات پاڪستان اسلام آباد 1993ع ۾ شايع ڪيا آهن .ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

پائي ڪان ڪمان ۾ ميان مارمَ مون،
مون ۾ آهين تون متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

ترجمو:

تیر کمان میں کس کر مجھ کو نہ مارو،
مجھ میں تم ہو کہیں تیر تجھ ہی کو نہ لگ جائے۔

شايع ٿيل مضمون ۽ مقالن جو وچور هن ريت آهي.

مضمون -شاهه ۽ سچل، ڪتاب-سچل سرمست، مرتب-رحيم بخش ميمڻ 1956ع .سارنگ جي سورمي، ڪتاب-شاهه عبداللطيف لطيف ڀٽائي، ڇپائيندڙ-


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ينگ لياري ويلفيئر سنيٽر ڪراچي، مئي 1987ع .شاهه لطيف ۽ ڪربلا جو قضيو، ماهوار نئين زندگي، سيپٽمبر 1991ع .مومل جي مورت، ماهوار نئين زندگي، جنوري 1980ع .مضمون -پيغام لطيف، ماهوار پيغام، ڊسمبر 1981ع . متو آهين مڇ، لطيف ڊائجسٽ ڪراچي، نومبر 1989ع .مقالو -جي پائين جوڳي ٿيان -ڪتاب، سرراماڪلي .مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1993ع/1414هه . سربروو سنڌي جو اپياس، ڪتاب-سربروو، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1995ع .سرڪارايل جو جائزو، ڪتاب-ڀٽائي تحقيقي جرنل، شمارو-6، ڇاپو پهريون 1999ع .شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۽ ان تي تحقيق، ڪتاب-شاهه لطيف تي تحقيق، مرتبہ -ڊاڪٽر درِ شهوار سيد، ڇاپو پهريون جولاءِ 1995ع . شاهه لطيف قومي ڪانفرنس 28-27 مئي 1992ع تي ڪراچي جي پرل ڪانٽينيٽل ۾ ثقافت کاتي طرفان منعقد ڪئي وئي، ان ڪانفرنس ۾ مقالو ”شاهه جو ڪلام پهاڪن طور“ پڙهيائين .شاهه جو دعائيہ ڪلام -ڪتاب-ڀٽ جو گهوٽ 1998ع. 29 مارچ 1985ع تي آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ منعقد ٿيل ڪانفرنس ۽ سيمينار جنهن جو موضوع هو ”شاهه عبداللطيف ۽ نوجوان“ اياز قادري صاحب ان ڪانفرنس ۾ مقالو -شاهه ۽ وقت جي تقاضا، پڙهيو هو، جيڪو ڪتاب-شاهه ۽ نوجوان، ڇپائيندڙ-شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي، ڇاپو پهريون مارچ 1985ع ۾ شايع ٿيو .جنهن ڪي گيرب نہ گاءِ، ڪتاب-سرڪاموڏ، مرتب-حميد سنڌي 1988ع .سچل ۽ شاهه، ماهوار نئين زندگي مئي 1955ع .سسئي جا سور، نئين زندگي سيپٽمبر 1956ع .تو جي بيت پائنيان، ماهوار نئين زندگي مئي 1969ع.

اردو مضمون _شاہ اور قسمت، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی ایک مفکر شاعر، مترجم-عبدالحق عظیم، مرتب-پروفیسر محمد سلیم میمن۔ شاہ لطیف چیئر، جون ۱۹۹۹ع۔



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڪريم بخش خالد

سنڌ جي تاريخ علمي ادبي حوالي سان شاهوڪار رهي آهي، هتان جي ماڻهن جي خوش نصيبي چئجي جو انهن جي ڌرتيءَ تي اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا آهن .جن پنهنجي ذات ۾ ڏانوَ وسيلي نہ فقط ڏيهہ پرڻپرڏيهہ ۾ بہ مڃتا ماڻي آهي .انهن پنهنجي خداداد صلاحيتن ذريعي ٻين کي متاثر ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو مان مٿانهون ڪيو آهي .اهڙن انسانن ۾ ڪريم بخش خالد بہ هڪ هيو .ڪريم بخش ولد حاجي محمد عثمان ميمڻ جو جنم 15 ڊسمبر 1928ع ۾ ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو .تعليم سنڌي فائينل 1945ع انٽرميڊئيٽ ڊرائنگ بمبئي 1945ع بي-اي 1952ع صحافت ۾ ڊپلوما 1957ع سرڪاري ڪمن جي تشهير ۾ ڊپلوما لنڊن 1969ع ۾ پاس ڪيائين . هي مختلف ڪاتن ۾ نوڪري ڪندي انفارميشن آفيسر ڪان وينڌي اطلاعات ڪاتي ۾ ڊائريڪٽر جنرل جي پوسٽ تي وڃي پهتو. سندس ان پوسٽ تي فائز ٿيڻ سان سنڌي پريس کي ڪافي فائدو رسيو ۽ ڪوڙسارا مضمون مقالا ۽ ڪتاب لکڻ کان علاوه ڪتاب ترتيب ڏئي شايع ڪرايائين .ڪريم بخش خالد ادبي کيتر ۾ هنن قلمي نالن سان ”حاجي بغلول سنڌي، جبرئيل ارضي، الهيار، سيف عثماني، غزالي فقير، محمود غزنوي، طالب الحق ۽ اجرڪ پوش“ جي نالن سان مختلف موقعن تي لکندو هو) .حوالو -ڪتاب سچل سائين 1983ع، 2-197. هي محبتي انسان 17 مارچ 2003ع تي اسان کان جسماني طور وڇڙي ويو .پر پنهجيون علمي ادبي، ثقافتي، تاريخي، شخصيات، شاعري، ڪالم ۽ لطيفي لکڻيون سنڌ لاءِ وڏي ادبي سرمايي طور ڇڏي ويو .سندس شايع ٿيل تصنيفون هيٺ ڏجن ٿيون.

ڪتاب -شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بتوسل محڪمہ اطلاعات سنڌ 1953ع .سنڌ ۾ تعليم ۽ امداد باهمي (سماجيات) 1953ع .سنڌي صحافت (صحافت) 1955ع. خوشحاليءَ جو دؤر (عمرانيات) 1995ع/1955ع. خيرپور جو نئون دؤر (عمرانيات) 1959ع. بنيادي جمهوريتون، حيدرآباد ڊويزن ۾ .انگريزي عمرانيات 1964ع-1961ع. سچل سرمست -انگريزي (شخصيات) 1971 ع .قلندر شهباز - انگريزي (شخصيات) 1971ع .سنڌ جو سالنامو -انگريزي (عمرانيات) 1971ع. عوامي دؤر (سماجيات) 1982ع. ڳوٺاڻي ترقي (سماجيات) 73-1972ع. نظارو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نينهن جو 1982ع. هن ڪتاب تي سگا پاران پير حسام الدين راشدي گولڊ ميڊل 1982ع ۾ مليس. سيرت حسين 1982ع .سچل سائين 1983ع .سنڌ صوبائي مسلم ليگ ڪانفرنس (اردو-سياست) 1983ع. سچل سائين، اردو/سنڌي (خاص اشاعت- ترتيب) ڇاپو پهريون 1405هه/1985ع.

ترتيب و تدوين-

ون يونٽ خلاف جدوجهد -سنڌ يوٿ فرنٽ سان گڏجي .انگريزي سياسيات. 1954ع ماهنامو "واديءِ" مهراڻ (سنڌي) 1955ع .اولهه پاڪستان جو سالنامو -انگريزي (تحقيق/تنقيد) 1956ع .اولهه پاڪستان جو سالنامو -سنڌي (تحقيق/تنقيد) 1961ع1960-ع .هاڪي سووينيئر -انگريزي (راﻧﺪﻳﻮن رونديون) 1961ع .معرڪ سيپٽمبر (سنڌ رزميه شاعري) 1965ع .آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو تصويري البم-انگريزي (تاريخ/سياست) 1970ع .سچل سرمست -سنڌي/اردو (شخصيات) 1970ع .نئون پاڪستان (سياسيات) 1972ع .سچل سرمست (سنڌي/اردو-شخصيات) 1982ع .ماهوار "پيغام" (سنڌي ادب) 1974ع کان . ماهنامه پيغام (اردو ادب) 1976ع کان 1978ع تائين .ماهنامه "اظهار" (اردو ادب) 1978ع کان تماهي خبرنامه زڪوات، (اردو/سنڌي) 1981ع.

شاهه ۽ سچل جي پارکو ڪريم بخش خالد جي علمي، ادبي پهلوئن تي سنڌ جي اديبن خبر ناهي ڪهڙين مجبورين سبب تمام گهٽ لکيو آهي .جڏهن ته ڄاڻ سڃاڻ وارن اديبن متعلق ساڳين مقالن ۽ شخصيتن جو هر هنڌ ورجا ۽ ساڳيا تذڪره مطالعي لاءِ ملن ٿا.

ڪتاب گلستانِ لطيف -ڪريم بخش خالد،ڇاپو پهريون، محڪمه اطلاعات، حيدرآباد، 1962ع .هي خاص اشاعت شاهه سائينءَ جي 210هين ورسي جي موقعي تي پڌري ڪئي وئي .هن ڪتاب ۾ مختلف ليکڪن جا لطيفيات تي مضمون-مقالا ڏنل آهن، انهن مان فقط ڪريم بخش خالد جا لکيل مضمون-مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

شاهه عبداللطيف :تعارف-نئون نياپو -شاهه جي ڪلام جو فارسي ترجمو -ڪريم بخش خالد، شاهه تي شردا جا قول -هينئر ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ڪتاب لطيفي تحريڪ -مرتب -ڪريم بخش خالد، ڇاپو پهريون، اطلاعات کاتو ڪراچي، سال 1977ع .هي ڪتاب225هين عرس جي موقعي تي شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ مختلف ليکڪن جو مواد شامل آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب -شاهه جو رسالو -سنڌ جي تاريخ جو ماخذ -مرتب -ڪريم بخش خالد - سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون جنوري 1978ع. شاهه سائينءَ جي 226هين عرس جي موقعي تي شايع ڪيو ويو.ڪتاب ۾ڏنل مواد.
يٽ شاهه تي رکيل قرآن مجيد جو نسخو.
1-رسالو -سنڌ جي تاريخ جو ماخذ -ڪريم بخش خالد. 2-شاهه جي رسالي ۾ ملڪن ۽ شهرن جو ذڪر -ڪريم بخش خالد. 3-سنڌ جا پکي،پسون ۽ حيوان -ڪريم بخش خالد. 4-شاهه جي رسالي جو صحيح متن -ڪريم بخش خالد. 5-رسالي جي شرح ۽ترجمي جو سوال -غلام محمد گرامي. 6-آيتون آهين -ڪريم بخش خالد.
ڪتاب سي آيتون آهين -مرتب -ڪريم بخش خالد، ڇاپو پهريون، سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي، جنوري، 1979ع .هي ڪتاب شاهه سائينءَ جي 227هين عرس جي موقعي تي شايع ٿيو، هن ڪتاب جو ڊاڪٽر درشهوار جي ببليوگرافي ۽ ڪتاب-امرتا شاهه لطيف نمبر صفحي 650 تي پريس جي غلطيءَ سبب ڇپائي جو سال 1929ع لکيل آهي .درست سن جنوري 1979ع آهي .هن مجموعي ۾ شامل مضمون "شاهه جي بيت جي شرح" جي عنوان سان ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان نشر ڪيا ويا هئا .جيڪي هن اشاعت ۾ شامل آهن .
ڪتاب جي فهرست.
ڪريم بخش خالد -قاضي قادن کان شاهه لطيف تائين، عبدالرسول قادري، شاهه جو ڪلام-الحاج رحيم بخش "قمر" ڀٽائي گهوٽ نظم -عزيزالله بروهي، جيڏانهن ڪريان پرک، ميمڻ غلام مصطفیٰ "مشتاق" حق پرستيءَ جو پيغام نظم -محمد عمر چنڊ -شاهه جي ڪلام ۾ عشق جو تصور -صالح محمد يار محمد سمون، شاهه لطيف ۽ ڪوهستاني ٻولي -علي محمد مجروح، شاهه جو پيغام -مختلف ليکڪ ۽ رسالي جي شرح، شاهه جي شان ۾ محمد اسحاق راهيءَ جو نظم -۽ عبدالله شرر جو غزل .ڪتاب جي آخر ۾ اردو مقالو -شاهه عبداللطيف ڀٽائي .ليکڪ ڊاڪٽر نواز علي شوق.
ڪتاب شاهه نامه -مرتب -ڪريم بخش خالد.سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، 3 جنوري 1980ع. ڀٽائيءَ جي 228هين عرس جي موقعي تي شايع ڪيو ويو. ڪتاب ۾ڏنل مواد.
اول الله عليم . . .



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رسالي جي جامع مستند متن تيار ڪرڻ طرف قدم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ -سنڌ جي صوفي دانشورن جو سنيهو، ڪريم بخش خالد -انسان ڪامل - شاهه جي نظر ۾، ڪريم بخش چنه -لطيف-هڪ تحريڪ، ڊاڪٽر حميده کهڙو - پٽ جو ڏٽي (نظم) اڪرم پورڙائي -ڇا شاهه جا بيت آيتون آهن؟، ڊاڪٽر ايم-آرمائيداساڻي -شاهه جي شاعري، ذوالفقار راشدي -شاهه جي ڪلام ۾ توحيد جو تصور، غلام حيدر شاهه بخاري -شاهه ۽ سنڌي ٻولي، سرائي امداد علي - عبداللطيف نظم، نثار بزمي -عوام جو شاعر، منظور ظفر -سرتاج-شاعران نظم، قاضي عبدالحيُ قائل -سُرڪنيات، ميمڻ عبدالغفور سنڌي -شاهه ڀٽائي ۽ زيب النساء "مخفي" منير سولنگي -يوم لطيف ۽ ادب لطيف، مولانا غلام محمد گرامي مرحوم-شاهه ۽ لاهوتي، الياس عشقي-گنجينہ لطيف، احمد خان آصف ۽ ڪريم بخش خالد -شاهه ڀٽائي جي ياد ۾ نظم، عمرالدين بيدار. مختلف ليکڪن پاران شاهه جي رسالي جي شرح ۽ ليکڪن پاران اظهارِ عقيدت . ڪوڙين ڪن سلام.

ڪتاب لطيف نامو -مرتب -ڪريم بخش خالد -سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، ڊسمبر 1980ع. شاهه سائينءَ جي 229هين عرس جي موقعي تي خاص اشاعت.
ڪتاب ۾ ڏنل مواد.

احمد مقصود حميدي، حرفِ آغاز -ڪريم بخش خالد. شاهه جي زماني جون ادبي روايتون -اسد الله جمال، قاضي قادن جو شاهه تي اثر، شيخ عبدالحليم "جوش" لطيف جون لطيف تشبيهون -ڊاڪٽر علي اڪبر ايم-ڊڪڻ، سنڌ جو تحفو - محمد موسىٰ سومرو، شاهه جو مسلڪ، محمد حسين "ڪاشف" ويٺي ويچن وٽ- صوفي نيپراج، لطيف وڻجار ڪي ويس ۾. ڪوڙين ڪن سلام -مختلف شاعرن جي نذرانہ عقيدت .شاهه جي رسالي جي شرح.

ڪتاب -شاہ عبداللطیف احوال و افکار -اردو- ترتیب و تدوین-کریم بخش خالد -حکومت سندھ کراچی- ڈسمبر ۱۹۸۱ع- هن ڪتاب ۾ ڪريم بخش خالد جا هيٺيان مضمون ۽ مقالا شايع ٿيل آهن.

1. وہ شمع اجالا جس نے کیا- 2۔ شاہ لطیف آستانہ حسین پر-3- مثالی عورت بھٹائی کے کلام میں-



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب -شاھ عبداللطيف ڀٽائي احوال ۽ افڪار .مرتب -ڪريم بخش خالد .شايع ڪندڙ -شعبو محڪمہ تعلقات عامہ حڪومت ڪراچي .ڊسمبر 1981ع .ڪتاب جي فهرست هن ريت آهي.
احمد مقصود حميدي -پيش لفظ .اي-ڪي بروهي -شاھ جو پيغام .ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ -شاھ جو سرودي ڪلام .احمد علي شاھ بخاري -لطيف قول .نعيمہ جمع تيجاڻي -شاھ، تعليمي ماهر .آفتاب ابڙو -لطيف لغت جي ضرورت .مير شير محمد -سرڪلياڻ .ڪريم بخش خالد -تند، ڪتارو، ڪنڌ .حاجي خميسو چانديو -سڪ جو سفر .فقير امداد علي سرائي -شاھ جو شان ۽ ڪلام .ڪريم بخش خالد -رسالي جي متن ۽ شرح جو سوال .مولوي غلام محمد خانزئي/مصنف -منهاج العاشقين .مصحح -عمر بن داؤد پوٽو.
ڪتاب نذرِ لطيف سنڌي اردو -ترتيب،ڇاپو پهريون، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي ڊسمبر 1982ع.
منجهس هيٺيون مواد آيل آهي:-
ڪريم بخش خالد -ڳالهہ ٻولهہ، اي ڪي بروهي -حرف حقاني، ڪريم بخش خالد -قاضي قادن ڪان شاھ لطيف تائين، غلام علي چنا -جي تو بيت پانيان، ڊاڪٽر سليمان شيخ-شاھ لطيف ۽ سنڌي ادب، عزيز الله عزيز بروهي -ڀٽائي جي وطن دوستي، نور محمد واڍو-شاھ جي شاعري ۾ سماج سڌار سوچ، ايس تبسم -شاھ ۽ سُرڪيڏارو، آفتاب ابڙو -شاھ جي رسالي جو لغوي جائزو، احمد خان آصف-حقي جي هوت ڪري ويا، صالح سرور سمون .سُرڪنيات -اردو حصو احوالِ شاہ عبداللطیف -مولانا غلام رسول مہر۔ شاہ عبداللطیف بھٹائی -مولانا اعجازالحق قدوسی۔ حضرت شاہ عبداللطیف بھٹائی -پروفیسر محمد معین الدین دردائی۔ شاہ کے کلام میں وحدت الوجود کا مسئلہ -شمس العلمائ ڈاکٹر داود پوتا۔ سرچشمۂ محبت -آفاقی صدیقی۔ شاہ لطیف کی شاعری -ڈاکٹر نواز علی شوق۔ شاہ لطیف بھٹائی کا پیغام -الطاف احمد انسان۔ منظومات - شیخ ایاز، ابن انشائ۔
ڪتاب -فڪرِ لطيف اردو-سنڌي -مرتب -ڪريم بخش خالد -شعبہ مطبوعات، محڪمہ اطلاعات حڪومت سنڌ ڪراچي .ڇاپو پهريون نومبر 1983ع .هن ڪتاب ۾ مختلف ليکڪن جا 20 مضمون ۽ مقالا ترتيب ڏنل

آهن .هن ڪتاب ڪريم بخش خالد جو مقالو _پیر رومی کے دو مرید - لطیف اور اقبال شايع ٿيل آهي.
ڪتاب ذڪر لطيف اردو-سنڌي -مرتب -ڪرم بخش خالد-ڊائريڪٽر مطبوعات .ڇاپو پهريون، سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي 1984ع. نگران نظر عباس صديقي سيڪريٽري اطلاعات .هن ڪتاب ۾ مختلف ليکڪن جا 21 مضمون ۽ مقالا شايع ٿيل آهن .ان کانسواءِ مختلف شاعرن جي نظرانہ عقيدت ڏنل آهي . اردو مقالو _خطباتِ لطیف -شاہ جو رسالو میں بھنبھور کا مذکور۔ کریم بخش خالد۔
ڪتاب -گوهر لطيف سنڌي-اردو -مرتب -سيد صفدر علي شاهه .سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي .ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1986ع .مختلف ليکڪن جا مضمون ۽ مقالا سهيڙيل، هن ڪتاب ۾ عارف شاهه گيلاني جو شاهه سائين جي 181هين عرس جي موقعي تي انگريزيءَ ۾ پڙهيل مقالي جو ڪريم بخش خالد سنڌي ۾ ترجمو ڪري "لاثاني ۽ لافاني لطيف" عنوان سان شايع ڪيو.
ڪتاب -رهبر لطيف سنڌي-اردو -مرتب -سيد صفدر علي شاهه. ڊائريڪٽر اطلاعات کاتو ڪراچي سيپٽمبر 1988ع .هن ڪتاب ۾ بہ مختلف ليکڪن جي مضمون ۽ مقالن کانسواءِ فقط هڪ مقالو -شاهه جي رسالي جا مرد ڪردار - ڪريم بخش خالد جو ڏنل آهي.
ان کانسواءِ سندس اردو ۾ ترتيب ڏنل ڪتاب-
کتاب -گلستانِ لطیف -محکمہ اطلاعات سندھ کراچی1962ع.کتاب -لطیف نامہ -محکمہ اطلاعات سندھ کراچی 1980ع .کتاب -شاہ عبداللطیف بھٹائی احوال و افکار شعبہ مطبوعات محکمہ تعلقات عامہ سندھ کراچی١٩٨١ع۔
اردو ۾ شايع ٿيل مضمون -شاہ لطیف آستانہ حسین پر -ماھنامہ اظہار کراچی نومبر ١٩٨٠ع۔ مقالو -مثالی عورت، بھٹائی کے کلام میں - ماھنامہ اظہار کراچی۔ جنوری-فروری ١٩٨١ع۔ مضمون -شاہ عبداللطیف


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بھٹائی -ماھنامہ اظھار کراچی ڈسمبر ۱۹۸۱ع۔ مضمون -نذرِ لطیف - ماھنامہ اظھار کراچی۔ جولائی اگست ۱۹۹۱ع۔مقالو-خطاباتِ لطیف شاہ جو رسالو میں بھنبھور کا مذکور۔ لطیفی تحریک اردو .کتاب -بھٹائی خاص اشاعت۔ سیپٹمبر ۱۹۸۹ع۔اردو مقالو -شاہ شاعرِ انسانیت -کتاب - نغماتِ لطیف۔ اخترانصاری اکبر آبادی -محکمہ اطلاعات سندھ1960 ع۔

Books:-

1- Poet Laureate of Sindhi, Government Printing and Stationary, West Pakistan, Karachi, 1961.

2- Shah Abdul Latif of Bhit, Directorate of Information Hyderabad, 1962.

3- Asar-e-Latif, Directorate of Information, Karachi, 1967, Pages 48.

4- Payam-e-Latif, Public Relation Department, Govt: of Sindh, 1971, Pages: 32.

5- The Poet of People, First Edition, Department of Public Relation, Govt: of Sindh, Karachi. Pages: 52.

ليکڪ جا مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ شاھ لطيف متعلق مضمونن ۽ مقالن جو وچور:

شاھ لطيف جي ڪلام جو فارسي ترجمو -ماھوار نئين زندگي .ايڊيٽر -عبدالواحد سنڌي نومبر 1950ع-1951ع .شاھ جي سرڪاھوڙي ۽ سربروي جي تشريح - ماھوار نئين زندگي ڪراچي اپريل 1951ع .لطيفي ادب -ماھوار نئين زندگي - جولاءِ 1963ع .مقالو -ڀنڀور جي معاشرت، شاھ جي رسالي ۾. ماھوار پيغام - سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي مئي-جون 1986ع .ساڳو مقالو ڪتاب -ڀنڀور ۽ ديبل 2012ع ۾ بہ شايع ٿيل .رسالو سنڌ جي تاريخ جو ماخذ -لطيفيات ماھوار نئين زندگي -ايڊيٽر -شمشير الحيدري -اپريل 1971ع. مقالو -شاھ لطيف جا همعصر ۽ هم صحبتي فقير، ماھوار پيغام آڪٽوبر 1985ع .ساڳيو مقالو ڪتاب -فڪرِ لطيف -مرتب -قربان علي ميمڻ .ڇاپو اپريل 1986ع ۾ ڏنل آھي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن  مقالي ۾ شاهه لطيف جي فقيرن ۽ همعصرن بزرگن بعد مدن فقير، وڳند فقير، وطايو فقير جي سوانح ۽ شاهه لطيف سان سندن رچيل رهاڻين جو احوال ڏنل آهي. مقالو. لطيفي تحريڪ ۽ نئين زندگي، ماهوار نئين زندگي. مارچ 1977ع. مضمون. لطيفي ادب. لطيف سالگره مخزن. مرتب. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سال 1969ع. پير رومي، لطيف ۽ اقبال، ماهوار نئين زندگي مئي 2002ع. گهٽ اندر گهوڙا. ڪتاب. فڪر لطيف. مرتب. بشير احمد شاد. ڇاپو پهريون 1985ع. شاهه يج رسالي جا مرد ڪردار، ماهوار پيغام فيبروري 1988ع. ڪوڙين ڪن سلام، ماهوار پيغام. جنوري 1985ع. سر سامونديءَ جو سنيهو، ماهوار پيغام فيبروري 1977ع. مضمون. شاهه عبداللطيف ڀٽائي. ڪتاب. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مرتب. ايس. ايم. فردوس، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي سال 1990ع. اردو مقالو-لطيفي تحريڪ.ڪتاب ڀٽائي خاص اشاعت سيپٽمبر 1989ع .مثالي سنڌي عورت شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾، ڪتاب- لاکيڻو لطيف، مرتب-موسىٰ سومرو، اطلاعات کاتو، ڇاپو پهريون 1974ع .عنوان "شاهه جي شعر بابت نوان خيالات" هدايت الله هالائيءَ جي فارسي ترجمي "النظم الشريف الڪلام السيد عبداللطيف" تي روشني وڌل. حوالو-ڪتاب يادِلطيف -ايڊيٽر. ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ .هي ڪتاب شاهه عبداللطيف جي ٻه سؤساله ورسيءَ تي شايع ٿيو .شايع ڪندڙ -شاهه عبداللطيف يادگارڪاميٽي 1953ع .صفحي 203 تي "شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام سنڌ وارن لاءِ سندن تهذيب و تمدن جو محافظ ۽ سندن علمي ڪارنامن ذهني نشو و نما جو زنده جاويد مثال آهي". "شاهه کي صرف سنڌ جي پيدائش ۽ ٻين خارجي اثرات کان بلڪل پاڪ سمجهڻ گهرجي".

# معمور يوسفاڻي

شاهه جي شيدائي معمور يوسفاڻي جو جنم 25 جنوري 1929ع تي ڳوٺ حاجي پير محمد پلي ۾ ٿيو .بعد ۾ سندن وڏا پنهنجو ڳوٺ حاجي نبي بخش پلي ٻڌي ويٺا .سندن پورو نالو محمد عمر معمور يوسفاڻي پلي ولد حاجي محمد يوسف پلي آهي .پاڻ پنهنجي والد جي نالي جي نسبت سان "يوسفاڻي" لکندا هئا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خانداني پسمنظر:- سندن خاندان ناري پٽ جي معزز قوم ”پليءَ“ مان آهي. پلي قوم مشهور بزرگ ”درس پلي“ جو اولاد آهي .جيڪو بزرگ ”ڄام هالي“ جي ستين پيڙهي مان آهي .ڄام هالو، سمون سردار هئو جنهن عمرڪوٽ جي حاڪم همير سومري کي شڪست ڏني هئي.

تعليم:- ننڍپڻ ۾ مدرسي جي بنيادي عربي ۽ فارسي ۽ معمولي سنڌي تعليم بعد ٻني ٻاري جي ڪم سان منسلڪ ٿي ويا .مگر علم جي پياس ڪين ٻيهر تعليمي درسگاهن ڏانهن ڪٽي ويئي ۽ 1952ع ۾ سنڌي فائينل، 1963ع ۾ مئٽرڪ ۽ 1964ع ۾ اديب فاضل اردو، بعد ۾ منشي فاضل فارسي ۽ اديب فاضل سنڌي جا امتحان امتيازي پوزيشن سان پاس ڪيائين .ايم-اي سنڌي گولڊ ميڊلسٽ پاس ڪرڻ بعد سندن آخري تعليمي ڪشالو ”سنڌي ٻولي جي ٿري لهجي جو گرامر“ جي موضوع تي پي-ايڇ-ڊي جي ڊگري هئو .مگر طبيعت جي ناسازي سبب اهو ڪم زير تڪميل رهجي ويس.

ملازمت:- پاڻ 1952ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد طور ملازمت شروع ڪيائين .ان کان پوءِ 1986ع ۾ ايڇ-ايس-ٽي ٿي رهيو .آخر ۾ بيٽ آفيسر جي عهدي تان 24 جنوري 1989ع تي رٽائر ٿيو .ان کان علاوه سندس ٻيون ادبي خدمتون جن ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ سنڌيءَ جا سبجيڪٽ اسپيشلسٽ پڻ ٿيا .

علم ادب سان وابستگي:- پاڻ 1945ع کان شعر و شاعري ڏانهن مائل ٿيا ۽ ابتدائي شعر لکيائون. 1952ع کان باقائده شاعري شروع ڪيائون .سندن ابتدائي تخلص ”غمناڪ“ ۽ ”خالد“ هئا، بعد ۾ ”معمور“ جي نالي سان معمور ٿي ويا .سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

وطن پاڪ شل توکي سائو ڏسان مان،
وفادار تنهنجي کي ڍائو ڏسان مان،
ڏسان شال هت مير مدنيءَ جا مارو،
نه هن پونءِ متي ڪو پرائو ڏسان مان.

ادبي انعام ۽ ايوارڊ:- ڪين ڪيترائي ادبي انعام ۽ ايوارڊ پڻ مليا جن ۾ لطيف ايوارڊ، رهبر ادبي ايوارڊ، اهل قلم ايوارڊ، ٿرپارڪر ادبي ايوارڊ، سامي ادبي ايوارڊ، پراڻ ادبي ايوارڊ شامل آهن .انهيءَ کان علاوه ڪيترائي انعام پڻ ڪين ادبي معرڪن ۾ عطا ٿيا، جن ۾ لوڪ ادب انعام، شاهه ولي الله اڪيڊمي طرفان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انعام ۽ صدر مملڪت طرفان، تنظيم فڪر و نظر سڪر پاران لطيف ايوارڊ 1985ع ۾ ۽ سال 1979ع.
1980ع ۾ ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز جي عمارت ۾ ادبي ڪانفرنس ٿي جنهن جو عنوان هو ”شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جا بنيادي ماخذ ۽ چاڙون“ ۽ شاھ جي شاعري ۽ سرمومل راڻو .ڪانفرنس جي آخر ۾ ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽري مضمون نويسيءَ جي مقابلن ۾ پهريون انعام جناب معمور يوسفاڻي، ٻيو انعام محمد سومار شيخ، ٽيون انعام جناب محمد حسين ڪاشف کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. حوالو ماهوار پيغام 1980ع صفحو-68.
وفات:- پاڻ تقريباً ٽي سال بلڊپريشر جي موذي مرض ۾ مبتلا رهيا .تعجب جي ڳالھ آهي جو بيماري جي تقاضائن جي عين ابتڙ، نہ ٿي، سندن طبع ۾ سختي آئي ۽ نہ وري ڪاوڙ ۽ غصو متن غالب پيا، پاڻ علالت جون تڪليفون صبر ۽ شڪر سان برداشت ڪندا رهيا ۽ پوين کي سندن آخري سفر متعلق اشارا ڏيندا رهيا. 18 ڊسمبر 1993ع تي فجر مهل متان بيهوشي جو دؤرو طاري ٿيس تہ کين ڄامشورو اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو .جتي 24 ڊسمبر 1993ع تي صبح جو 5بجي جمع جي مبارڪ ڏينهن تي پنهنجي جان حقيقي مالڪ جي سپرد ڪيائون.
شاھ فهمي:- پاڻ شاھ جي رسالي جو صحيح تلفظ، تاريخ، جاگرافي، آثار قديمہ، ٻولي، گرامر ۽ روحاني رازن ۾ تمام عمر انوکو ۽ نئون تحقيقي ڪم ڪندا رهيا جيڪو ڪتابن، مقالن ۽ مضمونن جي شڪل ۾ شايع ٿيل آهي . لطيفيات تي سندن ڪيل ڪم کي اگر ترتيب ڏبو تہ پنج-ڇھ ڪتاب تيار ٿي ويندا جن ۾ ”هڪ رسالو“ پڻ شامل آهي .لطيف جو رسالو سندن تحقيقي ڪم جو محور رهيو ۽ کين رسالي جي سرن جو حفظ پڻ هئو .لطيفيات ۽ ٻين عنوانن تي سندس قلمي پورهئي کي منظرعام تي آڻڻ لاءِ سندس فرزند ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ ڪجھ ڪتاب پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ شايع ڪرايا آهن.
تصنيفات:- ڪتاب ڇپيل 1-آڏي ڍال مَ ڍار نظم-1966ع. هن ڪتاب ۾1965ع واري جنگ جي زماني ۾ ڇپيل رزميہ نظم آهن. 2-پڪن منجھ پساھ نظم 1976ع. 3-ستا اٿي جاڳ (نظم) 1967ع. 4-مذهب ۽ تخليقِ ڪائنات (ترجمو-نثر). 5-ڏاهر لعہ (مثنوي). ڪتاب-مهراڻي جو مير (سيد راضي شاھ لڪياريءَ جي سوانح ۽ ڪلام)، مرتب -معمور يوسفاڻي، ڇپائيندڙ-راضي شاھ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڪيڊمي ٽنڊو جان محمد، ڇاپو پهريون نومبر 2010ع. ڪتاب-مُهراڻي جا مور )ضلعي عمرڪوٽ جو علمي ۽ ادبي جائزو.ڇپائيندڙ-ضلعي حڪومت عمرڪوٽ، ڇاپو پهريون 2010ع. 6-ست سورهيه ڏهه ڏاتار نثر-ڇاپو پهريون 1999ع. هن ڪتاب ۾ شاهه سائين جي ستن سورهين جن ۾ 1-ڪارائڙو ڪونڌر. 2-راوت رٺمل. 3-پنرو بداماڻي. 4-رٺمل جاڙيجو. 5-ڄام مهڙ نوتيار. 6-ڄام اوڍر سمون. 7-ابڙواڙبنگ ۽ ڏهن ڏاتارن جن ۾ (1-ڄام ڪرن. 2-ابڙو اگهام. 3-ڄام راهو 4-ڏياچ ويراڻي. 5-ڄام سپڙ چوٽاڻي. 6-ڄام جکرو اوڍاڻي. 7-ٽانور پٽي. 8-ڄام انڙ. 9-ڄام جکرو ڳهڙ راءِ. 10-لاکو ڦلاڻي .بابت جامع معلومات ڏنل آهي). 8-لطيف جا ٿر تان پيرا ،ٿرپارڪر ۾ لطيف جو سير ۽ سفر .ڇپائيندڙ-مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2001ع. 9-ڊوليو ڊٺ ڏٺي شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام جو اڀياس .مصنف -معمور يوسفاڻي، مرتب -اسد جمال پلي، ڇپائيندڙ -مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون جون 2003ع .هن ڪتاب ۾ 21 شاعرن جي شاعريءَ جو هڪبئي تي سلسليوار اثر ڏيکاريل آهي. 10-ڪائو ڪمايوم، مصنف-معمور يوسفاڻي، مرتب -ڊاڪٽر اسد جمال پلي، ڇپائيندڙ -مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2005ع. 11- ڀٽائي جو مطالعو، ترتيب-ڊاڪٽر اسد جمال پلي، ڊسمبر 2005ع.

**ڪتاب-ڀٽائيءَ جو مطالعو**، شاهه جي رسالي تي تحقيقي مقالا .مصنف - معمور يوسفاڻي، مرتب -ڊاڪٽر اسد جمال پلي، مهراڻ اڪيڊمي ڊسمبر 2005ع . ڪتاب جي فهرست-پنهنجي پاران -ادارو -انتساب -مقدمو-ڊاڪٽر اسد جمال پلي.سرڪلياڻ جو فلسفو -سرسورٺ جو روحاني راز -سرڏاهر جومطالعو - سرڪاپائتي جو مطالعو -سرسارنگ جو مطالعو -آرياڻي اتور پنهون ڄام جو اصل نسل -ماڪ ۽ منڌ -ڏيهي ڏور ٿيا مارئي جو ماڳ -مئي هاتيءَ مامرو املهه اٽتوريا جو تنقيدي جائزو -سرمارئي جا مسئلا -ٿرپارڪر جي تا ريخ ۽ جاگرافي- شاهه جي رسالي ۾ -سربلاول جا تاريخي ڪردار ۽ واقعا.

**اڻڇپيل ڪتاب**:- پنهوارن پچار .ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي.هي پونگا هي پيٽيون .شاهه جي رسالي جو گرامر .شاهه جي ڪلام جون ڇاڙون .لطيف ۽ ٿرپارڪر وغيره.

سندن تحقيقي شايع ٿيل مضمون ۽ مقالن ۾ هينيان قابلِ ذڪر آهن.

مقالو -پنرو بداماڻي سنڌ جي اوائلي تاريخ جو هڪ هيرو .ماهوار نئين زندگي، ايڊيٽر -عابد لغاري، مارچ 1984 ع.سرسامونديءَ ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون، ڪتاب-سرساموندي‏ءَ جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون 1974ع .سرآبريءَ ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون، ڪتاب-سرسسئي آبريءَ جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون 1976ع . سرمعذوريءَ ۾ حرفي ۽ نحوي ترڪيبون، ڪتاب-سرمعذوريءَ جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڇاپو پهريون 1977ع .سرسريراڳ ۾ فعل جا صيغ، ڪتاب-سرسريراڳ جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون 1973ع. مقالو -شاهه عبدالڪريم ۽ شاهه عبداللطيف، حوالو -ڪتاب-حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي مستند سوانح ۽ پيغام .مضمون -لاکو ڦلاڻي .ڪتاب -لاکو ڦلاڻي، مرتب -قاضي مقصود احمد، ڇاپو پهريون 2007ع .سرڏاهر جو مطالعو -ڪتاب .سرڏهر، مرتب -نواز علي شوق .مقالو -سرڪاپائتيءَ جو مطالعو، ڪتاب-سرڪاپائتي، مرتب -حميد سنڌي، سال 1991ع .سرديسيءَ ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون، ڪتاب -ديسي سيڻ ڪجن، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون 2005ع .سرڪوهياريءَ ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون،ڪتاب -سرڪوهياري، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون فيبروري 2007ع .مقالو -شاهه جا سورما، ڪتاب -جر تر تک تنوار، مرتب -شيمشيرالحيدري-انور هالائي، ڇپائيندڙ -سگا ڪراچي، ڇاپو پهريون 1979ع .مقالو -ٿرپارڪر ۽ شاهه لطيف، ڪتاب -سنڌ باب الاسلام جلد-1، ڇپائيندڙ -تنظيم فڪر و نظر سکر سنڌ، سال 1985ع. مقالو -ڪلري ۽ سيريين جو سير، ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر-نومبر 1998ع . سرڪلياڻ جو فلسفو، ڪتاب-سرڪلياڻ جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون 1970ع .سرڪنيات ۾ آيل فعل جا صيغا ۽ انهن جو استعمال، ڪتاب-سرڪنيات جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڇاپو پهريون 1972ع .شاهه لطيف جو ٿرپارڪر جي ايراضيءَ ۾ سير ۽ سفر-ماهوار نئين زندگي ڊسمبر 1981ع، مارچ- 1982ع، جون 1982ع، مارچ-1983ع ۽ ساڳيو مقالو ڪتاب-فڪرِ لطيف، مرتب-بشير احمد شاد، ڇاپو پهريون 1985ع .شاهه جي رسالي ۾ سنڌ جا تاريخي ۽ جاگرافيائي اشارا ۽ اهڃاڻ، مهراڻ شمارو-1، 1991ع .سرراڻو تاريخي پسمنظر ماهوار نئين زندگي فيبروري 1984ع .شاهه عبداللطيف جو سفر ليهور ڪان سيريين تائين، ماهوار نئين زندگي آگسٽ 1982ع .سربلاول جا تاريخي ڪردار ۽ واقعا، ڪتاب -سربلاول جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مطالعو، مرتب -حميد سنڌي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ڀهريون 1992ع .هي محقق پنهنجي هن مقالي ۾ لکي ٿو ته شاهه سائين سربلاول ۾ جن تاريخي ڪردارن ڪي ڳايو آهي انهن ۾ الابندي يا الادين، حاتم طائي جيڪو نوفل جي دور جو عرب سخي هو سنڌس سخاوت ڪي شاهه صاحب به هن سر ۾ ڳايو آهي .وڳند فقير، ڄام جکرو ڄهڙ راءِ عرف گنگا جر راءِ، ڄام جکرو اوڍاڻي، ابڙو اڳهام، ڄام راهو، ڄام ڪرن، ڄام اوڍر سمون، ابڙو اڙبنگ، ڏونگر راءِ سمون جهڙين شخصيتن ڪي سخين ۽ بهادرن ۾ ڳڻيو ويو آهي.

# محمد حسين ڪاشف

ادبي نالو، محمد حسين، تخلص، ڪاشف، خانداني نالو، محمد حسين، ولديت، حافظ محمد عمر ڪنيار، ڄمڻ جي تاريخ، 3 فيبروري 1930ع، ڄم جو هنڌ، ڄمبڙ، تعليم، ورنيڪيولر فائنل 1944ع، ايس، وي، 1952ع، اديب عالم 1962ع، مئٽرڪ 1962ع، ڌنڌو، تعليم ڪاتي ۾ 1946ع کان 1990ع تائين پرائمري استاد، نومبر 1995ع کان 2004ع تائين انچارج شاهه عبداللطيف ڀٽائي ريسرچ سينٽر جو انچارج رهيو ۽ شاهه عبداللطيف جي رسالي جا 62 ڇپيل ۽ قلمي نسخا ۽ تصوف تي تمام گهڻو مواد گڏ ڪيائين.

سنڌس ادبي تربيت مولانا غلام محمد گرامي ڪئي ۽ ادبي دنيا ۾1949ع ۾ ”اي قوم جا پاسبان“ عنوان هيٺ الوحيد اخبار ۾ ٽن قسطن تي مشتمل مقالو شايع ٿيس .اهڙي نموني ادبي دنيا ۾ پير پاتائين ۽ 1952ع کان لطيفيات تي تحقيقي ڪم جي ابتدا ڪيائين .سنڌس اهو سلسلو آخري پساهن تائين جاري رهيو .هن محقق کي 13 سيپٽمبر تي دماغي فالج ٿيو جنهن سبب تاريخ 25 سيپٽمبر 2010ع بمطابق 15 شوال المڪرم 1431هه بروز ڇنڇر تي وصال ٿيس. هن جي آخري آرامگاهه ترين جو مقام شهر ڄمبڙ، ضلعو ٽنڊو الهيار ۾ آهي.

محمد حسين ڪاشف علمي ادبي حلقي ۾ مضمون-مقالن ۽ ڪتابن ڪانسواءِ هڪ بهترين شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو .سنڌس شاعريءَ نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ايوان محفل ۾ نه رهه مرد سپاهي،
سامان حضر ڇا ڪندي اي بندهه راهي،
اي مرد خدا، برسرِ ميدان آ، ڪاشف،
ڪيسين رهي، محجوب ميان تيغ الاهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

محمد حسين ڪاشف کي مليل ايوارڊ:

1-قومي ادبي ايوارڊ براءِ سنڌي زبان ”شاھ عبداللطيف ايوارڊ 1990ع“ از ڪتاب ڪنڌي ڪونئر ٽڙن طرفان اڪيڊمي ادبيات پاڪستان. 2-قومي ادبي ايوارڊ براءِ سنڌي زبان ”شاھ عبداللطيف ايوارڊ 2005ع“ از ڪتاب لطيفي فڪر ۽ سرن جي ساجاھ طرفان اڪيڊمي ادبيات پاڪستان. 3-قومي ادبي ايوارڊ ”شاھ عبداللطيف ۽ تصوف ايوارڊ 2005ع“ از ڪتاب لطيفي فڪر ۽ سرن جي ساجاھ طرفان اڪيڊمي ادبيات پاڪستان. 4-شاھ عبداللطيف ايڪسيلينسي ايوارڊ 2005ع طرفان ڀٽ شاھ ڪلچر ثقافت کاتو سنڌ. 5-نئين زندگي شاھ عبداللطيف ايوارڊ 2006ع طرفان منسٽري آف انفارميشن اينڊ براڊڪاسٽنگ حڪومت پاڪستان. 6-بھترين محقق جو شاھ عبداللطيف ايوارڊ، 21 جنوري 2011ع ثقافت کاتي طرفان، جيڪو سندس فرزند سليم الله عارف وصول ڪيو. 7- موھن جو دڙو ايوارڊ 1995ع ھسٽاريڪل ڪانفرنس سيوھڻ. 8-تعليمي ايوارڊ 1995ع تعليمي سيمينار شھدادپور. 9-تعليمي ايوارڊ 1996ع تعليمي سيمينار سانگھڙ. ان کان علاوه مختلف ادبي، علمي ۽ ثقافتي ادارن طرفان سترنھن کان وڌيڪ اعزاز ۽ ايوارڊ مليا ھئس .ان سان گڏوگڏ سنڌ جي تعليمي نظام ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين.

محمد حسين ڪاشف جا ڇپيل ڪتاب:

1- ڪتاب -وتايو فقير -وتايو فقير ڪميٽي، ٽنڊو الھيار، مئي 1985ع. 2-سنڌي ٻيو ڪتاب -درسي ڪتاب .سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو. 3-سماجي اڀياس ڪلاس ٽيون سنڌي ۽ اردو -سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو. 4-سنڌ ۾ مٽيءَ جو ڪم سنڌ ۾ ڪنڀارڪو ڪم انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، سيپٽمبر 2008ع. 5-شاھ جي رسالي جي سجاڳي -ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، جنوري 2010ع .ھن ڪتاب ۾ سرڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، ڪنيات ۽ سربروو ۾ آيل اسمن جو احوال، بيتن جي معنىٰ ۽ سمجھاڻي ڏنل آھي. 6-شاھ جي رسالي جي سجاڳي جلد-2، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، جنوري 2011ع .ھن ڪتاب ۾ سرسريراڳ، سامونڊي، گھاتو ۽ سرڪاھوڙي ۾ ڪم آيل اسمن، راڳ، بيتن ۽ لفظن جي معنىٰ ۽ سمجھاڻي ڏني وئي آھي .ڪتاب جي ٽئين جلد کي ثقافت کاتو جيڪر شايع ڪري تہ شاھ جي شيداين جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي. 7-سيپيتا جا سونھان -ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سيپٽمبر 2012ع. 8-ڪنڌي ڪونئر ٽڙن 1990ع. 9-لطيفي فڪر ۽ سرن جي ساجاھ 2005ع. 10-شاھ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪلام مقدار يا معيار، ڊسمبر 2013ع. 11-شاهه، سچل ۽ خليفو قاسم، ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون 2012ع.

ڪتاب -ڪنڍي ڪونئر ٽڙن -مقصود پبليڪيشن، حيدرآباد، مارچ 1990ع .

هي ڪتاب شاهه سائينءَ جي 300 ساله جشن ولادت جي موقعي تي شايع ٿيو . ڪتاب جي فهرست -مهاڳ -حميد سنڌي-گذارش -مصنف -شاهه جي وقت ۾ سياسي ۽ ثقافتي حالات جو تجزيو -موجوده دؤر ۾ شاهه لطيف جي اهميت - شاهه ۽ اسين-ويني ويڇن وٽ -شاهه جي شاعري جو صوفيانه انداز -نئون نياپو آيو راڻي ملارات -شاهه جو چنڊ -چارڻ ٻڌا چنگ ڪي -ابڙو سمون -ليلان چڱ ليهور -سورن ساڻ م چن -ڪنڌيءَ ڪونئر ٽڙن -ڪراوڻ ڪنگهار ڪي.

ڪتاب -لطيفي فڪر ۽ سرن جي ساڃاهه -ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي ثقافت کاتو سنڌ، جولاءِ 2005ع .هي ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه جي گولڊن جوبلي 50 سالن پوري ٿيڻ جي موقعي تي پڌرو ڪيو ويو .ڪتاب جي فهرست.ٻه اکر -گذارش -صوفي فڪر ۽ لطيف -لطيفي فڪر جا مزاحمتي رويا -لطيفي تحقيق جا فڪري رُخ -موجوده دور ۾ شاهه لطيف جي اهميت -سسئي ۽ سور ويا پٽيندا پاڻ ۾ -ڪاهوڙيءَ خفي سان -پنيءَ ٿيون پڙڪن -گوندر هٿ نه پير -ڪتيءَ وٺيون ڪٽيون -پلي جائي مارئي -سارنگ سات ڪجن -ساموندبڪو سنگ -ڪنڌيءَ ڪونئر ترن -ليلان چڱ ليهور -جانسين پڳوتيءَ پير -ڪرا وٺ ڪنگهار ڪي -ابڙو سمون -سرمومل جو فلسفو/ماهيت - سرمومل راڻي جي ترتيب جو جائزو -سرديسي :ترتيب ۽ تفهيم.

ڪتاب -شاهه جو ڪلام مقدار يا معيار، ڇپيندڙ -سنڌيڪا اڪيڊمي، ڇپائيندڙ -ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2013ع .ڪتاب جي فهرست -پبلشر پاران -محمد حسين ڪاشف جو تعارف -عرض حال -شاهه جو ڪلام مقدار يا معيار-شاهه جي رسالي جي تحقيق ۽ شرح -پلئه پايوسچ -لطيف جي ڪلام جي قلمي نسخن جو اڀياس -اِي تان آهه عشق جي شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام جلد-4 جو اڀياس -شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام) جلد-5 جو جائزو -(شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام) جلد 7 جو جائزو -گودڙي مان گل (عثمان علي انصاري جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي جو جائزو)-ٻانهون خان شيخ جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي جو جائزو-موڙهو پُٽين مگٽا سرپرياتيءَ جو تفهيمي اڀياس.

**كتاب -شاهہ، سچل ۽ خليفو قاسم، ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون 2012ع .** فهرست-پبلشر جو نوٽ، مهاڳ، (شاهہ)شاهہ جي ڪلام جا فڪري ماخذ، لوچيان تي لاحد ۾، هيڪائي هيڪ هئي، تتيءَ ٿڏيءَ ڪاهہ، غافل غفلت ڇوڙ، سچل جنهن دل پيتا عشق دا جام، منصوري موج حق اناالحق .خليفو قاسم، قاسم ڪيسررنگ، خليفي جي شاعري جا فڪري اهڃاڻ.

شاهہ سائينءَ متعلق مضمون ۽ مقالا.

شاهہ ۽ انسان، ڪتاب-يادِ لطيف، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون 1953ع .موجوده دؤر ۾ شاهہ لطيف جي اهميت -ڪينجهر نمبر-2، 1988ع. ساڳيو مقالو، ماهوار نئين زندگي، جون 2006ع ۾ شايع ٿيس .مقالو -ڪنڌيءَ ڪونئر ٽڙن، ڪتاب-سرڪاموڏ، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1988ع. 1- تصوف جو سنڌي سماج تي اثر 2- سنڌ، سنڌي، سمونڊ ۽ سميري . ڪينجهر تحقيقي جرنل شمارو-12، سال 2009ع. ايءَ تان آهہ عشق جي - ڪلاچي جرنل مئي 1999ع .موجوده دؤر ۾ شاهہ لطيف جي اهميت، ڪتاب - سرگهاتو، مرتب -حميد سنڌي، آڪٽوبر1987ع .مضمون -لوچيان تي لاحد ۾، ڪتاب -لوچيان تي لاحد ۾، مرتب -پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجہ، ڇاپو پهريون 2010ع .لطيفي فڪر جا مزاحمتي رويا -ڪتاب .شاهہ ۽ سنڌ، جلد ٻيو، 1998ع .ڪرا ويڻ ڪنگهار ڪي -ڪتاب، سرڏهر، مرتب -نواز علي شاق، ڇاپو پهريون 1989ع .ساڳيو مقالو ڪتاب-ڀِٽائي (خاص اشاعت) سنڌ اطلاعات کاتو سيپٽمبر 1989ع .ساڳيو مقالو -ڪتاب .لاکو ڦلاڻي، مرتب -قاضي مقصود احمد، ڇاپو پهريون 2007ع، ڇپائيندڙ -لاکو ڦلاڻي پبليڪيشن نوابشاهہ .مقالو - ڀڳوئي ڀير -ڪتاب-سرڪاپائتي، مرتب-حميد سنڌي، سال 1991ع .مقالو -ڀنيءَ ٿيون ڀِڙڪن (سررامڪليءَ جو ابياس) ڪتاب، سررامڪلي .مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1993ع/1414هہ .سارنگ ساٿ ڪجن -ڪتاب -سرسارنگ، مرتب - حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1998ع .گوندر هٿ نہ پير، ڪتاب -سرِپ هڪ مطالعو، ڇپائيندڙ -عاشق حسين ميمڻ، ڇاپو پهريون، 2002ع .سرسورٺ جو فلسفو ۽ ماهيت، ڪتاب -سرسورٺ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون، اپريل 2003ع .مقالو -صوفي فڪر ۽ لطيف، ڪتاب-سربروو، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1995ع. مقالو -ڪاهوڙين خفي سان، ڪتاب-سرڪاهوڙيءَ جو مطالعو، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون جولاءِ 1994ع .مقالو -ليلان ڇڏ ليهور، ڪتاب - سرليلان چنيسر، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1986ع .اٻڙو سمون

(سربلاول جو هڪ ڪردار)، ڪتاب -سربلاول جو مطالعو، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1992ع .ساموندي ڪو سنگ، ڪتاب -سرساموندي، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1997ع-1418ھ .سرديسي:ترتيب ۽ تفهيم، ڪتاب -ديسي سيڻ ڪجن) سرديسيءَ جو مطالعو(، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون 2005ع . مُوڙهو پُٽيِن مَگَّٽا، ڪتاب -سرپرياتي، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ، ڇاپو پهريون 2010ع .مقالو -غافل غفلت ڇوڙ، ڪتاب -سرڪوهياري، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون فيبروري 2007ع. مقالو-1 شاهه جي ڪلام جا فڪري ماخذ، مقالو-2 لطيف جي ڪلام جي قلمي نسخن جو اڀياس، ڪتاب -شاهه لطيف هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون اپريل 2002ع .ويني ويجن وٽ، ڪتاب -لطيف نامو 1980ع. لطيفي تحقيق جا فڪري رخ، ڪلاچي جون 2003ع .تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ماهوار پيغام، مارچ 2005ع.ڪتيءَ وٽيون ڪتيون، ڪتاب-سرمارئي، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون ڀٽ ثقافتي مرڪز 1990ع .مقالو -شاهه ۽ اسين، ماهوار نئين زندگي مارچ 1972ع .شاهه جي رسالي جي تحقيق ۽ شرح، مهراڻ-3، سال 1996ع.

شاهه سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل "شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس" 15-16 صفر1424 ھ بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي .ان موقعي تي جمعي جي ڏينهن 18 اپريل تي محمد حسين ڪاشف "سرمومل راڻي جي ترتيب جو جائزو" عنوان هيٺ مقالو پڙهيو .هن مختلف عالمن ۽ شارحن جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالن ۾ هن سر جي داستانن ۽ بيتن جي ترتيب جي لحاظ کان ڪن شارحن پاران ٿيل غلطين جي پڻ نشاندهي ڪئي.

# الهہ نواز رڪڻائي

مشهور شاعر، اديب ۽ لطيفي لغت جو ماهر نواز علي رڪڻائي ولد محمد عرس ملاح دادو جي ڳوٺ رُڪڻ ۾ 10 مئي 1930ع تي ڄائو .سندس پيار مان نالو محمد پچيل رکيو ويو .ادبي نالي الهہ نواز سان مشهور ٿيو .پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين .پرائمري تعليم مڪمل ڪري فائينل جي تياري ڪيائين .گاجي پهنور اسڪول ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪري استادي پيشي سان منسلڪ ٿيو .ڪجهہ سالن جي سروس کان پوءِ منياڻي ڪاليج ۾ ايس-وي امتحان پاس ڪيائين .نوڪري دوران ڪيترن ئي اسڪولن ۾ استاديءَ جا فرائض نڀايائين .وڌيڪ تعليم جاري رکندي اديب جو امتحان پاس ڪيائين. علوم مشرقي جا ٽئي سال فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين .هي هڪ سٺو شاعر بہ هيو .هن شاعريءَ جي شروعات 1944ع ۾ گاجي پهنور اسڪول ۾ ڪئي . تنهن وقت ان اسڪول جو هيڊ ماستر استاد محمد عارب رڪڻائي هو.سندس شاعريءَ ۾استاد، مرحوم حافظ محمد احسن چنہ هو .سندس پهريون تخلص عاجز هو بعد ۾ حبيب الله ۽ نواز تخلص استعمال ڪيائين .ڪيس ادبي سوچ استاد عبدالواحد ۽ استاد محمد عارب جن کان ملي.

اپريل 1951ع ۾ ڪاليج منياڻي ۾ منتخب ٿي آيو، وري اپريل 1953ع ۾ اسڪول پير بخش ميربحر ۾ استاد مقرر ٿيو. خاندان سميت 1950ع ۾ ڳوٺ پير بخش ڇڏي حافظ عرض محمد ڪوسو ڳوٺ جي پرسان وينا. ان سال ان ڳوٺ ۾ ادبي شغل ڪرايائين ۽ بزم شعرا جي نالي سان بزم کوليائون، پوءَ سائين پير علي محمد اظهر جي چوڻ تي 1953ع ۾ ڳوٺ پير بخش ميربحر ۾ بزم طالب المولیٰ جو بنياد رکيائون ۽ بزم جي ميمبرن جي صلاح سان 55-1954ع ۾ لطيف سائينءَ جي سر سورٺ مان هيٺيون بيت مقالي لاءِ پيش ڪيو ويو.

سورٺ مئي سڪ ٿيو ڪيما ڪنيا ڪنگهار،
نڪو راڳ نہ روپ ڪو نڪا تند تنوار،
تهان پوءِ مڱڻهار ڏنو سر ڏياچ کي.

ان ڪانفرنس ۾ڏنل لطيف سائينءَ جي مقالي لاءِ عمر بن داؤد پوٽو کي دعوت ڏنائون مگر ان معذرت ڪري دعا جو هڪ عنايت نامو لکڻ فرمايو ۽ پوءِ آصف ميراڻي، پير علي محمد اظهر ريلائي، محمد علي داؤد پوٽو، حافظ محمد

احسن صاحب ۽ الھ نواز مقالا پڙهيا .ان نموني جا هر ٽئين مهيني ڪانفرنسن جهڙا مشاعرا ڪرائيندا رهيا .الھ نواز بزم طالب المولیٰ شاخ جو صدر ۽ سال 1979ع ۾ بزم شعراء جو جنرل سيڪريٽري بہ رهيو .بزم نواز رڪٽائي جو سرپرست بہ رهيو .ادبي سرگرمين ۾ پڻ حصو ورتائين .پاڻ سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن شعبہ ڪلچر جو عهديدار بہ رهيو .پاڻ قديم ۽ جديد شاعريءَ تي طبع آزمائي بہ ڪئي اٿس .سندس غزل جون چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

مون سان نينهن نيائڻ وارو ڪو تہ هجي،
پيار ڏئي، پر پائڻ وارو ڪو تہ هجي،
پل تہ ڏڪاري، مون ڪي رٺاري، پٿي دنيا،
هڪڙو ئي پر چائڻ وارو ڪو تہ هجي.

سندس شعرن جو مجموعو ”چُليون منجر چوليون“ 1999ع ۾ پڌرو ٿيو ۽ سندس ٻيو ڪتاب ”دادو سنڌ جي دل“ سيد هدايت علي شاھ جي مالي معاونت سان 2004ع ۾ شايع ٿيس .نثر ۾ هڪ ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو دريائي لهجو“ 2007ع. دادو تعلقي جي تاريخ تي ”دادو منهنجي دل“ 2007ع ۾ ڇپيس .نواز رڪٽائيءَ جي شاگردن جو وسيع حلقو آهي .جيڪي ڪانئس ڪلام جي اصلاح ڪرائيندا رهيا .هو 13 فيبروري 2007ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

هن شاھ ۽ سچل جي شيدائيءَ ڪي بهترين مقالہ نگار طور سچل ايوارڊ 2007ع ۾ مليو.

**ڪتاب** -چام هٿ ۾ چار- پٽائيءَ جي سرڪاموڏ جي لغات بابت تحقيق ليکڪ-نواز رڪٽائي، ڇپائيندڙ-عرشي پبليڪيشن پرياسٽي، ڇاپو پهريون 2006ع .صفحا-96. ڪتاب ۾ شامل مواد: ارپنا-ناشر -ماجد علي سومرو صاحب جا تاثرات -مهاڳ-اصغر پٽي پريائي -سرڪاموڏ ۾ شاھ سائينءَ جي فڪري اڏام ۽ فلسفو -سرڪاموڏ ۾ آيل لفظن جي لغت -سرڪاموڏ جي لغت -سرڪاموڏ ۾ جيڪي غلط لفظ لغات يا رسالن ۾ آيا آهن ۽ گربخشاڻيءَ جي شرح ۾ غلط معنیٰ وارا آندل لفظ .هن ڪتاب ۾ ليکڪ 52 بيتن جي تضاد واري معنیٰ ڪي رد ڪندي صحيح معنیٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهن بيتن جي سمجهاڻي بہ ڏني آهي .ڪتاب جي آخر ۾ 188 لفظن جون معنائون ڏنل آهن. سندس ڪجھ مضمون ۽ مقالن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سرسسئي ديسي -ماهوار پيج پتائي اپريل 2006ع .لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻولي ۽ سماج جو عڪس -ڪتاب .شاهه لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج، مرتب-خالد آزاد، چپائيندڙ سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2007ع، مقالو -سرحسينيءَ جي لغات، ڪتاب -حسينيءَ جي هاڪ سرحسينيءَ جو مطالعو، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون مارچ 2005ع .سرسورٺ جي لغت، ڪتاب -سرسورٺ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون، اپريل 2003ع .سرديسيءَ جي لغات، ڪتاب -ديسي سيڻ ڪجن سرديسيءَ جو مطالعو، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون 2005ع.

شاهه سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل "شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس" 15-16 صفر 1424 هه بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي .ان موقعي تي جمعي جي ڏينهن 18 اپريل تي الهه نواز رڪٽائيءَ مقالو "اپي اپاريام داستان مومل راڻو" عنوان سان تفصيلي مقالو پڙهيو، جنهن ۾ هن وڏيڪ پڙهندي چيو تہ هن داستان ۾ لطيف سائين راڻي جا نالا راڻو، مينڌرو، ڊٽ ڌٽي، ڊٽ جو ڊوليو، سوڍو، راڻا سي راجپوت ۽ مومل جا نالا مومل، سوڍي، گجر .بيان ڪيا آهن.

# ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 11 سيپٽمبر 1931ع ۾ شڪارپور ضلعي جي هڪ ڳوٺ ماڙيءَ ۾ حاجي غلام حسين ميمڻ جي گهر ۾ پيدا ٿيو ۽ شروعاتي پرائمري تعليم بہ ماڙيءَ مان حاصل ڪيائين. محمد پنهل ڏهر پنهنجي مقالي ۾ سنڌس ولادت، 1 جنوري 1930ع لکي آهي. حوالو. سرمست.25، 2004ع، ص-46.

1942ع ۾ آيل ٻوڏ جي ڪري سنڌس وڏا لڏي شڪارپور جي هڪ محلي نيين پور ۾ اچي رهيا. پاڻ ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شڪارپور جي مشهور اسڪول نيو ارا (New Era) هاٽوڪي قاضي حبيب الله هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. ميمڻ صاحب محلي جي ديني مدرسي مان ديني تعليم پڻ حاصل ڪئي.

1948ع ۾ هن جي وڏن ڪن ذاتي مجبورين جي ڪري شڪارپور کي خداحافظ چئي لاڙڪاڻي ضلعي جي لاهوري محلي ۾ مستقل سڪونت اختيار


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪئي .ساڳئي ئي سال يعني 1948ع ۾ پاڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻو ۾ داخلا ورتائين ۽ 1952ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ۽ 1959ع ۾ بي-اي جو امتحان پاس ڪيائين.

ميمڻ عبدالمجيد وقت روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ ۽ P.W.D ۾ ٽيليفون آپريٽر طور ڪم ڪيو .پوءِ سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪري P.W.D ۾ اوور سيئر مقرر ٿيو .پاڻ نوڪريءَ واري انهيءَ عرصي دوران 1961ع ۾ ايم-اي سنڌي (ادب) جو امتحان ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. ڊسمبر 1962ع ۾ اسلاميہ ڪاليج سکر ۾ ليڪچرر شپ جي لاءِ اپلاءِ ڪري انٽرويو ڏنائين، جنهن ۾ ڪامياب ٿيو. 1963ع ۾ ايم-اي اسلامڪ ڪلچر ۽ 1965 ع ۾ ايم-اي رليجن مذاهب عالم جو تقابلي مطالعو جا امتحان ڪاميابيءَ سان پاس ڪيائين .ميمڻ صاحب مختلف ڪاليجن ۾ ڊيوٽيون ڪندو رهيو ۽ آخر ۾ سال 1991ع ۾ پرنسپال جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

مرحوم علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب هڪ دفعي ميمڻ صاحب کي ملاقات دوران چيو تہ ابا ”شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ فڪر جي ايڏي گهرائي اٿئي جو سندس فڪر آڏو يورپ جا مڙئي مفڪر ٻارهن چوڏهن ورهين جا ٻار آهن“.

1958ع يا 1961ع ۾ نوڪريءَ دوران سکر ۾ ”سنڌي ادبي سوسائٽي“ قائم ڪيائين. سکر ۾ رهڻ دوران هڪ ٻئي اداري ”لطيف اڪيڊمي“ جو بنياد پڻ وڌائين .جيئن تہ پاڻ علم و ادب ۽ پڙهڻ پڙهائڻ کي عبادت سمجهندا هئا.

1974ع ۾ بيان العارفين جي تدوين ۽ اپٽار جي عنوان هيٺ علامہ غلام مصطفیٰ قاسميءَ جي رهبريءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي-ايڇ-ڊي جي اعلیٰ سند حاصل ڪيائين.

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب اسلاميہ ڪاليج سکر ۾ ليڪچرر شپ دوران ادبي سوسائٽي اسلاميہ ڪاليج سکر قائم ڪئي تہ پاڻ ان ادبي سوسائٽي جي پليٽ فارم تان ڪيترائي ڪتاب ۽ مخزن ڇپرايائين ۽ ادبي ڪانفرنسون بہ منعقد ڪرايائين .سندس هم ڪلاسي ۽ پياري دوست محترم خادم حسين شاهہ سندس ادبي ڪم کي پڙهندڙن تائين رسائڻ لاءِ گڏجي 1958ع ۾ ”سنڌي ادبي اڪيڊمي“ جو بنياد وڌو ۽ ميمڻ صاحب جا ڪيترائي ڪتاب ڇپايائين، جيڪي پڙهندڙن تمام گهڻو پسند ڪيا، جيڪي علمي، ادبي معلومات سان گڏوگڏ نون تحقيق ڪندڙن لاءِ بہ ڪافي ڪارائتا آهن .ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب جي ڪيل قلمي پورهئي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا طور حڪومت

پاڪستان 1983ع ۾ ڪيس پاڪستان جي اعلىٰ ترين سول اعزاز تمغہ امتياز لاءِ حوالو :ڪتاب-سچل جو سنيهو، ڇاپو ٻيو سال 2006ع ۽ 1996ع ۾ ستاره امتياز سان نوازيو.1984ع ۾ اردو ڊائجسٽ طرفان ڪرايل قومي يڪجهتي سيمينار ۾ ايوارڊ. 1989ع ۾ سچل ايوارڊ. 1991ع ۾ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي ايوارڊ. 1991ع ۾ شهباز ميلہ ڪاميٽيءَ پاران شهباز ايوارڊ. 1993ع ۾ طالب المولىٰ ميموريل ايوارڊ. 1994ع ۾ گورنمينٽ اسلاميہ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج سکر پاران ڊگري اينڊ پرائيز ڊسٽريبيوشن ايوارڊ. 1994ع ۾ نعت ايوارڊ. 1996ع ۾ قلندر شهباز ايوارڊ .ان کان علاوه لاتعداد انعام، ايوارڊ ۽ شيلڊون ڪين مليون.ميمڻ صاحب 11 فيبروري 1996ع ۾ وفات ڪئي. جيستائين سنڌي ٻولي زنده آهي تيستائين سنڌس قلمي پورهئي سبب سندس نانءُ بہ زنده رهندو.

نياز مسرور بدوي لکي ٿو تہ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب جا تقريباً 70ڪتاب ڇپيل آهن، ان کانسواءِ ويهارو کن اڻ ڇپيل مسودا سندس پونئرن وٽ محفوظ آهن .سندس ڇپيل ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا.

1-ڏور (لوڪ ادب) 1961ع. 2-ڏوهاري ڪير (ترجمو-ناولٽ). 3-ماڻڪ موتي لعل (پاڱو پهريون) 1962ع. 4-شاهہ ڪريم جو ڪلام (تحقيق سنڌي ادبي سوسائٽي سکر) 1963ع. ٻيو ڇاپو 1995ع. 5-تذڪره شهباز 1965ع ڇاپو ٽيون2012ع ثقافت کاتو ڪراچي. 6-تذڪره شعراء سکر (تذڪرو) 1965ع. 7-ماڻڪ موتي لعل (پاڱو ٻيو) 1962ع. 8-ديس ديس جون ڪهاڻيون (ترتيب) 1962ع. 9-تاريخ قوم هڪڙا (تاريخ) 1966ع. 10-ذڪر اشرف (ترجمو-شخصيات) 1966ع. 11-پارس (ٽي حصا-ترتيب) 1967ع. 12-رتيءَ جي رهاڻ 1997ع. 13-فڪرِ لطيف (ترتيب)، ڇاپو پهريون 1967ع. 14-سکرجي سوکڙي (ترتيب) 1965ع. 15-رس مَ رسڻ گهوريو (ترتيب-شاعري) 1968ع. 16-مهراڻ تي مجلس (ترتيب-متفرقہ) 1969ع. 17-پرک ۽ پروڙ (تحقيق ۽ تنقيد) 1971ع. 18-سکر جهڙي سونهن (ترتيب) 1970ع. 19-جوتيون جواهرن جون (ڪافيون 1971ع. 20-سنڌي علم ادب-اصول ۽ اهڃاڻ (تنقيد 1971ع. 21-فڪرِ بيدل (تحقيق) 1971ع. 22-سنڌي ادب جو تاريخي جائزو 1972ع. 23- سرڏهر (ڇاپو ٻيو) 1976ع/1978ع. 24-سنڌيءَ ۾ نعتيہ شاعري 1980ع. 25 سرڪلياڻ (لطيفيات) 1983ع.26-سچل جو سنيهو (ڇاپو پهريون) ڇاپو پهريون 1984ع ڇاپو ٻيو 2006ع. 27-لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو (ترتيب) 1984ع. 28-سنڌي نصاب (نائين ڪلاس لاءِ).



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

29-شڪارپور ماضي ۾ حال (ترتيب) 1984ع. 30-سير نبيﷺ 1986ع. 31-واحد سنڌي گرامر 1987ع. 32-لطيف جو پيغام (ڇاپو پهريون 1989ع ڇاپو ٻيو1993ع. 33-سنڌي ثقافت تي اسلامي اثرات تحقيق1989ع. 34-مخدوم غلام محمد جو قصيده برده شريف 1990ع. 35- تفسير هاشمي (ترجمو) 1991ع. 36-سرسارنگ (لطيفيات) 1991ع. 37- لطيفي لات، ڇاپو پهريون 1991ع ڇاپو ٻيون آڪٽوبر 1996ع. 38 شڪارپور جي ٻولي (لسانيات) 1993ع. 39-قوت العاشقين (معجزا-ترجمو). 40-سنڌي ادب جي تاريخ 1993ع. 41-سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس (تنقيد) 1996ع. 42-سچل جو پيغام، ڇاپو پهريون 1995ع. 43-ڪتاب-گهڙيون گهاريم جن سي، ڇاپو پهريون 1994ع، مهراڻ اڪيڊمي .تذڪره شهباز ڇاپو ٽيون 2012ع. 44-ملاحظو مهراڻ جو 1972ع. 45-سنڌ جي تاريخ جا وکريل ورق، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون جولاءِ 1994ع .سندس ٻيون تصنيفون -اردو ڪتاب.1:حضرت قلندر لعل شہباز ۱۹۷۵ع-2.سندھی ادب کی مختصر تاریخ ۱۹۸۳ع.3.لسانیات پاکستان ۱۹۹۲ع-4(نگارشات سندہ) ۱۹۹۲ع.5.پاکستان میں صوفیانہ تحریکیں،اشاعت اول ۲۰۰۰ع.ڪتاب -جانب جو جمال ترتيب ڇاپو پهريون، اطلاعات کاتو ڪراچي 1975ع .آوازِ لطيف ترتيب ڇاپو پهريون، اطلاعات کاتو ڪراچي، 1987ع. لطيفي لات، ڇاپو پهريون 1991ع، ڇاپو ٻيو 1996ع، ڇپائيندڙ -مهراڻ اڪيڊمي، هن ڪتاب ۾ 12 ناميارن عظيم سنڌي صوفي ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ جو گڏيل اڀياس ڏنل آهي.

**فڪر لطيف ڪتاب** :هي ڪتاب سنڌي ادبي سوسائٽي اسلاميہ ڪاليج سکر جي اَشاعتي سلسلي جو ڇهون ڪتاب آهي جنهن کي ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ 1967ع ۾ ترتيب ڏنو .ڪتاب جو انتساب علامہ آءِآءِ قاضيءَ کي ڪيو ويو آهي .ڪتاب جو فڪر انگيز مقدمو مرتب خود لکيو آهي .ڪتاب ۾ ڏنل مضمون: شاهہ لطيف ۽ عوام الناس-شيخ عبدالرزاق راز، شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ اسلامي اقدار -پروفيسر محمد احمد، شاهہ ۽ عورت-نور شاهين، شاهہ جي ڪلام جا ماخذ-نواز علي شوق، شاهہ جي شعر ۾ توحيد-محمد عمر سهتو، جر ٿر تک تنوار-سيد لعل شاهہ، شاهہ جي حب الوطني-ميمڻ عبدالغفور سنڌي،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهہ جي شعر جي مجموعي بناوٽ-سجاد قريشي، لطيفيات-شيخ عبدالرزاق راز .
هي ڪتاب 152 صفحن تي مشتمل آهي.
ڪتاب-بيت سٽا ۽ اوسر .مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڇاپو پهريون جنوري 2002ع .هن ڪتاب ۾ چند وديا متعلق تفصيلي معلومات کان علاوه عرب دور کان موجوده دور تائين ڪجھ توڙي لس ٻيلي جي شاعرن جي سوانح حيات سان گڏ سندن مختصر بيت، ڏوهيڙا ڏنل آهن .هن ڪتاب کي مختلف شاعرن جو گنج سڏجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.
ڪتاب -لطيف جو پيغام، مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون مارچ 1989ع .ڪتاب ۾ ڏنل سٽاءُ :پنهنجي پاران -مقدمو-
شاهہ لطيف کان اڳ ۽ سندس زماني ۾ سنڌ جون سياسي ۽ اقتصادي حالتون -وحدت الوجود -خودشناسي، شاهہ جي نظر ۾ -شاهہ جي نظر ۾ موت جو تصور -شاهہ جي عظمت -شاهہ جي شعر ۾ انساني مزاج ۽ فطر جي عڪاسي -نوجوان ۽ شاهہ -رسالي جي ڪهاڻين جو فني ۽ فڪر جائزو -سرڪلياڻ، مضمون ۽ فلسفو -سرمارئيءَ جو مطالعو -سرسامونديءَ جو فلسفو -سرمعذوريءَ جو فلسفو -سرڏهر جو فڪري جائزو -سرڪاموڏ جو ادبي جائزو -سرسهڻي جو فلسفو.
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ کي شاهہ ۽ سچل سان والهانہ عقيدت هئي. پاڻ انهن ٻنهي بزرگن تي لاتعداد مضمون ۽ مقالا لکيا اٿس .ميمڻ صاحب پهريون پيرو سالياني سچل ادبي ڪانفرنس خيرپور ۾ 1985ع ۾ شريڪ ٿيو تہ سچل سرمست جي فڪر ۽ پيغام متعلق پنهنجو مضمون ”خودشناسي سچل سرمست جي نظر ۾“ پڙهيائين ۽ ٻيون پيرو ساليانی سچل ادبي ڪانفرنس ۾1988ع ۾ مضمون ”شاهہ ۽ سچل“ پڙهيائين .ميمڻ صاحب لکي ٿو تہ شاهہ صاحب سرحسينيءَ ۾ مارڳ ۾ مرڻ جي اهميت جو ذڪرڪيو آهي، تہ وري سچل سرمست سسئيءَ جي داستان اٿين ۾ لاڳيتو ستن بيتن ۾ مارڳ ۾ مرڻ جي خوبي بيان ڪئي آهي .مقصد جيتوڻيڪ ساڳيو اٿن، پر اسلوب بيان ۾ جدت ۽ انفراديت آهي .شاهہ صاحب جو شعر سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي ۾ آهي ۽ سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ اترادي لهجو آهي .سندس اهو مضمون ڪتاب-سرمست-9، 1989ع ۾ شايع ٿيو.
ميمڻ صاحب 1953ع کان ماهوار نئين زندگي لاءِ لکڻ شروع ڪيو .ان رسالي ۾ سندس پهريون مضمون لطيفا مئي 1953ع ۾ شايع ٿيس .ان کان


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

علاوه رسالي نئين زندگيءَ ۾ شاهه سائينءَ جي ڪلام ۽ ڪردار متعلق هيٺيان مضمون-مقالا شايع ٿيا.
لطيفا -مئي، 1953ع .ڳجهارتون -نومبر، 1958ع .چار شاعر، چار ڪتاب -جون، 1963ع .شاهه جي نظر ۾ موت جو تصور -مئي،1967ع .تنقيد جا جديد رجحان -جنوري، 1968ع .شاهه جي شاعريءَ جو نفسياتي پهلو -مئي 1968ع شاهه جي شعر جو مقصد -جنوري، 1980ع .شاهه ڪريم جو شاهه لطيف جي شاعريءَ تي اثر -ڊسمبر، 1981ع. سنڌيءَ ۾ نعتيه شاعري -جنوري-فيبروري، 1982ع .خودشناسي -شاهه جي نظر ۾، آڪٽوبر-نومبر، 1989ع .ملاح ۽ سنڌ جي دريائي تهذيب سرسهڻي جي حوالي سان، نئين زندگي آڪٽوبر 1990ع. شاهه جو شارح -ليلا رام وطڻ مل خاڪي، جنوري-فيبروري، 1996ع .
سرسريراڳ ۾ سنڌ جي تاريخ جا اهڃاڻ، ڪتاب-سرسريراڳ جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون 1973ع .ساڳيو مقالو ماهوار اديون ڪراچي ڊسمبر 1981ع ۾ شايع ٿيس .سرڪنيات جون صرفي ۽ نحوي بناوتون، ڪتاب-سرڪنيات جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون 1972ع .شاهه جو بيدل تي اثر، ماهنامه روح ادب حيدرآباد، آڪٽوبر 1954ع .سرمارئي جو مجموعي پيغام، مارئي جو ڪردار ۽ سنڌي ثقافت، هفتيوار وينجهار حيدرآباد 25 آڪٽوبر 1992ع .ساڳيو مقالو ڪتاب-سرمارئي، مرتب-حميد سنڌي، سال 1990ع ۾ شايع ٿيو . شاهه جي رسالي جي ڪهاڻين جو فڪري ۽ فني جائزو -سنڌي ادب جلد-9، 86-1985ع. شاهه لطيف ۽ سندس متقدمين -سنڌي ادب، جلد-8، 85-1984ع. مقالو -ڀنڀور، جاگرافيائي بيهڪ ۽ تاريخي پسمنظر .ڪتاب -ڀنڀور ۽ ديبل .سال 2012ع . سررامڪليءَ جو تاريخي پسمنظر -ڪتاب، سررامڪلي .مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1993ع/1414هه .مضمون-سربلاول-نالي پوڻ جو سبب ۽ مضمون، ڪتاب -سربلاول جو مطالعو، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1992ع .مقالو - شاهه صاحب کان اڳ ۽ سندس زماني ۾ سنڌ جون سياسي ۽ اقتصادي حالتون، ڪتاب -فڪر لطيف، مرتب-قربان علي ميمڻ، فڪر و نظر پبليڪيشن سکر، ڇاپو پهريون اپريل 1986ع .ساڳيو مقالو ڪتاب -اول الله عليم خاص اشاعت سنڌي اردو، مرتب-گل حسن عارباڻي، اطلاعات کاتو، ڇاپو پهريون مئي 2001ع ۾ به شايع ٿيس .انسان جي انفراديت شاهه جي نظر ۾، ڀيج ڀٽائي مئگزين جنوري 2011ع .ساڳيو مقالو ڪتاب -ڀٽ جو گهوٽ 1998ع ۾ شايع ٿيس .



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهه ۾ قاضي قادن، ڪتاب -ڀٽائي خاص اشاعت .سيپٽمبر 1989ع .پاڻ سجاڳ سُپرين، ماهوار پيغام، جنوري 2015ع .نوجوان ۾ شاهه عبداللطيف، ڪتاب-شاهه ۾ نوجوان، شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي، ڇاپو پهريون مارچ 1985ع .شاهه جي نوري، لطيف ڊائجسٽ ڪراچي، فيبروري 1986ع .ليلان چنيسر جي قصي جو تاريخيءَ جاگرافيائي پس منظر، ماهوار پيغام، جنوري 1988ع ۽ سيپٽمبر-ڊسمبر 1991ع .جماليات شاهه جي نظر ۾، لطيف ڊائجسٽ ڪراچي، جون 1985ع .شاهه لطيف جا شارح، قسط-1، ماهوار پيغام، سيپٽمبر 1992 ع .قسط-2، آڪٽوبر 1992 ع .علم اللسان جي لحاظ کان شاهه جي رسالي جو مطالعو، مهراڻ، اپريل 1987ع .شاهه ۾ سچل، مهراڻ، اپريل 1988ع .سرمعذوري جو فلسفو، ڪتاب -سرمعذوريءَ جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون 1977ع .سرساموندڊيءَ جو فلسفو، ڪتاب-سرساموندڊيءَ جو مطالعو، مرتب-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو 1974ع .سرڪاموڏ جو ادبي جائزو، ڪتاب-سرڪاموڏ، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1988ع .سرڪاپائتيءَ جو فڪري ۾ لساني جائزو، ڪتاب-سرڪاپائتي، مرتب-حميد سنڌي،ڇاپو پهريون 1991ع .مضمون-خود شناسی شاہ لطیف کی نظر میں، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی، مرتب-منظور احمد کناسرو، دسمبر 2013ع۔مقالو -ٿر ۾ جين ڌرم، ڪتاب-ٿر سهيڙيندڙ-عبدالقادر منگي، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، 2013ع .مقالو -شاهه جي نظر ۾ زندگيءَ جو تصور، ثقافت کاتي پاران شاهه لطيف قومي ڪانفرنس 28-27 مئي 1992ع تي ڪراچي جي ڪانٽيننٽل ۾ منعقد ٿي پاڻ مٿيون مقالو پڙهيائون.

مضمون -نوجوان ۾ شاهه عبداللطيف، هن مضمون مان ليکڪ جا ڪجهه ويچار، ساري سک سبق شريعت سندو سهٽي .نوجوان جيڪڏهن شاهه صاحب جي شعر تي غور ڪندو ته ڪيس اها حقيقت به سمجهايل نظر ايندي، شاهه صاحب ٻڌائي ٿو ته انسان ڪنهن بندگيءَ کان آجهو ڪونهي جيڪڏهن انسان هڪ الله جي بندگي نه ڪندو ته ڪک پن جي پوڄا ۾ مبتلا ٿيندو.

اسلامي تعليم جي حوالي سان شاهه صاحب محبت، هڪجهڙائي، سرت ۾ ساڃاهه جو سبق ڏنو آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# حافظ محمد بخش خاصخيلي

سنڌي ٻوليءَ جو سگهڙ ۽ نامور اديب مزاحمتي شاعر، شاهه، سچل جو پارکو حافظ محمد بخش خاصخيلي ٻورڙي لڳ نوان جتوئي تعلقو مورو ۾ پهرين جون 1932ع تي سائين بخش خاصخيليءَ جي گهر ۾ جنم ورتو.اصل جنم جو سال 1930ع .هن پرائمري تعليم جا چار درجا ڳوٺ لونگ ڪوريجو مدرسي مان 1947ع ۾ پڙهي پورا ڪيا ۽ انهيءَ دوران هن قرآن شريف جا 11 پارا پڻ حفظ ڪري ورتا، انهيءَ دور ۾ هن کي مذهبي عالم ٿيڻ جو شوق هو، 1948ع ۾ سڪرنڊ ۾سيد احمد شاهه ذاڪريءَ جي اثر هيٺ 3 سال روحانيت واري ڪم ۾ لڳي ويو، پاڻ پهريان 2 سال ڊڪ منشي ۽ 41 سال تعليمي کاتي ۾ استاد رهيو. 1951ع ڌاري سنڌي فائينل جو امتحان ڳوٺ خير شاهه لڳ نوابشاهه مان پاس ڪيائين .حافظ انهيءَ دوران مختلف هنڌن تي محنت مزدوري به ڪئي .هن شاعريءَ جي شروعات 1953ع کان ڪئي، پهريون شعر

اسان جي به قسمت آ ڏاڍي اٽانگي،  
نه اوهي، نه واهي، نڪي سيڻ سانگي،  
چيم چوڪري کي ڪٽي اچ تون ماني،  
چيائين ته سائين !چڙهي ناهي دانگي.

مٿيون شعر ملدسي اسڪول تعلقي شهدادپور ۾ سرجيائين .حافظ جا شعر سنڌ جي مزاحمتي جدوجهد ۾ جنگ جو طبل وڄڻ جو ڪم ڪندا هئا، ٻڌندڙن جا لڱ ڪاندارجي ويندا هئا ۽ سنڌن دل ۾ سنڌ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جا ڪرٽا نظر ايندا هئا.

1986ع ۾ جڏهن سنڌ جي پاٽي تي ڌاڙي جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ته ان ئي موقعي تي حافظ محمد بخش سنڌ جي ماٺهن جي آواز سان هم آواز تي پاڻ هيٺيون شعر قلمبند ڪيائين، جيڪو سنڌ ۾ اڄ تائين ننڍي وڏي جي زبان تي گونججي ٿو .سندس اهو طويل نظم 24 بندن تي مشتمل ۽ ان ۾ 110 سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جا نالا استعمال ٿيل آهن .ان نظم مان مثال طور چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

پاٽي

او ظالم تو سان پاٽي ٿيندو، ڌار حقو ۽ پاڻ ٿيندو،

هن پاڻي تي ئي پاڻي ٿيندو، پنهنجو ڳڻ نہ پاڻي ٿيندو،
ظالم تو سان پاڻي ٿيندو.

هن اڏول انسان کي 2003ع کان ڳلي جو ڪينسرٿيو،ڪافي علاج ڪرايائين، نيٺ سندس ڪينسر جو مرض وڌندو رهيو، انهيءَ سلسلي ۾ هي ڄامشوري جي اسپتال ۾ ڪينسر جي وارڊ ۾ بہ ڪجهہ عرصو داخل رهيو .هن سان گڏ سندس پاڻ ۽ پلوڙ شاعر گدا خاصخيلي بہ گڏ رهيو، پر سنڌ جو هي ارڏو، اربيلو ۽ مزاحمتي شاعر اسان کان ڇنڇر 25 ڊسمبر 2004ع بمطابق 14 ذوالقعد 1425هہ ۾ سڄي سنڌ کي سوڳوار ڪري سنڌ امڙ جي هنج ۾ وڃي آرامي ٿيو.

شاهہ ۽ سچل جي شيدائي حافظ محمد بخش خاصخيلي جا لکيل مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

مضمون -موڪي ۽ متارا لطيف جي نظر ۾ .ڪتاب جو حوالو نہ مليو .مقالو-لطيف جو سرڪارايل -ڪتاب -سرڪارايل، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1996ع. سارنگ سار لهيج الله لڳ اچين جي، ڪتاب-سرسارنگ، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1998ع .ساڳيو مقالو پيج پٿائي مئگزين اپريل 2005ع ۾ شايع ٿيس .لطيف سرڪار جو سرِپ، ڪتاب -سرِپ هڪ مطالعو، ڇپائيندڙ -عاشق حسين ميمڻ، ڇاپو پهريون، 2002ع .سرسورٺ، راءِ ڏياچ جو سلوڪ جي راهہ ۾ روحاني پسمنظر، ڪتاب-سرسورٺ، مرتب-تاج جويو، ڇاپو پهريون، اپريل 2003ع ساڳيو مقالو پيج پٿائي مئگزين نومبر 2017ع ۾ شايع ٿيس. لطيف جو سرڪاهوڙي، ڪتاب-سرڪاهوڙيءَ جو مطالعو، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون جولاءِ 1994ع .مقالو: 1-انسان شناسي ۽ شاهہ لطيف، مقالو: 2-لطيف جي رسالي ۾ سنڌي قوميت جو پيغام، ڪتاب -شاهہ لطيف هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ، مرتب -تاج جويو، شاهہ سائين جي 256هين 257هين عرسي جي موقعي تي پڙهيل مقالا (ڇاپو پهريون) اپريل 2002ع .شاهہ جي پيغام کي سمجهڻ جا قدر ۽ معيار، ماهوار پيغام ڪراچي، جلد-19، اپريل-مئي 2015ع .لطيف جو سرسامونڊي، ڪتاب -سرسامونڊي، مرتب-حميد سنڌي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون 1997ع 1418هہ صفحي تي لکي ٿو تہ سرسامونڊي حضرت لطيف جي سيني سرن کان نيارو ۽ اجتماعي صورت ۾ سنڌ جي هر هڪ ونيءَ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي پنهنجي ور لاءِ اهو بيمثال پيار ۽ سڪ جو داستان آهي، جنهن جو مثال دنيا ۾ ملڻ محال آهي.

وڻجاري جي ماءُ وڻجارو نہ پلئين،
آيو ٻارهين ماهہ، پڻ ٿو سفر سنبهي.

شاهہ سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل "شاهہ لطيف ادبي ڪانفرنس" 16-15 صفر1424 هہ بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي .ان موقعي تي جمعي جي ڏينهن 18 اپريل تي شاهہ سائينءَ جي فڪر جي گهڻ رخي فلسفياڻي ڄاڻ رکندڙ جهوني اديب حافظ محمد بخش خاصخيليءَ مقالو "ماٺيلي جي مومل ۽ ڏٺ جو ڏوليو" عنوان سان پنهنجو تفصيلي مقالو پڙهيو جنهن ۾ هن شاهہ جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ مومل ۽ راڻي جي نيهن جي ناتي جي تاريخي پسمنظر تي روشني وڌي.

حافظ محمد بخش خاصخيلي شاهہ سائينءَ جي 260هين عرس مبارڪ جي موقعي تي پنهنجي مڌر آواز ۾ وائي -منهنجو داد ڌنارن ڪونہ ڪيو، ڳائي پنڊال ۾ سيني ماڻهن کي روئاري ڇڏيو .سندس سوز ڀريو آواز اڄ تائين ڪنهن ڪان بہ نہ ٿو وسري .هي بزرگ صوفي اولياء الله وارن جو سچو معتقد هو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# حيدر علي لغاري

جنم 11 آگسٽ 1934ع ڳوٺ تاج پور موجوده ضلعو مٽياري .وفات 25 آگسٽ 2008ع.

ڪتاب اندر ملهه املهه، نيوفيلڊس حيدرآباد 1998ع .هن ڪتاب ۾ ٻئي مواد ڪانسواءِ هيٺيان مضمون، مقالا ڏنل آهن 1- شاهه لطيف جي شاعري ۽ انساني قدر، 2- لطيف جي حيات بخش جماليات. 3- لطيف جي ڪلام ۾ وجود جو خلا.

اردو ڪتاب-سوز و ساز لطيف- مثال پبلشرز فيصل آباد 2009ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ مشهور اديب ۽ دانشور حيدر علي لغاريءَ جي ٻن ڪتابن اندر ملهه املهه ۽ ڪچان ڪجاڙو ۾ ڇپيل شاهه جي شاعريءَ بابت ڪجهه مضمون نامور ڪهاڻيڪار شهناز شورو اردو ۾ ترجمو ڪري شامل ڪيا آهن .جن مان شاهه جي شاعريءَ جو نت نئون رنگ ۽ آهنگ ظاهر ٿئي ٿو .هن ڪتاب جو انتساب مترجم پنهنجي صوفي منش پيءُ عبدالڪريم شوري جي نالي ڪيو آهي، جنهن سنڌي ٻولي، سنڌ ڌرتي ۽ شاهه سائينءَ جي محبت جي سهاري ڏکي زندگيءَ کي آسان بنائي گذاريو .ڪتاب جو مهاڳ معروف اردو نقاد محمد علي صديقيءَ لکيو آهي .جڏهن ته شهناز شورو پنهنجي خيالن جو اظهار "Dust claims Dust" عنوان هيٺ ڪيو آهي .ڪتاب ۾ حيدر علي لغاريءَ جي سنڌي تحريرن جو اردو ترجمو شامل ڪيو ويو آهي .جهڙوڪ :شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حيات بخش جماليات، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سنڌي قوم جو تاريخي جمود، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ انساني قدر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي فرد جرم وغيره شامل آهن. ڪتاب-اندر ملهه املهه، روشني پليڪيشن 2017ع ۽ ڪتاب-ڪچان ڪجاڙو (مقالا)، روشني پبليڪيشن 2017ع ۾ شايع ڪيس.

ان ڪانسواءِ مقالو -شاهه ۽ حياتيءَ جو مقصد، ماهوار نئين زندگي جولاءِ 1966ع . مضمون -لطيف تي فردِ جرم .ماهوار ساجاهه .چيف ايڊيٽر -خاڪي جويو .شمارو- 1-3، 1999ع ۾ شايع ٿيل .شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ انساني قدر، مهراڻ نمبر-4، آڪٽوبر-ڊسمبر 1989ع .مضمون-شاهه عبداللطيف ڀٽائي، (سنڌي ڪتاب) لئنگويج اٿارٽي جنوري 1995ع .

# ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سنڌ جو ڀھڪندڙ موتي، نامور، ناول نگار، ماھر لسانيات، نقاد، محقق، شاعر، مدبر، معلم عبدالجبار جوڻيجو 26 نومبر 1935ع مطابق 28 شعبان 1354ھ اڱاري جي ڏينھن سلطان احمد جوڻيجو جي گھر ۾ ڳوٺ پير فتح شاھ تعلقي ۽ ضلعي بدين ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پير فتح شاھ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪري، انگريزي اي-وي -اسڪول بدين ۾ پڙھڻ ڪان پوءِ تنڊي باگي، حيدرآباد ۽ نواب شاھ ۾ پڙھندي 1956ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. 1958ع ۾ انٽر پاس ڪرڻ ڪان پوءِ 1960ع ۾ بي-اي جو امتحان پاس ڪيائين. ايم-اي سنڌي جو امتحان 1962ع ۾ فرسٽ ڪلاس/فرسٽ پوزيشن سان پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. ان ڪان پوءِ ترت ئي آگسٽ 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. 1995ع ۾ بحيثيت پروفيسر ۽ ڊين فئڪلٽي آف آرٽس ۽ 1966ع ۾ چيني زبان ۾ بيجنگ مان ڊپلوما ڪري آيو. ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“ جي موضوع تي علامہ غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب جي نگرانيءَ ۾ پي-ايچ-ڊي جو مقالو لکي سن 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان اعلیٰ سَنَدَ حاصل ڪيائين. انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا، ڇپائيندڙ-سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جلد ڏھون ش-1، سال 2016ع صفحي 185 تي سندس پي-ايچ-ڊي لاءِ رھبر ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيل آھي. جيڪو غلط آھي. پنھنجي سروس دوران نھايت ئي ذوق ۽ ذميواريءَ سان فرائض سرانجام ڏيندو رھيو. سندس ڪارڪردگي ۽ ڪردار جي پرک ڪان پوءِ مرحلي وار ترقي ٿيندي رھيس. آخر 1995ع ۾ آرٽس فيڪلٽي جي ڊين جي عھدي تان رٽائر ٿي، پنھنجي علمي ۽ ادبي ذوق سبب اڳ وانگر مختلف موضوعن تي تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪندو رھيو. پاڻ مشھور شاعر طور بہ سڃاتو وڃي ٿو. سندس غزل جون ڪجھہ سٽون نموني طور ھيٺ ڏجن ٿيون.

ڪھي ويو قافلو اڳيان رڳي رڃ،
اللہ اٿم اڃ پرديسيءَ جي پيار جي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جناب مظهر الحق صديقي صاحب جن جڏهن پهريون ڀيرو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسلر ٿي آيا ته پهرين آگسٽ 1988ع ۾ سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جي نگرانيءَ ۾ "شاهه لطيف ريسرچ سيل" قائم ڪيو ويو، جنهن جو مقصد هو شاهه جي ڪلام ۽ فڪر بابت تحقيق ڪرڻ. پوءِ اڳتي هلي شاهه لطيف ريسرچ سيل ۾ هند-سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن، محققن ۽ استادن کان لطيف سرڪار جي شاعري جي مختلف موضوعن تي ليڪچر پروگرام ڪرايا ويا ۽ انهن ليڪچرن، مضمونن کي ڪتابي شڪل پڻ ڏني وئي.

ڊاڪٽر عبدالجبار "شام" جوڻيجو صاحب -تصنيف ۽ تاليف کان علاوه سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر مختلف ڪانفرنسن ۾ تحقيقي مقالا پيش ڪندو رهيو. مختلف ادارن لاءِ سندس ڪيل خدمتون به هميشه يادگار آهن .سن 1993ع ۽ 1994ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين رهيو ۽ 2007ع کان 2009ع تائين سنڌالاجي جو ميمبر پڻ رهيو .سندس رهنمائيءَ ۾ بيشمار اسڪالرن، ايم-فل ۽ پي-ايڇ-ڊي جون ڊگريون ورتيون .رٽائر ٿيڻ کان پوءِ 3 سال لاڙ ميوزم بدين جو اعزازي ڊائريڪٽر رهيو .سچي زندگي ذميواري سان فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. ايترين خدمتن جي ڪري ڪڏهن به پاڻ ڪنهن انعام اڪرام جي طلب نه ڪيائين نه ان جو ڪو اظهار ئي ڪيائين .جن ادارن ۽ تنظيمن پاران ايوارڊ عطا ٿيس انهن جي معلومات هي آهي:

1-بين الاقوامي ڪانفرنس ايوارڊ سنڌي يونيورسٽي 1988ع. 2-سچل سرمست ايوارڊ سيمينار درازا 1999ع. 3-لاڙ ثقافتي ميلو بدين 1991ع. 4-سچل سرمست ايوارڊ خيرپور 1998ع. 5-انٽرنيشنل ڪانفرنس ايوارڊ آن آرڪيالاجي خيرپور 2003ع. 6-نئين زندگي ايوارڊ 2006ع. 7-بيدل ايوارڊ روهڙي 2006ع. 8-انسٽيٽيوٽ آف بزنس اسٽڊيز ڪراچي 2008ع. 9-سنڌي ٻولي لکت ۽ تهذيب ڪانفرنس ايوارڊ حيدرآباد 2009ع. 10-سما دور سيمينار ايوارڊ ڪراچي يونيورسٽي 2009ع. 11-ڪلهوڙا دور سيمينار ايوارڊ 2010ع. 12-روضي ڏٺي ايوارڊ حيدرآباد 2010ع. انهن کان علاوه 2005ع ۾ ڀارت ۾ ڪانفرنس دوران ڪيترائي ايوارڊ مليس.

لاڙ جي مٽيءَ مان جنم ورتل هن مهان شخص جو وصال اڱارو 12 جولاءِ 2011ع ۾ ڪراچيءَ جي نيشنل لياقت اسپتال ۾ ٿيو .پاڻ بدين واري گهر ۾ ڪم ڪرڻ دوران زمين تي ڪري پيو ۽ ڏڪ لڳڻ سبب سندس طبيعت خراب



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي پئي، جنهن بعد سندس لاڏاڻو ٿيو .سندس سموري زندگي پنجهتر سالن، ستن مهينن ۽ سورهن ڏينهن تي مشتمل هئي .ان حياتيءَ ۾ اوڻيهن سالن جي ڄمار ۾ سن 1954ع ۾ لکڻ شروع ڪيائين .پهرين تحرير افساني جي صورت ۾ ”مٽي جو سور“ جي عنوان هيٺ فردوس رسالي هالا جي مارچ 1954ع ۾ شايع ٿيس ۽ ساڳئي سال ٻي لکڻي ”سنڌي ٻوليءَ جا مختلف اچار“ نئين زندگي رسالي جي سيپٽمبر 1954ع جي پرچي ۾ ڇپجي پڌري ٿيس .اهڙيءَ طرح سڄي زندگي رسالن ۾ لکڻ ڪانسواءِ ڪيترائي ڪتاب بہ لکيائين .پهريون ڪتاب ”سوڪڙي“ 1956ع ۾ ڇپيس، جو بيتن ۽ افسانن تي آڌاريل آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار لطيفيات، سچليات، ادب، تاريخ، موسيقي، شخصيات، شاعريءَ ڪان علاوه مختلف موضوعن تي لڳ ڀڳ 100 کن ڪتاب لکيا آهن . انهن مان اندازو 72 ڪتاب شايع ٿيل اٿس.

**ڇپيل ڪتاب:**

1-سوڪڙي 1956ع. 2-اباڻو گهر 1958ع. 3-دانشمندي 1958ع. 4-غزلن جو غنچو 1963ع پروفيسر علي نواز جتوئي سان گڏ. 5-سوري آ سينگار 1963ع. 6-سنڌيون 1970ع. 7-پيغمبر اسلام 1971ع. 8-سنڌي ٻيو ڪتاب 1973ع. 9-مائو جي ملڪ ۾1973ع ترجمو. 10-اڪيلي 1974ع. 11-لاڙ جي لغات 1975ع. 12-مرگهه ترشنا 1976ع. 13-لطيف ڪوئز، آگسٽ 1978ع. ڇاپو ٻيو مئي 1988ع. 14-سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر 1980ع. 15-سچل نامو 1980ع. 16-نہ ڪر هار سينگار سڪي 1981ع. 17-ديپڪ ۽ ملهار 1984ع. 18-سنڌي لوڪ گيت 1985ع اردو. 19-محمد سومار شيخ-شخصيت ۽ فن 1988 ع. 20-مقالا 1988ع ترتيب. 21-نرتي تند نياز سين 1988ع. 22-بايو ڊيٽا آف رائٽرس. 23-سليس سنڌي 1989ع اردو. 24-ونڊ سر محل جو مسافر 1989ع. 25-لاڙ جو مطالعو 1991ع ترتيب. 26-سنڌ ڪوئز 1993ع. 27-ٿر جي ٻولي هدايت پريم سان گڏ 1994ع. 28-مرنگ 1995ع. 29-ڊاڪٽر بلوچ-هڪ مطالعو 1998ع. 30-شيخ اياز-هڪ مطالعو 1999ع. 31-ڪشف الابيات 1995ع. 32-سرائڪي شاعري-هڪ مطالعو 1999ع. 33-تنوير عباسي-هڪ مطالعو 2000ع. 34-محمد سومار شيخ-هڪ مطالعو 2001ع. 35-سرائيڪي شاعر-ايڪ مطالعہ 2001ع اردو. 36-لاڙ صدين ڪان 2001ع/ترتيب. 37-سنڌي ادب جو مطالعو 2001ع. 38-میرا عشق بھی تو ۲۰۰۲ع اردو. 39-درسي ٻيو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب 2002ع. 40-ڊاڪٽر سنديلو-هڪ مطالعو 2002ع. 41-ڪنمال 2002ع. 42-ڪافيان 2003ع اردو. 43-بدين 2004ع ترتيب. 44-وتايو فقير 2004ع ترتيب ۽ ترجمو. 45-سنڌي ادب جي تاريخ ٽن جلدن ۾2004ع 2005ع 2006ع. 46-مجاز 2005ع. 47-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حيات و خدمات (اردو) 2006ع. 48-سچل سرمست-هڪ مطالعو 2006ع. 49-بابا بلهي شاهه 2007ع اردو. 50-صوفيانه موسيقي 2007ع اردو. 51-سنڌي زبان جي ماهيت 2007ع. 52-سچل سرمست-شخصيت اور فن 2008ع (اردو). 53-لاڙي ۽ ڪڇي 2008ع. 54-ڪنزاللطيف، پاڱو پهريون، ڇاپو پهريون ابراهيم پريس حيدرآباد 1961ع ۽ ڇاپو پهريون مهراڻ اڪيڊمي اپريل 2009ع. 55-زنبيل 2010ع. 56-شڪار 2011ع. 57-مَڏو بالا 2011ع. 58-سجڻ نِتِ سوجهرو (ديني شاعري :ترجمو). 59-ناول :سوريءَ آهه سينگار. 60- سرائيکی شاعري(ايک مطالعہ، شاہ جو رسالو) اشاعت اول، بزمِ ثقافت ملتان ۲۰۰۱ع۔ 61-شاهه عبداللطيف مدبر، معلم ۽ مهربان 2002ع. 62-ڪافيان صنفِ سخن، موسیقی ٹھاٹھ شاہ عبداللطیف بھٹائی اشاعت اول بزمِ ملتان ۲۰۰۳ع۔ 63-چوند ڪلام 1984ع. 64-شاهه عبداللطيف ڀٽائي زندگي اور شاعري اردو بزمِ ثقافت ملتان 2005ع. 65-جلترنگ 2008ع. 66-محمد عثمان ڏيپلائي هڪ مطالعو 2013ع وغيره.

ڪتاب -لطيفيات، سنڌالاجي ڄامشورو، ڇاپو پهريون 1977ع .هن ۾ شاهه لطيف بابت ببليوگرافي آهي .ڪتاب -ڪنمال، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 2002ع .هن ڪتاب ۾ قديم سنڌي شعر جي جائزي ۽ سما دورِ حڪومت جي ڄاڻ ڪان پوءِ شاهه عبداللطيف متعلق 17 مضمون-مقالا ڏنل آهن .ان ڪانسواءِ هن ڪتاب ۾ حضرت سچل سرمست، سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو ۽ مختلف موضوعن تي هن ڪتاب ۾ معلومات سمايل آهي .ڪتاب -سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو پهريون 1973ع .ڇاپو ٻيو 1983ع .ڇاپو چوٿون 1994ع .ڪتاب -شاهه عبداللطيف مدبر، معلم ۽ مهربان ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ . ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون 2012ع .هي ڪتاب شاهه سائينءَ جي 268هين عرس مبارڪ جي موقعي تي شايع ٿيو .ڪتاب ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي .ڪتاب - ببليوگرافي شاهه تي لکيل ڪتابن جي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ڇاپو پهريون جنوري 2000ع 1420هه.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب -نرتي تند نياز سين، مرتب-ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ محمد قاسم ٻگهيو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو پهريون 1408هه 1988ع. هن ڪتاب ۾ ڇهن ليکڪن جا مقالا ترتيب ڏنل آهن .ڊاڪٽر عبدالجبار جو سهيڙيل ڪتاب -ڪشف الابيات ڊاڪٽر دِرشهوار ايڊيٽر جي حيثيت سان سيپٽمبر 1995ع ۾ ڇپرايو، هن ڪتاب ۾ شاهه جي بيتن جي ڏسٽي آهي .جنهن جي مدد سان يارهن رسالن مان گهربل بيت آسانيءَ سان ڳولي سگهجي ٿو، هن ڪتاب ۾ جوڻيجي صاحب بيتن جي ترتيب الف-ب وار رکي هر هڪ بيت جي پهرين سٽ ڏئي باقي رسالن جا صفحا نمبر لکيا آهن، اهي 11 رسالا هي آهن.

(1) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ وارو رسالو 1866ع. (2) قاضي محمد ابراهيم وارو رسالو بمبئي ڇاپو 1867ع. (3) سرڪاري ڇاپو 1900ع. (4) مرزا قليچ بيگ وارو رسالو 1913ع. (5) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ وارو رسالو-24-31، 1923ع.

(6)غلام محمد شاهواڻيءَ وارو رسالو 1950ع. (7) محمد عثمان ڏيپلائيءَ وارو رسالو 1950ع. (8) خانبهادر محمد صديق ميمڻ وارو رسالو 1951ع. (9) غلام مصطفىٰ قاسميءَ وارو رسالو 1951ع. (10) پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ وارو رسالو 1958ع. (11) علامه آءِآءِ قاضيءَ وارو رسالو 1961ع. هن ڪتاب ۾ بيت ڳائين پهچڻ جو آسان طريقو ڏنل آهي.

ڪتاب -شاهه جي رسالي جو مطالعو، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڇاپو پهريون سيپٽمبر 2005ع .ڪتاب جو ستاءُ -تنهنجي ڪهه منهنجون اکيون - پنهنجي پاران -اداري پاران -شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي باري ۾ ٿيل تحقيق جو مختصر جائزو -شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي پي-ايچ-ڊي ٿيسز -شاهه جي شعر جو وزن -شاهه هجي بيتن جي تلاش -هيري هٿ وڏائين -سرگهاتوءَ جو مطالعو - سرڪاهوڙيءَ ۾ ڪردارن جا جداجدا نالا -سرسامونڊي ۽ نسواني نفسيات -حامي هادي هاشمي -ٿر جو لباس) رسالي جي سرمارئيءَ جي حوالي سان -(ويني ور نه پون، ستي ملن نه سپرين) غفلت ڇڏڻ ۽ سجاڳ ٿيڻ لاءِ شاهه صاحب جي تلقين -(رسالي جا پکي -غم جو فلسفو ۽ سرري -فردا منذ ڦتي ڪئي) جدوجهد جو فلسفو ۽ سهپ -شاهه جي ڪلام ۾ انسان لاءِ بنيادي تعليم -سسئي، شاهه جي زبان ۽ ڪلام ۾ -پدمڻي -شاهه جي ڪونج -شاهه عبداللطيف، سنڌي زبان جو معمار -آهينم ڳالهڙيون ماءُ -تهڙو ڪينجهر ۾ ڪين پيو، جهڙي سونهن سندياس -رسالي بابت ٻه اکر -لطيف شناسي پسمنظر ۽ تحقيق لاءِ ڪي اهم پهلو -ڪاموڏ ڪامڻي -سرڪاموڏ جي موسيقي ڪلاسيڪل سان لاڳاپو -(



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رامڪليءَ جي موسيقي -سربروو سنڌي) راڳڻي ۽ ڪهاڻي -(سربرووي جي ڪهاڻي) هڪ روايت -(سرسورٺ جي موسيقي -راڻو هڪ راڳڻي) ديسي -( سرحسيني) سنگيت جائزو -سرديسي :سنگيت درسنيءَ ۾.
سندس 200 کان مٿي مضمون ۽ مقالا شايع ٿيل آهن تن مان ڪجهه مختلف موضوعن تي هن ريت آهن.
مقالو -شاهه جي رسالي ۾ آيل خاص لفظن جي لغات .ڪينجهر نمبر-1، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1987ع. 1-شاهه جي رسالي ۾ سرسارنگ جي موسيقي. 2-شاهه جي بيتن جي تلاش .ڪينجهر-2، 1988ع. 1-شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي پي-ايڇ-ڊي ٿيسز-2. سچل جو مالڪونس .ڪينجهر نمبر-3، 1989ع. قديم سنڌي شعر جو مطالعو .ڪينجهر نمبر-4، 1990ع .جهڙو پنهون پاڻ تهڙي سٽاءَ سات جي -سنڌي ادب جلد-9، 86-1985ع. سنڌي شاعريءَ جو مطالعو -سنڌي ادب .جلد-11، 1989ع. سنڌي شعر جي مختلف وزنن جو تنقيدي جائزو -سنڌي ادب .جلد-8، 85-1984ع. سنڌيءَ ۾ سوانح نويسي -سنڌي ادب . جلد-5، 1981ع. سنڌيءَ ۾ نعتيه شاعري جو جائزو -سنڌي ادب .جلد-3، 1979ع. مقالو -شاهه عبداللطيف جُڳن کان جُڳن تائين هڪ آواز .ڪلاچي ڊسمبر 2003ع .سرگهاتو هڪ جدوجهد، ڪتاب -سرگهاتو، آڪٽوبر 1987ع . مقالو -ساري سڪ سبق، ڪتاب -اگهيا سٽ سندا، مرتب -ڊاڪٽر نور افروز خواجه، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2007ع .مقالو -لطيف شناسي، پس منظر ۽ تحقيق لاءِ ڪي اهم پهلو .ڪتاب -شاهه ۽ سنڌ، جلد-1، 1998ع. شاهه عبداللطيف سنڌي زبان جو معمار -ڪتاب-شاهه لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج، مرتب -خالد آزاد، ڇاپو پهريون 2007ع .مقالو -شاهه جي ڪونج، ڪتاب -سرڏهر، مرتب -نواز علي شوق، 1989ع .سررامڪليءَ جي موسيقي -ڪتاب، سررامڪلي .مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1993ع 1414ھ .رسالي جا پکي-ڪتاب، سرڪارايل، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1996ع .فردا منذ ڦٽي ڪئي جدوجهد جو فلسفو ۽ سسئي، ڪتاب -سرسارنگ، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1998ع .غم جو فلسفو ۽ سرِپ، ڪتاب -سرِپ هڪ مطالعو، ڇپائيندڙ -عاشق حسين ميمڻ، ڇاپو پهريون، 2002ع. 1-سرحُسينيءَ جي ماڳن مڪانن جو تاريخي جائزو 2-سرحسيني سنگيت جائزو، ڪتاب -حسينيءَ جي هاڪ سرحسينيءَ جو مطالعو، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون مارچ 2005ع . سرسورٺ جي موسيقي، ڪتاب -سرسورٺ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون، اپريل


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

2003ع .وجود ۽ بانود، آس ۽ نراس جي ڪهاڻي، ڪتاب-سرآسا، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ ڇاپو پهريون، 2009ع .همٿ ۽ عزم جو شاعر -ماهوار پيغام مارچ 2005ع .ساڃيو مضمون -ماهوار نئين زندگي، جون 2006ع ۾ شايع ٿيس .سربروو، سنڌي راڳڻي ۽ ڪهاڻي، ڪتاب-سربروو، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1995ع . سرڪاهوڙيءَ ۾ ڪردارن جا جدا جدا نالا، ڪتاب-سرڪاهوڙيءَ جو مطالعو، مرتب-حميد سنڌي،ڇاپو پهريون جولاءِ 1994ع .سرساموندي ۽ نسواني نفسيات، ڪتاب -سرساموندي، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1997ع-1418هه . سرڪيڏاري تي تحقيق، ڪتاب -سرڪيڏارو، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ، ڇاپو پهريون 2008ع .سرديسي: سنگيت درسنيءَ ۾، ڪتاب -ديسي سيڻ ڪجن سرديسيءَ جو مطالعو، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون 2005ع .مقالو -آهي عبداللطيف جي عشق ڪي شاباس، ڪتاب - سرپرڀاتي، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون 2010ع .شاهه ڪريم سنڌي شاعريءَ جو ورثو، ڪتاب -سنڌي شاعريءَ وهائو تارو: شاهه ڪريم، سهيڙيندڙ -رڪيل مورائي، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2012ع .مقالو -شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق، ڪتاب -شاهه لطيف تي تحقيق، مرتبه -ڊاڪٽر دِرِ شهوار سيد، ڇاپو پهريون جولاءِ 1995ع .سرڪوهياريءَ جي موسيقي ۽ سسئيءَ جون ڪيفيتون، ڪتاب -سرڪوهياري، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون فيبروري 2007ع .وائيءَ جي گائڪيءَ جو ڪلاسيڪي موسيقيءَ سان رابطہ، ڪتاب -شاهه لطيف هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون اپريل 2002ع .مقالو -سچل سائين مجازي محبوب جي حضور ۾، ڇهه ماهي جرنل سنڌي ادب، جلد-16، نمبر-2/1، 2002ع. شاهه جي وائي-گائڪي ۽ ادائگي، ڪينجهر تحقيقي جرنل-9، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2003ع . سرساموندي ۽ سنڌ جي تجارت جو تاريخي پسمنظر، ماهوار آڪاس، شمارو-2، فيبروري 2010ع .سرگهاتوءَ جو مطالعو، ڪتاب -ذڪرِ لطيف خاص اشاعت .اردو سنڌي، نومبر 1984 ع .بيتن جي رهاڻ، سالاني تحقيقي جرنل، سنڌي ادب، شمارو-1 ۽ 2، 1982ع .مضمون -اعلىٰ انساني قدرن جو شاعر، ڪتاب-لطيف خاص اشاعت، مرتب-شهناز نور/آفتاب ابڙو، ڇاپو پهريون، مارچ 2004ع .مقالو - شاهه جي رسالي ۾ آيل ڏارئين ڪلام تي تحقيق، مخزن پورب، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڇاپو 1969ع .ڪاموڏ ڪامڻي، ڪتاب-سرڪاموڏ، مرتب-حميد



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌي، ڇاپو پهريون 1988ع .ٽر جو لباس، ڪتاب-ٽر، سهيڙيندڙ-عبدالقادر منگي، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، 2013 ع .مضمون -شاہ لطیف کی شاعری -کتاب-لطیف شناسی، ترتیب-ڈاکٹر طاھر تونسوی۔ سرائیکی ادبی بورڈ ملتان، اشاعت اول اگست ۲۰۱۰ع۔ مضمون -پرک، ڪلاچي ڊسمبر 2004ع .هن ۾ لطيفي لغات. سچل لغات ۽ مختلف لغتن جو تفصيلي جائزو ورتل آهي .مقالو" سسئي شاهه جي زبان ۽ بيان ۾"شاهه لطيف قومي ڪانفرنس 28-27 مئي ثقافت کاتي پاران ڪراچي ۾ ڪانٽينٽل ۾ پڙهيائين.

شاهه سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل "شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس" 16-15 صفر 1424هه بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي. ان موقعي تي جمعي جي ڏينهن 18 اپريل تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي "راڻو هڪ راڳڻي، ديسي" جي سري هيٺ انتهائي دلچسپ مقالو پڙهيو.

تاريخ 22-21 فيبروري 2006ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي پير حسام الدين راشدي حال ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "شاهه لطيف ڇا ٿو سيکاري" جي موضوع تي ليڪچر ڏنو .ان کان علاوه سندس ٻيا به يادگار ليڪچر آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# آغا سليم

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري اديب ۽ ناول نگار آغا سليم جو اصل نالو آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم خان آهي. هن 7 اپريل 1934ع تي شڪارپور شهر ۾ جنم ورتو .شروعاتي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائين. پوءِ 1948ع ۾ حيدرآباد شفٽ ٿيڻ بعد بي-اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان. انٽر لاهور مان پاس ڪيائين. 1995ع ۾ ريڊيو پاڪستان مان اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو .آغا صاحب آخري ڏهاڙن ۾ 2 انگريزي ڪتاب لکي رهيو هو. سندس خواهش هئي ته اهي ڪتاب حياتي ۾ پورا ٿين پر زندگيءَ ساٿ نه ڏنس ۽ ڦڦڙن جي تڪليف سبب اڱاري جي رات 2 بجي 12 اپريل 2016ع بمطابق 4 رجب المرجب 1437هه تي وصال ڪيائين .سندس نمازِ جنازه شام جو 5 لڳي 35 منٽن تي مسجد قبا ۾ ادا ڪئي وئي ۽ پاڻ ڪراچي جي ڊفينس فيز-1 قبرستان ۾ آرامي آهن . پروف جي غلطيءَ سبب، انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد ڏهون-1، ص-185، وفات 13 اپريل 2016ع لکيل آهي.

آغا سليم بهترين مترجم، محقق، افسانه نگار، ڊراما نگار، شاعر، صحافي ۽ ناول نويس طور سڃاتو وڃي ٿو .رٽائرمينٽ ڪان پوءِ صحافت جي ميدان ۾ گهڙيو .پهرين روزاني جاڳو ۽ پوءِ روزاني سچ اخبار جو ايڊيٽر رهيو .

آغا سليم افسانه لکڻ جي ابتدا 1952ع-1953ع ۾ ڪئي ۽ هن جو پهريون افسانو “آهه اي ظالم سماج” هالا مان جاري ٿيندڙ رسالي “فردوس” ۾ شايع ٿيو .آغا صاحب ٽي-وي ڊراما به لکيا جن ۾ خواب جو سورج 1970ع هدايتڪار عبدالسميع بلوچ، گل چنو گرنار جو 1971ع هدايتڪار عبدالڪريم بلوچ، بدمعاش 1971ع جمال ابڙي جي ڪهاڻي، پرهه جا مسافر 1972ع، سک جي وستي 1974ع هديتڪار غلام حيدر صديقي، درد جا پڙلاءُ 1973ع هدايتڪار هارون رند، (ٽيليفون) 1974ع هدايتڪار ذوالفقار نقوي، ٻُري هن پنيور ۾ 1976ع. هدايتڪار هارون رند، اٽڪث فاصلا 1976ع هديتڪار منظور قريشي، مانار 1977ع هدايتڪار مرغوب احمد صديقي، پوياڙي جا پاچا 1977ع هدايتڪار هارون رند، چانڊوڪيءَ جو رهبر 1977ع هدايتڪار هارون رند، پورٽريٽ 1977ع هدايتڪار هارون رند. پهريون ٽي-وي ڊرامو تماشو 1979ع هدايتڪار غلام حيدر صديقي، ڪيڏا سپنا ڪيڏا خواب 1981ع هداتيڪار



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هارون رند، سرابن جا مسافر 2002ع هدايتڪار سميع بلوچ .تنهن ڪانسواءِ هن ڪجهه سنڌي فلمن جون ڪهاڻيون، ڊائلاگ ۽ اسڪرين پلي لکيا، تن ۾ چانڊوڪي، سورٺ، محبوب مٺا، ڌرتي لال ڪنوار ۽ رت جا رشتا وغيره شامل آهن.

ڪيس جيڪي ايوارڊ مليا، انهن ۾ بهترين اردو مترجم جو شاهه لطيف ايوارڊ شاهه سائينءَ جي 262هين عرس مبارڪ جي موقعي تي خميس 15 صفر 1427هه 16 مارچ 2006ع تي ثقافت کاتي پاران صوبائي وزير قمر منصور ڏنو . تمغءِ حسن ڪارڪردگي 2013ع وغيره شامل آهن.

آغا صاحب جي تصنيفن ۾ ”لذت گناهه“ ڪهاڻيون، درد جو شهر (ڪهاڻيون). ڌرتي روشن آهي (افسانا). اڌورو انسان (رومانوي ناول) 1985ع. چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون) ڪهاڻيون 1963ع 1967ع. اونداهي ڌرتي روشن هٿ تهذيبي ۽ تاريخي (ناول) 1978ع 1984ع. پنڌ تاريخ .(روشنيءَ جي تلاش )پهريون ناوليٽ 1964ع اپريل 1980ع 1984ع، جهولي لال سفرنامو 2000ع، ڪتاب-پن ڇڻ ۽ چنڊ شاعري: نومبر 1986ع، ڊول مارو تحقيق، بابا فريد گنج شڪر ترجمو، تحقيق ۽ شاعري1984 ع 1990ع، ڊراما آغا سليم جا 2009ع، صدين جي صدا شيخ اياز جي شاعري جو اپياس 2005ع، اردو ڪتاب -منتخب ڪلام سچل سرمست -مترجم-آغا سليم، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ڇاپو پهريون 1993ع .اردو ڪتاب -سچل سچ هي سارا سچل سائين بابت ترتيب ۽ ترجمو 2010ع، هم اوست ناول 1985ع ناول هم اوست ۾ افسانوي نثر ۾ تصوف جي رمز سڀ کان اول آغا سليم رائج ڪئي . صوفي شاهه عنايت شهيد، شاهه لطيف، مخدوم معين الدين ٺٽو جهڙيون معزز هستيون پهريون پيرو ان ئي ناول ۾ نمودار ٿيون هيون.

آغا سليم جو شاهه لطيف جي انهن پارکن ۾ شمار ٿئي ٿو، جن شاهه جي رسالي جو اردو ۽ انگريزيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي .سندس لازوال لطيفي پورهيو سنڌ لاءِ پارس جيان جرڪندو رهندو .آغا سليم عمر جي آخري حصي ۾ شاهه جي گنج جي مڪمل انگريز ي ۽ اردو ترجمي جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو هو جنهن کي ذري گهٽ مڪمل ڪرڻ وارو هو ته سندس زندگيءَ جا پساهه پورا ٿيا، پوءِ اهو ڪم پروفيسر ناگپال، ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ ڊاڪٽر مخمور بخاري نظر مان ڪڍي مڪمل ڪيو .سندس جو لطيفيات تي ڪيل ڪم هيٺ ڏجي ٿو.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب -سرمومل راڻو منظوم اردو ترجمو 1984ع ۽ 1986ع .ڪتاب-سرڪليان، ايمن، کھنبھات منظوم اردو ترجمو 1986ع .هن ڪتاب ۾ شاهه سائين جي ٽن سرن جو منظوم اردو ترجمو ڪيل آهي .سرڪلياڻ جي ٽن داستانن ۾ موجود 74 بيتن ۽ 3 واين، سرايمن ڪلياڻ جي 8 داستانن ۾ موجود 181 بيتن ۽ 9 واين ۽ سرڪنيات جي ٻن داستانن ۾ موجود 74 بيتن ۽ 6 واين جو سليس ۽ سهڻي اسلوب ۾ اردو منظوم ترجمو ڪيل آهي، ان ڪانسواءِ هر سر جو مختصر تعارف پڻ ڏنل آهي .ڪتاب سنڌي موسيقي، رسالي جا سر 2011ع .سرسورٺ جو ترجمو (Mourning Melody of Sorth) هي ڪتاب 2002ع ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ شايع ڪيس .ڪتاب جي هر هڪ صفحي تي سرسورٺ جو بيت ڏئي انهي ساڳئي صفحي تي ان جو انگريزي ۽ اردو ۾ صفحي 39 کان 113 تائين ان جو ترجمو ڏنو ويو آهي.

Thought of Shah Abdul Latif Bhittai (2012), Alexander Conquest of Indus Vallery (2014).

Introduction to the Poetry and Mystic Thought of Shah Abdul Latif Bhitai 2012.

ڪتاب Melodies of Shah Abdul Latif Bhitai-2005-ڪتاب-ميلوڊيز آف شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا 4 واليم ثقافت کاتي پاران شايع ٿيس .جن ۾ واليم-1، 2006ع .واليم-2، 2007ع .واليم-3، 2008ع .واليم-4، 2009ع ۾ شايع ٿيس.

Melodies of Shah Abdul Lateef Bhitai, Vol: Iانگريزي ۽ اردو ترجمو.

هن جلد ۾ شاهه جي سرڪلياڻ، سر يمن/ايمن ڪلياڻ، سرڪنيات، سرسريراڳ ۽ سرسامونديءَ جي هر بيت ۽ وائيءَ سان گڏ آمنه خميساڻيءَ جو انگريزي ترجمو ۽ آغا سليم جو اردو منظوم ترجمو ڏنو ويو آهي .ڪتاب جي ابتدا ۾ شاهه لطيف جي زندگيءَ بابت مختصر ۽ جامع مواد پڻ ڏنو ويو آهي .ان ڪانسواءِ هر سر داستان جي آغاز ۾ داستان جو تاريخي پسمنظر ۽ تعارف پڻ تفصيل سان انگريزيءَ ۾ بيان ڪيو ويو آهي .هي ڪتاب شاهه لطيف جي 262هين عرس جي موقعي تي ثقافت ۽ سياحت کاتي پهريون دفعو 2006ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

Melodies of Shah Abdul Lateef Bhitai, Vol: IIانگريزي ۽ اردو ترجمو :جنهن ۾ انگريزي ترجمو آمنه خميساڻيءَ جو ۽ اردو منظور ترجمو آغا


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سليم جو شامل آهي .هي جلد ثقافت ۽ سياحت کاتي سال 2007ع ۾ شاهه سائينءَ جي 263هين عرس جي موقعي تي شايع ڪيو ويو .هن ۾ سرسهڻي، سرسسئي آبري، سرمعذوري، سرديسي ۽ سرڪوهيارىءَ جا بيت ۽ وايون، اصل متن، انگريزي ۽ اردو ترجمي سان شامل آهن .هر داستان جو تعارف ۽ تاريخي پسمنظر بہ ڏنو ويو آهي.

Melodies of Shah Abdul Lateef Bhitai, Vol: IIIانگريزي ۽ اردو ترجمو: هي ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي انگريزي ۽ اردو ترجمي تي مشتمل آهي .ڪلام جو منظوم اردو ترجمو آغا سليم جو ۽ انگريزي ترجمو آمنہ خميساڻيءَ جو ڏنو ويو آهي .هن ترجمي کي سليم نورحسين ايڊٽ ڪيو آهي .هن ٽئين جلد جي اشاعت شاهه لطيف جي 264هين عرس جي موقعي تي ثقافت ۽ سياحت کاتي حڪومت سنڌ 2008ع ۾ شايع ڪيو.

Melodies of Shah Abdul Lateef Bhitai, Vol: IVثقافت ۽ سياحت کاتو چاپو پهريون 2009ع .هي ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي ڪيل انگريزي ۽ اردو ترجمي تي مشتمل آهي، ڪلام جو منظوم اردو ترجمو پڻ آغا سليم جو ئي ڪيل آهي، جڏهن تہ انگريزي ترجمو آمنہ خميساڻيءَ جو ڪيل آهي جنهن کي سليم نورحسين ايڊٽ ڪيو آهي .هن جلد ۾ سر رپ (Melody of Calamity)، سرڪاهوڙي(Melody of Seekers) ، سربروو (Melody of Love)، سررامڪلي Melody of Ascetics ، سرڪاپائتي (Melody of Spinning Girls)، سرپورب(Melody of East) ، سرڪارايل (Melody of Peacock)، سرپرڀاتي(Melody of Dawn) ، سرڏهر (Melody of Days by gone)، سربلاول (Melody of Munifecence) شامل آهن .حوالو -سرفراز راجڙ چيف ايڊيٽر انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد ڏهون-1، ص-220-221.

آغا سليم شاهه سائين جي سرن جي سمجهہ رکندڙ ۽ شاهه جي راڳ جو پارکو هو .راڳ جي مهارت سبب سندس مقالن تي مبني ڪتاب-سنڌي موسيقي جي روايت ۽ شاهه جي رسالي جا سر سنڌيڪا اڪيڊمي 2011ع ۾ شايع ڪيس.ڪيس شاهه سائين سان ايتري تہ عقيدت هئي جو ڪير بہ ساڻس شاهه ڀٽائي متعلق ڪا ڳالهہ ڪندو هو تہ آغا صاحب شاهه سائين لاءِ احترام وچان هميشہ "سائين" لفظ چئي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندا هو .هن شاهه سائين تي وڏو ڪم ڪيو آهي .شاهه سائين جي فڪر ۽ فلسفي کي مختلف نمونن سان اجاگر ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، شاهه سائين جي ڪلام مان ايترو تہ متاثر

ٽيو جو پاڻ بہ شاھ سائين جي سريمن ڪلياڻ ۾ رام ڪلي جھڙا سر پنھنجي تخليقي ذات ڏانءَ وسيلي لکي سريمن ڪلياڻ جا ٽي داستان ۾ آخري ۾ وائي ڏنائين .سندس شاعريءَ ۾ شاھ سائين جو اثر ۾ گھرائي سمايل آھي، ھن شاھ سائين تي انمول ڪم ڪيو آھي .سندس ٻيا يادگار ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا.

**ڪتاب -لالن لعل لطيف ڪھي:** (شاھ لطيف جي چونڊ بيتن ۾ واين جو منظوم اردو ترجمو). ھن ڪتاب جو ڇاپو پھريون، لوڪ ورثہ اسلام آباد 1984ع ۾ شايع ڪيو .ڪتاب-شاھ جو رسالو (اردو ترجمہ) لوڪ ورثہ اسلام آباد 1992ع .آغا سليم ڪجھ سرن جي آڏو انھن جا قصا بہ لکيا آھن، جھڙوڪ : موکي ۾ متارا، سھڻي ميھار، سسئي پنھون، ليلا چنيسر، عمر مارئي، نوري ڄام تماچي، سورٺ راءِ ڏياچ ۾ لاکو ڦلاڻي شامل آھن.

ڪتاب -رسالہ شاھ عبداللطيف ڀٽائي منظوم اردو ترجمو، شاھ عبداللطيف ڀٽائي، ثقافتي مرکز ڀٽ شاھ 1421ھ 2000ع .ھن رسالي ۾ 2903 بيت ۾ 193وايون ۾ ٽوٽل شعر 3096 ڏنل آھن .ھي ترجمو شيخ اياز واري ترجمي کان وڌيڪ بھتر ۾ مستند سمجھيو وڃي ٿو .ھن ڇاپي ۾ ڪل 32 سر ترجمو ٿيل آھن .ڪتاب-شاھ جو رسالو اردو ترجمو لوڪ ورثہ اسلام آباد 1992ع .ھيٺين سرن جو منظوم اردو ترجمو ڪيو اٿائين .

۱ -سر کلیان۔ ۲ -سر ایمن۔ ۳ -سر کھنبھات۔ ۴ -سر سری راگ۔ ۵ -سر سامونڈی۔ ۶ -سر سوھنی۔ ۷ -سر آبری۔ ۸ -سر معذوری۔ ۹ -سر دیسی۔ ۱۰ -سر کوھیاری۔ ۱۱ -سر حسینی۔ ۱۲ -سر لیلا چنیسر۔ ۱۳ -سر مومل رانو۔ ۱۴ -سر مارئی۔ ۱۵ -سر کاموڈ۔ ۱۶ -سر گھاتو۔ ۱۷ -سر سورٹھ۔ ۱۸ -سر کیڈارو۔ ۱۹ -سر سارنگ۔ ۲۰ -سر آسا۔ ۲۱ -سر رپ۔ ۲۲ -سر کھاھوڑی۔ ۲۳ -سر بروو۔ ۲۴ -سر رامکلی۔ ۲۵ -سر کاپائتی۔ ۲۶ -سر پورب۔ ۲۷ -سر کارایل۔ ۲۸ -سر پربھاتی۔ ۲۹ -سر ڈھر۔ ۳۰ -سر بلاول۔

ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو .بيت:

پاڻھين پسي پاڻ ڪي پاڻھين محبوب،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻهين خلقي خوب پاڻهين طالب تن جو.

ترجمو:

خود ہی دیکھے خود کو، خود ہی ہے محبوب،

خود ہی خالق خوب، خود ہی ہے اس کا طالب۔

ڪتاب -لات جا لطيف جي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ڇاپو پهريون 2008ع .ڪتاب جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي .مضمون.حصو پهريون :شروعات-لات جا لطيف جي، شاهه جي غم جو فلسفو، جونجس نيڪاري، چوڏس چتاٽو، لڳي تندُ تنوار، سورت راءِ ڏياچ-مقدر جو ڊرامو.

حصو ٻيو :صوفيءَ جو عورت وارو روپ ۽ سنڌس احساس گناهه، انساني عظمت جو ايپڪ.

حصو ٽيون :درسن ڏارون ڏار، اپر چند پس پرين، بندر جان ٻيئي، ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙي، رندُ پروڙن راز، آئي مُندَ ملار، ڏُک تنين کي ڏِکَ، جي رُجن راءِ پچن، ڪوهُ نہ جهارئيين جڪرو، ناٿ ڏٺائون نانهن ۾.

ڪتاب -سنڌي موسيقيءَ جي روايت ۽ شاهه جي رسالي جا سر، چپيندڙ-سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون 1432هه 2011ع .ڪتاب جي فهرست هن ريت آهي .فهرست-

حصو پهريون: 1-سنڌي موسيقيءَ جو داستان. 2-سنڌ جا قديم گيت. 3-شاهه جي رسالي جا سر. 4-رسالي جي ڪلاسيڪي راڳن وارن سرن جو مختصر تعارف ۽ پسمنظر. 5-راڳ ۽ رس جو نظريو. 6-سنڌي پرڪاش راڳن جو نظريو. 7-سنڌي موسيقي ۽ سماع جي روايت.

حصو ٻيو: 1-راڳن جا نالا ۽ انهنجو پسمنظر ترجمو. 2-يورپ جي موسيقيءَ ۾ رومانيت جي تحريڪ ترجمو. 3-يورپ ۾ لوڪ گيتن جي روايت ترجمو -4 .( هندستاني موسيقيءَ ۾ مسلمانن جو حصو) ترجمو.

کتاب -دشتِ وجود کی مسافت۔ ناشر -محکمہ ثقافت حکومت سندھ-طبع اول ۲۰۱۲ع۔ کتاب میں شامل مضمون اور مقالاجات کی فہرست :پبلشر نوٹ -شاہ صاحب کے دکھ درد کا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نظریہ -روشن سب سنسار -سر میں دیکھایار -سورٹھ راء

ڈیاچ۔مقدر کا ڈرامہ -صوفیانہ شاعری میں صوفی کا نسوانی کردار-صوفی کا

احساسِ گناہ -وہ ہی جل جلال ہو وہی جانِ جمال سرکلیان اور

سرایمن(۔ چاندنی رات کا سر) سر کھنبات(۔ شاہ صاحب کی

شاعری میں سمندر کا امیج(ا)۔بے انت کا خوف (2) -وہ ہی جوبن ملن

کے دن تھے -سرسوہنی -سوہنی ماہیوال داستان کے متعلق ایک رائے -

انسانی عظمت کا ایپک -رند سمجھیں سب راز -آئے میگھ ملہار

سرسارنگ -(دکھ جن کا سنگھار -دیکھ ناتھ نفی میں سررامکلی -

کاتنے والیوں کا سر -منگتے موسیقاروں کا سر -لا حاصل کو

حاصل کرنے کی جستجو کرنے والے -شاہ صاحب کی شاعری کا

رومانوی پہلو۔

کتاب -جيڪي ڏٺو سو مون - مضمون .چيائيندڙ -شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2015ع .ڪتاب جي فهرست:ٻه اکر -پاڳو پهريون

1-افراتفري، انتشار جو دؤر ۽ شاهه. 2-شاهه-اميد جو شاعر. 3-شاهه-فطرت پرست ۽ انارڪسٽ. 4-عاشق زهر پياڪ. 5-شاهه ۽ Sublime -6 شاهه-تصوراتي عڪسن جو شاعر.

پاڱو ٻيو-لات جا لطيف جي چونڊ مضمون.

1-لات جا لطيف جي. 2-شاهه جي غم جو فلسفو. 3-جو نجس نيڪاري. 4-چو ڏس چٽاڻو. 5-لڳي تندُ تنوار. 6-صوفيءَ جو عورت وارو روپ ۽ سندس احساس گناهه. 7-سورٺ راءِ ڏياچ، مقدر جو ڊرامو. 8-ڏڪ تنين کي ڏڪ. 9-جي رجن راهه پڇن. 10-کوهه نه جهاريين جکرو. 11-نات ڏنائون نانهن ۾.

يٽ شاهه ۾ شاهه سائين جي 264هين عرس مبارڪ جي موقعي تي 24 فيبروري 2008ع بمطابق 17 صفر 1429ھ تي شاهه لطيف متعلق لکيل فقط



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻن ڪتابن جن ۾ هڪ منظور احمد قناصري جو ترتيب ڏنل ڪتاب ”سرڪيڏارو“ ۽ ٻيو آغا سليم جو انگريزي ۾ ترجمو ڪيل ”ميلوڊيز آف شاهه عبداللطيف“ جي مهورتي تقريب سنڌ جي نگران وزيرِ اعلىٰ جسٽس رٽائرڊ عبدالقادر هاليپوٽو جي هٿان ٿي.
سندس ٻيا شايع ٿيل مضمون ۽ مقالا هن ريت آهن.

سر رامکلی -ماهنامه اظهار کراچی -مارچ ۱۹۹۰ع۔ مارچ ۲۰۰۵ع۔ مقاله -

شاه عبداللطیف کی شاعری کا تاریخی پس منظر -کتاب گوهر

لطیف۔ خاص اشاعت سال ۱۹۸٦ع۔ مضمون -شاه صاحب کا نظریه.

پيج پٽائي مئگزين 15-2014ع.
سرڪنيات تي انگريزيءَ ۾ مضمون .Melody of Moon Sur Khanbhat ڪتاب- دائم آباد لطيف 2003ع ۾ شايع ٿيس.ڪتاب -گوهر لطيف سنڌي-اردو .نگران - شاهه جهان سيد ڪريم، سيڪريٽري اطلاعات ۽ سياحت .مرتب -سيد صفدر علي شاهه .ڊائريڪٽر اطلاعات پبليڪيشن .سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي .ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1986ع .هن ۾ آغا سليم جو اردوءَ ۾ لکيل مضمون ”شاہ عبداللطیف کی شاعری کا تاریخی پسمنظر“ شايع ٿيل آهي .مقالو -افراتفري ۽ انتشار جو دؤر ۽ شاهه .ڪتاب -شاهه ۽ عشق .مرتب -منظور احمد قناصرو . ثقافت ۽ سياحت کاتو .ڇاپو پهريون ڊسمبر 2014ع .شاهه جي شاعريءَ ۾ غم جو فلسفو، ڪتاب -شاهه جي ساجاهه، ڇاپو پهريون جنوري 2010ع .مضمون - شاهه اميد جو شاعر .ناٽ ڏنائون نانهن ۾ .شاهه فطرت پرست ۽ انارڪسٽ . چوڏس چٽاڻو .آغا صاحب جا متيان مضمون ۽ مقالا بيحد مقبوليت ماڻي چڪا آهن.

آغا صاحب مختلف موقعن تي ادبي ڪانفرنسن جي صدارت ڪئي، مضمون-مقالا پڙهياءِ ليڪچر بہ ڏنا. تاريخ 22 مارچ 2006ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي پير حسام الدين راشدي حال ۾ ”شاهه جي شاعريءَ ۾ غم جو فلسفو“ جي موضوع تي آغا سليم ليڪچر ڏنو. 22 مارچ 2006ع تي راشدي حال ۾ آغا سليم ”شاهه جي شاعريءَ ۾ سور ۽ سختين جو فلسفو“ جي عنوان تي بہ ليڪچر ڏنو هو .اهي سندس يادگار ليڪچر ليکيا وڃن ٿا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 270هين عرس جي موقعي تي ڪراچي يونيورسٽي جي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ ثقافت کاتي سنڌ پاران ڪراچي جي نيشنل ميوزيم جي آڊيٽوريم ۾ هڪ ڏينهن واري ڏيهان ڏيهي ڪانفرنس ”انساني، نفسياتي ڪيفيتن ۽ جذبن جو شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي“ جي موضوع تي 21 ڊسمبر 2013ع تي ڪوٺائي وئي .ان موقعي تي ناليواري اديب آغا سليم صدارتي تقرير ڪندي چيو تہ شاهہ جي شاعري سماع مان اپري آهي، تنهن ڪري هن جي سموري شاعري موسيقيءَ جي اصولن مطابق آهي .شاهہ صاحب سرحسينيءَ سڀ کان اول بيبي فاطمہ، امام حسين عليہ السلام جي لاءِ ڳاتو هو .شاهہ ڪيفيتن ۽ تصورن جو شاعر آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# محمد مٺل المعروف استاد حيدري چانڊيو

نالو-محمد مٺل چانڊيو .ادبي نالو-استاد حيدري چانڊيو .ولد .خدا بخش چانڊيو .ڳوٺ .سنڌو جا لڳ سعدي پير، تعلقو مورو، ان وقت ضلعو نوابشاهه هاڻي نوشهرو فيروز ساهتي پرڳڻو .تعليم .مسلم اسڪول هوت خان چانڊيو، پنج درجا سنڌي، سنڌي فائينل، نوان جتوئي 56-1955ع. اديب سنڌي مصطفىٰ اورينٽل ڪاليج، اديب عالم، اديب فاضل نوان جتوئي .پيشو .پرائمري استاد/صحافت، رٽائرڊ 1987ع، هن وقت رهائش ڳوٺ حيدري چانڊيو لڳ نوان جتوئي .پاڻ فڪري طور سائين جي.ايم سيد جو پوئلڳ آهي.

سائين محمد مٺل پنهنجي دور ۾ هڪ نامور صحافي، استاد ۽ ليکڪ طور وڏي محنت ڪئي ۽ تصوف تي گهڻو ڪجهه لکيو .سندس لکڻين ۾ خوشا مند ۽ تعريف کان زياده تر کهرا ۽ ڪڙا لفظ استعمال ٿيل آهن جيڪي معاشري ۾ ڪجهه انسانن کي نه وڻندا آهن .سچ جي سهپ ۽ ٻڌڻ جي سگهه نه رکڻ وارا انسان هن دور ۾ نه جي برابر آهن .اهڙن سچار انسانن کان اسان جي معاشري جا ڪجهه فرد ڪناره ڪشي ڪن ٿا .هن صوفي منش انسان جي گفتگو ۾ ڪنهن نه ڪنهن بزرگ جو شعر، قول، پهاڪو، حديثِ نبوي يا شيرِ خدا جو ڪو نه ڪو قول لبن تي لازمي هوندو آهي .اهو سڀ اثر صوفين جي صحبت ۽ سنڌن ڪلام جي وسيع مطالعي سبب ئي ميسر ٿيندو آهي.

هن بزرگ جو هڪ وڏو ڪارنامو اهو آهي جو سالن کان شاهه سائين، سچل سائين تي مختلف موقعن دوران سنڌن پيغام جي پرچار ڪندو رهيو، پوءِ انهن ڪالمن، مضمونن مقالن کي سيني سان سانديو رکيائين .انهن ٽڙيل پکڙيل لکڻين کي يڪجاءِ ڪري ڪتاب ”شاهه ۽ سچل جا سنيها“ نالي سان شايع ڪرايائين .هن ڪتاب ۾ سائين محمد مٺل چانڊيي ”شاهه ۽ سچل“ جي ڪلام ۾ بيان ڪيل فڪر ڪانسواءِ ڪجهه مختلف پهلوئن ۽ ڪردارن تي جديد طريقي سان خوب لکيو آهي .سندس شاهه ۽ سچل سائين جي ڪلام سان نيهن جو ناتو آهي، انهن بزرگن جي دور حالات، واقعات تي پڻ روشني وجهڻ ڪانسواءِ هن بگڙيل معاشري تي سنڌن ئي ڪلام ذريعي تنقيد سان گڏوگڏ اصلاح پڻ ڪئي آهي.حيدري چانڊيو صاحب مضمون ”شاهه جي شاعريءَ ۾ مزاحمتي پهلو“ ۾ لکي ٿو ته شاهه سائين سنڌ جي ان وقت جي غدارن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جي غدارن لاءِ چيو آهي ته:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هي منهن ڏئي ٻن تون وهه ڪائي نه مرين،
تان جي ملير ڇايون، توسين سگ نه ڪن،
پوءِ تون ڪيئن منجهان تن، پاڻ ڪوٺائين مارئي!

مرشد لطيف اهڙن مذهب فروش ملن مولوين خلاف به جنگ جوتي هئي جيڪي پيٽ ۽ پئسي تي وڪامجي ظالمن جو ساٿ ڏئي حق سچ وارن جي خلاف ”واجب القتل“ جون فتوائون جاري ڪري ڪين حق سچ جي راهه تان هٽائڻ شروع ڪيو هو ۽ دعوتِ حق اصلاح جي ڪا ڳالهه تي ٽٽي ته اهي ويڪائو مذهبي ٺڳ ٽولي جا ماڻهو پنهنجي عالمانه فريبڪارين جا هٿيار ڪڍي حق سچ جي رستا روڪ ڪري اهڙو سانگ رچائي ٿي بيٺا، جو دنيا حيران پريشان رهجيو ٿي ويئي.

**ڪتاب -شاهه ۽ سچل جا سنيها، مضمون ۽ مقالا، ڇپائيندڙ-ايلسا** پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون جنوري 2017ع .ارپنا-عبدالواحد آريسر ۽ طالب حسين چانڊيو، ڪتاب ۾ ڏنل فهرست پبلشر پاران -واحد ڪانڌڙو .ليڪ پاران -استاد حيدري چانڊيو .مهاڳ -علي نواز آريسر. 1-ڀٽائي گهوٽ جي هڪ بيت جي شرح. 2-شاهه جي حب الوطني ۽ آزاديءَ جو پيغام. 3-شاهه عبداللطيف ۽ سنڌ جي عورت. 4-شاهه شاعريءَ ۾ محبت جا موتي حصو پهريون. 5-شاهه جي شاعريءَ ۾ محبت جا موتي حصو ٻيو. 6-شاهه عبداللطيف ۽ مذهبي انتهاپسندي. 7-شاهه جي شاعريءَ ۾ مزاحمتي پهلو. 8-شاهه عبداللطيف ۽ سهڻي. 9-شاهه جي شاعريءَ ۾ حب الوطنيءَ جا اولڙا. 10-اڪ التي ڏار. 11-هڏي متي هوڏ. 12-شاهه سائينءَ جو ديسي دلالن خلاف جهاد. 13-شاهه سائينءَ جي طبقاتي ۽ قومي جدوجهد. 14-سچل سرمست جو پيغام. 15-شاهه جي شاعريءَ ۾ پورهيت پچار. 16-سچل جو پيغام سچ جو سنيهو. 17-سچل سائين پنهنجي رهڻي ڪهڻي جي آئيني ۾. 19-شاهه لطيف پنهنجي رهڻي ڪهڻي جي آئيني ۾. 19-سچل سائين جو مذهبي ڪترپڻي خلاف جهاد. 20-لطيف جي شاعريءَ ۾ عشق ۽ محبت جي خوشبو. 21-شاهه جي شاعريءَ ۾ راڳ جي روحاني برڪت. 22-سچل سائينءَ ڪي مليل ڀٽائيءَ جي ورچ. 23-شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ عبد جي عظمت. 24-ڀٽائي !باضمير ماڻهن جو شاعر. 25-شاهه عبداللطيف ۽ سنڌ جا سورهيه. 26-ڪي ويجهائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين حصو پهريون. 27-ڪي ويجهائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين حصو ٻيو. 28-


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهه عبداللطيف ۽ سنڌ جا مفت خور قورو. 29-سرمارئي ۾ حب الوطني ۽ آزاديءَ جو پيغام. 30-لطيف جي ادبي ڪچهري جهاتيون، ڪالم. 31-سپيريان سين سوپ. 32-وطن جي حب ۽ شاهه لطيف.

جيئن تہ شاهه جي ستن سورمين جي خانداني پسمنظر متعلق تفصيلي معلومات سڀ کان پهريائين چيتمل پرسرام گلراجاڻي ڪتاب ”شاهه جون آڪاڻيون“ ڀاڱو پهريون 1922ع، ڀاڱو ٻيو 1923ع ۾ شاهه جو آڪاڻيون سمجهاڻيءَ سميت، انهن ٽنهي ڀاڱن کي ملائي سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد 1994ع ۾ شايع ڪيو .اهڙي نوعيت جو ڪم ڊاڪٽر گربخشاڻي بہ ڪيو ۽ رام پنجواڻي ڪتاب ”سنڌ جون ست آڪاڻيون“ 1952ع ۾ نارائڻ داس ميوارام ڀمڀاڻي ڪتاب ”شاهه جون سورميون“ ڇاپو1944 ع 1957ع 1973ع ۾ اهي شاهه جي سورمين ۽ سورمن متعلق ڪتاب ان دور ۾ بنيادي ۽ تحقيقي ڪم ليکجن ٿا .حيدري چانديي بہ ڪتاب ”شاهه جون سورميون“ جيڪو هن نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جي طرز تي پڻ سهڻي ۽ سسئي، ليلا ۽ مومل جي اوسيئڙي، سور سختين، پيڙائن جي پيت ڪئي آهي .هن مصنف شاهه سائين جي سورمي سورت جي ڪردار تي نارائڻ داس ڀمڀاڻي کان زياده تر اوک ڊوک ڪري منفرد انداز سان لکيو آهي .استاد حيدري چانديي جا ٻئي ڪتاب مطالعو ڪندڙ پڙهڻ بعد ئي بہ خوبي اندازو لڳائي سگهندا تہ سندس محنت جس لهڻي.

ڪتاب -شاهه جون سورميون (مضمون ۽ مقالا) ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2017ع .فهرست .پبلشر پاران نوٽ .واحد ڪانڌڙو، پنهنجي پاران . استاد حيدري چانديو .سهڻي ۽ سسئي .ليلا ۽ مومل .نوري .سرمارئي .سرسورٺ. هي ڪتاب ڪل 95 صفحن تي مشتمل آهي. ان ڪانسواءِ ڪتاب منهنجي من اندر جون ڳالهيون (آتم ڪٿا) ايلسا پبليڪيشن قاسم آباد 2017ع. ڪتاب-ستا اٿي جاڳ (مضمون)، سنجها پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2018ع.

سندس مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل مضمون مقالا.

شاهه عبداللطيف جو ڌارين ڌاڙيلن ۽ ديسي دلالن خلاف جهاد، ٻيج پٽائي مئگزين اپريل 2005ع .شاهه جي شاعريءَ ۾ سنڌي قوم پرستيءَ جو تصور، ٻيج پٽائي مئگزين حيدرآباد .آگسٽ-سيپٽمبر 2006ع .شاهه عبداللطيف پنهنجي رهڻي ڪهڻي جي آئيني ۾، عبرت اخبار، اڱارو 10فيبروري 2009ع 14 صفر 1430هہ. مقالو-شاهه جي نظر ۾ محبت، ڪتاب پٽائي هڪ آدرشي انسان. ترتيب-غلام اڪبر لغاري، ثقافت ۽ سياحت ڪاتو 2017ع.

# فقير حاجي امداد علي سرائي

فقير امداد علي سرائي شاهه سائينءَ جو وڏو جاکوڙي ۽ شيدائي هو . سندس جنم عالم خان ڪانيي جي گهر ۾ ڪانياواڙ محلي نصيرآباد، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 4 سيپٽمبر 1936ع ۾ ٿيو .ابتدائي تعليم نصيرآباد مان ۽ مئٽرڪ ڪراچيءَ مان ڪيائين .سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم-اي سنڌي ۽ ايل-ايل-بي ڪيائين .نئي ۾ روينيو کاتي ۾ ڪلرڪ طور ملازمت ڪيائين .بعد ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار، انچارج مختيارڪار ۽ آفيس سپرنٽينڊنٽ ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن رهيو .هن نئي ۾ نوڪري ان ڪري ورتي جو ڪيس نندي هوندي کان شاهه جي رسالي سان لڳاءُ هو، پوءِ اڳتي هلي هن ثابت ڪيو تہ شاهه جي رسالي جي 70% ٻولي لاڙي آهي .شاهه جي رسالي جي ابتدائي سکيا ۽ تعليم مرحوم فقير طيب جت کان ورتائين، جيڪو لطيف سائينءَ جي 130 حاضري فقيرن مان نهيتي فقير جت جو تڙ پوٽو هو .ان ڪانسواءِ فقير عبدالله ميمڻ فقير، حاجي صديق فقيراڻي جت (ڪيٽي بندر)، فقير حاجي خميسي چانديي ۽ فقير رمضان جت جو والد فقير احمد جت ڊاڪٽر داؤد پوٽي سان رسالي جي ترتيب ۾ ڪافي وقت مددگار رهيو هو .سرائي امداد عليءَ شاهه جي ڪلام جي تحقيقي ۽ اڻڇپيل ڪلام هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ 1981ع ۾ انڊيا ويو .ان سفر ۾ ساٿس گڏ شاهه جا ٻہ پارکو حاجي خميسو چانديو ۽ رمضان جت هئا .ڀارت ۾ هو رڻ ڪڇ، ٻاڙمير، آدي پور، گانڌي دام، احمدآباد، ڪلياڻ ڪئمپ الهاس نگر ۽ ممبئيءَ جو سفر ڪيائون، جتي سندن ملاقاتون حاجي بصريي جت، آگي جت، آدم جت، سيد محمد شاهه نابين ۽ مائي مٺان سان ٿيون.

هن شاهه جي شيدائي شاهه جي قدمن جي سلسلي ۾ نارائڻ سر، ڪوٽيسر مندر، ڏيٿو در جبل تعلقي نڪراتي، لوٽيا ڳوٺ ڪانسواءِ ٻين قديم تاريخي ڳوٺن جا چڪر ڪاٽيا .ڪيس شاهه جي اڻڇپيل ڪلام ڪي هٿ ڪرڻ لاءِ رڻ ڪڇ جو ٻيو ڀيرو بہ سفر ڪرڻو پيو.پاڻ ان سفر جو ذڪر ڪتاب" قدم ڪاپڙين جا "۾ ڪيائين ۽ اڻڇپيل بيت ڪتاب-املهہ اڻ توريا ۾ ڏنائين.

هن فقير صفت انسان جي وفات جي تاريخ "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد ڏهون-1. ۾ 16 سيپٽمبر لکيل آهي. جڏهن تہ درست سن وفات اربت 25



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيپٽمبر 2002ع. پرسن ٽائون قاسم آباد. آخري آرامگاهه مقام بابن شاهه ۾ اٿس.
فقير امداد علي سرائيءَ جا هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن.
1-املهه اڻ توريا شاهه جا اڻڇپيل بيت. 2-قدم ڪاپڙين جا. 3-ڪستي منجهه ڪٺان.
ڪتاب -املهه اڻتوريا، ڇپائيندڙ-شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي، ڇاپو پهريون 1985ع. ڇاپو ٻيو 1988ع .ڪتاب جي فهرست -تمهيد -سيد غلام مصطفىٰ شاهه -عرض حال -فقير امداد علي سرائي. 1-عرض حال. 2-شاهه جي شاعري شان، علمي عروج ۽ سندن سونهاري شخصيت. 3-شاهه، جڳسڪرو، پيغمبري صفت ۽ الهامي شاعر. 4-ساجن سينئان سهٽو.
ڪتاب -املهه اڻتوريا، گڏ ڪندڙ :فقير امداد علي سرائي، مولوي حاجي خميسو چانديو ۽ فقير رمضان جت .ترتيب :ٻانهون خان شيخ ۽ نظرثاني محمد ابراهيم جويو ڪئي. سٺاءُ هيٺ ڏجي ٿو.
1-سريمن. 2-سراڳ. 3-ڪنيات. 4-ساموندي. 5-سهڻي. 6-سارنگ. 7-ڪيڏارو. 8-آبڙي. 9-ديسي. 10-ڪوهياري. 11-حسيني. 12-سورٺ. 13-بروو سنڌي. 14-راڻو15-ڪاهوڙي. 16-رامڪلي. 17-رپ. 18-گهاتو. 19-ڏهر. 20-ليلان. 21-بلاول. 22-پورب. 23-آسا. 24-ڪارايل. 25-مارئي. 26-ڪاپائتي. 27-پرڀاتي. 28 ۽ سرڪاموڏ.
ڪتاب -ڪستي منجهه ڪٺان لکڻ تي 10 هزار روڪ ۽ 5 تولا سون جو اوارڊ ان دور ۾ مٽياري ساداتن ڪان مليس .هي سنڌ جو هيءُ واحد اديب هو جنهن تحقيق ڪري شاهه سائينءَ جي امڙ جو نالو "فاطمه" ۽ شاهه جي وڏڙن جي تحقيق لاءِ ايران جو سفر ڪيو، پوءِ اهي ڳالهيون ڪتاب "ڪستي منجهه ڪٺان" ۾ لکيائين .شاهه سائينءَ جي وڏڙن متعلق لکي ٿو تہ سيد حسين شاهه عرف سيد علاوالدين حسين شاهه اڪبر شيرازي، سيد جعفر شاهه شيرازي پٽائيءَ جي جڙ ڏاڏن مان آهن.
ڪتاب -ڪستي منجهه ڪٺان، ڇپيندڙ-ترڪ پرنٽنگ پريس هيرآباد، حيدرآباد .ڇاپو پهريون آگسٽ 1995ع .ڪل 530 صفحا .هي ڪتاب ڪل ڇئن ڀاڱن تي مشتمل آهي .هن ۾ شاهه لطيف ڪان علاوه اسلامي معلومات ۽ مختلف شخصيتن بابت ڪارائتي معلومات ڏنل آهي .ان ڪتاب ۾ شاهه لطيف


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

متعلق مضمون-مقالا هن ريت آهن. 1-وڏي سگهه سنڌياءِ ڀاڄهن پريو آهين. 2-پرياتي سيد ڪُر اُجار ڪامل مرشد حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو نسب نامون شجرو مبارڪ. 3-سونهاري سنڌ ۾ ڀلارو ڀٽائي. 4-شاهه جو جنم مبارڪ. 5-شاهه جي شاعري دارائي، شاعري خياطت لطائف، خوبيون، قدرتي ذات، ٻولي جي عجيب سماني سونهن ۾ سندر اکرن جي جهانءِ 6-سُرمارئي جو دؤر ۾ جاڪوڙي جائزو سرُمارئي ۾ ان جو داستان-شاهه ڀٽائي جون رمزون، مفهوم ۽ مطلب. 7-سُرڪاهوڙي جي" لطيف هٻڪار ۽ روحاني راز. 8-هڪ ناياب-هڪ اهم خبر، سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪنڌڙ مارئي عمر جي ڀيڻ ڪيئن ٿي؟. 9-شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ امراءُ القيس عرب جي وڏي شاعر جي ڀيٽ ۾. 10-سسئي سرواٽن سين لڪئي جون لاٿون. 11-او ڪو ڀيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ ڪي. 12-هدايت ڀريا اشعار. 13-شاهه سائين ۾ سندس نائب يعني پوءِ جا شاعر. 14-مختصر دعا جا بيت. 15-وجود خدا تعالیٰ جيئي لطيف. 16-سڪ، محبت، اُڪند، اُڪير. 17-شاهه سائين جي ڪلام بابت صلاحون توجه لاءِ هيٺ ڏجن ٿيون. 18-حضرت سچل سرمست،لطيف سرڪار. 19-شاهه جي امل امت شاعري. 20-الله جي آس ڪري هليس هيائين) شاهه جي وڏڙن جي تحقيق لاءِ ايران جو سفر. 21-هنگلاج ماتا جي ياترا.

ڪتاب -قدم ڪاپڙين جا رڻ ڪڇ، انڊيا جو سفرنامو .ڇاپو پهريون ادارو اشاعت، رسالو شاهه عبداللطيف ڪاڇيلونگر حيدرآباد 1987ع .ڇاپو ٻيو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع .پنجويهه بابن تي مشتل هن ڪتاب ۾ شاهه لطيف جا نوان بيت ۽ تڪين متعلق انمول معلومات ڏنل آهي .فقير امداد علي سرائي شاهه سائينءَ جو سچو شيدائي هيو، هن 26 آڪٽوبر 1979ع تي پنهنجي ٻين ساٿين فقير جن ۾ محمد رمضان جت، حاجي خميسو خان چانديو سان گڏ سامونڊي جهاز "الولا" ۾ ڀارت ڏانهن سفر شروع ڪيو، ان سفر ۾ تمام گهڻا ڪشالا ڪاٽي ۽ تڙ تڙ جو پاڻي پي، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا اڻڇپيل بيت ۽ تڪيہ پنهنجي ڪتاب ۾ قلم بند ڪيائين .سندس ان محنت ۽ تڪليف جو اندازو ڪتاب "قدم ڪاپڙين جا" مان لڳائي سگهجي ٿو.

هن محقق جا شاهه سائينءَ جي فن ۽ فڪر بابت لکيل مضمون ۽ مقالا هن ريت آهن. مضمون -لطيف شناسي، ماهوار پيغام ڀٽائي، مارچ-اپريل 2005ع .ساڳيو مضمون ڪتاب-شاهه لطيف هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ، مرتب-تاج جويو، سال 2002ع واري ڇاپي ۾ شايع ٿيس .شاهه جي دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت -ڪتاب-

سرگھاتو، مرتب -حميد سنڌي، آڪٽوبر 1987ع .سرڪارايل ۾ لطيفي لات، ڪتاب-سرڪارايل، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1996ع، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد .ساڳيو مضمون ڪتاب-ڀٽ جو گهوٽ ۾ ڏنل .سرِ پ جو جائزو ۽ سماچار -ڪتاب-سرِ پ هڪ مطالعو، ڇپائيندڙ -عاشق حسين ميمڻ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون، 2002ع .سرسامونڊيءَ جو جاڪوڙي جائزو، ڪتاب -سرسامونڊي، مرتب -حميد سنڌي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون 1997ع 1418هه. شاهه ۽ سنڌي ٻولي، ڪتاب -شاهه نامو، جنوري 1980ع .شاهه جو شان ۽ ڪلام، ڪتاب -شاهه عبداللطيف ڀٽائي احوال ۽ افڪار، ڊسمبر1981ع .شاهه جي ڪلام ۾ اخلاقي قدر، ڪتاب-سرڪاموڏ، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1988ع .سرمارئيءَ جو مطالعو، ڪتاب-سرمارئي، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو 1990ع .مقالو -قدم ڪاپڙين جا، ماهوار پيغام آڪٽوبر-نومبر 1984ع .ڀٽائي جو مطالعو، ماهوار پيغام نومبر-ڊسمبر 1982ع .مقالو -شاهه سائين صفت، شخصيت ۽ درجو .سربلاول ۾ شاهه جي سندر سوچ ۽ عارفاڻو اهاءُ، ڪتاب -سربلاول جو مطالعو، مرتب -حميد سنڌي، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون 1992ع .صفحي 177 تي هن محقق جو سيني محققن ڪان مختلف رايو ڏنل آهي .پاڻ لکي ٿو ته سربلاول جي چوٿين داستان ۾ وڳند عرف ورو بابت ڏنل بيت شاهه جي ڪلام ۾ اوپرا ۽ ڪنهن فقير جا ٽوڪ چرچي خاطر چيل آهن ۽ هن سر ۾ ٺنبجي ويا آهن .شاهه سائين پاڻ ڪي ڪوجهو ۽ ڪنو ٿو چوي سو ڪيئن ٿئي ڪي ڪلاٽ، ڀيٽر، بدو بي نماز گدلو جهڙن لفظن سان حقارت وچان بيان ڪندو، جو ته ڪوجهي ۽ سهڻي جو خلقڻهار ساڳيو آهي اسان ڪي ڪهڙي مجال جو ان سچي ڪنيار جي برتن تي ٽوڪ يا ٺٺولي ڪيون.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ 3 ڊسمبر 1966ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ 1996ع ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو .سنڌي ناول جي تاريخ جومطالعو سندس مرغوب موضوع هو، جنهن ڪري "ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ" جي عنوان تحت مقالو تيار ڪري اي-ايچ جتوئي جي رهبريءَ ۾ سال 1977ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي .انهيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب "تحقيق جو فن" نالي ڪتاب لکيو، جيڪو پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي پاران شايع ٿيو .انهيءَ ڪتاب تي پاڪستان اڪيڊمي ادبيات پاران کيس "شاهه عبداللطيف ايوارڊ" مليس .هن جو شاهه لطيف تي هڪ بهترين ڪتاب -شاهه جي ڪلام ۾ هدايتون، ڇاپو پهريون نومبر 2006ع سنڌي ساهت ڪتاب گهر حيدرآباد .ڪتاب ۾ ڏنل موضوع -شاهه تي خانداني اثر، شاهه صاحب جي تعليم، شاهه جا ذاتي مشاهدا، شاهه تي عالمن، شاعرن، درويشن جي فڪر جو اثر، شاهه صاحب تي مولانا روميءَ جي مثنويءَ جو اثر، شاهه صاحب جي دؤر جون سياسي حالتون -تصوف -صوفي -شاهه جي ڪلام ۾ زندگيءَ جو فڪر -فنايت -روحاني زندگيءَ جو مقصد -ارادو ۽ شوق -رهنمائي -موقعو ۽ ذريعو -سڌ -ڄاڻ ۽ عمل -پرک ۽ پروڙ -عمل دوران ڊپ ۽ خوف -رضا الاهي -نراسائي -محنت ۽ ڪوشش -خود ضابطو -لالچ ۽ طمع -سمر -عبادت -شاهه جي نظر ۾ زندگي -ڪامل انسان جي زندگي -معرفت جو مقام -دنيوي زندگي -شاهه جي مثالي زندگي.

مطلب تہ هن ڪتاب ۾ سيني موضوعن تي ليکڪ پرپور انداز سان پنهنجي قدرتي ڏات وسيلي لکيو آهي .ڪتاب مان ڪجهہ سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

شاهه صوفي، عارف، عالم مفڪر، فيلسوف هو، سندس ڪلام هر دکي دل جي پڪار، سک ۽ سرور جو سامان پيدا ڪري ٿو .ذهنن ۾ آسودگي آڻي ٿو .جيئن تہ شاهه پنهنجي سڄي زندگي عملي صوفياڻي زندگي ۾ گذاري ۽ حقيقت جي آشنائي جي لاءِ راهون تلاش ڪيون، جن ڪي هن پنهنجي بيتن جي وسيلي عام ماڻهن تائين پهچايو ۽ سندس اها جدوجهد عشق الاهي جي تلاش هئي.

مختلف عنوانن بابت مضمون ۽ مقالا.

مقالو -شاهه جي ڪلام ۾ طالب ۽ مطلوب، ڪينجهر نمبر-1، 1987ع .ساڳيو مقالو نئين زندگي آڪٽوبر 1987ع ۾ شايع ٿيس .شاهه جي نعتيه شاعري، ماهوار پيغام فيبروري 1980ع .شاهه جي ڪلام ۾ پاڻي -ڪينجهر نمبر-2، 1988ع .شاهه جي رسالي ۾ سرن جي ترتيب جو جائزو، ڪينجهر نمبر-3، 1989ع .شاهه جي ڪلام ۾ رنگن جو مقصد .ڪينجهر نمبر-4، 1990ع . مضمون -سرسارنگ .ڪينجهر نمبر-5، 1993ع .شاهه جي ڪلام ۾ روحاني حسن .ڪينجهر نمبر-6، 95-1994ع. اسلام ۾ تحقيق جو فن -سالانا تحقيقي جرنل سنڌي ادب جلد-4، 1980ع .نفسياتي نڪته نگاهه کان ناول جو جائزو - سنڌي ادب .جلد-3، 1979ع .ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو - سالانه تحقيقي جرنل سنڌي ادب .شمارو 2-1 جلد-8، 85-1984ع، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو .مقالو -جر وڏو جاجهه گهٽي، پاند مَ پسائيج، ڪتاب - اڳهيا سُت سندا، ڇاپو پهريون آگسٽ 2007ع .ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو، ڇهه ماهي سنڌي ادب 85-1984ع. شاهه جي ڪلام ۾ روحاني منزل، ڪتاب -پيتائي-2، ڇپائيندڙ -شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور، ڇاپو پهريون جولاءِ 1992ع. سرسامونڊي جو فڪري اڀياس، ڪتاب-سرسامونڊي، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1997ع .شاهه سائين جي 253هين عرس جي موقعي تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز شايع ڪيو .ڪيڏاري ۾ جماليات ۽ علامتي شعور، ڪتاب-سرڪيڏارو، ڇاپو پهريون 2008ع .شاهه جي شاعري جو مرڪزي خيال، ماهوار نئين زندگي، ايڊيٽر-عابد لغاري، آڪٽوبر-نومبر 1985ع.

شاهه جي مثالي زندگي، ليکڪ لکي ٿو ته شاهه صاحب پنهنجي دور جي حالتن، ماحول، همعصرن ۽ اڳين عالمن اديبن جي آزمودن، پرکن ۽ مطالعي مان جيڪي ڪجهه حاصل ڪيو انهي کي زندگي گذارڻ لاءِ هدايتون سمجهي انهيءَ تي عمل ڪيو.

# ڊاڪٽر حبيب اللهّ صديقي

مشهور ماهرِ تعليم ۽ شاهه لطيف جو محقق ڊاڪٽر حبيب الله صديقي ولد ڪريم بخش صديقي شهر پاٽ، تعلقي دادو ۾ تاريخ پهرين جنوري 1937ع تي جنم ورتو .سندس تعليم ايم-اي، ايم-ايڊ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۽ مسلم تاريخ ۾ پي-ايڇ-ڊي گولڊ ميڊلسٽ آهي .هن پنهنجي ڪيريئر جي ابتدا جولاءِ 1953ع کان انگريزي استاد جي حيثيت سان ڪئي .وقت سپروائيزر ايڊيوڪيشن بہ رهيو .ان کان پوءِ ڊسمبر 1972ع کان سب ڊويزنل ايڊيوڪيشن دادو، 1976ع کان ڊپٽي ڊائريڪٽر سيڪنڊري اسڪول 1979ع کان ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسر، مئي 1988ع کان سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1990ع ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسر بدين، فيبروري 1991ع کان پراجيڪٽ ڊائريڪٽر سيڪنڊري پرائمري ايجوڪيشن حيدرآباد، جولاءِ 1993ع کان ڊائريڪٽر سيڪنڊري ايجوڪيشن لاڙڪاڻو، آڪٽوبر 1993ع کان چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو، جولاءِ 1994ع کان ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ ڄامشورو ۽ آگسٽ 1996ع کان ايڊيشنل سيڪريٽري اڪيڊمڪ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سنڌ ڪراچي بہ رهيو .هن وقت ڊاڪٽر اين-اي بلوچ ريسرچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ۾ ڊائريڪٽر جا فرض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

ادبي حوالي سان صديقي صاحب بهترين شاعر، عالم، اديب، نقاد ۽ مدبر ايجوڪيشن آفيسر طور سڃاتو وڃي ٿو .سندس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾شايع ٿيندا رهن ٿا .ٽماهي ”مهراڻ“ ۽ ماهوار ”نئين زندگي“ ڄامشورو ۾ تحقيقي مقالا شايع ٿيا اٿس .سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

حياتي آ گذري فقيري ۾ يارو،
ڪبو ويس کهڙو ڪو پيري ۾ يارو،
وڏا پيٽ تن جا وڏيون اوگرايون،
گذارن بہ پيا بي ضميريءَ ۾ يارو.

سندس هيٺيون تخليقون، ادبي ۽ تحقيقي سرمايو آهن.

- Education in Sindh past and present.

- Allama I.I Qazi A Missionary Scholar of Islam and Pioneer of University Education in Sindh.
- Life on River Banks and Sea Shores.

4-رچنائون ۽ وارداتون 2007ع. 5-تاريخ باب الاسلام سنڌ ڀاڱو پهريون. 6-ڪيئي ڪهاڻيون، سال 2009ع. هن ڪتاب ۾ 30 ڪهاڻيون ڏنل آهن. 7-انسان جي تاريخ ڀاڱو پهريون ۽ ٻيو 2002ع. ڪتاب-انسان جي تاريخ حصي پهرئين جي صفحي-6-176-306-485- 509 ۽ 563 تي شاهه سائين جو ذڪر ڪيل آهي .ڪتاب-انسان جي تاريخ حصي ٻئين جي صفحي-156-191 ۽ 821 تي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ذڪر ڪيل آهي .ڪتاب-سنڌ ۾ موسيقيءَ جي اوسر، محقق -ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ترجمو -ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ڇاپو پهريون مارچ 2009ع .شاعريءَ جو مجموعو تازو ڪلام، ڇاپو پهريون سيپٽمبر 2015ع .تنهن ڪانسواءِ سندس ٻيون تصنيفون به آهن ۽ پاڻ ڪجهه ڪتابن جا ترجما، مهاڳ، پيش لفظ پڻ لکيا اٿس .سندس تحقيقي مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح حيات ۽ سندس ڪلام جو پسمنظر، ڪتاب -شاهه لطيف هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون 2002ع .ساڳيو مقالو ڪينجهر تحقيقي جرنل شمارو-12، سال 2009ع ۾ به شايع ٿيو .سارنگ جو اهڃاڻ ۽ سنڌ جي جاگرافي، ڪتاب-سرسارنگ، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1998ع .مضمون -رِپ جو راز، ڪتاب -سررِپ هڪ مطالعو، ڇپائيندڙ -عاشق حسين ميمڻ، ڇاپو پهريون، 2002ع .سرسورٺ جو تاريخي جائزو، ڪتاب -سرسورٺ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون، اپريل 2003ع. مقالو -درس لطيفي، ڪتاب -مون ۾ تون موجود، سهيڙيندڙ -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي 2012ع .مقالو -تصوف: درس لطيفي جي روشنيءَ ۾، ڪتاب-جهڙي سونهن سندياس، سهيڙيندڙ-محمد علي مانجهي ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون 2012ع .لطيف جي ڄاڻ سڃاڻ، ڪتاب -سک نه ستا ڪڏهين، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇپائيندڙ -سيڪريٽري ثقافت سنڌ، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2013ع . مرحوم علامه امداد علي قاضي صاحب جو هڪ ڳوڙهو ويچار، ڇهه ماهي تحقيقي سنڌي ادب، ڊسمبر 2003ع .شاهه لطيف ۽ جديد سائنس، ماهوار پيغام ڪراچي، جلد-7، اپريل 2005ع .مضمون -فڪر مرشدين، حضرت عثمان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مرونڊي ۽ حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي .ماھوار روح رھاڻ، چيف ايڊيٽر -حميد سنڌي، جنوري-فيبروري 2009ع.

شاھ سائينءَ جي 259ھين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل "شاھ لطيف ادبي ڪانفرنس" 16-15 صفر1424 ھ بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي .ان موقعي تي چنچر جي ڏينهن 19 اپريل تي ھن نشست جي خاص مهمان ۽ نالي واري اديب ڊاڪٽر حبيب الله صديقي پنهنجو مقالو "سرمومل راڻي ۾ ناتر جو ڪردار" پڙھيو، جنهن ۾ ھن مومل ۽ سومل جي ڪردارن جيان ناتر مومل جي ڀانهيءَ جي ڪردار کي بہ گھڻو اھم ڄاڻايو ۽ داستان جي اھڙن موڙن جو ذڪر ڪيو جتي ناتر انتهائي اھميت وارو ڪردار ادا ڪيو آھي .صديقي صاحب ھن تاريخي قصي توڙي موکي ۽ متارن جي ڏند ڪٿا جي نسبت سان ھن ڪردار کي خاص قرار ڏيندي شاھ جي بيتن ۾ ناتر جو حوالو ڏيندي ان ڪردار جي اھميت جا عڪس پسايا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# آغا شهاب الدين

آغا شهاب الدين ولد خان صاحب آغا تاج محمد 3 جون 1939ع تي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. جامع عربيه هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد مان انٽر ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي-اي آنرس ۽ ايم-اي فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيائين. تنهن بعد پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ڊيولپمينٽ آفيسر مقرر ٿيو. لڳ ڀڳ 39 سال مختلف ادارن ۾ خدمتون سر انجام ڏيڻ کان پوءِ 1999ع ۾ سرڪاري ملازمت تان رٽائر ڪيائين. پاڻ علمي ادبي ۽ تعليمي ڪمن ۾ هميشه سيني ڪان مٿيرو هوندو هو. خاص طور تي لعل شهباز قلندر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي ميلن تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو هو.

سندس ڪالم، مضمون ۽ مقالا 1960ع کان سنڌ جي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. هن جا ڪيترائي ڪتاب پڻ تصنيف ڪيل آهن، جن ۾ ”سنڌ جو مقدمو“ ۽ عدالت عداوت لوڪل گورنمينٽ سسٽم، انگريزي، ڪميونٽي ڊيولپمينٽ انگريزي ۾ ۽ ايوانن ۾ پڙاڏو اهم آهن.

آغا صاحب ڪو ميلو ۽ منيلا ۾ لوڪل گورنمينٽ ۽ ڳوٺاڻن جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ ٻين ڪانفرنسن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ کان سواءِ مختلف ملڪن جا دورا پڻ ڪيا. هن قاسم آباد حيدرآباد ۾ آغا تاج محمد هاءِ اسڪول ۽ شهاب ڪاليج جي نالي سان تعليمي ادارا قائم ڪيا. سندس وصال 2011ع ۾ ٿيو.

مرحوم آغا شهاب الدين جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي آغا شهاب الدين اڪيڊمي حيدرآباد پاران آغا صاحب جو لکيل ڪتاب ”سنڌڙي جا سڏڪا“ شايع ڪيو ويو. جنهن جي مهورت ڇنڇر 28 مئي 2016ع تي حيدرآباد جي مقامي هوٽل ۾ ڪئي وئي. تقريب ۾ سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني صاحب ۽ ٻين ليکڪن آغا صاحب جي علمي، ادبي، سماجي خدمتن تي پنهنجن خيالن جو اظهار پيش ڪيو.

آغا صاحب جو شاهه لطيف تي ڪيل ڪم هيٺ ڏجي ٿو.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب -شاهه عبداللطيف جو ميلو ۽ سنڌ جا پيا ملاڪڙا، 76 صفحن تي مشتمل اهو ڪتاب آغا تاج محمد اڪيڊمي حيدرآباد .پاران شايع ٿيو .ان ڪان سواءِ آغا صاحب جا شاهه لطيف جي فن ۽ فڪر بابت مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.
مضمون -پيامِ لطيف -لطيف سالگره مخزن نومبر 1961ع .سربراهِ سنڌ -لطيف سالگره مخزن جون 1964ع .شاهه هڪ حقيقي مصلح ۽ معلم جي حيثيت ۾ - آغا شهاب الدين هي مقالو شاهه لطيف جي 207 ورسي جي موقعي تي پڙهيو هو .سندس اهو مقالو لطيف سالگره مخزن ڊسمبر 1960ع ۾ شايع ٿيو .مضمون- لطيف سرڪار سنڌ جو عظيم قومي شاعر، عبرت اخبار اربع 21 جنوري 2009ع .مضمون -شاهه جي وطن دوستي .ڪتاب -يادگار لطيف مرحوم آغا تاج محمد نمبر .شايع ڪندڙ لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع .مضمون -شاهه جي وطن دوستي .هن مضمون جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.مضمون جي شروعات بيت سان-

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪيها پرين.
ڏريان ئي ڏاريا، مت مئي جا نہ ٿيا.

شاهه هڪ اعلىٰ درجي جو وطن دوست هو، سندس زندگي توڙي ڪلام سندس حب الوطنيءَ جي فراوان شاهدي ڏين ٿا .شاهه جي دل ۾ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ بي حد محبت هئي جا رسالي ۾ نمايان طور سان نروار آهي .ٻولي نظم ۽ خيالات جي لحاظ ڪان شاهه صاحب جو رسالو حب الوطنيءَ جو هڪ بي نظير شاهڪار آهي.
اوائلي زماني ۾ شاهه کي سنڌ جو حافظ ڪري چوندا هئا سو انهيءَ ڪري جو شاهه تصوف جي دائري اندر سنڌين کي اهڙو پيارو هو، جهڙو ايرانين کي حافظ، ورنہ حافظ ۽ شاهه هم خيال شاعر نہ آهن، نڪي ڪي شاهه، حافظ وانگر غزل ئي چيا .شاهه روميءَ جو شائق هو ۽ رومي جي مثنوي هميشہ ساڻ هوندي هيس .چاهي ها تہ پنهنجو شعر مثنوي جي صورت ۾ چئي سگهي ها، پر سندس حب الوطنيءَ جي جذبات ڪيس ائين ڪرڻ نہ ڏنو .تنهن هوندي بہ سندس ڪلام ۾ اهڙي ئي محبت ۽ مسرت سمايل آهي جهڙي روميءَ جي ڪلام ۾ آهي.
شاهه مطرب جي بجاءِ چارڻ کي ٿو شرف ڏئي، بادِ صبا جي بجاءِ ڪانگ کي ٿو قاصد ڪري، شراب ۽ ساقي کي وساري ڪلاڙ ۽ ڪکو جي واڪاڻ ٿو ڳائي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پروفيسر غلام رسول اڪرم سومرو

لطيفي لغات جو ماهر پروفيسر غلام رسول اڪرم ولد جمال الدين سومرو ڀهرين فيبروري 1939ع تي ڳوٺ جهنگان بوزدار ۾ پيدا ٿيو .سندن خاندان 1952ع ۾ ميرپور ماٿيلي شهر ۾ لڏي آيو.

اڪرم صاحب پرائمري تعليم پنجن درجن تائين مسلم پرائمري اسڪول ڳوٺ جهنگان بوزدار ۾ حاصل ڪئي ۽انگريزي تعليم لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور ماٿيلي ۾ داخل ٿيو.

1960/61ع ۾ سنڌي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪيائين .شاعريءَ جا سبق استاد الاهي بخش "شير" پنهنجي مامي مولوي محمد عالم "اختر" ۽ مولانا عبدالرحمان "ضيائي" کان ورتائين.

سن 1969/70ع ۾ ايس-وي سنڌي ورنيڪيولر جو امتحان ۽ 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم-اي سنڌي پاس ڪيائين .اڪرم صاحب ايم-فل 1994ع ۾ ڪئي ۽ پي-ايچ-ڊي لاءِ "قاضي قاضن سوانح ۽ شاعري" تي تحقيقي مقالو لکيو ۽ان جا ٻه سيمينار ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي نگراني ۾ مڪمل ڪيا .ميمڻ صاحب جي وفات بعد ڊاڪٽر تنوير عباسي جي رهبري ۾ ٽي سيمينار پورا ڪري ٿيسز جون ٽي ڪاپيون ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب کي ڏنائين. ڊاڪٽر صاحب هڪ ڪاپي ڊاڪٽر ادل سومري جي حوالي ڪري پاڻ اسلام آباد هليو ويو ۽ چند ڏينهن بعد اتي ئي فوت ٿي ويو .تنهن ڪري ڊگري نہ ملي سگهيس.

تعليمي خدمات :اڪرم صاحب 23 سيپٽمبر 1961ع ۾ مڊل اسڪول ڏيتا پيا ۾ اردو ٽيچر مقرر ٿيو. 26 جون 1962ع ۾ ساڳئي اسڪول ۾ انگريزي استاد مقرر ٿيو. 1973ع ۾ پريميئر ڪاليج ڪراچي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. مارچ 1975ع کان 1980 ع تائين سنڌ جي تاريخي شهر ٺٽي ۾ ليڪچرر رهڻ بعد اسلاميہ ڪاليج سکر ۾ هڪ سال رهي پوءِ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ ٽرانسفر ٿي آيو. سن 1995ع کان ٽي سال گورنمينٽ گرلز ڪاليج ڏهرڪي ۾ انچارج پرنسپل ٿي رهيو ۽ ڀهرين فيبروري 1999ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت ۾ رٽائرڊ ٿيو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڪرم صاحب شعر و شاعري سن 1957ع کان شاگرديءَ واري دور ۾ ئي شروع ڪئي،پوءِ شاعريءَ "اڪرم" تخلص استعمال ڪيائين .انهن ڏينهن ۾ ڳوٺ سُڌار تنظيم جي طرفان گهوٽڪي ۾ طرحي مشاعرو منعقد ٿيو ته اڪرم صاحب پنهنجي استاد الاهي بخش شير سان گڏجي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور ماٿيلي طرفان مشاعري ۾ شرڪت ڪئي .طرح مصرع هئي" هر تي هلي ٿو، ساري دنيا جو ڪارخانو ."اڪرم جيڪو پنهنجي شعر جو پهريون بند پڙهيو سوهڻ ريت آهي:

چاهين ٿو تون اگر زر، هر کي هلاءِ هر هر،
آباد ڪر ڪلر بر، پيلا، زمين، بنجر،
مٽيءَ مان تنهنجو ئي هر، پيدا ڪري ٿو گوهر،
بس ملڪ جو آ پرور، هاريءَ جو هريگانو،
هر تي هلي ٿو، ساري دنيا جو ڪارخانو.

پاڻ شاعريءَ ڪانسواءِ 1990ع کان تنقيدي ۽ تحقيقي مضمون اخبارن ۾ موڪلڻ شروعڪيائين، جيڪي سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ وقت به وقت شايع ٿيس .ان کان علاوه اڪرم صاحب سومرن تي 32 سال تحقيق ڪئي آهي جنهن ۾ ثابت ڪيائين ته سومرا خالص سنڌي آهن، عرب نسل منجهان نه آهن. پاڻ چچنامي تي به وڏي تحقيق ڪري ثابت ڪيائين ته فتح السنڌ المعروف چچنامہ عربي ٻولي ۾ سن 93ھ کان 132ھ جي دوران امام ابراهيم ۽ ان جي ساٿي عربي شاعري ۾ مختصر پر جامع احوال لکيو.

اڪرم صاحب، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي قاضي قادن جي اصل نالي تي ڪيل تحقيق کي رد ڪندي ثابت ڪيو ته درست نالو قاضي قاضن آهي.جيئن ته قاضي قاضن تي نالو سندس وڏي ڏاڏي جو رکيل آهي .مير معصوم بکري لکيو آهي "قاضي قاضن بن ابو سعيد بن زين الدين بن قاضن .هن جو شجرو ٻن پشتن کان پوءِ سندس ننڍ ڏاڏي قاضن سان ملي ٿو.

اڪرم صاحب جون تصنيفات:

1- اڪرم صاحب جي ڪتابن ۾ عشقِ حُسين منظوم. 2- ڪتاب-اندر جو آواز. 3- حضرت احمد سائين جي سوانح ۽ شاعري. 4- سومرن جو اصل نسل. 5- قاضي قاضن جي سوانح ۽ شاعري. 6- پيران لوءِ صاحبان جي تاريخ. 7- تحقيقي ڪتاب "چچ نامي تي تحقيقي ۽ تنقيدي نظَر" ڇاپو پهريون جولاءِ 2016ع .هي ڪتاب پنجن بابن تي مشتمل آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پروفيسر غلام رسول اڪرم شاهه لطيف تي بہ بلند پايي جو ڪم ڪيو آهي، ڪيس لطيفي لغات ڪان علاوه قديم سنڌي صورت خطي ۽ جديد صورت خطيءَ تي مهارت حاصل آهي .پاڻ شاهه سائينءَ جي ڪلام جا مختلف مرتبن ۽ محققن جا چيپل رسالا جن ۾ ڪاتب، سيد عبدالعظيم ”گنج“ ممتاز مرزا ”گنج“ جديد صورت خطي ۾ سال 1995ع .ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ”شاهه جو رسالو“ 2008ع. ديوان تاراچند ”شاهه جو رسالپ“ 1900ع. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ”شاهه جو رسالو“ 2009ع. ٻانهو خان شيخ ”شاهه جو رسالو“ 2000ع. علامہ آءِآءِ قاضي ”شاهه جو رسالو“ 1993ع. غلام محمد شاهواڻي ”شاهه جو رسالي“ ۾ 2013ع. مرزا قليچ بيگ ”شاهه جو رسالو“ 1994ع. مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي ”شاهه جو رسالو“ 2009ع. ڊاڪٽر گربخشاڻي ”شاهه جو رسالو“ 1996ع. ڪلياڻ آڏواڻي ”شاهه جو رسالو“ مڪتب برهان. حاجي محمد سمون ”شاهه جو رسالو“ آءِآءِ قاضي چيئر 1995ع. عثمان علي انصاري ”شاهه جو رسالو“ 2013ع. حاجي الهداد جنجهي ”شاهه جو گنج“ 2008ع. فقير تاج محمد نظاماڻي ”شاهه جو رسالو“ 2007ع. ٻاگوجي ڏانوجي ”شاهه جو رسالو“ 2000ع. محمد عالم سومرو ”شاهه جو رسالو“ 2013ع. غلام مصطفىٰ مشتاق ”شاهه جو رسالو“ 2011ع. محمد عثمان ڏيپلائي ”شاهه جو رسالو“ 2009ع وارن ڇاپن کي سامهون رکي انهن جي پرک پروڙ ڪان پوءِ اڪرم صاحب ڪتاب-شاهه جا بيت تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو جلد پهريون ۾ تقريبن 201 چوندہ بيتن تي تحقيق ڪري درست پڙهڻيون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ نقادن کي تنقيد جي دعوت پڻ ڏني آهي .ڪتاب-شاهه لطيف جا بيت تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو جلد ٻيون ڇاپو پهريون 2015ع صفحي 8 ۽ 9 تي محترم ڪريم بخش چنہ لکي ٿو تہ 1900ع ڪان وٺي 2013ع تائين جيڪي بہ شاهه لطيف جا رسالا شايع ٿيا آهن، سي اڪرم صاحب جي هن علمي پورهئي بعد پڙهڻ جي لائق ٿي نہ رهيا آهن.

1900ع ڪان وٺي موجوده دؤر تائين جيڪي بہ شاهه جا رسالا ترتيب ڏنا ويا آهن انهن ۾ ڪجهہ ڪاتبن، محققن ۽ مرتبن بيتن جو پهريون اڌ پوئتي ۽ بيت جي سٽ جو پويون اڌ اڳتي پهريائين رکيو آهي ۽ ڪجهہ رسالن ۾ بيتن جا رديف قافياءِ لفظن جون معنائون غلط ڏنيون ويون آهن.هن محقق انهن رسالن تي تحقيق ڪري چوندہ بيتن جون صحيح پڙهڻيون ٻن جلدن ۾ ڏنيون آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب -شاهه لطيف جا بيت تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، چيرائيندڙ ادارو-تنظيم فڪر و نظر سکر، جلد پهريون ڇاپو پهريون 2014ع .جلد ٻيون ڇاپو پهريون 2015ع .ٻنهي جلدن جا سر هيٺ ڏجن ٿا.

| جلد پهريون-ڪل 27 سر تحقيقي بيتن جو تعداد | جلد ٻيون -ڪل 28 سر تحقيقي بيتن جو تعداد |
|---|---|
| سرڪلياڻ-6 بيتن تي تحقيق | سرڪلياڻ-8 |
| سريمن ڪلياڻ-5 | سريمن ڪلياڻ-3 |
| سرڪنڀات-3 | سرڪنڀات-3 |
| سرسامونڊي-6 | سرٻروو سنڌي-2 |
| سرگهاتو-1 | سرسامونڊي-2 |
| سرڪاهوڙي-2 | سرسري راڳ-2 |
| سرڪاپائتي-1 | سرگهاتو-2 |
| سربلاول-3 | سرڪاهوڙي-1 |
| سرپرڀاتي-2 | سرڪاپائتي-1 |
| سرڪارايل-2 | سربلاول-6 |
| سرڏهر-3 | سرپرڀاتي-2 |
| سرسسئي آبري-11 | سرڪارايل-3 |
| سرمعذوري-5 | سرڏهر-2 |
| سرديسي-5 | سرسسئي آبري-4 |
| سرڪوهياري-4 | سرمعذوري-2 |
| سرحسيني-11 | سرديسي-6 |
| سرمومل راڻو-5 | سرڪوهياري-3 |
| سرليلا چنيسر-4 | سرحسيني-4 |
| سرڪاموڏ-2 | سرمومل راڻو-6 |
| سرسورٺ-3 | سرليلان چنيسر-1 |
| سررپ-1 | سرڪاموڏ-4 |
| سررامڪلي-6 | سرسورٺ-2 |
| سرآسا-5 | سررپ-2 |

| | |
|---|---|
| سرپورب-1 | سرمارئي-5 |
| سررامڪلي-2 | سرسهڻي-7 |
| سرآسا-5 | سرسارنگ-2 |
| سرمارئي-4 | سرڪيڏارو-2 |
| سرسهڻي-4 | |

اڪرم صاحب جي تحقيقي ڪتاب جي جلد ٻئي ۾ سندس شاگرد ڪريم بخش چنه صاحب صفحي 8 تي لکي ٿو ته اڪرم صاحب پنهي جلدن ۾ 205 بيتن جون درست پڙهڻيون ڏنيون آهن. جڏهن ته جلد پهرين ۾چارٽ وارن بيتن کانسواءِ اڪرم صاحب 42 اضافي بيت مثال طور استعمال ڪيا آهن.هن محقق سريمن ڪلياڻ جاتي بيت اهڙا ڏنا آهن جن ۾ لفظ ڪلال استعمال ٿيل آهي . ڪلال ۽ قوال ۾ فرق جي سمجهاڻيءَ خاطر اهي بيت مثال طورآندا آهن. اهڙي طرح لينگ يا لينگهه، لباس ۽ لسان وغيره جي ليکڪن ڪان ٿيل غلطي جي وضاحت خاطر هن محقق اضافي بيتن جي مختصر سمجهاڻي ڏني آهي ته جيئن مطالعو ڪندڙ ان لفظ جي استعمال ڪي مختلف بيتن ۾پيٽ ڪري پوءِ درست معنیٰ ۽ مفهوم تائين رسي سگهي. اهڙي طرح جلد ٻئي ۾ به اهڙي نموني جا 17 اضافي بيت مثال طور استعمال ڪيا ويا آهن. نموني طور سندس ڪجهه تحقيقي بيت هيٺ ڏجن ٿا.

پريان سندي پار جي، مِري مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيتُ ڪري.
سرڪلياڻ

سندس خيال آهي ته جن ليکڪن به مٿئين بيت ۾ لفظ مڙيئي، مڙي، مڙئي لکيو آهي، اهو غلط آهي .اصل لفظ مِري يعني مرچ واري، درست آهي .ان ڪانسواءِ هيٺئين بيت جي درست پڙهڻي.

گنجي ڏونگر گام جي جنين پئي پٽڪ
واري سي ورق، لوچي لاهوتي ٿيا .سرڪاهوڙي

شاهه سائينءَ جي جن محققن سرپرياتيءَ جو بيت-

تون سپڙ آءُ سيڪڙو، تون صاحب آءُ سگ،
پڇي تنهنجو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لکيو آهي اڪرم صاحب جي تحقيق مطابق متئين بيت جي درست پڙهڻي هيٺ ڏجي ٿي.

تون سبڙ، آئون سڪڻو، تون صاحب آئون سگ

پڇي تنهنجو پگ، ڪلهي پاتم ڪينرو .سرپرياتي

پروفيسر غلام رسول اڪرم سومري ٻنهي جلدن ۾ 201 چونڊ تحقيقي بيت ڏنا آهن .جيڪو سندن انمول ڪارنامو آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

پروفيسر ڊاڪٽر شاهنواز ولد درمحمد سوڍر 10 مئي 1940ع تي ڳوٺ ٽاٽو سوڍر المعروف فيض محمد سوڍر تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ ناميارو محقق، اديب، شاعر ۽ شاهه لطيف جو پارکو ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر جي ابتدائي تعليم آبائي ڳوٺ جي هڪ ملا مڪتب ۾ ٿي. قرآن شريف ناظره پنهنجي ڏاڏي محمد خان سوڍر ۽ والد صاحب ڪان پڙهي پورو ڪيائين .ڊاڪٽر صاحب پرائمري تعليم ڪانسواءِ باقي سڀ تعليم خانگي طور حاصل ڪئي، جنهن ۾ اديب سنڌي، اديب عالم، مئٽرڪ، انٽر، بي-اي ۽ بي-ايڊ جا امتحان شامل آهن. پاڻ 1963ع ۾ پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. جنهن ڪان پوءِ ايم-اي انٽرنيشنل رليشنس ۽ ايم-اي سنڌي پاس ڪري 1973ع ۾ نئين ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ پوءِ مختلف ڪاليجن ۾ رهندي ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پروفيسر جي عهدي تي فائز ٿيو .سندس وفات خميس 15 مارچ 2001ع چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي ۾ ٿي .محمد پنهل ڏهر سندس وفات اربع 14 مارچ 2001ع لکي آهي.

سوڍر صاحب علامه غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب جي رهبريءَ ۾ پنهنجي ٿيسز "سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف" 15 ڊسمبر 1987ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ کي پيش ڪئي ۽ 1988ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي زبان ۾ شاهه لطيف تي پهرين پي-ايچ-ڊي ڪنڌڙ جو اعزاز ماڻي ڊگري ورتي. هن ٿيسز کي شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد پاران اختصار ڪري آگسٽ 1991ع ۾ شايع ڪيو ويو.

هي ٿيسز ٻن حصن تي مشتمل آهي، پهرئين حصي ۾ ٽي باب ۽ ٻئين حصي ۾ ست باب ڏنل آهن .پهرئين حصي جي پهرئين باب ۾ ثقافت جي معنیٰ مفهوم ۽ انسان جو فنِ لطيف ڏانهن راغب ٿيڻ جو تذڪرو ڪيل آهي . ٻئي باب ۾ سنڌي ثقافت ۽ تاريخ ۾ دراوڙن ۽ آرين ڪان وٺي مختلف ڌرمن، مذهبن جي ذڪر بعد اسلام جي سنڌ ۾ آمد ڪان اڳ جا حالات، سڪندر اعظم، موريا گهراڻي ڪان سنڌ ۾ مغل دور حڪومت جو مختصر احوال بيان ڪيل آهي .باب ٽئين ۾ مضمون شاهه عبداللطيف جو زمانو، شاهه جي دور جو مختصر تاريخي پسمنظر،ڪلهوڙا دور ۾ سنڌ جون سياسي حالتون، شاهه جي زندگيءَ جو مختصر احوال .حصي ٻئين جي باب پهرئين ۾ شاهه عبداللطيف



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ڪلام ۾ سنڌ جي ثقافت .هن عنوان ۾ سنڌ جي جاگرافي، سنڌ جا طبعي ڀاڱا، ڪوهستاني علائقو، ٿر ۽ سنڌ جو وچولو حصوجنهن لاءِ شاهه صاحب جي ڪلام ۾ لفظ تر استعمال ٿيل آهي .ان جو ذڪر سرسهڻيءَ ۾ ملي ٿو .تنهن بعد سنڌ جي آبهوا، سنڌي جي ڪجهه جانورن ۽ پکين ڪانسواءِ عنوان شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ سنڌ جي نانگ بلائن جو ذڪر، هن باب جو يارهون عنوان "سنڌ جي نباتات ۽ شاهه عبداللطيف" بابت دلڪش معلومات ڏنل آهي . باب ٻئين ۾ سومرا، سما، ارغون، ترخان ۽ ڪلهوڙن جي دور جا تاريخي داستان جن ۾ شاهه سائين جي ڪلام جا ست سورما، سورميون ۽ مورڙو مير بحرداستان متعلق تاريخي پسمنظر پيش ڪيو ويو آهي .باب ٽئين ۾ شاهه جي ڪلام ۾ مذهبي عنصرن تي اسلام جي آمد کان وٺي صوفين جي چئن طريقن جو جائزو ورتل آهي .باب چوٿين ۾ شاهه جي ڪلام ۾ ڪانئس اڳ سنڌ جي سياسي حالت، شاهه جي ڪلام ۾ ڪجهه پورهيتن جي ڪرت جي تذڪري کان پوءِ عنوان شاهه جي ڪلام ۾ اتحاد جو سبق، عنوان شاهه جي ڪلام ۾ عدم تشدد جي تعليم، شاهه جي ڪلام ۾ حب الوطني جهڙن عنوانن تي ڀرپور انداز سان روشني وڌل آهي .باب پنجين ۾ سنڌي سماج سنڌين جون ريتون رسمون، رواج، پوشاڪ ۽ خوراڪ جهڙن اهم نڪتن جو اڀياس ڪيو ويو آهي .ثقافتي حوالي سان هن باب ۾ بيحد انداز سان گهڻي محنت وارو ڪم ڪيل آهي .باب ڇهين ۾ سنڌ جي عوام جا مکيه ڌنڌا، پالتو جانور، پورهيت، هنرمندن، سنڌ جو وڻج واپار ۽ بهترين عنوان "شاهه جي ڪلام ۾ اوزارن جي ذڪر" ڪانسواءِ محقق انساني زندگيءَ سان لاڳاپيل شين تي دل کولي ذڪر ڪيو آهي .هن ٿيسز جي آخري باب ستين ۾ "شاهه صاحب جي ڪلام جي ٻولي ۽ سونهن" عنوان تي شاهه لطيف جي وقت ۾ علم ادب ۽ شاهه سائين جي ڪلام ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جون خوبيون جنهن ۾ فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت، محاڪات، فطرت نگاري، ڀاڪا چوڻيون، تشبيهون، استعاره، بيت، وائي، موسيقي، متعلق جاڻ ڏنل آهي .هن ٿيسز ۾ هڪ نئون بيت به نظر مان گذريو .بيت-

مر جائي مارئي لٿو دليل داين،
لاتائين لطيف چئي ٿورو تر ڇاين،
مون کي تن مارن، ايڏو سيل سيڪاريو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن محقق جو ٻارن جي ذهني اوسر لاءِ شاهه لطيف جي زندگي فن ۽ فڪر تي پهريون ڪتاب -شاهه عبداللطيف ڀٽائي (ٻارن لاءِ) ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران 1990ع ۾ شايع ٿيو .

ڪتاب -اوجاڳي اجاريا، ڇپائيندڙ -لطيف ساڃاهه پبليڪيشن لاڙڪاڻو، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2000ع .ڪتاب جو ستاءُ -مقدمو: 1-شاهه لطيف ۽ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۽ تجارت. 2-سنڌي عورت جي عظمت ۽ شاهه لطيف. 3-سهڻيءَ جو سماجي ڪردار. 4-سرڏهر جو تاريخي پسمنظر. 5-مارئيءَ جو ڪردار. 6-سام جهلڻ هڪ سنڌي ريت. 7-سرڪاپائتيءَ جو پسمنظر. 8-لطيف جو پورهيت ڇارڻ. 9-سربلاول جو تاريخي پسمنظر. 10-سررامڪليءَ جو ثقافتي ۽ تاريخي پسمنظر. 11-ٿر ٻاٻيهو. 12-شاهه جو ڪاهوڙي. 13-شاهه عبداللطيف جي فن ۽ فڪر جا ماخذ. 14-انساني حق ۽ شاهه لطيف. 15-سرڪارايل جو مطالعو. 16-وهون وڻجارن جون. 17-سارنگ سائي ست. 18-شاهه جي ڪلام ۾ حسن ۽ جمال. 19-سنڌي رهڻي ڪهڻي ۽ شاهه لطيف. 20-سرڪاموڏ ۽ سنڌي تهذيب ۽ تمدن. 21-شاهه ۽ سنڌي موسيقي. 22-سنڌي سماج جي اوسر ۽ شاهه لطيف.

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر جي شاهه سائينءَ متعلق پهرين لکڻي نئين زندگي رسالي ۾ فيبروري 1988ع تي بعنوان ”شاهه لطيف ۽ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۽ تجارت“ مقالي جي صورت ۾ ڇپي .هن صاحب جو نثري ادب سنئو ۽ سلجهيل آهي، ان ۾ ٻين ٻولين جا اصطلاح ۽ محاورا گهٽ استعمال ٿيل آهن . خاص ڪري ڀٽائي ڀلاري جي فڪر ۽ فن کي صاف گوئي ۽ علمي ۽ ادبي انداز سان پيش ڪرڻ سندس جستجو ۾ شامل آهي .سوڍر صاحب جو سچل سرمست تي لکيل پهريون مضمون ”سنڌ ۾ صوفي بزرگن جو ڪردار“ ڪتاب سرمست 1990ع واري ڏهين پرچي ۾ شايع ٿيو.

سوڍر صاحب جا مختلف موضوعن تي لکيل ڪيترائي تحقيقي ۽ علمي مقالات مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل پکڙيل آهن .هي شاهه جو شيدائي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي به ڪا ادبي ڪانفرنس يا سيمينار ٿيندو هو ته پاڻ اتي تحقيقي مضمون يا مقالو ضرور پڙهندو هو .پاڻ مختلف ادبي ادارن جو سرواڻ ۽ سرگرم رڪن به رهيو .شاعري به ڪندو هو ته ڪهاڻيون، ڊراما، ڪالم ۽ سفرنامه به لکندو هو .سندس لکيل ڊراما ٽيليويزن تان به ٽيلي ڪاسٽ ٿي چڪا آهن، مختلف طور ڪيس ايوارڊ ۽ انعام به ملي چڪا آهن.هن جا شاهه سائينءَ جي ڪلام ۽ ان ۾ آيل ڪردارن متعلق شايع ٿيل مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

مقالو -سام جهلڻ هڪ سنڌي ريت .ڪينجهر نمبر-4، 1990ع .سهڻيءَ جو سماجي ڪردار -سنڌي ادب جلد-11، 1989ع .لطيف جو ڪلاڪار -ماهوار پيغام سيپٽمبر 1992ع .ساڳيو مقالو ڀٽائي تحقيقي جرنل-3، آگسٽ 1993ع ۾ شايع ٿيس .شاهه ۽ سنڌي موسيقي -ڪتاب .شاهه ۽ سنڌ، جلد ٻيو، 1998ع .سرڏهر جو تاريخي پسمنظر -ڪتاب .سرڏهر ۾ شايع ٿيس .مقالو -سرڪاپائتي جو تاريخي پسمنظر، ڪتاب-سرڪاپائتي، مرتب-حميد سنڌي، سال 1991ع . سررامڪليءَ جو ثقافتي ۽ تاريخي پسمنظر -ڪتاب، سررامڪلي .مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1993ع 1414هه .سرڪارايل جو مطالعو -ڪتاب - سرڪارايل، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1996ع .سارنگ سائي ست - ڪتاب -سرسارنگ، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1998ع .شاهه صاحب جي ڪلام ۾ حُسن ۽ جمال جو تصور، ڪتاب -سرِپ هڪ مطالعو، ڇپائيندڙ - عاشق حسين ميمڻ، ڇاپو پهريون،2002 ع .شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي فن ۽ فڪر جا ماخذ، ڪتاب-سربروو، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1995ع .مقالو -شاهه جو ڪاهوڙي، ڪتاب-سرڪاهوڙيءَ جو مطالعو، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون جولاءِ 1994ع .سربلاول جو تاريخي ۽ ثقافتي پسمنظر، ڪتاب -سربلاول جو مطالعو، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1992ع .وهون وڻجارن جون، ڪتاب - سرساموندي، مرتب -حميد سنڌي،ڇاپو پهريون 1997ع 1418هه .مقالو -شاهه جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي ثقافت جو اڀياس، ڪتاب -شاهه لطيف هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون اپريل 2002ع .ساڳيو مقالو ماهوار سنڌ رويو ڪراچي اپريل 2004ع ۾ شايع ٿيس. مقالو ”لطيف جو پورهيت چارڻ“ سوڍر صاحب هي مقالو 28-27 مئي 1992ع تي ”شاهه لطيف قومي ڪانفرنس“ ڪراچي ۾ پڙهيو هو .ڪتاب-لطيفي لاٽ، مرتب-ممتاز مرزا، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1992ع. شاهه عبداللطيف ۽ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۽ تجارت، ڪتاب -نرتي تند نياز سين، ڇاپو پهريون 1988ع .سنڌي عورت جي عظمت ۽ شاهه لطيف، مهراڻ نمبر-4، آڪٽوبر-ڊسمبر 1989ع .سنڌي رهڻي ڪهڻي ۽ شاهه لطيف، ڪلاچي سيپٽمبر 1999ع .مقالو -سهڻيءَ جو سماجي ڪردار، ڇهه ماهي سنڌي ادب جلد-2، نمبر-1، 1989ع. مقالو -انساني حق ۽ شاهه لطيف، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، مئي 1994ع .مقالو -سنڌي عورت جي عظمت ۽ شاهه لطيف، مهراڻ اپريل 1989ع .شاهه جي ڪلام ۾ امڙ جو ڪردار، آشڪار نمبر-6، مرتب-الطاف اثيم، ڇپائيندڙ-سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ڇاپو پهريون جون 2005ع .مارئيءَ جو ڪردار،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب-سرمائي، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1990ع .سنڌي عورت جي عظمت ۽ شاهه لطيف، روزاني عبرت اخبار آچر 7 ڊسمبر 2014ع.
مضمون -لطيف جو پورهيت چارڻ، هن مضمون مان خاص ستون هيٺ ڏجن ٿيون.
حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جنهن سماجهي پورهيت کي پنهنجي رسالي ۾ ڪيترن ئي نالن سان ياد ڪيو آهي انهن ۾ قوال، راڳائي، ڪيرتيو، مڱڻهار، پينار، لنگهو، ڀان، چارڻ، جاجڪ ۽ تنبير گهڻو مشهور آهن .جن فنڪارن جو تعلق خاص طرح ڳائڻ جي فن سان رهيو آهي .انهن کي شاهه صاحب راڳائي قوال، ڀان، پان ۽ عطائي سڏي ٿو .جن جو تعلق ساز ۽ سنگيت سان هيو انهن کي ڪيرتيو، چارڻ، جاجڪ، ربابي ۽ تنبير سڏي ٿو پر جن صدائون هڻي انعام اڪرام پئي حاصل ڪيا تن کي مڱڻهار، مڱڻو، ميراثي، پينار ۽ لنگهو سڏيو اٿس.

ستو ڪيئن ننڊون ڪرين، رو وهاڻيءَ روءِ
سيا ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾ .سرپرياتي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر نواز علي شوق

ڊاڪٽر نواز علي شوق ولد تاج محمد سهرياڻي بلوچ ڳوٺ رحمت خان، تعلقي ڪنڊڪوٽ ضلعي جيڪب آباد ۾ پهرين جولاءِ 1940ع ۾ جائو. پاڻ نالي وارو اديب، شاعر، محقق ۽ دانشور آهي.

ڊاڪٽر نواز علي شوق ايم-اي سنڌي، ايم-اي اردو ۽ ايل-ايل-بي جي ڊگرين ڪانسواءِ هدايت علي نجفيءَ جي ڪلام ۽ سوانح تي ٿيسز لکي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پي-ايچ-ڊي جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي. هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسلاميہ ڪاليج سکر ۾ ليڪچرارشپ سان ڪئي، بعد ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر مقرر ٿيو، جتي پاڻ 1972ع ۾ سنڌي شعبي جو چيئرمين بہ ٿي رهيو. 12 آگسٽ 1998ع کان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو چيئرمين پڻ رهي چڪو آهي ۽ شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي جو صلاحڪار پڻ 1978ع ۾ سيد حسام الدين راشدي مرحوم جي رهبريءَ ۾ پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڪيس شاهہ سائينءَ جي ڪلام سان ايترو تہ پريم آهي جو بي-اي جي پڙهائيءَ دوران صبح جو سوير روزانو شاهہ سائينءَ جو سرمارئي پڙهندو هو. شوق صاحب ننڍي هوندي کان لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ اڄا تائين مسلسل لکندو پيو اچي. سنڌي ادبي جي مختلف صنفن تي سندس لکيل مقالا ۽ ڪتاب موجود آهن. سندس اٽڪل 26 کن ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. ان کان علاوه سندس ڪيترائي مقالا، مضمون، ڪالم ۽ ڪهاڻيون مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن. پاڻ ڪيترين ئي ڪانفرنسن ۽ ادبي ميڙاڪن ۾ شرڪت ڪري تحقيقي مقالا پيش ڪري چڪو آهي.

ڊاڪٽر نواز علي شوق نثر سان گڏ نظم تي پڻ سٺي دسترس رکي ٿو. هن شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ پڪو ۽ پختو ڪلام لکيو آهي. سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ اعزاز مليا آهن، جن مان بهترين مقالہ نگار جو سچل ايوارڊ 1992ع-1994ع ۽ 1998ع وغيره.

سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ملاوت جا ماهر، آديسي اٿي ويا غزل جي شاعرن جو تذڪرو 1981ع. سامي سفر هليا (سفرنامو) 1981ع. هيڪار، مختلف ليکڪن جا چونڊ مضمون. ادبي اشارا (تنقيدي مضمون). وڏن جو ادب (اخلاقيات). ڪلام شاهہ نصير (ترتيب) ڇاپو پهريون اپريل 2004ع. ڪلام

سچل سرمست 1981ع .سچل سارو سچ ترتيب ڇاپو پهريون 1989ع .شمس العلماء مرزا قليچ بيگ) سوانح 1990ع .(سنڌ جا هنر) ترتيب سال 1990ع . سکر بکر ۽ روهڙي تاريخي مطالعو ترتيب: 2001ع. سدا سرها گل (ترتيب) 2001ع. ڪلام عثمان سانگي 2004ع. ديوان تارڪ (ترتيب) 1989ع. سچل سرمست جا طالب، ڇاپو پهريون 5 جنوري 1998ع .ڪلام فقير عبدالله ڪاتيار ترتيب ڇاپو پهريون 1418هه 1998ع .سنڌ جو عطار، حضرت سچل سرمست، ڇاپو پهريون جنوري 1999ع .نينهن جا نعرا ترتيب ڇاپو پهريون مارچ 1983ع ۽ ڇاپو ٻيو مارچ 1992ع 1412هه ۾ سچل سرمست جي 170هين ورسي جي موقعي تي شايع ڪيو ويو .اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ ترجمو هندستان جي ٻولين جو جائزو (ترجمو) 1994ع. فقير محمد صلاح 1992ع .قلندر صوفي ۽ ملامتي، سال 2011ع .فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو سنڌي ڪلام، سال 2012ع- سچل سرمست تاریخ تصوف اور شاعری،۲۰۰۹ع۔ حضرت سچل سرمست عظیم شاعرومفکر ترتیب ۲۰۱۲ع- ميزان، ليکڪ فيض احمد فيض، سنڌيڪار-نواز علي شوق 2012ع .قلندر لعل سيوهاڻي تصنيف 2012ع ۽ ٻيا اڇي وڃن ٿا.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

دل ۾ خيال زلف ورخ يار تي ويو
والليل والضحیٰ سان سروڪار تي ويو
تنهنجي ثنا ڪيم تہ ٻڌيا شعر شاهڪار
ٻيو شعر ڪو چيم تہ سو بيڪار تي ويو

ڪتاب -سرڏهر، مرتب -ڊاڪٽر نواز علي شوق هي ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران شاهه سائينءَ جي 300 سالہ جشن ولادت جي موقعي تي 1989ع ۾ شايع ڪيو ويو .ڪتاب-پنج گنج، هي ڪتاب صوفي شاعر فقير قادر بخش بيدل زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ فارسيءَ ۾ لکيو، جنهن جو سنڌي ترجمو صوفي سبحان بخش ڪيو آهي .جنهن کي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڇاپو پهريون 1977ع، ڇاپو ٻيو 2009ع ۾ شايع ڪيو .هن ڪتاب جو اردو ترجمو ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪيو، جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ 2000ع ۾ شايع ڪيو .هن تاريخي ڪتاب ۾ بيدل فقير قرآن پاڪ جون آيتون، نبوي حديثون، مثنوي مولانا روم مان شعر، شاهه لطيف جا بيت ۽

صوفين جون حڪايتون درج ڪيون آهن ۽ انهن ۾ مماثلت ڏيکاري روحاني مسئلن ۽ حقيقتن کي سمجهايو آهي .پنج گنج سنڌ جي صوفياڻي ادب ۽ خاص ڪري لطيفيات جي باب ۾ هڪ خاطر خواهه اضافو آهي.

ڪتاب -تحقيقاتِ لطيف (شاهه جي ڪلام ۽ پيغام بابت 21 چونڊ مقالن جو مجموعو)، ڇپائيندڙ -مهراڻ اڪيڊمي ڇاپو پهريون، جنوري 2005ع .ڪتاب ۾ ڏنل فهرست هيٺ ڏجي ٿي .فهرست:

شاهه لطيف جو پهريون شارح ارنيسٽ ٽرمپ -جوڳيئڙا جهان ۾ -سرڏهر جو مطالعو -سرڪاپائتيءَ جو تاريخي پسمنظر -سربروي بابت ويچار -سرسامونڊي جي چئن بيتن بابت ويچار -سرومل راڻي جو جمالياتي پهلو -ٽر وٺو تاڏيل ٽي - رسالي ۾ آيل تاريخي شخصيت گورک ناٿ -شاهه جي رسالي ۾ آيل تاريخي الفاظ -پنج گنج شاهه لطيف جي پنجن بيتن جي شرح -لطيفيات ۾ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جو حصو -شاهه لطيف جي ٻن واين بابت ويچار - سرڪاموڏ تي هڪ نظر -شاهه لطيف جي ڪلام آيل جبل ۽ ٽڪر -شاهه لطيف جي هڪ بيت بابت ويچار -مهاين وهون -شاهه جو رسالو-عثمان علي انصاري - ٽرمپ واري شاهه جي رسالي جا پيش لفظ -شاهه لطيف جو شارح ۽ سچو عاشق قاضي قانع -شاهه جي رسالي ۾ آيل ٻه قديم ذاتيون مي ۽ آڳڙي.

سنڌ جا پرائيويٽ توڙي سرڪاري ادارا شاهه سائين جي آفاقي پيغام کي عوام تائين پهچائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن انهن مان هڪ ادارو وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي به آهي .ان اداري جي سنڌي شعبي پاران ڪوٺايل پهريون ميڙاڪو "شاهه عبداللطيف ڀٽائي سيمينار" اربع 8 مارچ 2006ع تي منعقد ٿيو، جنهن جو عنوان هو "حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو فڪر ۽ تعليمات" ان سيمينار جي صدارت مشهور قلمڪار محقق ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪئي .پوءِ ناميارن اديبن شاهه سائين جي ڪلام تي مختلف پهلوئن سان تفصيلي روشني وڌي .اهڙي نموني پاڻ مختلف ادبي پروگرامن جي صدارت پڻ ڪري چڪا آهن ۽ ڪندا رهن ٿا.

لطيفيات ۽ سچليات تي مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

مقالو -سچل جي شاعري تاريخ جي روشنيءَ ۾، ڪارونجهر شمارو-3، ڊسمبر 2010ع .امن ۽ انساني عظمت جو عظيم شاعر حضرت سچل سرمست - ڪلاچي ڊسمبر 2005ع .مقالو -سرسورٺ ۾ آيل مشهور ماڳ ۽ شخصيتون - ڪلاچي جرنل جون2002 ع .شاهه لطيف جو هڪ ڪردار -ڪلاچي مارچ ۽ جون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سرڪاپائتي جو تاريخ پسمنظر -ڪتاب-سرڪاپائتي، مرتب -حميد سنڌي، سال 1991ع .مقالو -جوڳيئڙا جهان ۾، ڪتاب، سررامڪلي .مرتب - حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1993ع 1414ھ .ڀٽائي گهوٽ جي سرسارنگ جو مطالعو -ڪتاب -سرسارنگ، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1998ع .سرآسا ۾ محبت جا مذڪور، ڪتاب -سرآسا، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون، 2009ع .شاھ لطيف جي ڪلام ۾ ترڪي لفظ -ماهوار نئين زندگي، جون 2006ع .سربروي بابت ويچار، ڪتاب-سربروو، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون1995 ع .سرسامونڊيءَ جو ڇئن بيتن بابت ويچار، ڪتاب -سرسامونڊي، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1997ع-1418ھ .مقالو -مُهاين وهيون (سرڪيڏاري ۾ هڪ تاريخي واقعي ڏانهن اشارو)، ڪتاب-سرڪيڏارو، مرتب - منظور احمد قناصرو، ڇپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ، ڇاپو پهريون 2008ع .مقالو -شل سُجي مَ ٿئي اوطاق، ڪتاب-ديسي سيڻ ڪجن (سرديسيءَ جو مطالعو)، مرتب-تاج جويو، ڇاپو پهريون 2005ع .شاھ لطيف ۽ وطن دوستي، ڪتاب -شاھ لطيف هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون اپريل 2002ع .سچل سائين جي سرسسئيءَ ۾ نوڙت ۽ نياز جو سبق، ڪتاب - ڪلاچي تحقيقي جرنل، ڇاپو پهريون مارچ 2003ع .مقالو -حضرت سچل سرمست ۽ خواجہ فريد، ڪتاب -ڪلاچي تحقيقي جرنل، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2000ع .شاھ لطيف قومي ڪانفرنس 28-27 مئي 1992ع تي ثقافت کاتي پاران ڪراچي ۾ منعقد ٿي، ان ڪانفرنس ۾ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب مقالو ”شاھ لطيف جي ڪلام ۾ تاريخي الفاظ“ پڙهيو، جيڪو ڪتاب -لطيفي لاٽ، مرتب -ممتاز مرزا، 1992ع .ساڳيو مقالو ڪتاب تحقيقي جرنل ڀٽائي-2، جولاءِ 1992ع ۾ شايع ٿيس .شاھ لطيف جي رسالي ۾ آيل ٻہ قديم ذاتيون، ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد چوٿون، ڊسمبر 2001ع .مقالو -حضرت سچل سرمست ۽ خواجہ محڪم الدين سيلاني، ڪلاچي تحقيقي جرنل -2 ڇاپو پهريون مارچ 1999ع .شاھ صاحب جي ڪلام ۾ ڪن تاريخي واقعن ڏانهن اشارا، ڪارونجهر تحقيقي جرنل، شمارو-2، ايڊيٽر -ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري، جون 2010ع .ڇپائيندڙ-وفاقي اردو يونيورسٽي براءِ آرٽس، سائنس و ٽيڪنالاجي عبدالحق ڪيمپس ڪراچي .صوفي سگورا ۽ سماع، مهراڻ نمبر-3، 2012ع. ساڳيو مقالو ماهوار پيغام، جولاءِ 2012ع ۾ شايع ٿيس .ساميءَ جي شاعريءَ تي شاھ لطيف جو اثر، ڪلاچي مارچ 2002ع .شاھ لطيف جو سچو عاشق ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شارح قاضي محمد قانع، ڪلاچي سيپٽمبر 2003ع .شاهه جي ڪلام ۾ آيل جبل ۽ ٽڪر، ڪلاچي جون 2000ع .شاهه لطيف هر دؤر جو شاعر، ڪتاب -شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق، ڇاپو پهريون مئي 2012ع .شاهه صاحب جي ڪلام ۾ ڪن تاريخي واقعن ڏانهن اشارا، امرتا شاهه لطيف نمبر، ڇاپو پهريون 2011ع .شاهه جي ڪلام ۾ حسن تعليل، ڪتاب- فڪر لطيف، مرتب-بشير احمد شاد 1985ع .تصوف ۽ سنڌي شاعري، نئين زندگي جنوري 1980ع .شاهه جي ڪلام ۾ صنعت حسن تعليل، نئين زندگي ڊسمبر 1981ع .ٿر وٺو ٿاڌيل ٿي، ڪتاب-ٿر، سهيڙيندڙ-عبدالقادر منگي، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، 2013ع.اردو ۾ مضمون ۽ مقالا-سُر ڪليان کا مطالعہ، ماہنامہ اظہار کراچی، ڈسمبر ۱۹۸۶ع۔ سر کلیان اور یمن کلیان کا مطالعہ-ڪتاب-آواز لطيف،سنڌي/اردو، مرتب-سيد صفدر علي شاهه، ڇاپو پهريون 1987ع ۽ ماهنامہ اظهار، جنوري-فيبروري 1987ع ۾ شايع ٿيس.شاہ عبداللطیف بھٹائی کی شاعری -ماہنامہ اظہار کراچی، اپریل ۲۰۰۶ع۔ساڳيو مضمونکتاب-لطیف شناسی، ترتیب-ڈاکٹر طاہر تونسوی۔ سرائیکی ادبی بورڈ ملتان، اشاعت اول اگست ۲۰۱۰ع۔مقالو - رسالہ شاہ عبداللطیف کے اولین دو ابواب، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی، مرتب-منظور احمد کناسرو، دسمبر2013ع۔

شاهه سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل ”شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس“ 15-16 صفر1424 هه بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي .ان موقعي تي ڇنڇر جي ڏينهن 19 اپريل تي ڊاڪٽر نواز علي شوق پنهنجو مقالو ”فقير محمد قانع جي شاهه جي رسالي ۾ سرمومل راڻو-هڪ جائزو“ پڙهيو، هن مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب روهڙي سان تعلق رکندڙ شاهه سائين جي شارح ۽ هن عاشق جي رسالي ۾ سرمومل راڻي جو جائزو پيش ڪندي چيو تہ هن رسالي ۾ فقير صاحب شاهه جي بيتن جي روشنيءَ ۾ مومل جي ڪاڪ محل جو خيالي نقشو بہ شامل ڪيو آهي .جيڪو ٻئي ڪنهن بہ رسالي ۾ موجود ناهي ۽ صرف هن رسالي جي ئي خصوصيت آهي.

# ڊاڪٽر درشهوار سيد

ڊاڪٽر درشهوار سيد 21 مارچ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد ڏهون-1، (28 مارچ 1942ع تي سن شهر ضلعي دادو) موجوده ضلعي ڄامشورو ۾ پيدا ٿي. پاڻ مشهور قوم پرست اڳواڻ سائين جي-ايم سيد جي نياڻي هئي .پر سندس سڄاڻپ سياست کان هٽي ڪري ادبي ۽ سماجي حوالي سان هئي.

ڊاڪٽر درشهوار شروعاتي تعليم سينٽ جوزف ڪانونيٽ هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ حاصل ڪئي ۽ بي-اي 1967ع ۾ ۽ ايم-اي فلاسافي جي ڊگري 1969ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. سندس والد جي مرضي هئي ته سندس نياڻي پي-ايچ-ڊي ڪري جنهن لاءِ ڪيس پير حسام الدين راشديءَ جي حوالي ڪيائين. جنهن جي مشوري سان صوفي فڪر کي صحيح طرح سمجهڻ لاءِ 1972ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان فارسي ۾ سرٽيفيڪيٽ ڪورس پڻ ڪيائين. ان دوران پي-ايچ-ڊي لاءِ تياري ڪندي ڪيس اهو محسوس ٿيو ته پاڻ جنهن موضوع تي پي-ايچ-ڊي ڪرڻ گهري ٿي ان جي معيار جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نه معيار آهي نه ئي سندس رهبر. اها شڪايت ان وقت جي وائيس چانسلر پروفيسر سيد غلام مصطفىٰ شاهه سان ڪيائين .پوءِ اهو ڪجهه به نه ڪري سگهيو ته ڪيس 1974ع ۾ اعلىٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ يورپ جو رخ ڪرڻو پيو.يورپ ۾ ڪيس مذهبن جي تاريخ ۽ تقابلي مطالعي واري حوالي سان پيهر ايم-اي ڪرڻ لاءِ چيو ويو .اهڙي طرح پوءِ انگلينڊ جي سسيڪس يونيورسٽي (Sussex University) جي سائوٿ ايشين اسٽڊيز مان "History and Comparative study of religion" عنوان تي 1977 ع ۾ پيهر ايم-اي ڪيائين . ان کان پوءِ ايڊمبرا يونيورسٽي برطانيه ۾ پي-ايچ-ڊي جي "Religion" لاءِ تياري ڪيائين. جنهن ۾ سندس تحقيقي مقالي جو عنوان "The Poetry of Shah Abdul Latif" هو .اتي پڙهائيءَ دوران مانٽگومري واٽ (Prof: Montgomry Watt) ۽ ايل ول سلٽن (Prof: Elwell Sulton) جهڙا عالم سندس استاد هئا. جڏهن ته ڊاڪٽر ڪيرول هلين برانڊ (Dr: Carole Hillenbrand) ۽ ڪرسٽوفر شئڪل (Cristopher Shakle) سندس سهڪاري رهبر هئا ۽ مشهور عالم ڊاڪٽر اينيميري شمل ڪانئس واءُ وائيس ورتي .انگريزي ۾ مقالو عنوان "يونيورسل ميسيج آف شاهه عبداللطيف "تيار ڪري ايڊنبرگ يونيورسٽيءَ مان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

1984ع ۾ پي-ايچ-ڊي جي ڊگري ورتائين .هيءَ پهرين سنڌي عورت هئي جنهن انگريزي ۾ شاهه لطيف جي عالمي پيغام " تي ڊاڪتريٽ ڪئي.
ڪتاب -دي پوئٽري آف شاهه عبداللطيف انگريزيءَ ۾ سندس اها ٿيسز 1988ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪئي آهي .هن ٿيسز ۾ ڪل پنج باب آهن پهرئين باب ۾ راجا ڏاهر کان وٺي مغل دؤر تائين تاريخي جائزو ۽ شاهه سائينءَ جي زندگي ۽ ادبي پسمنظر جو جائزو ورتل آهي، ٻئي باب ۾ جنهن جو عنوان "شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ عورتون" هن عنوان ۾ شاهه جي ڪلام ۾ عورت سان وابستگي ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ تي پڻ روشني وڌي وئي آهي .باب ٽئين ۾ شاهه سائين جو جوڳين سان ٽن سالن تائين گڏ رهڻ ۽ انهن نڪتن ڪي نروار ڪيو ويو آهي .باب چوٿين ۾ شاهه لطيف ۽ فريدالدين عطار جي شاعريءَ جي ڀيٽ ڪيل آهي پر عطار جي شعرن ڪي مثال طور نه آندو ويو آهي .آخري باب پنجين ۾ جلال الدين رومي ۽ شاهه لطيف جي شاعراڻي تصور ۾ هڪجهڙاين ۽ فرق جي ڀيٽ ڪئي وئي آهي .هن باب جي آخر ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ لوڪ ڪهاڻين جن ۾ سهڻي ميهار، سسئي پنهون، سورٺ راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچي، مومل راڻو، مورڙيو سرگهاتو جو مختصر جائزو ورتل آهي .سندس ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو .بيت.

اکر پڙهه الف جو ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار پنا پڙهندين ڪيترا.

ترجمو:

Just read the letter a (alif) and forget the rest of the pages,
You have only to keep your inner seit pure,
There is no need to read more pages.

حوالو. شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو. ڊاڪٽر غلام مصطفیٰ کهڙو. ڇاپو پهريون مئي 2013ع. هن ٿيسز جو اردو ترجمو "شاہ لطیف کی شاعری اور فکر" جي عنوان سان ڊاڪٽر ابراهيم خليل نقوي ڪيو ۽ شاهه لطيف چيئر 1994ع ۾ ان ڪي شايع ڪيو .جنهن ڪي پاڪستان جي چئني صوبن ۾ گهڻي پذيرائي ملي .ٿيسز ۾ شروعاتي بابن کان پوءِ عورت جي حوالي سان خاص طور لکيو ويو آهي ۽ عطار توڙي روميءَ سان شاهه جي ڀيٽ ڪيل آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر صاحب جي ان ٿيسز ۾ ڊيڊيڪيشن واري صفحي تي ڀٽائي سائينءَ جو ڀھريون شعر ھيءُ ڏنل آھي.

سئو سرن پائي، جي تند برابر توريان،
اٿل اوڏانھين ٿئي، جيڏانھن ڀيجل ڀُرائي،
سڪڻو ھڏ آھي، سِرَ ۾ سڄڻ ناھ ڪِين.

ڊاڪٽر درشھوار پي-ايچ-ڊي ڪري واپس ورڻ کان پوءِ علمي ميدان ۾ ڪرڻ جي خيال سبب ڪراچي يونيورسٽي ۾ نوڪري اختيار ڪئي .پنھنجي استاد قاضي قادر جي مشوري سان ڀھريان فلسفي جي شعبي ۾ ڪوآپريٽو ٽيچر طور مقرر ٿي ۽ پوءِ 1985ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل پاڪستان اسٽڊي سينٽر ۾ تاريخ جي مضمون پڙھائڻ لاءِ ليڪچرار مقرر ٿي، جتي آخر تائين اسسٽنٽ پروفيسر جي عھدي تي ڪم ڪندي رھي .ان وچ ۾ سنڌ جي گورنر محمود ھارون جي حڪم تي 22 سيپٽمبر 1991ع کان 22 سيپٽمبر 1996ع تائين ڪراچي يونيورسٽي جي ”شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر“ جي ڊائريڪٽر تي رھي .سندس نگراني ۾ چيئر پاران 7 ڪتاب شايع ٿيا. شاھ لطيف چيئر ۾ سندس ايامڪاريءَ دوران شاھ لطيف متعلق اشاعتي ڪم ڪافي اڳتي وڌيو .ان حوالي سان سندس خاص ڪارنامو شاھ لطيف تي ببليوگرافي شايع ڪرائڻ آھي .جيڪو شاھ صاحب بابت تحقيق واري ميدان ۾ ھڪ اھم ۽ بنيادي ڪارنامو آھي .

ڊاڪٽر صاحب ديوان حافظ جي مختلف زبانن ۾ اشاعت کي ڏٺو تہ پاڻ شاھ جي رسالي کي مختلف ٻولين ۾ ترجمي جو ڪم ھٿ ۾ ڪنيائين پوءِ ھن شاھ صاحب جي ڪلام کي ٻاھرين دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ حافظ شيرازي ۽ مولانا رومي جي ڪلام واري طرز تي شاھ جو رسالو چئن ٻولين سنڌي، اردو، انگريزي ۽ فارسي ۾ سھيڙيو. جيڪو پوءِ جلد ڀھريون ڇاپو ڀھريون شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي جولاءِ 1996ع ۾ شايع ڪيو .ھن ۾ ڪل 271 صفحا آھن .ان سلسلي ۾ ڀھرين ٽن سرن جن ۾ سرڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ سرڪنيات جو ترجمو پڻ ڪيل آھي .ھن ترجمي ۾ سنڌيءَ لاءِ ڪلياڻ آڏواڻيءَ وارو ”منتخب شاھ جو رسالو“ فارسيءَ لاءِ نياز ھمايون جو ڪيل ترجمو، انگريزيءَ لاءِ پروفيسر امينہ خميساڻي جو ڪيل ترجمو ۽ اردو ترجمي لاءِ آغا سليم جي ڪيل ترجمي کي سامھون رکي ھن ڪم کي نھايت سھڻي انداز سان پيش ڪيو ويو آھي .اھڙي طرح سڄو رسالو اھڙن ڏھن ڀارھن ڀاڱن ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رنگين ڇپائي سان تيار ٿيٽو هو پر سندس اهو رٿيل ڪم پورو نہ ٿي سگهيو . هن جو فقط هڪ جلد شايع ٿي سگهيو.

ان ڪانسواءِ پاڻ هي ڪتاب لکيا ۽ ترتيب ڏنا .اردو ڪتاب -لطيفي کهانيان اشاعت اول قاضي ايسوسي ايٽس ڪراچي 1992ع .ڪتاب -سور ورهايان سرتيون ترتيب ڏنل 2006ع.شاه لطيف کی شاعری اور فکر، شاه عبداللطيف ڀٽائی چيئر کراچی يونيورسٹی 1994ع- شاهه جو رسالو چئن ٻولين ۾ 1996ع.کتاب _سر سورٹھ اشاعت اول شاه عبداللطيف ڀٹائی چيئر کراچی يونيورسٹی 1996ع.

ڪتاب. شاهہ لطيف جي موسيقي ترتيب ڇاپو پهريون شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي آگسٽ 1992ع. هن ڪتاب ۾ ڪل 12 مضمون ڏنا ويا آهن. جن کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. 1. سنڌي موسيقي. 2. شاهہ عبداللطيف ۽ سنڌي موسيقي. هن ڪتاب ۾ سڀ تحقيقي مضمون ۽ مقالا ڏنل آهن.

ڪتاب -شاهہ لطيف تي تحقيق مختلف پهلو ترتيب، جولاءِ 1995ع .ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران 1993ع ۾ ورڪشاپ جو انتظام پڻ ڪيو ويو هو. جنهن ۾ ڪافي محققن حصو ورتو هو. شاهہ لطيف متعلق ڏنل ليڪچرن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڪتاب "شاهہ لطيف تي تحقيق" جي نالي سان شايع ڪيو ويو .مٿئين ڪتاب ۾ مختلف ليکڪن جا 8 مضمون ترتيب ڏنل آهن.

سنڌ جي هن باوقار عالم عورت يورپ ۾ پڙهڻ واري دور ۾ مختلف تحقيقي ادارن ۾ لاتعداد علمي ليڪچر ڏئي سنڌ جو نالو روشن ڪيو. انهن منجهان ڪجهه عنوان هن ريت آهن.

1- حضرت محمد ڪريم جو مشن. سائوٿ ايشين اسٽڊي، يونيورسٽي آف سسيڪس 1976ع. 2- ڪر سڄنن فڪر جون اهم صفتون. سائوٿ ايشين اسٽڊي، يونيورسٽي آف سسيڪس 1976ع. 3- پاڪستان جي ڳوٺاڻين عورتن جو ٽين دنيا ۾ ڪردار (ٽين دنيا جي ملڪن جي 1979ع ۾ ايڊمبرا يونيورسٽي ۾ ٿيل ڪانفرنس ۾ پڙهيل). 4- اسلام ۾ عورت جا حق ۽ سوسائٽيءَ جو انهن ڏانهن رويو. ايڊمبرا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيل 1979ع. 5- صوفياڻي شاعريءَ ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عالمي امن پائيپيءَ ۽ پيار جو پيغام، پروٽيسٽنٽ چرچ ايڊمبرا ۾ پڙهيل 1981ع.

سندس ڪيل علمي پورهيي جي مڃتا طور کيس ڪيترن ئي ادارن کان مختلف ايوارڊ پڻ مليا، سندس ڪتاب "The Poetry of Shah Abdul Latif Bhitai" شايع ٿيڻ تي سنڌ سرڪار کان مليل ڪيش ايوارڊ ۽ لطيف گولڊ ميڊل 1988ع .ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي نالي سان جاري ڪيل ايوارڊ، ڊاڪٽر اينيمري شمل انسٽيٽيوٽ حيدرآباد کان 1985ع .لطيف ادبي اڪيڊمي پاران شاهه لطيف گولڊ ميڊل 1989ع .سنڌ ڪلچرل ڪائونسل ڪراچي کان پير حسام الدين ايوارڊ 1993ع ۽ سگا کان مليل انٽرنيشنل سچل ڪانگريس ايوارڊ 1981ع سچل سرمست اوارڊ 1990ع شامل آهن.

پاڻ سنڌي ادبي بورڊ، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جي سچل چيئر جي ايڊوائيزري بورڊ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي گورننگ باڊي جي ميمبر پڻ رهي .علمي خدمت ڪانسواءِ هن "آل سنڌ وومين ايسوسيئيشن" (اسوا) نالي هڪ سماجي تنظيم جو پڻ بنياد وڌو، جنهن جون سماجي خدمتون تمام گهڻيون رهيون.هن عظيم خاتون جو وصال 26 ڊسمبر 1997ع تي ٿيو.

شاهه سائينءَ جي فن، فڪر ۽ پيغام متعلق سندس هيٺين مضمون، مقالن شهرت ماڻي.

شاهه لطيف هڪ سماجي مفڪر، ڪتاب-اگهيا ست سندا، آگسٽ 2007ع .

مقالو -صوفي سلسلا ۽ شاهه لطيف، ڪتاب-شاهه لطيف تي تحقيق، مرتب- ڊاڪٽر دُرِ شهوار سيد، ڇاپو پهريون جولاءِ 1995ع.

رومی اور لطیف کے شاعرانہ تخیلات میں اختلاف اور مماثلت -کتاب-لطیف شناسی، ترتیب-ڈاکٹر طاہر تونسوی۔ سرائیکی ادبی بورڈ ملتان، اشاعت اول اگست ۲۰۱۰ع۔مقالا -مولانا جلال الدین رومی اور شاہ عبداللطیف بھٹائی، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی ایک مفکر شاعر، مترجم-عبدالحق عظیم، مرتب-پروفیسر محمد سلیم میمن۔ شاہ لطیف چیئر ، جون ۱۹۹۹ع۔مضمون - شاہ لطیف کی شاعری، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی، مرتب-منظور احمد کناسرو، دسمبر2013ع۔

# ڊاڪٽر بشير احمد شاد

ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" ولد در محمد پناڻ پهرين اپريل 1942ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم اتي ئي حاصل ڪيائين ۽ 1968 ع ۾ ايم-اي فرسٽ ڪلاس (سنڌي ادب) سنڌي ادب ۾ ۽ 1970ع ۾ بي-ٽي جا امتحان ۽ بي-ايڊ پاس ڪيائين. 1956ع ۾ ڪن مجبورين سبب شڪارپور مان لڏي لاڙڪاڻي ۾ مستقل طور رهائش پذير ٿيو. ڪجهه عرصي بعد درس تدريس جي پيشي سان منسلڪ ٿيو. شاد صاحب مختلف درسگاهن ڪان علاوه هڪ ڊگهو عرصو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ علم جي لاٽ روشن ڪندو رهيو ۽ اتان ئي 2002ع ۾ ائسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو. هن لکڻ جي شروعات 1958ع ڪان شعر و شاعري ۽ مضمون نگاريءَ ڪان ڪئي. سندس غزل جون ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

اسين عشق وارن جا ارمان آهيون،
اسين حسن وارن جا دربان آهيون،
وفا جون اميدون اوهان ڪان رکون ٿا،
اڙي يار ڪيڏا نہ نادان آهيون.

شاد صاحب بهترين افسانا لکيا آهن جن جو تعداد تقريباً سورنهن ڪان زياده آهي. هي سمجهدار، سلجهيل ۽ سنجيده شخص ۽ پرجوش ادبي ذوق رکندڙ معلم آهي. علم سان والهانہ محبت سبب سال 90-1989ع ۾ "مولانا ثناءُالله ثنائي جي شاعري جو تنقيدي جائزو" عنوان هيٺ ڊاڪٽر درمحمد پناڻ جي رهبري ۾ تحقيقي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي-ايچ-ڊي جي اعلىٰ سند حاصل ڪيائين. سندس قلم ۾ رواني موجود آهي، جنهن ڪري هڪ مصنف، مرتب ۽ مترجم جي حيثيت ۾ سنڌي ادب کي ڪتاب ڏيندو رهي ٿو. جن ۾ ڪتاب -امام شامل ترجمو1976ع (ناقةالله) الله جي ڏاچي، پاراٽو ادب، لاڙڪاڻو صدين ڪان 1995ع. اوڃاڳو اکڙين شعري مجموعو 1986ع. (گهريلو هنر جي صنعت) ترجمو، تاريخ اسلام جون باڪمال عورتون) ترجمو 1995ع. فڪرِ لطيف 1985ع. اردو ڪتاب -عـرفـان لطيفــــ اشاعت اول مهران



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڪيڈمي ڪراچي ١٩٩٨ع .پيهي منجهه پاتال 1992ع .پٽ جو گهوٽ 1997ع . پلارو پٽ ڏٽي 1999ع .شاهه لطيف هر دور جو شاعر 2008ع .وغيره.

سندس ادبي ۽ علمي خدمتن جي مڃتا طور ڪيس 1980ع ۾ شاهه لطيف اوارڊ، 1986ع ۾ شاهه لطيف اوارڊ (پبلڪ اسڪول سکر)، 1989ع ۾ شاهه لطيف اوارڊ ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو، 1997ع ۾ بيسٽ اسپيڪر اوارڊ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻو، 1999ع ۾ مولانا عبدالواحد سنڌي اوارڊ نئين زندگي پبليڪيشن، فيض بخشاپوري اوارڊ فيض اڪيڊمي جيڪب آباد ۽ 2000-1999ع ۾ ميان شاهه محمد ڪلهوڙو اوارڊ عباسي ڪلهوڙا تنظيم بهترين مقاله نگار طور سچل ايوارڊ 2002ع ملي چُڪا آهن .مختلف ادارن طرفان ڪيس 15 ايوارڊ ملي چڪا آهن .ڪجهه وقت پاڻ سچل ادبي مرڪز لاڙڪاڻي جو صدر ۽ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي لاڙڪاڻي جو نائب صدر ۽ فنانس سيڪريٽري پڻ رهيو آهي .هن وقت سال 2015ع مطابق پاڻ زيبسٽ لاڙڪاڻي ۾ سنڌي پڙهائي رهيو آهي.

ڪتاب -عرفان لطيف، ڇپائيندڙ -تنظيم فڪر و نظر، ڇاپو پهريون اپريل 1982ع .هن ڪتاب ۾ شاهه سائينءَ جي 28 سرن بابت روحاني خيال ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي .ڪتاب -عرفان لطيف، ڇاپو ٽيون 1998ع .ڇاپيندڙ -مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور .هن ڪتاب ۾ شاهه سائينءَ جي سوانح حيات ڪان پوءِ شاهه جي رسالي جي 30 سرن بابت روحاني خيال ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي .ڪتاب - پيهي منجهه پاتال، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون آگسٽ 1992ع .هن ڪتاب ۾ 20 ناميارن اسڪالرن جا مقالا ترتيب ڏنل آهن .اهي ساڳيا مقالا مهراڻ اڪيڊميءَ پاران شايع ٿيل ڪتاب ”پلارو پٽ ڏٽي“ ڇاپو ڇهون فيبروري 2011ع ۾ ڏنل آهن .ڪتاب -فڪر لطيف ترتيب فڪر و نظر پبليڪيشن سکر، ڇاپو پهريون 1985ع .هن ڪتاَب ۾ ناميارن اسڪالرن، محققن ۽ ڏاهن جا شاهه سائينءَ جي ڪلام جي فن ۽ فڪر بابت مضمون ۽ مقالا ترتيب ڏنل آهن . ڪتاب -شاهه عبداللطيف تحقيقي مضمون .مصنف -ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سهيڙيندڙ -ڊاڪٽر بشير احمد شاد، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1990ع .ڪتاب-پٽ جو گهوٽ، مرتب -ڊاڪٽر بشير احمد شاد، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون اپريل 1998ع .هن ڪتاب ۾ سنڌي جي 24 ناميارن محققن ۽ عالمن جا لکيل مقالا شامل ڪيا ويا آهن .انهن عالمن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح، شاعري، پيغام ۽ فن تي مختلف رخن سان روشني وڌي آهي .



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب -شاهه لطيف هر دؤر جو شاعر، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڇاپو پهريون 2008ع.
ڊاڪٽر بشير احمد شاد مختلف ادبي ڪانفرنسن ۾ مضمون-مقالا پڙهيا هئا پوءِ انهن مان شايع بہ ٿيس .انهن ترتيل پکڙيل مضمون-مقالن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري متئين ڪتاب ۾ شايع ڪرايائين.
ڪتاب "شاهه لطيف هر دؤر جو شاعر" انتساب -ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪتاب جو ستاءُ -بہ اکر، 1- لفظي ۽ معنوي ندرت. 2- نفيءَ جو فلسفو. 3- سنڌي سماج جي آدرشي قدرن جي عڪاسي. 4- پورهيتن جي پچار. 5- ٿرين جي خوراڪ ۽ پوشاڪ جو ذڪر. 6- جدوجهد جو پيغام. 7- سرسورٺ ۾ علامت نگاري. 8- شاهه جي نظر ۾ مومل جو مقام. 9-اکين جا احوال. 10-تجنيسِ حرفي جو ڪمال. 11- سريمن ڪلياڻ ۾ علم ۽ عمل جو تصور. 12- سرڪوهياريءَ ۾ سجاڳيءَ جو سنيهو. 13- تشبيهن جي سونهن. 14- سررپ ۾ وڇوڙي ۽ ويراڳ جا ورلاپ. 15- سرڪاپائتيءَ ۾ وقت جي وقعت ۽ پيار پريي پورهئي جو پيغام. 16- سرڪارايل ۾سچن سان صحبت جو سبق. 17- صنعتن جو استعمال. 18- انساني عضون جو ذڪر ۽ انهن جي معنوي حقيقت. 19- قادرِ مطلق جي هستيءَ جو تصور. 20- سرڪاموڏ جو روحاني راز. 21- سرديسيءَ جو مطالعو. 23- سرآسا جو مطالعو. 24- سرسامونديءَ جو مطالعو.
شاد صاحب کي مختلف ادبي ميڙاڪن ڪانسواءِ شاهه ۽ سچل سان ايترو تہ والهانہ عشق آهي جو هر سال شاهه سچل ادبي ڪانفرنسن ۾ شموليت اختيار ڪري تحقيقي مضمون ۽ مقالا تيار ڪري شاهه ۽ سچل جو پيغام عوام تائين رسائي ٿو .سندس اهي مضمون مقالا جامع معلومات سان سجايل هوندا آهن.
ڊاڪٽر بشير جا شاهه لطيف، سچل سائين يا مختلف موضوعن تي تحقيقي مضمون ۽ مقالا پڻ سندس قلم جي نوڪ مان نروار ٿيندا رهن ٿا، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.
وڄين چو وٽڪار، ماهوار پيغام، نومبر-ڊسمبر 1982ع .ساڳيو مضمون ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر 1987ع ۾ شايع ٿيو .پوڄا ڪر مَ پاڻ کي شاهه صاحب جي سرراملڪليءَ جو جائزو ماهوار نئين زندگي، جولاءِ-آگسٽ 1993ع .هڪ بيت جي شرح، لطيف ڊائجسٽ ڪراچي، جون 1986ع .سرسامونديءَ جو مطالعو - نئين زندگي نومبر 2004ع .سريمن ڪلياڻ ۾ علم ۽ عمل جو تصور -ڪلاچي تحقيقي جرنل، سيپٽمبر 1999ع .ساڳيو مقالو ماهوار نئين زندگي اپريل-مئي 2004ع ۾ شايع ٿيس .شاهه جي رسالي ۾ تجنيس حرفيءَ جو ڪمال .ماهوار

نئين زندگي جون 2006ع. حضرت سچل سرمست کے کلام میں قرآن حکیم اور احادیث نبوی کے حوالاجات، چهه ماهي ڪارونجهر، ايڊيٽر ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو. جون 2014ع. پوڄا ڪر مَ پاڻ ڪي -پتائي-3، آگسٽ 1993ع. پاران. سنڌي شعبو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور. ساڳيو مقالو ڪتاب -شاهه ۽ سنڌ، ۾ شايع ٿيس. شاهه صاحب جي ڪلام ۾ لفظي ۽ معنوي ندرت -ڪلاچي تحقيقي جرنل جون-سيپٽمبر 2006ع. شاهه لطيف جي ڪلام ۾ نفيءَ جو فلسفو -ڪلاچي تحقيقي جرنل -1 ايڊيٽر. ڊاڪٽر فهميده حسين. ڇاپو پهريون نومبر 1998ع. سرڪاپائتيءَ ۾ پيار پرئي پوهئي جو پيغام -ڪتاب-سرڪاپائتي، مرتب -حميد سنڌي، سال 1991ع، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز. سرڪارايل ۾ سچن سان صحبت جو سبق -ڪتاب-سرڪارايل، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1996ع، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد. ساڳيو مضمون ماهوار السنڌ اسلام آباد، مارچ 1996ع ۾ شايع ٿيس. سرِرپ ۾ وڇوڙي ۽ ويراڳ جا ورلاپ، ڪتاب -سرِرپ هڪ مطالعو، ڇپائيندڙ - عاشق حسين ميمڻ، ڇاپو پهريون، 2002ع. سرسورٺ ۾ علامت نگاري، ڪتاب-سرسورٺ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون، اپريل 2003ع. پُرئا پورب پار ڏي سُر پورب جو مطالعو، ڪتاب -سرپورب، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافتي کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون 2011ع. سرآسا جو مطالعو، ڪتاب -سرآسا، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون، 2009ع. روحاني رازن جو پنڌار سربروو سنڌي، ڪتاب-سربروو، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1995ع. مقالو -جي ليلائي نه لهين سر ليلا چنيسر، ڪتاب-سرليلان چنيسر، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1986ع. سرسامونديءَ جو مطالعو، ڪتاب-سرساموندي، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1997ع/1418هه. سرديسيءَ جو مطالعو، ڪتاب -ديسي سيڻ ڪجن (سرديسيءَ جو مطالعو)، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون 2005ع. مقالو -شاهه جي ڪلام ۾ سهپ ۽ صبر، ڪتاب -شاهه ۽ عشق، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2014ع. سرپرڀاتيءَ جو فڪري مطالعو، ڪتاب -سرپرڀاتي، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ، ڇاپو پهريون 2010ع. مقالو -شاهه پيامبر جُهد و عمل، ڪتاب -فڪرِ لطيف، مرتب -قربان علي ميمڻ، فڪر و نظر پبليڪيشن سکر، ڇاپو پهريون صفر 1408هه بمطابق آڪٽوبر 1987ع. سرکوهياريءَ ۾ سجاڳيءَ

جو سبق، ڪتاب -سرڪوهياري، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون فيبروري2007 ع .مقالو -شاهه لطيف جي ڪلام ۾ عبادت جو تصور، ڪتاب -ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجون، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون 2015 ع، ڇپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ .شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگ، خوشبوءِ ۽ لباس، ڪتاب-سک نه ستا ڪڏهين، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇپائيندڙ -سيڪريٽري ثقافت سنڌ، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2013 ع .اتر سنڌ جا سگهڙ، ماهوار نئين زندگي جون-جولاءِ 2003 ع .مقالو -شاهه لطيف جي ڪلام ۾ صنعتن جو ڪمال، مهراڻ نمبر-2-1، سال 2008 ع .مقالو -سماج جي آدرشي قدرن جي عڪاسي، امرتا -شاهه لطيف نمبر 2001 ع. شاهه جي ڪلام ۾ قادر مطلق جي هستيءَ جو تصور -ڪتاب فڪرِ لطيف 1985 ع .شاهه لطيف جي ڪلام جا فني قدر، ڪتاب-شاهه جا اسرار، سهيڙيندڙ-غلام اڪبر لغاري، ثقافت ۽ سياحت کاتو ڪراچي 2016 ع .حضرت سچل سرمست جي سرسارنگ ۾ ٿر جي منظرڪشي، ڪتاب-ٿر، سهيڙيندڙ-عبدالقادر منگي، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، 2013 ع.

حضرت شاہ عبداللطیف بھٹائی کے سر کلیان اور ایمن کلیان کا مطالعہ -کتاب-لطیف شناسی، ترتیب-ڈاکٹر طاہر تونسوی۔ سرائیکی ادبی بورڈ ملتان، اشاعت اول اگست ۲۰۱۰ع۔حضرت شاہ عبداللطیف بھٹائی کے کلام میں جدوجہد و عمل کا پیغام، ماہنامہ اظہار کراچی، نومبر-ڈسمبر ۱۹۹۱ع۔ حضرت شاہ لطیف بھٹائی کے سر ایمن کلیان کا روحانی رموز، ماہنامہ اظہار کراچی، مئی-جون ۱۹۹۲ع۔ آفاقی شاعر شاہ عبداللطیف بھٹائی کے سر سریراگ پر ایک مختصر جائزہ، ماہنامہ اظہار کراچی، مئی-جون ۱۹۹۱ع۔ سرکلیاں کا مختصر جائزہ، روزنامہ جنگ کراچی، مڈویک ۲۹ ڈسمبر ۱۹۸۳ع۔ سر ایمن کلیاں کا جائزہ، روزنامہ جنگ کراچی، مڈویک ۱۹ اکتوبر ۱۹۸۶ع۔ سر سریراگ کا مختصر جائزہ، روزنامہ جنگ کراچی، مڈویک ۲۴ جون ۱۹۸۷ع۔



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهه سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل "شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس" 16-15 صفر 1424 هه بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي .ان موقعي تي جمعي جي ڏينهن 18 اپريل تي ڊاڪٽر بشير احمد شاد "شاهه جي نظر ۾ مومل جو مقام" عنوان هيٺ مقالو پڙهيو، جنهن ۾ اظهاريل هو ته شاهه سائين مومل جي وفاداري ۽ مسلسل انتظار سبب ڪيس پاڪدامني ۽ مظلوميت وارو درجو ڏئي پنهنجي ڪلام ۾ ڪيس وڏي اهميت ڏني آهي.

# ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ

نامياري لطيفي ليکڪ، ڪهاڻيڪار، سفرنامه نويس، اديب ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ، سگهڙ جي سرواڻ، ڊاڪٽر ميجر محمد سليمان شيخ جو جنم 4 جون 1942ع تي هالا ۾ محمد حسين شيخ جي گهر ۾ جنم ٿيو ۽ ابتدائي تعليم هالا ۾ حاصل ڪيائين. 1966ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان ايم-بي-بي-ايس جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد 1969ع ۾ "ڪنگ ايڊورڊ ميڊيڪل ڪاليج لاهور" مان ڊي-اي جي ڊگري ڪيائين. 1970ع ۾ وري "پاڪستان ڪاليج آف فزيشنس اينڊ سرجنس ڪراچي" مان ايم-سي-پي-ايس ڊگري حاصل ڪيائين .علم بيهوشي ۾ ڊاڪٽر موصوف خاص مهارت سبب مشهور آهي .ڪيس ننڍپڻ کان تعليم سان گڏوگڏ افسانوي ادب، سنڌي ادب سان اتساهه آهي .جنهن سبب پاڻ ڪتاب" اڪيون اجايون "نالي ڪهاڻين جو مجموعو 1964ع ۾ شايع ڪرايائين، جيڪا سنڌس پهرين تصنيف آهي .ان بعد انسانن لاءِ هاڃيڪار جيوڙن تي مبني تحقيقي مضمون 1967ع کان "انسان جا پر اسرار دشمن" جي عنوان هيٺ مضمونن جو هڪ سلسلو ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي "نئين زندگي" ۾ ڇپيس .سال 1970ع کان 1971ع تائين سندس مضمونن جو هڪ ٻيو سلسلو "گلن جهڙا ٻارڙا قلن جيئن نپجن" ساڳئي رسالي ۾ شايع ٿيندو رهيس .ان ڪانسواءِ "سرت جي ڊائري" نالي سلسليوار مضمون روزانه هلال پاڪستان ۾ 1972ع کان 1973ع تائين ڇپيس.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر صاحب مئٽرڪ ۾ پڙهائي دوران پنهنجي ساٿين سان گڏجي ”انجمن فروغ ادب“ تنظيم ٺاهي، لائبريري جو بنياد وڌو ۽ گڏو گڏ ادبي مشاعرن، مضمون نويسي ۽ تقريرن جي مقابلن جو سلسلو شروع ڪيو .هن ون يونٽ خلاف سنڌي ادبي سنگت جي دستخطي مهم ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو جنهن دوران سي-آءِ-ڊي وارن ڪيس گرفتار ڪيو پر ننڍي عمر جي ڪري ڪيس ڇڏي ڏنو، پاڻ شاگرد سياست ۾ بہ سرگرم رهيو آهي. 1971ع ۾ هن شمشيرالحيدري ۽ سائين بخش عباسي سان گڏجي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سگا ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ چوٿين جون 1972ع تي سگا جو پهريون جنرل سيڪريٽري منتخب ٿيو ۽ پوءِ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو اپريل 1980ع کان جون 1983ع، اپريل 1990ع کان 1993ع، سيپٽمبر 2000ع کان آڪٽوبر 2002ع، 2006ع کان 2012ع تائين چيئرمين ٿي رهيو .تنهن کانسواءِ ڊاڪٽر صاحب مختلف ادارن ۾ خدمتون پڻ سرانجام ڏنيون آهن .جن جو رڪارڊ طويل آهي.ڪيس ڪيترائي مجتا طور ايوارڊ پڻ مليا آهن. سراج انسٽيٽيوٽ پاران چنچر 3 فيبروري 2018ع تي ڪيس لائيف اچيومينٽ ايوارڊ سان نوازيو ويو.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻولي ۽ لطيفي ادب تي پڻ ڪافي ڪم ڪيو آهي. شيخ صاحب جي نظرثانيءَ هيٺ پٺائيءَ جي آفاقي فڪر تي مختلف ليڪڪن جا ڏنل ليڪچر پروگرامن وارو مواد ڪتاب ”شاھ جي ساڃاھ“ ان جو سهيڙيندڙ حيدر بخش هڪڙو، ڇاپو پهريون جنوري 2010ع ۾ مهراڻ پبليڪيشن ڪراچيءَ پاران شاھ سائينءَ جي 266هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو .جيڪو هڪ بهترين ۽ جامع معلومات تي مبني آهي .تنهن کانسواءِ ڪتاب اڪڙيون اڃايون ڪهاڻيون 1964ع .ڪتاب-انسان جا پر اسرار دشمن، ڇپائيندڙ- سنڌ سائنس سوسائٽي ڄامشورو، ڇاپو پهريون سال 1974ع ڇاپو ٻيو 1984ع سون ورني ڌرتي سفرنامو 1974ع (پيڪنگ جون پچارون) سفرنامو 1991ع ويهہ مَ وسارج 1998ع/2000ع .منهنجي دنيا ڪالمن جو مجموعو 2014ع وغيره پڻ شايع ٿيل آهن.
سندس شايع ٿيل لطيفيات تي مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.
ايڪويهين صدي ۽ شاھ لطيف، ماهوار نئين زندگي جون 2006ع .شاھ جي ساڃاھ چو ۽ چا لاءِ، ڪتاب -شاھ جي ساڃاھ .سهيڙيندڙ -ماستر حيدر بخش هڪڙو، ڇاپو پهريون جنوري 2010ع، مهراڻ پبليڪيشن ڪراچي .مضمون -سڙيا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

متي سچ، ڪتاب -لطيفي لات، سهيڙيندڙ -خان محمد پنهور، ڇپائيندڙ -سگا حيدرآباد، ڇاپو پهريون مئي 1978ع .سنڌي سماج ۽ لطيف سائين، ڪتاب -لطيفي لات، مرتب -ممتاز مرزا 1992ع .ساڳيو مقالو پيج پتائي مئگزين جنوري 2011ع ۾ شايع ٿيس .مقالو -شاهه لطيف ۽ سنڌي ادب، ڪتاب -نذرِ لطيف سنڌي-اردو .ڇاپو پهريون ڊسمبر 1982ع .شاهه جي راهه هڪ موحد لاءِ، لطيف سالگره مخزن ڇاپو پهريون 1960ع .شاهه صاحب جو نظريہ حيات، سروري مخزن اسلاميه گورنمينٽ ڪاليج هالا 1965ع کان 1966ع .ساڳيو مقالو لطيف سالگره مخزن 1964ع ۾ شايع ٿيس. "شاهه لطيف قومي ڪانفرنس" 28-27 مئي 1992ع تي ڪراچي ۾ ثقافت کاتي پاران منعقد ڪئي وئي، ان ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب مقالو "سنڌي سماج ۽ لطيف سائين" پڙهيو هو. مضمون-انسانيت ۽ عالمي امن لاءِ لطيف جو پيغام، عوامي آواز سنڌي مئگزين 27نومبر 2016ع. ساڳيو مقالو- ڪتاب-ڀٽائي هڪ آدرشي انسان، مرتب-غلام اڪبر لغاري، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون 2017ع ۾ شايع ٿيس. مقالو-شاہ اور اس کی داستانیں، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی، مرتب-منظور احمد کناسرو، دسمبر2013ع.

1978ع ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ ملهايل يومِ لطيف جي موقعي تي "سڙيا متي سچ" عنوان تحت ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ جي يادگار تقرير مان ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

شاهه انسان جي دل کي نهائينءَ سان مشابهت ڏئي ٿو، منهنجي مطالعي ۾ ٻي ڪنهن به ٻولي ۽ اهڙي سادي ۽ سٺي تشبيهه نظر نه آئي آهي.

ڪجهه ليکڪن نهائينءَ جي معنیٰ ڪنير جي آوي ۽ نهائينءَ کي قرآن شريف سان تشبيهه ڏني آهي.

لطيف جو ڪو به بيت ڪنهن ريڊار، ميهار يا ٻڪرار آڏو پڙهبو ته هو ان جون طرحين طرحين معنائون سمجهائيندو ۽ فخر سان چوندو ته لطيف ته سندس شاعر آهي.

شاهه جي نظر ۾ وطن جون ڪوجهيون، ڪاريون، اڻ موچاريون ۽ ڪکيءَ جي ڪارين واريون غريب مهاڻيون به انهن سمين ۽ سومرين کان چڱيون آهن جيڪي مغروري رکن ۽ وطن جي ڀلي لاءِ ڪا محنت نه ڪن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

سنڌي زبان جي نامور، محقق، ڪالم نگار، شاعر ۽ لطيف شناس در محمد پٺاڻ جو جنم 25 مئي 1945ع ۾ تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ خير محمد آريجا ۾ ٿيو ۽ اتي ئي پرائمري تعليم حاصل ڪيائين . مئٽرڪ 1963ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان ڪيائين .بي-اي پرائيويٽ 1967ع ۾ ڪيائين .بي-ايڊ 1971ع ۾ اول پوزيشن ۾ پاس ڪيائين ۽ 1972ع ۾ ايم-اي سنڌي ٽئين پوزيشن سان سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين.

هن تخليقي سفر جو آغاز 60 واري ڏهاڪي ۾ شاعري ۽ نثر نگاري سان ڪيو .ڪيس 1964ع ۾ تعليم کاتي ۾ ملازمت ملي .سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

دنيا ساري چاڪيءَ گهاڻو،
هيڪر هيڪل من ويڳاڻو.

در محمد پٺاڻ 1977ع کان ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي بهترين پروگرام ڪيا، جن ۾ لطيفيات تي نمايان پروگرام پهرين مئي 1981ع تي ڪتاب تذڪره لطيفيءَ تي مذاڪرو جنهن ۾ اياز گاد، سليم سهتو ۽ نعيم الله شرڪت ڪئي. 10 جولاءِ 1981ع تذڪره لطيفي ڪتاب جي ٻئي جلد تي مذاڪرو جنهن ۾ اياز گاد، نعيم الله ۽ ارشاد اعوان شرڪت ڪئي. هن ليکڪ ان دور ۾ ناول، افسانيِ، ٻاراڻي ادب، ثقافت، سنڌيءَ ۾ داستان گوئي ۽ ٻين موضوعن تي ريڊيو تان پروگرام نشر ڪيا.

در محمد پٺاڻ، ڊاڪٽر غلام علي الانا جي رهبريءَ ۾1979ع ۾ ”ڪراچيءَ جو سنڌي ٻولي، علم ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ حصو“ جي موضوع تي تحقيقي مقالو لکي پي-ايچ-ڊي ڪيائين .ڪيس 1973ع ۾ تعليم کاتي ۾ ليڪچرار ۽ 1985ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ڪيو ويو .ان ئي عرصي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي مقرر ٿيو .جتي ڪجهه عرصو قائم مقام ڊائريڪٽر به رهيو. ڊيپوٽيشن جا پنج سال پورا ڪرڻ بعد 1990ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج ڏوڪريءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو. 1991ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ٿيو ۽ 1991ع کان 1995ع تائين اتي ئي پرنسپال ٿيو جتان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هن زبيسٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏنيون .سندس

اٽڪل 500 ڪان مٿي ثقافتي، ادبي، تاريخي، شخصيات ۽ لطيفيات تي تحقيقي مضمون-مقالا ڇپيل آهن .جڏهن ته سندس 22 ڪن ڪتاب شايع ٿيل ۽ 40 اڻڇپيل آهن .انهن مان ڪجهه شايع ٿيل هي آهن .ادب ۽ ماحول 1987ع .( جهڙا گل گلاب جا) هندو شاعرن جي شاعري 1988ع، علامه آءِ آءِ قاضي سووينئر )ترتيب 1989ع، موتين مٺ ملوڪ جي سگهڙ محمد ملوڪ عباسيءَ جي لوڪ شاعري 1990ع، سنڌي ادبي بورڊ ڪارڪردگي ڪتابڙو 1991ع، لاتيون سهٽي لقمان جون سگهڙ محمد لقمان جي لوڪ شاعري 1995ع. موتي مور ملوڪ جا ترتيب ۽ ڇاپي جو ايڊيٽر ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو سال 2013ع ۽ ٻيا اڃي وڃن ٿا .ڪتاب ”ادب ۽ ماحول“ کي سنڌ يونيورسٽيءَ پاران 1988ع ۾ ايم-اي سنڌي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو .سندس ڪتاب جو مطالعو ڪيو مون 1983ع ۾ انڊيا ۾ شايع ٿيس.ٻارڙن لاءِ ”ذهني آزمائش“ ۽ ڇيلڙي وارو شهزادو، سنڌ ۾ سياسي چرپر، مولانا عبيدالله سنڌي، ”آدرش رنگ“ ۽ ٻيا شامل آهن .ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ خير محمد آريجا ۾ پنهنجي امڙ حيات خاتون ۽ ابي گل محمد جي نالي سان ”گل حيات انسٽيٽيوٽ“ جهڙو علمي ادارو پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي قائم ڪري مثال پيدا ڪيو آهي .جنهن ۾ هزارين ناياب ڪتاب ۽ فن، ثقافت، سياست، شخصيتن ۽ تاريخ بابت اخباري ڪٽنگ تي ٻڌل هزارين فائيلن جو مواد موجود آهي .ڊاڪٽر در محمد انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ قائد اعظم يونيورسٽي اسلام آباد طرفان ڍاڪو مضمونن ۾ پي-ايڇ-ڊي گائيڊ طور خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. 19885ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ هڪ پراجيڪٽ ”پرزرويشن آف هسٽري ڪلچر ۽ لٽريچر آف سنڌ“ هيٺ سندس ڪيل ڪاوشن ۽ ٻين خدمتن جي مڃتا طور 1986ع ۾ سنڌالاجيءَ ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ڪارنر قائم ڪيو ويو .جنهن مان ڪيترن شاگردن پي-ايڇ-ڊي لاءِ مدد حاصل ڪئي آهي .ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ کي سندس ڪيل ادبي ڪم تي ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا آهن، جهڙوڪ سنڌ مدرسه سلور ميڊل ايوارڊ، وائيس چانسلرس ميڊل، سگا گولڊ ميڊل ايوارڊ، لاڙڪاڻو اوارڊ ۽ ادب ۾ ڪيل خدمتن عيوض صدارتي ايوارڊ براءِ حسن ڪارڪردگي ”تمغه امتياز“ سان نوازيو ويو آهي .هي مختلف سرڪاري ادارن ۾ ڊيوٽيءَ جا فرائض سرانجام ڏيندو. 25 مئي 2004ع تي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو مان پرنسپال جي عهدي تان رٽائر ٿيو .پاڻ اڄڪلهه ڪراچي ۾ رهائش پذير آهن ۽ لکڻ پڙهڻ جو ڪم جاري اٿن .



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مضمون ۽ مقالا
مقالو -شاهه جي زماني جون لڙايون، ڪتاب -جر تر تک تنوار، مرتب - شيمشيرالحيدري-انور هالائي، ڇاپو پهريون 1979ع .ڇپائيندڙ -سگا ڪراچي .
مقالو -شاهه ڪريم جي شاعريءَ ۾ سماجي جيوت جي جهلڪ، ڪتاب -سنڌي شاعريءَ وهائو تارو: شاهه ڪريم، ڊسمبر 2012ع .مقالو -لاڪيٽي لطيف جي ڪلام ۾ اقتصادي تعليم جا اهڃاڻ، ڪتاب-ڀٽ جو گهوٽ، مرتب -بشير احمد شاد، 1998ع .ٻيهر ڇاپي ڇاڻ ابر جي اوصاف ڪي، ڪتاب-فڪرِ لطيف، مرتب-بشير احمد شاد 1985ع.
اردو مقالو -شاہ لطیف کا اقتصادی فلسفہ -کتاب شاہ عبداللطیف بھٹائی احوال و افکار(خاص اشاعت) ۔ ڈسمبر ۱۹۸۱ع اورکتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی، مرتب-منظور احمد کناسرو، دسمبر2013ع.
مقالو -شاهه جي زماني جون لڙايون، هن مقالي مان ڪجهه سٽون ليکڪ لکي ٿو ته شاهه سائينءَ جي دور ۾ سموري برصغير ۾ 56 جنگيون ۽ لڙايون ٿيون .جن مان 33 لڙاين ۽ مقابلن جو ڪٽو سنڌ جي حصي ۾ اچي ٿو.
ڀٽائي گهوٽ جي زماني ۾ سنڌ استحصال ڪندڙ خارجي قوتون چار هيون .بروهي، مغل، نادر ۽ احمد شاهه دراني.
شاهه سائينءَ جي دور ۾ ڪير واري ڳئون 12 روپين ۾ ۽ فندر ڇهن روپين ۾ ۽ اٺ 25 کان 30 روپين ۾ ملندو هو .شاهه سائينءَ جي دور ۾ ٺٽي ۾ 80 هزار ڪوري ڪاريگر پليگ جي بيماريءَ سبب مري ويا.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر حيدر سنڌي

ڊاڪٽر غلام حيدر ولد حاجي علي مراد ٻرڙو 15 آڪٽوبر 1945ع تي ڳوٺ مبارڪ ٻرڙو تعلقو مورو ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو. پاڻ مشهور اديب، محقق، لسانيات جو ماهر ۽ شاهه جو پارکو آهي.

ڊاڪٽر حيدر سنڌي پرائمري تعليم ڳوٺ پرسان اسڪول سومر چانڊيو ۾ پرائي. مئٽرڪ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهه مان پاس ڪيائين. بي-اي سچل سرمست ڪاليج نواب شاهه مان پاس ڪري، ڊي-جي هاءِ اسڪول نواب شاهه ۽ نوا جتوئي ۾ 1969ع کان 1974ع تائين استاد مقرر ٿيو ۽ پوءِ سي-ٽي، بي-ايڊ ۽ ايم-اي جا امتحان ٻه ڏنائين. 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو ”سنڌي زبان جي پاڪستان جي مختلف زبانن ۾ تعليمي ۽ ادبي حيثيت“. هن ڊاڪٽر غلام علي الانا جي رهبريءِ ۾ پي-ايچ-ڊي ڪئي.

ڊاڪٽر حيدر سنڌي 1974ع ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر اسلام آباد يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو، تنهن کان پوءِ پاڻ اتي پروفيسر جي عهدي تي ٻه رهيو. ڊاڪٽر حيدر سنڌي ناميارو ليکڪ آهي. پاڻ ڪيترائي تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکيا اٿس. ڪتاب ٻه ڇپيل اٿس. پاڻ لسانيات جي ماهر طور سڃاتو وڃي ٿو. سنڌي ٻوليءَ تي سٺو ڪم ڪيو اٿس. ان سلسلي ۾ سندس لکيل ڪتاب ٻولين جا سرچشما 1970ع ۽ ان ڪتاب کي اتهاس پبليڪيشن ڪنڊيارو 1985ع ۾ شايع ڪيو ۽1988 ع منعقد ٿيل ”بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس“ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي موقعي تي لسانيات واري سيشن ۾ سندس پڙهيل مضمون ”هند کو سنڌو ماتري جي قديم ٻولي“ سندس بهترين تحقيقي مضمون آهي، جيڪو ٽماهي مهراڻ نمبر-4، ڊسمبر 1990ع ۾ شايع ٿيو.

ڊاڪٽر صاحب عالمي شهرت يافته مشرقي ٻولين جي ماهر خاتون ڊاڪٽر اينمري شمل جي هڪ انگريزي ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي جيڪو ”سنڌي ادب جي ارتقا“ جي نالي سان 1981ع ۾ شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. ان ڪانسواءِ سندس لکيل توڙي ترجمو ڪيل، ترتيب ڏنل ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌ جون چند ذاتيون، پاڪستاني ٻوليون، شاھ آفاقي شاعر، تہ زباني لغت، ديسي پرديسي گل (ترتيب-افسانا)، سندھی زبان و ادب کا ارتقاء ڊاڪٽر اينيميري شمل اردو ترجمہ ڊاڪٽر حيدر سنڌي، پاڪستان کا لسانی ورثا (اردو)، سندھی صوفی شعراء حیات اور شاعری شاہ لطیف اشاعت اول، قومی ادارہ برائے تحقیق تاریخ و ثقافت پاکستان اسلام آباد ۲۰۱۰ع۔ ہمارا لسانی و ادبی ورثہ، شاہ عبداللطیف بھٹائی اشاعت اول ہمارا لسانی ادبی ورثہ اسلام آباد ۱۹۹۵ع۔ سندھی زبان و ادب کی تاریخ اشاعت اول مقتدرہ قومی زبان اسلام آباد ۱۹۹۹ع-اردو ڪتاب حياتِ قلندر شهباز، ڇپائيندڙ-قائد اعظم يونيورسٽي اسلام آباد وغيره.

شاھ لطيف ڪانسواءِ مختلف عنوانن تي مضمون ۽ مقالا.

سنڌي زبان تي تحقيق، ڪتاب-شاھ لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج، مرتب-خالد آزاد، ڇاپو پهريون 2007ع .هجن هنجهھ حيات، ڪتاب-سرڪارايل، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1996ع .مقالو -شاھ سنڌي زبان جو مسيحا، ڪتاب -جر تر تک تنوار، مرتب -شيمشيرالحيدري-انور هالائي، ڇپائيندڙ -سگا ڪراچي ڇاپو پهريون 1979ع. مقالو -سنڌي سماج ۽ سچل جي شاعري، ڪتاب-سچل سارو سچ، مرتب-ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڇپائيندڙ-سگا ڪراچي، ڇاپو پهريون 1989ع . ٻوليءَ جي ارتقا، لطيف ڊائجيسٽ، جلد-5، مارچ 1986ع .مقالو -سنڌي سماج ۽ سچل جي شاعري، ڪتاب-جاڻ سچل جي، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو پهريون 2011ع.مقالہ -سندھ، شاہ عبداللیف بھٹائی اور شاہ جو رسالو کا مختصر مطالعہ۔ کتاب-لطیف شناسی، ترتیب-ڈاکٹر طاھر تونسوی۔ سرائیکی ادبی بورڈ ملتان، اشاعت اول اگست ۲۰۱۰ع۔

شاھ سنڌي زبان جو مسيحا. مقالي مان ڪجھ سٽون شاھ سائينءَ جي سنڌيءَ کي تڏھن سک جو ساھ کڻڻ جي اميد جاڳي جڏھن سنڌ مان مغلن کي سڙھ سنباهي روانو ٿيڻو پيو پوي تہ ساڻن گڏجي فارسي پاڻ بہ وڃڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# انور پيرزادو

سنڌ ۽ شاهه جو شيدائي انور پيرزادو سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ ناميارو نانءُ ڳڻيو وڃي ٿو .سندس اصل نالو محمد پريل هو. پر ادبي دنيا ۾ ”انور پيرزادي“ جي نالي سان مشهور ٿيو. هن 25 جنوري 1945ع تي ڳوٺ ٻلهڙيجي، تعلقي ڏوڪريءَ ۾ جنم ورتو .سندس والد شفيع محمد صوفي درويش هو .انور پيرزادو پنهنجي والد سان گڏ نه صرف پنج وقت نماز پڙهندو هو پر مسجد جو ٻانگو به هو .سياري جي مند ۾ نمازين لاءِ وضوءَ وارو پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ والد سان گڏجي صبح سويري جهنگ مان ڪاٺيون ڪري ايندو هو .ڳوٺ ٻلهڙيجي، سنڌو درياهه ۽ موهن جي دڙي جي ڀرَ ۾ آهي .ننڍپڻ ۾ شيخ اياز جو ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ پڙهي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ سان ملڻ لاءِ ويو ۽ پوءِ لاڳيتو وٽس ويندو رهندو هو. هن 1955ع تائين پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي .پوءِ اٽڪل ڇهه ڪلوميٽر پنڌ يا سائيڪل تي وڃي ڏوڪري هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو. 1962ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين .انور 1963ع کان 1968ع تائين موجوده ڏوڪري تعلقي ۾، موهن جي دڙي اسڪول، ٽگڙ باغبان ڪچي ڪيڙا اسڪول، حاجي مشوري اسڪول ۽ شير محمد جوڻيجي اسڪول ۾ پرائمري ٽيچر ٿي رهيو .انور ٽگڙ باغبان ۾ ٽيچر هجڻ دوران ڳوٺ جي وڏيري سيد خادم علي شاهه جي اوطاق ۾ رهندو هو .ان وڏيرڪي ماحول جي مشاهدي جو اظهار اڳتي هلي هن ”وڏيري جي اوطاق مان“ عنوان سان لکيل ڪالمن ۾ ڪيو آهي. هي جاکوڙي انسان 1969ع ۾ مارئيءَ جي حب الوطنيءَ تي ٻهريون مضمون لکي محقق طور اڀريو.

انور پيرزادي 1969ع ۾ انگريزي ادب ۾ ايم-اي ڪئي .ايم-اي پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. اڳتي هلي هيءُ 1970ع ۾ پاڪستان ايئر فورس ۾ پائليٽ آفيسر جي ٽريننگ لاءِ چونڊيو ويو .ڇهن مهينن جي ٽريننگ ڪري ڊيوٽيءَ تي چڙهڻ وارو هو ته مٿس ”فيلڊ ڪورٽ مارشل“ ۾ بغاوت جو ڪيس هلايو ويو ۽ ڪيس ست سال سخت پورهئي سان سزا ڏيئي پشاور سينٽرل جيل ۾ موڪليو ويو .فيلڊ ڪورٽ مارشل دوران ونگ ڪمانڊر ۽ ايئر وائيس مارشل يوسف خان کيس آزاد ڪرڻ جي سفارش ڪئي .اهڙيءَ طرح ستن مهينن جي قيد کان پوءِ کيس آزاد ڪيو ويو .ان بعد انور لاءِ سرڪاري نوڪريءَ جا دروازا بند ٿي چڪا هئا، تنهنڪري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

امرجليل جي سفارش سان ڪيس اخبار ۾ سب ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو.1975ع ۾ اخبار ڇڏي روسي سفارتخاني ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ بليٽن جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. 1980ع ۾ روسي سفارتخانو بند ٿيڻ سبب ان سال ئي ”ڊان“ اخبار جو لاڙڪاڻي جو عيوضي ۽ ”دي اسٽار“ سکر جو بيورو چيف ٿيو .ايم-آر ڊي هلچل دوران هڪڙي خبر هلائڻ جي ڏوهه ۾ 6 مهينا سزا ڀوڳيائين .ان ڪان پوءِ جدا جدا اخبارن سان لاڳاپيل رهيو. 1970ع ڪان هن لکڻ شروع ڪيو. 1973ع ڪان سنڌي ادبي سنگت کي ڀيهر سرگرم ڪرڻ ۾ سندس حصو رهيو .سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جو سيڪريٽري ۽ سرگرم ڪارڪن بہ رهيو .انور پيرزادو ڪهاڻيڪار بہ هو .هوچي من جي شاعريءَ ڪان متاثر ٿي شاعري بہ ڪيائين .هن ڪيترن ڪتابن جا سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ترجما بہ ڪيا، جن ۾ ”تاريخ مون کي بي ڏوهي قرار ڏيندي“ فيڊرل ڪاسٽرو جي تاريخي تقرير ۽ ”شاهه جي رسالي جو سماجي مقصد“ اهم آهن .هيل تائين سندس چيپل ڪتاب هي آهن. ”اي چنڊ پٿائيءَ کي چئجان“، متان وساريو 2007ع، ڪتاب-پٿائي 2007ع. سنڌ ڊسمبر 2008ع ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران سندس ڪتاب 2009ع ۾ “Sindhi Language and Literature- A brief account”۽ ثقافت کاتي پاران Legacy of Shah Latif, Author-Manzoor Ahmed Kanasro, Translated by-Anwar Pirzado, Edition-2007.پڻ شايع ٿيو.

ان ڪانسواءِ هن ناليوارن عالمن جن ۾ محمد ابراهيم جويو، شيخ عزيز، جي-ايم سيد، شيخ اياز، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ممتاز مرزا، ڪي-ايم لاڙڪ، ايس-ايم جهانگياڻي، انور پيرزادي، سحر امداد، ڪليم لاشاري ۽ ڊاڪٽر غلام حيدر چني جا شاهه لطيف جي حوالي سان سنڌيءَ ۾ لکيل مقالن کي انور صاحب انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ان ترجمي کي ڪتاب “Social content in Shah Jo Risalo” جي نالي سان ڊاڪٽر فهميده حسين ايڊيٽنگ ڪري سيپٽمبر 1998ع ۾ شاهه لطيف چيئر ڪراچي پاران شايع ڪرايو.

هن سنڌ جي سيلانيءَ نومبر 1989ع ۾ ربڙ جي ٻيڙين تي جهانگيره ڪان پورٽ قاسم تائين سنڌوءَ جو سفر ڪيو. ان ڪانسواءِ ڪيرٿر ۾ ڪتي جي قبر تائين پنڌ ڪيائين ۽ گورک چوٽيءَ تي انهن ڏينهن ۾ پهتو، جڏهن روڊ رستا ڪونہ ٺهيا هئا.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ادبي دنيا ۾ هُو تاج بلوچ، بدر ابڙي، فقير محمد لاشاري، عبدالرحمان نقاش، هدايت منگي، ڪيهر شوڪت، محمد علي پٺاڻ، شمشيرالحيدري، علي بابا،انور ابڙو، ستار پيرزادي ۽ ميرمحمد پيرزادي کي گهڻو ويجهو رهيو.هن جي تحريرن جا پسنديده موضوع سنڌ، شاهه لطيف، موهن جو دڙو ۽ ٿر هئا .پاڻ 7 جنوري 2007ع تي ڪينسر جي بيماريءَ وگهي وفات ڪيائين .سندس آخري آرامگاهه ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ ٺي آهي .سندس وفات بعد ثقافت کاتي پاران خصوصي شاهه لطيف ايوارڊ مارچ 2007ع ۾ جيڪو سندس پونيرن وصول ڪيو.

انور پيرزادي جو لطيفي لات سان عشق ٻچپن ۾ پنهنجي ڳوٺ جي مڪانن ۽ اوطاقن تي فقيرن جي واتان ڀٽائي سائينءَ جي شاعري ٻڌڻ سبب ٿيو. پوءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ فقير يار محمد کان ڀٽائيءَ جا بيت ٻڌا ته ڪيس ڀٽائيءَ جي شاعري پڙهڻ جو شوق ٿيو .اهڙي طرح ڀٽائيءَ جي شاعري پڙهندي پڙهندي هي شاهه جو شيدائي ٿي پيو ۽رمتو جوڳي ٿي ڀٽائيءَ کي ڪڏهن جهانگيئڙن جي جهوپن ۾، ته ڪڏهن رسالي ۾، ته ڪڏهن ڀٽ شاهه تي ڳوليندو رهيو .ڀٽ شاهه سندس ٻيو ٻلهڙيجي ٿي پيو ۽ پاڻ ڀٽائي صاحب جي درگاهه جي هر هفتي وڃڻ لڳو .اتي ادا ٿيندڙ هر رسم ۾ شرڪت ڪندو هو ۽ راڳ، سماءَ ۾ ته باقاعدي گم ٿي ويندو هو .پوءِ درگاهه تان مليل ونڊ دوستن ۾ اچي ورهائيندو هو .شاهه سائين سان بيحد عقيدت ۽ ان جي ڪلام تي ڪوجنا سبب شاعر شمشيرالحيدريءَ، انور پيرزادي کي ”شاهوڙ لطيف“ چوندو هو ۽ شمشيرالحيدري سندس ڪم کان متاثر ٿي پنهنجن دوستن کي چيو ته شاهه سائين الائي جي ڪڏهن ۽ ڪيئن اسان جي يار کي سچي سون ڪري ويو.

انور صاحب پنهنجي زندگيءَ جي آخري سالن ۾ اڪثر محمد علي پٺاڻ کي ساڻ ڪري ڀٽ شاهه تي وڃي ٽڪندو هو .پاڻ جڏهن به ڪنهن صدمي جو شڪار ٿيندو هو ته ڀٽائي سائينءَ کي دانهن ڏيندو هو ۽ ان دانهن جي ايف-آءِ-آر ڀٽ شاهه تي مور فقير جي مڪان تي رکيل ايف-آءِ-آر بڪ ۾ داخل ڪندو رهندو هو .سندس التجا جي صورت ۾ پيش ڪيل عرض“ اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجان ” سنڌ ۾ قيامت تائين گونجندو رهندو.

## نظم

اي چنڊ ڀِتائيءَ کي چئجان!
جنهن رات ۾ تو تي بيت چيا،
سا رات اڃا پِي جاري آ،
۽ سج ڏنگايون کو نہ چڏيون،
هي پنڌ پري، جو واري آ،
مان ڪنهن سان پنهنجا سور سليان،
اي چنڊ ڀِتائيءَ کي چئجان!
اي چنڊ ڀِتائيءَ کي چئجان!
اڄ رات رنو آ رت ڦڙو،
۽ تارا سور پيئن ٿا پيا،
هوءَ سانجهي سڏڪي روئي ٿي،
۽ سوريءَ گيت چڙهن ٿا پيا،
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان،
اي چنڊ ڀِتائيءَ کي چئجان!
اي چنڊ ڀِتائيءَ کي چئجان!
مون تنهنجن راڳن جي سُر ۾،
جان سنهڙي سيند وڃائي آ،
هر ماڻهوءَ پيند هنئي آهي،
هر گهر گهٽي جڻ ڦاهي آ،
ات ڪرڻن جي ڪا ڪُوڪ ڪجان،
اي چنڊ ڀِتائيءَ کي چئجان!
اي چنڊ ڀِتائيءَ کي چئجان!
مون تنهنجي ذات ڏيا مان اڄ،
جان هڪڙو چُڪڙو چاهہ چکيو،
ويڙهاند سندو ويراڳ ڪيو،
هر ماڻهوءَ کي مون پاءُ ڪيو،
تي تنهنجيون وايون آءُ وڙهان،
اي چنڊ ڀِتائيءَ کي چئجان!
اي چنڊ ڀِتائيءَ کي چئجان،
هي ماڻهو تنهنجن بيتن کي،
ڏرتي کان ڏار چني ٿا ڪن،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيون وايون تنهنجيون وار پٽن،
۽ سرڙا تنهنجا اوسارن،
هي ار هي سر هي دانهن ڏجان،
اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجان.!
اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجان!
ڪنهن انڌوڪار انڌا ڪيا هن،
تا ماڻهو توکي شاهه چون.
۽ تنهنجي راڳ رسالي کي،
تا آيت سمجهي ڪنڌ هڻن،
تون ڪيڏو ڏور هليو ويو آن.
اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجان!
اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجان!

جيئن ته سنڌ ۾ ٻين ليکڪن شاهه لطيف تي وڏو ڪم ڪيو آهي، پر انور پيرزادي ڀٽائيءَ تي جديد انداز سان ڪم ڪيو آهي .سندن تخليقي لکڻين ۾ ڀٽائيءَ سان گهري انسيت نظر اچي ٿي.ڪجهه ليکڪن شاهه سائين جي ڪلام تي تحقيق ڪندي پنهنجن مقالن ۾ لکيو آهي ته شاهه جي رسالي ۾ ٽن، چئن ، ڇهن، ستن ٻولين جا لفظ استعمال ٿيل آهن، پر انور پيرزادو سنڌ جو واحد محقق آهي جنهن شاهه جي ڪلام جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪري نئين تحقيق سامهون آندي ۽ پنهنجي ڪتاب-ڀٽائي ۾ لکي ٿو ته شاهه سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ ستن ٻولين کان وڌيڪ جن ۾ عربي ٻولي، فارسي، هندي، بلوچي، براهوي، سرائيڪي، ڪڇي، گجراتي، ترڪي، پرچوگيز ڪرد ۽ ڪردش ٻولين جا لفظ استعمال ڪيا آهن.

1970ع جي ڏهاڪي ۾ انور جون ڪجهه تحريرون ”ور وائيءَ جو جي لهين“ عنوان تحت يوسف شاهين برسات رسالي ۾ شايع ڪيون .اهڙي طرح ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي سنڌي ادبي پروگرام ”رسالي“ جي سلسلي لاءِ هن اڍائي سؤ موضوع طئي ڪيا هئا .انهن مان ڪجهه موضوع وار مضمونن کي 1980ع جي ڏهاڪي جي آخر ۽ 1990ع جي شروع واري ڏهاڪي ۾ نامياري ليکڪ ۽ ڀٽائيءَ جي شارح عبدالرحمان نقاش، ”آنڊائون عميق مان“ عنوان تحت انور صاحب جا شاهه سائينءَ جي رسالي متعلق مضمون ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي پڙهيا هئا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

14 مارچ 2006ع تي انور ابڙي کي انٽرويو ڏيندي انور پيرزادي چيو تہ منهنجو وس هلي تہ مان سڀ کان پهريائين پٽ شاهہ کي هڪ يونيورسٽي ٺاٺون ٺاهيان ۽ وڏيڪ چيائين تہ تنوير عباسي، رشيد ڀٽي ۽ مون پنهنجي لکڻين ۾ ڀٽائيءَ کي ترقي پسند شاعر ڄاڻايو آهي .ڀٽائيءَ هر زماني، هر دؤر جو ترقي پسند شاعر آهي .انور صاحب ڀٽائي سائينءَ جي چونڊ شاعريءَ جي انگريزيءَ ۾ ايلسا قاضيءَ جي ڪيل ترجمي کي سڀني ترجمن کان بهتر سمجهندو هو .اهو ترجمو سندس ليپ ٽاپ ۾ هر وقت موجود هوندو هو. پاڻ چيائين تہ اسان سنڌي اهلِ ڪتاب آهيون ۽ ان ڪتاب جو نالو ”شاهہ جو رسالو“ آهي .وري ٻي سوال جيِ جواب ۾ چيائين تہ ”ڀٽائيءَ جي معاملي ۾ اوهان مونکي شائونسٽ چئي سگهو ٿا ڇو تہ شاعر ۽ فلاسافر تہ دنيا ۾ ٻيا بہ موجود آهن“. انور صاحب مختلف ادبي ڪانفرنسن ۾ صدارت بہ ڪئي ۽ شرڪت بہ ڪئي .جيئن تہ 9 مئي2000 ع تي شاهہ لطيف چيئر پاران ڪراچي ۾ هڪ مقامي هوٽل ۾ پنهنجن نون آيل ڪتابن ۽ رسالن جي مهورت جو پروگرام ٿيو .جنهن ۾ سنڌ جي مختلف اديبن ۽ شاعرن ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ انساني حقن جو آواز“ جي موضوع تي پنهنجا مقالا ۽ مضمون پڙهيا .ان دوران سڀ کان اڳ ۾ ناليواري شاهہ جي شيدائي انور پيرزادي پنهنجو مقالو پڙهندي چيو تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جيئن تہ امن، پيار ۽ ماڻهپي جو شاعر آهي .ان ڪري هن هر سطح تي انساني حقن جو آواز اٿاريو آهي .حوالو -وينجهار، جولاءِ 2000ع . صفحو-10.

27 جولاءِ 2004ع تي سنڌي لئنگويج اٿارٽي طرفان ڪوٺايل ڪانفرنس عنوان ”شاهہ لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج“ ان ڪانفرنس ۾ انور پيرزادي ڀٽائيءَ تي ڳالهائيندي چيو تہ دنيا ۾ تنگ نظريي ۽ انتها پسنديءَ کي ڪنهن هٿيار سان ختم نہ ٿو ڪري سگهجي ان لاءِ لطيف سرڪار سميت ٻين صوفي شاعرن جي فڪر ۽ پيغام کي عام ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ڪتاب. ڀٽائي (مضمون، مقالا، ليڪچر، انٽرويو، تبصرا ۽ سلسلا)،
ڇپائيندڙ-انور پيرزادو اڪيڊمي، A-64 فيز-1، گلشن حديد ڪراچي، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2007ع.ڪتاب ۾ ڏنل سٽاءُ :پنهنجي پاران -هڪ عشق جو تعارف-انور ابڙو -ڀٽائيءَ کي رسالي ۾ ڳوليو -ڀٽائيءَ جي تصوراتي تصوير -ڀٽائيسنڌ جي دائمي دردن جو شاعر -ڀٽائيسنڌ جو ثقافتي وحدت الوجود -ڀٽائي سنڌ جو سياسي وحدت الوجود -ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سياست -ڀٽائي سنڌ جو ماضي حال ۽ مستقبل- ايڪويهين صدي ۽ ڀٽائي -ڀٽائيءَ جي ترقي پسندي -ادب ۾ ترقي پسندي ۽ ڀٽائي -قومي ۽ طبقاتي سوال ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي -



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پورهيي جو جمالياتي نظريو ۽ ڀٽائي -ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو جاگيردار دشمن پهلو -ڀٽائيءَ جي مادي روحانيت يا روحاني ماديت -ڀٽائي ماديت پرست هو-وَرُ وائيءَ جوجي لهين -ڀٽائيءَ جي ڪيڏاري ۾ جماليات -وڏا وهائُو -ڪريان هوند ايئن -مَ چَڱ چنائون -مارئي ڪير هئي -ڀٽائيءَ ڪان انٽرويو -آنڌائون عميق مان -ڀٽائيءَ جو نظريو -ڀٽائي سنڌ جي قومي وحدت جو اڏيندڙ شاعر -سچ تا مرد چون، ڪنهن ڪي وَٽي نہ وَٽي 18 کان 20 ڊسمبر 2004ع ۾ ڪراچي جي بيچ لگزري هوٽل ۾ سنڌ گريجوئيٽس پاران بين الاقوامي شاهہ سچل سامي ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيل -(فنا جو فڪر) ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهہ لطيف چيئر پاران ڀٽائي ڪانفرنس لاءِ لکيل 10 مئي 2002ع هوٽل ريجنٽ پلازا ڪراچي ۾ پڙهيائين -(شاهہ لطيف پنهنجي دور جو سجاڻ انسان) سنڌ ثقافت طرفان شاهہ سائينءَ جي ميلي جي موقعي تي خميس 16 مارچ 2006ع ۾ پڙهيل -پريم تنهنجا پار -ڀٽائيءَ جي شاعراڻي عظمت جو لڪل راز -لطيف جو لوڙهو -ڀٽ تي ميلا -انور پيرزادي سان ڳالهہ ٻولهہ.

سندس تحريرن جا پسنديده موضوع سنڌ، ٿر، موهن جو دڙو ۽ شاهہ لطيف هئا . هن جي مضمونن ۽ مقالن جي ڏسٽي هيٺ ڏجي ٿي.

مضمون -ڀٽائي سنڌ جي دائمي دردن جو شاعر، ڀيج ڀٽائي مئگزين سيپٽمبر 2002ع .مضمون -ايڪيهين صدي ۽ ڀٽائي، ماهوار نئين زندگي جون 2006ع . ڀٽائي سنڌ جي قومي وحدت جو اڏيندڙ. ڪتاب -شاهہ جي ساجاهہ، جنوري 2010ع .شاهہ جي شاعريءَ ۾ سياسي ۽ سماجي وحدت الوجود. ڪتاب -شاهہ لطيف عظيم مفڪر، سهيڙيندڙ -آفتاب ابڙو، ڇاپو ٻيو 2005ع .سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي .مضمون -ادب ۾ ترقي پسندي ۽ ڀٽائي، هي مضمون 17-16 فيبروري 1976ع ۾ هلال پاڪستان ۾ ٻن قسطن ۾ شايع ٿيس.اردو مقالو - بھٹائی کی شاعری میں سیاسی اور سماجی وحدت الوجود، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی ایک مفکر شاعر، مترجم-عبدالحق عظیم، مرتب-پروفیسر محمد سلیم میمن۔ شاہ لطیف چیئر ، جون ۱۹۹۹ع۔

هن ڀٽائيءَ جي عاشق ڪجهہ انمول بيت بہ هٿ ڪيا هئا، جيڪي سندس ڪتابن ۾ ڏنل آهن .انهن مان هڪ هي بہ آهي.

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
لوچي ٻڌ لطيف چئي، ڪمر ڪيچين ڪاڻ،
جيسين آهي، سوجهرو، تيسين ڪرهل ڪاهہ،
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

حوالو ڪتاب، ڀٽائي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

سنڌي ادبي سنگت، سنڌي ادب ۽ سماج کي ناميارا اديب، شاعر، عالم ۽ محقق عطا ڪيا آهن .ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو جيڪب آباد سنڌي ادبي سنگت شاخ جو پراڻو ڪارڪن ۽ 1973ع ۾ شاخ جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. 12 مئي 1946ع ۾ جنم وٺندڙ سڌايو صاحب شهر جي علمي درسگاهن مان پرائمري ۽ هاءِ اسڪول جي تعليم حاصل ڪئي .انٽر حيدرآباد بورڊ مان ۽ گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي. 1975ع ۾ ايل-ايل-بي پاس ڪيائين . سڌايو صاحب 1973ع ۾ سنڌ ايجوڪيشن کاتي ۾ ليڪچرار طور شموليت اختيار ڪيائين ۽ سندس پهرين پوسٽنگ لاڙڪاڻي ۾ ٿي ۽ سال1979 ع ۾ وري سندس بدلي ايس-ايم ڪاليج ٽنڊوالهيار ۾ ٿي ۽ رهائش حيدرآباد ۾ ڪيائين .سال 2006ع جي مئي مهيني ۾ پروفيسر طور ڊگري ڪاليج جيڪب آباد مان ريٽائرمينٽ ورتائين. 1974ع ۾ سندس شادي ٿي ۽ 1984ع ۾ سندس زال رحلت ڪئي. ڪيس ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي .ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سندس استاد، رهبر ۽ دوست هو .ڊاڪٽر سڌايو جي باري ۾ لکي ٿو ”ڪيس ادب ۾ محبت چپ رکيو آهي، هن پنهنجا ٻار ماءُ ٻڌجي پاليا، پڙهايا ۽ پرڻايا .مون ههڙو بي لوث پيءُ ٻه ٻيو نه ڏٺو .ڪا محبت هئي جنهن هن کي هي جذبا ڏنا ته دنيا ۾ ماڻهو چاچا نٿا ڪن !پنهنجين خواهشن خاطر سڀ وڪڻي ڇڏين ٿا . اخلاق ۽ انسانيت پهرين نيلام ڪن ٿا، ٻارن کي ٻه ائين اڇلين ٿا، جو وري ڪين نٿا لين“.

سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽر سڌائي جو نالو نهايت احترام سان ورتو وڃي ٿو، هن جي علمي، ادبي ۽ سماجي قدر ۽ ڪمن متعلق ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو ته ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو صاحب کي هاڻ سنڌ ۾ هڪ وڏي محقق، لطيف شناس، سچل شناس، ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ مضمون نگار طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو .ڪيس بهترين مقاله نگار طور سچل ايوارڊ 1996ع ۾ مليو، ڪيس ٻيا ايوارڊ ٻه ملي چڪا آهن.

ڊاڪٽر سڌائي جي شخصيت واقعي هڪ وڏي عالم ۽ آدرشي انسان طور سڃاتي وڃي ٿي، هن جيڪي ٻه لکيو آهي اهو هن جي شخصيت ۽ ادب ۾ دلچسپي جو مظاهر آهي .ويهن ورهين جي ڄمار ۾ سندس ڪهاڻي پهريون ادبي

خط ۾ پهريون ادب ناثر ماهنامہ اديون 1971ع ۾ ڇپيا .انهن لکڻين سڏائي صاحب کي ادبي دنيا ۾ اهم جاءِ ڏياري. 1973ع کان 2007ع تائين 8 طبع زاد مختلف موضوعن تي ڪتابن سميت 21 شاعري، ادبي ۽ تاريخ بابت مرتب ٿيل اٿس، تنهن ڪانسواءِ ڪتاب صحرا صحرا نيڻ (ٽر جو سفرنامو) 2017ع. ڪتاب پيئي جن پرک (ڊاڪٽر سڏائي بابت مضمون، مقالا) ترتيب مرتضىٰ لغاري، مرڪ پبليڪيشن ڪراچي 2015ع. ڪتاب- ڪلجگ جا رنگ (50 ڪهاڻيون)، مرڪ پبليڪيشن ڪراچي 2018ع.

سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

سينگار خود رکي ٿو دلدار جي ضرورت،

سهڻي کي ڪهڙي آهي سينگار جي ضرورت.

شاهہ لطيف ۽ سنڌي ادب کي جديد طريقي سان سمجهڻ لاءِ غلام نبي سڏايو وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪئي آهي .پاڻ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جي رهبري ۾ مقالو ”حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري“ عنوان تحت مقالو تيار ڪري سنڌ يونيورسٽي مان 1989ع ۾ پي-ايچ-ڊي جي ڊگري ورتائين ۽ 1992ع ۾ سنڌ ثقافت کاتي ان ٿيسز کي اختصار سان شايع ڪيو .سنڌيءَ ۾ علامت نگاري تي هيءَ پهرين مڪمل ڪاوش آهي .حوالو - ڪتاب-شاهہ جي رسالي جو مطالعو، ليکڪ-ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، صفحو- 217. هن ٿيسز ۾ شاهہ صاحب جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل علامتن کي جديد مغربي معيارن موجب پرکڻ جي روايت پيل آهي، جيڪا سڀ کان پهرين ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ وڌي.

ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو کي پي-ايچ-ڊي جي ٿيسز تي تمام گهڻو ۽ خاص ڪم ڪرڻو پيو، شاهہ جي بيتن جي ان سلسلي ۾ وڌ ۾ وڌ علامتي وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي پئي .علامتن جو اطلاق ۽ علم کي سمجهڻ، سمجهائڻ هڪ جدا علم آهي، تنهنڪري ان سلسلي ۾ جيترو سوچ جو دائرو ۽ مطالعو وسيع هوندو اوترو علامتن کي سمجهڻ سندن معنوي حيثيت ۽ دائرو مقرر ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿيندي .

ڪتاب -شاهہ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري، ڇاپو پهريون آگسٽ 1992ع .ڇپائيندڙ-عبدالحميد آخوند سيڪريٽري شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ، ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، ڪل صفحا-413. هي ٿيسز ٽن ڀاڱن تي مشتمل آهي . پهرئين ڀاڱي ۾ ٽي باب ڏنل آهن، جنهن ۾ علامت جي وصف ۽ انساني شعور



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اوسر جو احوال ڪيل آهي. پاڱو ٻيو هي 11 بابن تي مشتمل آهي .جنهن ۾حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي حياتي جا ڏينهن، ٻچپن کان شاديءَ تائين ۽ جواني ۾ سير سفر ۽ ڪجهه بزرگن سان سندس ملاقاتون. سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حالت. آخري ٻارهين باب ۾ لطيف سائين جي وفات جو احوال آندل آهي .ٽيون پاڱو 33 بابن تي مشتمل آهي .هن ۾ شاهه سائين جي 30سرن جو علامتي جائزو ورتل آهي .سندس هي ڪيل ڪم اوکو ۽ انوکو آهي، سڏايي صاحب هي ڪم ڪري سنڌي ادب لطيفيات تي وڏو احسان ڪيو آهي . علامت نگاري جهڙي اهم موضوع تي سنڌي ادب ۾ تفصيلي طور تي پهريون دفعو ٿيسز ۾ متعارف ڪيو ويو آهي.

ڪتاب" شاهه لطيف جو علامتي شعور" جي عنوان سان روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2007ع ۾ شايع ڪيس .علامت نگاري به هڪ اهڙو علم ۽ طريقو آهي جنهن سان شاعريءَ جي مٿانهين سطح ظاهري محل کان هٽي شاعريءَ جي اندروني روايت تائين رسائي حاصل ڪري سگهجي ٿي .تحريڪ فرانس ۾ 1886ع ڌاري ادبي منظر تي آئي، شاعريءَ کي انهيءَ طريقي موجب سنڌي ادب ۾ تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي .جيئن ته ان موضوع تي ڊاڪٽر تنوير عباسي، جي-ايم-سيد، پروفيسر اڪرم انصاري، ڊاڪٽر جبار جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو پڻ ڪم ڪيو آهي، پر ڊاڪٽر غلام نبي سڏايي ڀٽائيءَ جي ڪلام کي جديد طريقي سان سمجهڻ لاءِ وڏي محنت ڪري اجان به وڌيڪ سولو بڻايو آهي.

ڪتاب-شاهه لطيف جو علامتي شعور، محقق-ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو، مرتب-تاج محمد شيخ، ڪتاب ۾ ڏنل فهرست.مهاڳ-ڊاڪٽر غلام علي الانا، تعارف-ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو، پيش لفظ-تاج محمد شيخ.

1. علامت نگاري ۽ لطيف سائين جي شاعري. 2. علامت نگاري ۽ سرڪاپائتي جو تصور. 3. شاهه لطيف جي سرڏهر جو علامتي مطالعو. 4. شاهه جي دؤر جون سماجي حالتون. 5. شاهه لطيف جو مجازي عشق. 6. ڪاهوڙي: سچ، سونهن ۽ پيار جي علامت. 7. سررامڪليءَ ۾ تاريخي اهڃاڻ. 8. سرسورٺ جو مطالعو. 9. سرمارئي جو علامتي اڀياس سماجي ۽ سياسي حوالي سان. 10. سرسامونڊيءَ جو فڪري اڀياس (اقتصادي، رومانوي ۽ نفسياتي حوالي سان). 11. سربلاول جي ڪردارن جو علامتي تصور. 12. شاهه سان منسوب به روايتون. 13. شاهه جي سرآسا جو علامتي مطالعو. 14. سربروو سنڌي جو مطالعو. 15. ڀٽائيءَ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

علامتي شعور. 16. مارئي، سونهن، ست ۽ سورهيائيءَ جو اهڃاڻ. 17. شاهه لطيف جي عڪسي شاعري. 18. شاهه جي شاعريءَ ۾ وير رس جو اڀياس. 19. ڀٽائي ۽ خواجه محمد زمان جي نظماڻي گفتگو جو علامتي ۽ فڪري جائزو. 20. لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ جمالياتي تصور. 21. لطيف سائينءَ جا آدرشي انسان.

پاڻ سنڌي ادبي سنگت پاران 1973ع ۾ جيڪب آباد ۾ شاهه لطيف سيمينار ڪرايائين ۽ شاهه لطيف، سچل سرمست توڙي ٻين بزرگن يا عنوانن تي 100ڪان متي مقالا شايع ٿيل اٿس .تن مان ڪجهه هن ريت آهن.

مقالو -شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور، ٿماهي تخيل شمارو-2، ايڊيٽر-بشير احمد هيسباڻي، اپريل-جون 2016ع .سرمارئي جو علامتي اڀياس، ڪتاب-سرمارئي، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1990ع. مقالو -شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ علامتي رويو، ڪتاب-لوچيان تي لاحد ۾، سال 2010ع . مقالو -شاهه سائينءَ جو دؤر ۽ ان کان اڳ وارو سنڌي سماج، ڪتاب-شاهه لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج، مرتب-خالد آزاد، ڇاپو پهريون 2007ع .ڪيڏاري ۾ جمالياتي ۽ علامتي شعور، ڪتاب-سرڪيڏارو، مرتب-منظور احمد قناصرو، ڇپائيندڙ-ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو پهريون 2008ع .شاعر جو سماجي ڪردار، ڪتاب-ڀٽائي تحقيق جرنل-2، سنڌي شعبو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ڇاپو پهريون جولاءِ 1992ع .لطيف جي شاعريءَ ۾ روحانيت ۽ اشاريت -ڪتاب-مون ۾ تون موجود، سهيڙيندڙ-ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون 2012ع .عشق، عورت ۽ لطيف، ڀٽائي تحقيقي جرنل-6، سال1999ع .شاهه جو عوامي لاشعور، ڪتاب-سک نه ستا ڪڏهين، مرتب-منظور احمد قناصرو .سر کوهياري ۽ سنڌي سماج جا رويا، ڪتاب-سر کوهياري، هي ڪتاب شاهه سائينءَ جي 263هين عرس جي موقعي تي ثقافت کاتي فيبروري 2007ع 1428هه ۾ شايع ڪيو .سرآسا جو قومي ۽ سماجي پسمنظر، ڪتاب-سرآسا، ڇاپو پهريون 2009ع .شاهه لطيف جي سرڏهر جو علامتي مطالعو، ڪتاب-سرڏهر، مرتب-ڊاڪٽر نواز علي شوق، هن ڪتاب ۾ شاهه سائين جي 244هين عرس جي موقعي تي پڙهيل مقالا ڏنل آهن، جنهن کي پٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران ڇاپو پهريون 1989ع ۾ شايع ڪيو .ساڳيو مقالو ڪتاب-ڀٽائي سنڌي-اردو-انگريزي خاص اشاعت شاهه سائين جي 245هين عرس جي موقعي تي سنڌ اطلاعات کاتي پاران سيپٽمبر 1989ع ۾ شايع ٿيل. سربروو سنڌيءَ جو مطالعو،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب-سربرو، مرتب-حميد سنڌي، هي ڪتاب شاهه سائين جي 251هين عرس جي موقعي تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1995ع ۾ شايع ڪيو .علامت نگاري ۽ سرڪاپائتي جو تصور، ڪتاب-سرڪاپائتي، مرتب-حميد سنڌي، هي ڪتاب شاهه سائين جي 247هين ميڙي جي موقعي تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران ڇاپو پهريون 1991ع ۾ شايع ٿيو .ڪاهوڙي ڪرا، ڪتاب-سرڪاهوڙي جو مطالعو، مرتب-حميد سنڌي، هي ڪتاب شاهه سائين جي 250هين عرس جي موقعي تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران جولاءِ 1994ع ۾ شايع ٿيو .سربلاول جي ڪردارن جو علامتي تصور، ڪتاب-سربلاول، مرتب-حميد سنڌي شاهه جي247هين عرس جي موقعي تي ٿيل سيمينار جا مقالا انهن کي ڪتابي شڪل ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1992ع ۾ شايع ڪيو .سرارامڪليءَ ۾ تاريخي اهڃاڻ، ڪتاب-سررامڪلي، هي ڪتاب شاهه سائين جي 249هين عرس جي موقعي تي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1993ع ۾ شايع ڪيو .سرسامونڊي جو فڪري اڀياس، ڪتاب-سرسامونڊي، مرتب-حميد سنڌي، هي ڪتاب شاهه سائينءَ جي 253هين عرس جي موقعي تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1997ع 1418هه ۾ شايع ڪيو . شاهه لطيف جو مجازي عشق، ڪتاب-سرسارنگ شاهه سائين جي 254هين عرس جي موقعي تي شايع ٿيو ڇپائيندڙ-شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1998ع .شاهه جي شاعريءَ ۾ حسن ۽ جمال، شاهه سائين جي 255هين عرس تي پڙهيل ڪجهه مقالن کي ڪتاب-سررپ هڪ مطالعو، جيڪو شاهه سائين جي 258هين عرس جي موقعي تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڇاپو پهريون 2002ع ۾ شايع ڪيو .سرسورٺ جو مطالعو، شاهه سائين جي 258هين عرس تي پڙهيل مقالن کي شاهه سائينءَ جي 259هين عرس مبارڪ تي ڪتاب-سرسورٺ هڪ مطالعو، مرتب-تاج جويو، ڇپائيندڙ-ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهه، ڇاپو پهريون اپريل 2003ع ۾ پڌرو ڪيو .شاهه لطيف جي شاعري ۾ جديد لاڙا، مهراڻ-4، 2011ع .علامت نگاري ۽ لطيف سائين جي شاعري، ڪتاب-نرتي تند نياز سين، ڇاپو پهريون 1408هه 1988ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو .جديد سنڌي شاعري جو ڪردار، ڪينجهر تحقيقي جرنل، شمارو-13، سال 2010ع .سرڪاموڏ جي روشني ۾ شاهه جي دؤر جي سماجي حالتن جو جائزو، ڪينجهر تحقيقي جرنل-11، 2005ع .شاهه لطيف جي عڪسي شاعري، نئين زندگي سيپٽمبر 1991ع .لطيف سائين جا آدرشي انسان سررامڪلي جي روشني ۾ مهراڻ نمبر-1، 1990ع .ڀٽائيءَ جو علامتي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شعور، ڪتاب-ڀٽائي تحقيقي جرنل 1-سنڌي شعبو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ڇاپو پهريون جولاءِ 1991ع. شاهه جي سرآسا جو علامتي مطالعو، ڪلاچي مئي 1999ع .شاهه سائين جي 246هين عرس جي موقعي تي 14 صفر 1411هه 5 سيپٽمبر 1990ع تي خصوصي طور ڊاڪٽر غلام نبي سڏايي جو مضمون "لطيف سائين جي شاعريءَ ۾ جمالياتي تصور" مهراڻ جولاءِ سيپٽمبر 1990ع ۾ شايع ٿيو.مقالو -شاهه سائين جي سرڏهر جو علامتي مطالعو، ڪتاب-ڀٽائي سنڌي -اردو-انگريزي، شاهه سائين جي 245هين عرس جي موقعي تي خاص اشاعتڏ ڇاپو پهريون سيپٽمبر 1989ع سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي . مضمون -وحدت جي وائي، ڀيج ڀٽائي مئگزين اپريل-مئي 2004ع .مارئي-سورهيائيءَ جو اهڃاڻ، ماهوار پيغام، جنوري 1993ع .علامت نگاري ۽ شاهه لطيف، ماهوار پيغام، اپريل 1987ع.

اڱارو 10 جنوري 2012ع بمطابق 15 صفر 1433هه تي ڀٽ شاهه ۾ "عالمي لطيف ادبي ڪانفرنس" ۾ غلام نبي سڏايي "لطيف جي شاعريءَ ۾ اشاعت" جي عنوان سان پنهنجو مقالو پيش ڪندي چيو تہ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست ترقي پسند شاعر هئا، جيڪي ٻوليءَ تي مهارت رکڻ سان گڏوگڏ پنهنجي آسپاس جي ماڻهن جي ذهني ۽ نفسياتي ڪيفيتن کان چڱي ريت واقف هئا.

# سرور نواز ٻگهيو

ريڊيو ۽ ٽيلويزن جو مشهور شاعر غلام سرور ٻگهيو ادبي نالو سرور نواز ٻگهيو ولد محمد نواز ٻگهيو 15 جولاءِ 1948ع تي ڳوٺ ڏٽي بخش ٻگهيو تعلقي خيرپورناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ جنم ورتو .تعليم ايم-اي انگريزي .(ايم-اي) سنڌي .ايل-ايل-بيءِ ايم-ايڊ تيل اٿس .پاڻ استادي پيشي سان نيائي ۽ رٽائر ٿيو .سنڌس مضمون مقالن ڪانسواءِ ڪجهه ڪتاب به شايع تيل اٿس، انهن ۾ شاعريءَ جو مجموعو "عالم سڀ آباد ڪرين" سرور نواز فائونڊيشن ڪوٽڙي 2017ع ۾ شايع ڪيس .هن ڪتاب جو مهاڳ ڪنهن شاعر يا ليکڪ کان لکرائڻ بدران حضرت لعل شهباز جو فارسي ڪلام ڏنو ويو آهي .پيش لفظ ۾ وري حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ڏني وئي آهي، شاعريءَ جي مختلف صنفن تي هي ڪتاب 11 ڀاڱن تي مشتمل آهي .

هن ادب جي ابتدا شاعري سان ڪئي .ان کان علاوه مضمون، مقالا ۽ ڪالم پڻ لکيا اٿائين .سنڌس غزل جون چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

مٺا سائين جڳن تائين اسان جون محبتون رهنديون،<br>
تصور ۽ تخيل ۾ اوهان جون قربتون رهنديون.<br>
محبت پاڪ رشتو آ محبت دل جو رستو آ،<br>
محبت پيار جي ديوي !اسان جون چاهتون رهنديون.

تنهن ڪانسواءِ پاڻ وقت به وقت شاهه سائين جي فن ۽ فڪر تي مضمون-مقالا به لکندو رهي ٿو ۽ پاڻ شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ حاضري ڀرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ان ڪانفرنس ۾ شاهه سائينءَ جي ڪلام تي مختلف پهلوئن کان تحقيق ڪري مقالو به پڙهندو آهي.سندس شايع ٿيل مضمون، مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

عالمي ضمير جو آواز ڀٽائي .پيج ڀٽائي جنوري 2012ع .سرحسيني، محبت جو معراج .ڪتاب-حسينيءَ جي هاڪ سرحسينيءَ جو مطالعو، مرتب -تاج جويو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد، ڇاپو پهريون مارچ 2005ع. سرسورٺ ۾ آرٽ جو پهلو ۽ پيغام، ڪتاب-سرسورٺ، مرتب -تاج جويو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد، ڇاپو پهريون، اپريل 2003ع. سرآسا ۽ لطيف سائينءَ جو پيغام، ڪتاب -سرآسا، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون،


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

2009ع چپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ .سرڪيڏاري جو روح ۽ پٽ ڏڻي، ڪتاب -سرڪيڏارو، مرتب -منظور احمد قناصرو، چپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ، ڇاپو پهريون 2008ع .سرديسي ۽ شاهه سائينءَ جي حقيقت نگاري، ڪتاب-ديسي سيڻ ڪجن (سرديسيءَ جو مطالعو)، مرتب-تاج جويو، ڇاپو پهريون 2005ع. شاهه جي نظر ۾ محبت، حوالو-ڪتاب پٽائي هڪ آدرشي انسان 2017ع. پٽائيءَ جي محبت جا معيار، پيچ پٽائي مئگزين نومبر 2017ع.

شاهه سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل ”شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس“ 16-15 صفر 1424هه بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي. ان موقعي تي چنچر جي ڏينهن 19 اپريل تي سرور نواز ٻگهيي ”سرمومل راڻي جون حسناڪيون“ مقالو پيش ڪيو ۽ پٽائيءَ جي سرمومل راڻي کي ٻوليءَ جو شاهڪار قرار ڏنو .جنهن ۾ ٻوليءَ جي تزئين جا سڀ گر ۽ خوبيون موجود آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر فهميده حسين

ڊاڪٽر فهميده حسين ڌيءُ محمد يعقوب ميمڻ 5 جولاءِ 1948ع تي ٽنڊوڄام ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي .پاڻ سنڌي ادب جي نالي واري ليکڪا آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين مئٽرڪ ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي. بي-ايس-سي، ڊي-جي ڪاليج ڪراچي مان ايم-اي (انگريزي)، ايم-اي (سنڌي) امتيازي حيثيت سان، ايل-ايل-بي ۽ پي-ايچ-ڊي جون ڊگريون ڪراچي يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين. پاڻ 1972ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ انگريزيءَ جي ليڪچرار مقرر ٿي. 1974ع کان ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿي. 1978ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي (حوالو-انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد ڏهون-1). جتي پروفيسر ۽ سنڌي شعبي جي چيئرپرسن رهڻ کانپوءِ 3 فيبروري 1998ع کان مئي 2008ع تائين شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي ڊائريڪٽر منتخب ٿي ته ان ئي سال سنڌس ايڊيٽنگ ۾ "ٽماهي ڪلاچي تحقيقي جرنل" جو پهريون شمارو سيپٽمبر 1998ع ۾ شايع ٿيو .اهو تحقيقي جرنل ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي . هن جي پهرين ڀاڱي ۾ شاهه سائين متعلق 8 مضمون، مقالا ۽ ٻئين ڀاڱي ۾ سنڌي، سنڌي ٻولي، ادب، تاريخ ۽ ثقافت بابت 5 مضمون ترتيب ڏنل آهن . ڪلاچي تحقيقي جرنل جون 1999ع کان ڇهه ماهي جرنل ٿي ويو آهي .ان عرصي دوران پاڻ هڪ ماهوار خبرنامو "لطيفي لات" پڻ شايع ڪرايو .

1990ع ۾ هندي ٻوليءَ ۾ ڊپلوما ڪيائين. 2008ع کان مارچ 2015ع تائين سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن طور مقرر ٿي. 1992ع ۾ "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ" عنوان تي پي-ايچ-ڊي جي سند حاصل ڪيائين. 1993ع ۾ ان کي ڪتابي شڪل ڏني وئي.

ڊاڪٽر فهميده حسين جو والد صاحب پنهنجي وقت جو مشهور شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي ۽ سندس وڏي ڀاءُ سراج ميمڻ جو نالو به موجوده دؤر جي بلندپايه اديبن ۽ صحافين ۾ شمار ٿئي ٿو .فهميده حسين پڻ پنهنجي خانداني ادبي اثر سان اتساهه وٺي لکڻ شروع ڪيو ۽ ڪيترين ئي ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪتاب لکي ادبي ميدان ۾ پنهنجي ساک قائم ڪئي آهي .ان کان علاوه صحافت سان به سندس واسطو رهيو آهي. 12 سال هلالِ پاڪستان اخبار جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خواتين واري پرچي ”سگهڙين سٿ“ جي ايڊيٽر ٿي رهي .نوي واري ڏهاڪي ۾ ”جاڳو“ اخبار سان وابسته رهي .فهميده حسين عملي زندگيءَ جي شروعات ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان نيوز ٽرانسليٽر طور ڪئي .هن ڏهن سالن تائين مسلسل ريڊيو پاڪستان تان ”سنڌي اردو بول چال“ پيروگرام پڻ ڪيو .ڪجهه سالن کان پوءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پيهر اهو پروگرام شروع ڪيائين.

ڊاڪٽر صاحبه سنڌ جي نياڻين جي سجاڳيءَ لاءِ قلم جي ذريعي توڙي سماجي تنظيمن جي پليٽ فارم تان عملي طور ڀرپور ڪوششون ورتيون آهن . هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ تحقيقي مضمون لکي نثري ادب ۾ اضافو ڪيو آهي .سندس لکڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻيل آهن.

پاڻ ملڪ جي اهم علمي ادبي ادارن سان پڻ واڳيل رهي آهي، جهڙوڪ سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبر، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جي ڪورس ڪميٽي جي ميمبر، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي صلاحڪاري بورڊ جي ميمبر، پاڪسان رائٽرس گلڊ جي ميمبر، سگا جي ڪاروباري ڪميٽي جي ميمبر ۽ سگا خواتين شاخ جي صدر ۽ به ٽيرا سيڪريٽري ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن جي ميمبر رهي چڪي آهي ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران شايع ٿيل انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد پهرين کان نون جلدن تائين چيف ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين. ان ڪانسواءِ 1981ع ۾ سنڌ ۾ پهريون ڀيرو ٿيندڙ ”عورت ڪانفرنس“ جي سيڪريٽري مقرر ٿي .سنڌي عورتن جي پهرين تنظيم ”سنڌي عورت تنظيم“ جي باني ۽ پهرين جنرل سيڪريٽري، سوجهرو رسالي جي اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ سوجهرو سنگت نالي عورتن جي تنظيم جي بنيادي ميمبر پڻ آهي. پاڻ ڪيترن ئي سيمينارن، ڪانفرنسن ۽ ورڪشاپن وغيره ۾ مختلف حيثيت سان شرڪت ڪري چڪي آهي. پاڻ به ڪافي ڪانفرنسون، سيمينار ۽ ادبي گڏجاڻيون سڏائي چڪي آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين کي سندس علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن عيوض مجتا طور تقريباً 10 ايوارڊ مليا آهن .جن مان نمايان هي آهن. سنڌي ادبي سنگت طرفان بهترين ليکڪا جو ايوارڊ 1994ع .اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان بهترين تحقيقي ليکڪا جو ايوارڊ 1995ع ۽ سگا طرفان بهترين ليکڪا جو ايوارڊ 1996ع .شاهه لطيف ايوارڊ ثقافت کاتي پاران 2003ع ۾ سنڌ جي اڳوٽي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چيف سيڪريٽري علي بخش رند هٿان مليس. چنچر 19 آگسٽ 2017ع تي نيشنل ميوزيم آف پاڪستان جي شمشيرالحيدري آڊيٽوريم هال ڪراچي ۾ سندس بهترين ڪتاب اديون آءُ اڃاڻ تي انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ پاران لٽريچر ايوارڊ 2017ع ۾ ڏنو ويو. ۽ ٻيا ايوارڊ پڻ شامل آهن.

هن محقق جا ترجمو ۽ تصنيف ڪيل ڪتاب تمام گهڻي مقبوليت ماڻي چڪا آهن، جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1- ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ (تنقيد) 1997ع/2007ع. 2- شاهه لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ 1993ع. 3-شاہ لطیف کی شاعری میں عورت کا روپ ۱۹۹۶ع۔ 4- Image of Women in the Poetry of Shah Latif.

5-پير حسام الدين راشدي سوانح 1990ع. 6-هوائن جي آڌار تي (سفرنامو). 7-هڪ هوا ڪيئي ڪهاڻيون 2003ع. 8-دي پينگئن بڪ آف وومين پوئٽس جو سنڌي ترجمو عنوان، دنيا جون شاعر عورتون ڇاپو پهريون نومبر 2006ع. 9-آدرش (ڪهاڻيون). 10-برِصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو 2000ع. 11-سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي لغت (ترتيب) ڇاپو پهريون 2004ع، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي. 12-سنڌ حال ماضي مستقبل (ترتيب) 2006ع. 13-ڪتاب "شاهه ۽ سنڌ" جلد-1، ترتيب، ڇاپو پهريون مئي 1998ع ۽ ڪتاب-شاهه ۽ سنڌ، جلد ٻيو ترتيب، ڇاپو پهريون نومبر 1998ع. 14-انگريزي ۾ ڪتاب-شاهه اينڊ سنڌ، 1998ع. 15-آیئے سندھی سیکھیں ۲۰۱۱ع. 16-سنڌيءَ جي سکيا (ديوناگري) ڇاپو پهريون 2011ع. 17-سنڌو لڪت: ايڪيهين صديءَ ۾ ٿيل نئين تحقيق ترجمو سال 2012ع. 18-ليکڪ سراج ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جو اصل نسل ترتيب 2016ع. 19-سسي نيزي پاند، ليکڪ-ايلس فيض، سنڌيڪار-فهميده حسين، ڇاپو 2013ع. 20-اسان جو شاهه لطيف ڪتاب پهريون ڇاپو پهريون 2012ع. هن ۾ ڀٽائي جي ڪلام مان سرڏهر، سربروو ۽ سرسارنگ مان اخلاقي قدرن جي حوالي سان بيتن جي چونڊ ڪئي وئي آهي. 21-اسان جو شاهه لطيف ڪتاب ٻيو ڇاپو پهريون 2012ع، هن ۾ سرڪلياڻ، سريمن ڪلياڻ، سرڪاپائتي، سرسريراڳ ۽ سرمارئي مان اخلاقي قدرن جي حوالي سان بيتن جي چونڊ ڪيل آهي. 22-اسان جو شاهه لطيف ڪتاب ٽيون 2012ع .هن ۾ سرڪلياڻ، سريمن ڪلياڻ ۽ سرسريراڳ مان چونڊ بيت

ڏنل آهن. 23-اسان جو شاهه لطيف ڪتاب چوٿون 2012ع .هن ڪتاب ۾ پرائمري جي چوٿين ڪلاس لاءِ ڀٽائي جي ڪلام مان سرڪاموڏ، سرليلا چنيسر ۽ سرمارئي مان اخلاقي قدرن جي حوالي سان بيتن جي چونڊ ڪري شامل ڪيا ويا آهن. 24-اسان جو شاهه لطيف عنوان سان سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران ڪتاب پنجون ڇاپو پهريون 2012ع .هن ۾ سرمومل راڻو، سهڻي ۽ سسئي جي پنجن سرن مان اخلاقي قدرن جي حوالي سان بيتن جي چونڊ ڪري شامل ڪيا ويا آهن .مٿيان پنج ئي ڪتاب سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ ٻارن لاءِ لطيف شناسي جو لازمي مضمون متعارف ڪرائڻ جي سلسلي جي ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ پهرين ڪوشش ۽ بهترين ڪوشش ڪئي آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي شخصيت اور فن، اردو، اڪيڊمي ادبيات پاڪستان اسلام آباد 2008ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي جو احوال، سندس ڪلام جي مختلف رخن، سرن جي تعارف ڪان وينڌي مختلف عالمن اديبن جي راين سان گڏوگڏ شاهه جي چونڊ ڪلام جو مختلف مترجمن پاران ڪيل اردو ترجمو پڻ شامل ڪيو ويو آهي.

ڪتاب -شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پي-ايڇ-ڊي لاءِ پيش ڪيل ٿيسز .هي ڪتاب شاهه سائينءَ 249هين عرس جي موقعي تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1993ع/1414ھ ۾ شايع ڪيو .ڪتاب جي فهرست -ناشر طرفان .مهاڳ .تعارف .باب پهريون: عورت، 1-انساني ارتقا بابت نظرين مان عورت بابت بنيادي نظريا. 2-قديم انساني سماجن ۾ عورت مرد جا تعلقات. 3-دنيا جي قديم سڌريل سماجن ۾ عورت. 4-عرب سماج ۾ عورت (اسلام کان اڳ ۽ پوءِ). 5-هند ۽ سنڌ ۾ عورت. باب ٻيو: شاعري، 1-لوڪ ادب ۾ عورت جو روپ. 2-روايتي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ. 3-شاهه لطيف کان اڳ جي اساسي شاعري ۾ عورت. باب ٽيون: شاهه عبداللطيف، 1-شاهه جو دؤر. 2-شاهه جي حياتي ۽ ان ۾ آيل عورتن جو احوال. 3-شاهه شاعريءَ جون خوبيون. باب چوٿون: شاهه جون سورميون، 1-سرمارئيءَ ۾ مارئي جو ڪردار. 2-شاهه شاعريءَ ۾ سسئي جو ڪردار. 3-سرسهڻيءَ ۾ سهڻيءَ جو ڪردار. 4-سرڪاموڏ ۾ نوريءَ جو ڪردار. 5-سرمومل راڻي ۾ مومل جو ڪردار. 6-سرليلان چنيسر ۾ ليلان جو ڪردار. 7-سرسورٺ ۾ سورٺ جو ڪردار. باب پنجون: ٻين سرن ۾ عورت جو ڪردار، 1-سرڪنڀات. 2-



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سرسارنگ ۾ عورت. 3-سرسامونڊي جون وڏجاريون. 4-سرڪاپائتي جون ڪتڻ واريون يا ڪاپائيتون. 5-سرڪيڏاري جون بهادر عورتون. 6-موڪيءَ جو ڪردار.
**باب ڇهون:** شاهه جو پيش ڪيل عورت جو روپ. 1-شاهه، شاعري ۽ عورت. 2-شاهه جون سورميون ۽ عشق. حرف آخر. ببليوگرافي.
**ڪتاب** -اديون آءُ اجاڻ، ڇپائيندڙ -ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون 2012ع .ڪتاب ۾ ڏنل فهرست 1-ٻه اکر. 2-اديون آءُ اجاڻ 3-شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڏک جو فلسفو. 4-ڀٽائيءَ جي فڪر تي غير جذباتي تي سوچڻ جي ضرورت. 5-شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مومل جو ڪردار ۽ ڪاروڪاريءَ جي رسم. 6-شاهه لطيف جي ٻولي. 7-شاهه لطيف جي ڪلام ۾ تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال. 8-مومل جو ڪردار شاهه جي رسالي ۾. 9-شاهه جي سسئي. 10-سنڌ جي صوفي شاعرن جو محبت جو پيغام. 11-سنڌ جي صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ انساني دوستي. 12-سرسامونڊيءَ جون وڏجاريون. 13-شاهه ۽ سچل جي شاعريءَ ۾ ڏک جو عنصر. 14-شاهه لطيف جا مختلف رخ. 15-شاهه عبداللطيف جو سماجي شعور ،سرمارئي جي حوالي سان. 16-شاهه لطيف جو پيغام. 17-شاهه ۽ سچل جي ڪلام ۾ عشق جو تصور. 18-شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري-مختصر جائزو. 19-سنڌي شاعريءَ ۾ مزاحمتي لاڙا. 20-شاهه لطيف جي بيتن ۾ لفظن جي معنائن بابت مونجهارا. 21-ٿري عورت جو سماج ۽ فعال ڪردار (شاهه جي شاعريءَ جي حوالي سان).
مختلف عنوانن تي مختصر مضمون ۽ مقالا-
شاهه جي سسئي، ماهوار نئين زندگي ڊسمبر 1993ع .شاهه جي ڪردارنگاري ۽ عورت، ماهوار اديون، اپريل-مئي 1973ع .عورت جو ڪردار ۽ شاهه لطيف جو دؤر، ماهوار نئين زندگي جولاءِ-آگسٽ 1993ع .شاهه ۽ سچل جي ڪلام ۾ عشق جو تصور، آشڪار تحقيقي جرنل-4، مرتب-اياز گل، سچل چيئر خيرپور، ڇاپو پهريون جولاءِ 1994ع .شاهه جي شاعريءَ جون خوبيون -ڀٽائي تحقيقي جرنل-3، ڇاپو پهريون آگسٽ 1993ع .شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مومل جو ڪردار ۽ ڪاروڪاريءَ جي رسم -ڪلاچي تحقيقي جرنل، جون-سيپٽمبر 2006ع .شاہ لطیف پر تحقیق کے نئے انداز کی ضرورت -ڪلاچي تحقيقي جرنل سيپٽمبر 2007ع. 1-سرآسا جو لسانياتي جائزو. 2-اردو مقالو ”شاهه جو رسالو“ ڪلاچي سيپٽمبر 2008ع .سندھی لوک شاعری کی خالق



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عورت ہے، ڪلاچي ڊسمبر 2006ع .سنڌي سماج، عورت ۽ شاهه لطيف . ڪتاب -شاهه جي ساجاهه. ڇاپو پهريون جنوري 2010ع .شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق -ڪلاچي ڊسمبر 2011ع .سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو روپ -ڪلاچي مئي 2007ع .سنڌ ۾ گذريل ويهن سالن ۾ ادبي تنقيد جي اوسر -ڪلاچي جون 2008ع .شاہ لطیف کا فلسفہ غم - ڪتاب-شاهه ۽ سنڌ، 1998ع .مقالہ -شاہ عبداللطیف بھٹائی کی شاعری میں فطرت نگاری، ڪتاب-شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ، سهيڙيندڙ -پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ڇاپو پهريون، نومبر 2014ع ڇپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ .مقالو -شاهه عبدالڪريم جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ، ڪتاب -سنڌي شاعريءَ وهائو تارو: شاهه ڪريم، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2012ع .مقالو -شاهه لطيف هڪ سماجي شاعر، ڪتاب -شاهه لطيف عظيم مفڪر، سهيڙيندڙ -آفتاب ابڙو، ڇاپو ٻيو 2005ع .سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي. مقالو -سنڌ جي صوفي شاعرن جو محبت وارو پيغام، ڪتاب -جهڙي سونهن سندياس، سهيڙيندڙ -محمد علي مانجهي ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون 2012ع .شاهه ۽ ٻين صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ انسان دوستي، ڪتاب -سرتاج صوفي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي خاص اشاعت .مرتب -ياسمين ميمڻ، اطلاعات کاتو جنوري 2012ع .مقالو -اديون آءُ اڃاڻ، ڪلاچي جون 2000ع. مقالو -شاهه لطيف جي ڪلام ۾ تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال، ڊاڪٽر فهميده اهو مقالو سنڌي لئنگويج اٿارٽي پاران ٽيل ٿه روزه سيمينار 2000ع جي موقعي تي پڙهيو هو، جيڪو ڪتاب -اديون عبداللطيف ڇٽي، مرتب -ياسمين ميمڻ، ڊسمبر 2014ع ۾ شايع ٿيو .شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو اردو ترجمو ڪلاچي جون 2015ع .مقالو -شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق، ڪتاب -شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق، سهيڙيندڙ -پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ڇپائيندڙ -ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون مئي 2012ع .شاهه نوجوانن جو شاعر، ڪتاب-شاهه ۽ نوجوان، شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي، ڇاپو پهريون مارچ 1985ع. 28-27 مئي 1993ع تي شاهه لطيف قومي ڪانفرنس ثقافت کاتي پاران ڪراچي جي پرل ڪانٽينٽل ۾ 2 نشستون ٿيون، ان ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين مقالو ”شاهه لطيف جو سماجي

شعور سرمائي جي حوالي سان“ پڙهيو. اهو مقالو ڪتاب -لطيفي لات، مرتب - ممتاز مرزا، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1992ع ۾ شايع ڪيس .مضمون -شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري مختصر جائزو. روزاني عبرت اخبار آچر 7 ڊسمبر 2014ع. 1-جت ڀنگا، ڀٽون ۽ ڀيٽيون، 2-ٿري عورت جو سماج ۾ فعال ڪردار شاهه جي شاعري جي حوالي سان. ڪتاب-ٿر، سهيڙيندڙ-عبدالقادر منگي، ڇاپو ٽيون 2013ع .شاہ لطیف اور سچل سرمست کے کلام میں فلسفۂ غم،ڪتاب-اڄي ڏس عشق سچل جو، مرتب-ياسين ميمڻ، ڇاپو پهريون 2015ع.سسئی سے وابستہ پانچ سروں میں سسئی کا کردار -کتاب-لطیف شناسی، ترتیب-ڈاکٹر طاهر تونسوی۔ سرائیکی ادبی بورڈ ملتان، اشاعت اول اگست ۲۰۱۰ع۔لطیف اور سچل کا فلسفہ غم،آشڪار 5-مرتب-الطاف اثيم، ڇپائيندڙ-سچل چيئر خيرپور، ڇاپو پهريون آڪٽوبر 1999ع.شاہ لطیف ایک سماجی شاعر، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی ایک مفکر شاعر، مترجم-عبدالحق عظیم، مرتب-پروفیسر محمد سلیم میمن۔ شاہ لطیف چیئر ، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی جون ۱۹۹۹ع میں شایع ہوا۔ مضمون ،شاہ عبداللطیف بھٹائی ہر دور کا شاعر، ماہنامہ اظہار کراچی، جنوری-فروری ۲۰۰۹ع۔

شاهه سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل ”شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس“ 16-15 صفر 1424هه بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي. ان موقعي تي جمعي جي ڏينهن 18 اپريل تي ڊاڪٽر فهميده حسين مقالو-شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مومل جو ڪردار عنوان تحت مقالو پيش ڪندي چيو ته. هن قصي ۾ مومل جي وفاداري ۽ انتظار سبب هميشه راڻي کي ڏوهي سمجهيو ويو آهي، پر راڻي جي ڪردار ۾ به ڪجهه خوبيون هيون ۽ مومل جون به ڪي غلطيون ضرور هيون جنهن سبب راڻي جي ڪردار کي ڪجهه نه ڪجهه رعايت ضرور ملڻ گهرجي. سراج انسٽيٽيوٽ پاران 3 فيبروري 2018ع تي ڪراچي ۾ عالمي لطيف فيسٽيول ڪرايو ويو، جنهن ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دنيا جي مختلف اديبن بهرو ورتو. ان موقعي تي ڊاڪٽر فهميده حسين چيو ته شاهه لطيف دنيا جي انهن شاعرن مان آهي جنهن صوفي پيغام ذريعي انسانيت سان پيار ۽ محبت جي ڳالهه ڪئي آهي.

# عبدالستار پيرزادو

عبدالستار پيرزادو 29 جنوري 1950ع تي دوست علي عبدالعظيم جي گهر ۾ پيدا ٿيو .هن 23 سالن جي عمر ۾ 1973ع ۾ رحيمت سان نڪاح ڪيو ۽ ڪيس اولاد ۾ هڪ پٽ سارنگ ۽ هڪ نياڻي سنڌوءَ نالي آهي.

عبدالستار 1962ع ۾ پرائمري تعليم حاصل ڪري ميٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ مان 1968ع ۾ پاس ڪري ان سال ئي نوڪريءَ ۾ پير پاتائين. مختلف ادارن ۾ ڪم ڪندي 60 ورهين جي ڄمار ۾ ريٽائر ٿي 2011ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۾ ريسرچ طور ڪم ڪري رهيو آهي.

ادبي لحاظ کان عبدالستار پيرزادي عرف ”ستار“ ۽ پوءِ ”ستار پيرزادو“ جي نالي سان 1970ع کان هن مهل تائين لکندو رهيو آهي .پاڻ سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ 8 ورهين تائين خزانچي طور رهيو .پاڻ هيل تائين هڪ ڪهاڻين جو مجموعو سي ئي جوين ڏينهن 2008ع، هڪ شاعريءَ جو مجموعو ”سورن سانباهو“ 2010ع ۽ سنڌوءَ ڪناري سنگيت 2010ع .هڪڙو ڪتاب ڳوٺ جي شاعرن جو تعارف، سندس طبعذاد ڪتاب ڇپيل آهن. 6 ڪتاب ترجمو ڪيل جن ڪتابن ۾ پيغامبر 1975ع، تيرهون سِڄُ 1999ع، سرمد شهيد 2002ع، آواره 2008ع ۽ جميلا ۽ دوشين ناول 2015ع ۾ شايع ٿيس .باقي سهيڙيل ڪتابن ۾ ويا جي هنگلور 2000ع، آدرشي انسان 2009ع، وڏا وڻ وٽڪار جا 1997ع، لاهوتي لڌي ويا ۽ ٻيا ڪتاب پڻ ڇپيل اٿس، تقريباً 16 ڪتاب ڇپيل اٿس .پاڻ هڪ دوست سان گڏجي 1992 ع ۾ سنڌ ادبي اڪيڊميءَ جو بنياد رکيائين ۽ اڪيڊميءَ پاران 2016ع تائين چاليهن کان مٿي ڪتاب ڇاپي پڌرا ڪيا اٿس.

ڪتاب -شاهه لطيف جي وائي ۽ وائيءَ جي اوسر، مصنف-عبدالستار پيرزادو، ايڊيٽنگ-پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ڇپائيندڙ -شاهه عبداللطيف ڀٽائي

چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون مارچ 2016 ع .ڪتاب جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.
ٻه اکر -پروفيسر محمد سليم ميمڻ .مهاڳ -ستار پيرزادو .مقدمو -اختر درگاهي .
باب پهريون -شعر جو ڇيد ۽ ڇندوديا .باب ٻيو -ادب ۾ شاعريءَ جي اهميت .
باب ٽيون -شاهه لطيف جي شاعريءَ جون صنفون .باب چوٿون -شاهه لطيف جي وائيءَ جي صنف کان اڳ ڇيل وائي .باب پنجون -شاهه لطيف کان اڳ وائيءَ جي گهڙت .باب ڇهون -شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ وائيءَ جا گهاڙيتا ۽ موضوع .
باب ستون -شاهه لطيف جي رسالي ۾ وائيءَ جو اوج .باب اٺون -وائي ۽ ڪافيءَ جي گهاڙيتي ۾ فرق .باب نائون -شاهه لطيف کان پوءِ وائيءَ جي صنف .باب ڏهون -جديد دؤر ۾ وائيءَ جي واڌويجهه .باب يارهون -موجوده ٿهيءَ جا وائي لکندڙ شاعر.
شاهه لطيف متعلق مضمون ۽ مقالاهيٺ ڏجن ٿا.
شاهه لطيف ۽ صوفي عزم، ڪتاب -شاهه جي ساجاهه، ڇاپو پهريون جنوري 2010 ع .شاهه لطيف جي صنف وائي، ڪتاب-ڪوڙين ڪايائون تنهنجون، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون 2015 ع.اردو مقالو -شاہ لطیف اور انگریزی شعراء، ماہنامہ اظہار کراچی، ستمبر ۲۰۰۴ع۔شاہ کی حب الوطنی، کتاب-شاہ عبداللطیف بھٹائی، مرتب-منظور احمد کناسرو، دسمبر2013ع، یہ کتاب شاہ سائیں کے 270 ویں عرس مبارک کے موقع پر شایع کی گئی۔

# فقير محمد لاشاري

سهڻي سنڌ جو سهڻو صحافي ۽ شاهه جو پارکو فقير محمد لاشاري وارهه تعلقي جي ڳوٺ گاجي کهاوڙ ۾ محمد حسن لاشاريءَ جي گهر ۾ اڱارو 4 سيپٽمبر 1951 ع تي پرهه ڦٽيءَ مهل ڄائو .سندس امڙ جو نالو صغرا خاتون لاشاري هو .فقير محمد لاشاري پنجن سالن جو مس ٿيو ته سندس والد صاحب کيس ڦرهي هٿ ۾ ڏئي گاجي کهاوڙ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايس، جتي سندس بهترين تربيت باڪمال استاد مصري خان ڪئي.وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ فقير محمد لاشاري گاجي کهاوڙ مان 12 ڪلوميٽر پنڌ ڪري


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارهہ هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين. جتان هن سال 1968ع ڌاري مئٽرڪ جو امتحان سٺن نمبرن ۾ پاس ڪري ورتائين. سال 1968ع ڌاري فقير محمد لاشاري سهولتون نہ هئڻ باوجود هي ڳاجي ڪهاوڙ جو واحد شاگرد هو جو پاڻ روزانو انگريزي اخبار (ڊان) گهرائي پڙهندو هو .فقير محمد لاشاري تعليم ڪي اڳتي وڌائيندي انٽر ڪامرس ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي منجهان ڪري ورتي . ڪاليج واري ئي زماني ۾ هن ڪي سياست جو رنگ لڳي ويو. ان زماني ۾ سندس واسطو ترقي پسند تحريڪ سان ٿيو .سال 1972ع ڌاري فقير محمد لاشاري درس و تدريس جي شعبي جي تعليم ڪاتي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان سلهاڙجي ويو .ان زماني ۾ گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي منجهان 1972ع ۾ بي-اي پاس ڪري سنڌ يونيورسٽي مان ايم-اي اڪانامڪس سال 1974ع ۾ پاس ڪيائين ۽ سال 1979ع ڌاري قانون جي ڊگري ايل-ايل-بي پڻ حاصل ڪيائين .هن سياسي بحث ڪري عوام ۾ سجاڳي آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ۽ نوجوان نسل ڪي خراب ريتن ۽ رسمن جي خلاف پرچار ڪري انهن جي اثر ڪان ڪين آجو ڪرڻ لاءِ اپاربوءِ سندس پرچار جو وڏو اثر ٿيو. 1974ع ڌاري ڪيس شادي جي صورت ۾ ڏک ۽ سک جو هڪ جيون ساٿي ملي ويو .هي اتي خاموش نہ ويٺو، هن زندگي جا ڪيترائي رخ ڏٺا ۽ ڌرتي جا ڏک سگ سٺا.

فقير محمد لاشاري سال 77-1976ع ڌاري پرائمري ٽيچر جي عهدي تان استعيفىٰ ڏئي ڪراچي جو رخ ڪري ڪراچي منجهہ ڪمپر هينسو هاءِ اسڪول عزيز آباد ۽ سنڌي لينگويج ٽيچر مقرر ٿيو .شروع شروع ۾ هو وارهہ اسٽيشن لاءِ اخبارن ۾ رپورٽنگ ڪندو هو، پوءِ اتان ئي صحافتي لڏي ۾ لاڳاپا وڌي ويس . پوءِ هن جلد مضمون لکڻ شروع ڪيا،جيڪي مختلف اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيس.سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو .هن ان زماني ۾ پنهنجي سوچ ۽ قلم جي تيزڌار سان هڪ هٽيءَ وارن اديبن ڪي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو، هن جي قلم هيٺ سنڌ جون سياسي حالتون، دنيا جا فلسفا، هاري، مزدور، غريب ماڻهن جا ڏک ۽ سک، تڪليفون ۽ ان جي حل جا رستا شامل هئا .فقير محمد لاشاري ڪي شروع شروع ۾ وڏن اديبن برداشت نہ ڪيو مگر هن جي ڏاهپ جو جذبو اعلىٰ ۽ اتم هو .هن جي گفتار ۽ قلم جي سچائي، جملن جي نواڻ ۽ ادب جا اعلىٰ گر ۽ تحريرون ۽ تقريرون ۽ ملڻ جو انداز، نياز، نوڙت وارو روپ هٽي هنڌ ڪري، سنڌي ادب ۽ اديبن ۾ معتبر ۽ ڏاهي شخصيت ۽ بيباڪ ٿي اڀريو .هي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اعلىٰ لڇڻن جي مالڪ محسوس ڪيو ته ڪيس قلم جي سچائيءَ ڪيتري بلندي تي پهچائي ڇڏيو آهي .هن سال 1977ع ڌاري هلال پاڪستان (اخبار) ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيو.ان کان ٿورو عرصو اڳ هو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پاران (مختيارڪار) جي پوسٽ لاءِ لکت جي امتحان ۾ پاس ٿيو. ان زماني ۾ سموري سنڌ جي ٻه هزار اسي اميدوارن مانفقير محمد لاشاري صاحب (ٿيون نمبر) آيو مگر وقت جي سرڪار ڪيس سياسي سبب جي ڪري هن کي ان مختيارڪاري جو آرڊر ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو .ائين ئي سنڌي صحافت کي فقير محمد) ف-م لاشاري (جي نالي سان هڪ سگهارو قلمڪار ملي ويو .جنهن اڇڻ شرط روايتي صحافت جا سپ در (ٽريند) بدلائي سنڌي صحافت کي نوان لاڙن ۽ گرن سان روشناس ڪرايو .تنهن بعد سماجي جوڙجڪ ۾ صحافت جي حيثيت تسليم ٿيڻ لڳي .هن قلمڪار ۽ سنڌ جي ڏهيسر صحافيءَ جو وصال پنجاب جي شهر گوجر خان وٽ ڪار حادثي سبب 17 جولاءِ 1993ع ۾ ٿيو .
سندس تصنيفات هيٺ ڏجن ٿيون.
تصنيفون: 1- ڌرتيءَ جي دانهن مضمون 1988ع. 2- سنڌ جا سور مضمون 1988ع. 3- سنڌ پيپلز پارٽي کان ڇام صادق تائين (صحافتي مضمون) 1991ع-1993ع. 4- رڃ جهڙي ماحول ۾ مور جهڙي رڙ. صحافتي مضمون ٻه ڀاڱا. 5- ڇپر جا سونهان ڪالم. 6- سگهارو هماليه-هيٺا ماٿهو (سفرنامو).
سندس مضمون-مقالا هيٺ ڏجن ٿا.
مضمون -اڄ جو زمانو ۽ شاهه لطيف. هي مضمون فقير محمد لاشاريءَ 4 فيبروري 1988ع تي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ”بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس“ ۾ پڙهيو هو. مضمون -اڄ جو زمانو ۽ شاهه لطيف .ڪتاب -ڇپر جا سونهان. سهيڙيندڙ -نور احمد ميمڻ .سنڌيڪا، ڇاپو پهريون 1994ع .مضمون - شاهه لطيف، پاڪستان ۽ آزادي -جاڳو اخبار 14 آگسٽ 1992ع .سرڏهر تاريخ ۽ فلسفو-ڪتاب -سرڏهر. مرتب-نواز علي شوق. 1989ع .شاهه لطيف سماجي مفڪر. ڪاوش اخبار. آچر 24 جولاءِ1994 ع .ساڳيو مضمون ڪتاب -شاهه لطيف عظيم مفڪر. سهيڙيندڙ -آفتاب ابڙو. سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي. ڇاپو ٻيو 2005ع ۽ ڪتاب-لطيفي معلومات موضوع وار. ترتيب-راهب علي لاڙڪ. ڇاپو پهريون سال 2006ع .شاہ لطیف ایک سماجی مفکر، کتاب -شاہ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عبداللطيف ڀٽائي ايک مفکر شاعر، مترجم-عبدالحق عظيم، مرتب-پروفيسر محمد سليم ميمن۔ شاہ لطيف چيئر، جون ۱۹۹۹ع۔

مقالو -شاهه لطيف سماجي مفڪر، هن مقالي مان ڪجهه سٽون "شاهه جي شاعري جي جمالياتي عمارت جا ٿنڀا نيون پيداواري قوتون هيون .شاهه سائين سرساموندي ۾ جاگيردار قدرن کان واپاري قدرن جي اوسر واري عبوري عرصي جي نفسيات ڏيکاري ٿو".

شاهه جي تاريخي شعور جا 3 بنيادي پاسا آهن، هڪ تمدني ترقي ۾ دلچسپي ونڻ، ٻيو موجود سياسي حڪمرانن ڏانهن اوپرائپ ۽ ڌڪار واري روش ۽ ٽيون جدوجهد جي واٽ .شاهه جي جدوجهد واري تصور کي پاڻ کن به مخصوص مقصدن تائين محدود نه ٿا ڪري سگهون ڇو جو اها گهڻ طرفي آهي.

# ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي

شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف جو پانڌيئڙو محمد ابراهيم سمون (سنڌي) ولد محمد داؤد سمي جو جنم 5 نومبر 1953ع ۾ ڳوٺ خير محمد سمي نزد شاهه ڪريم بلڙي ۾ ٿيو .محمد ابراهيم پنهنجي ئي ڳوٺ مان سنڌي پنج درجا پاس ڪري ٻاڙي جي عبدالرحيم ڪاتيار هاءِ اسڪول مان 1972ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪري تعليم ڪاتي ۾ پير پاتائين ۽ اتي ئي ڪپ کوڙيو علم جي روشني پکيڙي ساهيون پٽيندي 1986ع ۾ بي-اي ۽ ٻن سالن بعد ايم-اي پاس ڪيائين .بي-ايڊ ۽ ايم-ايڊ جا امتحان ڏيئي سال 1996ع ۾ فارغ ٿيو . درس تدريس سان گڏوگڏ قلمڪاري جي ڪار به جاري رکيائين. سال 2008ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پي-ايچ-ڊي ڪيائين .سندس مقالي جو عنوان هو "شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مرد ڪردار". هن ٿيسز کي روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران پهريون ڀيرو 2011ع ۾ شايع ڪيو ويو .ٿيسز ڪل ڇئن بابن تي مشتمل آهي .باب پهرين ۾ انسان جي ارتقا، تخليق، مذهب، سماج، عالمن ۽ بزرگن جا رايا ڏنل آهن. ان ڪانسواءِ "شاهه لطيف جي ڪلام جي روشني ۾ انسان يعني مرد جي ارتقا". هن عنوان ۾ شاهه سائين انسان جي ارتقا بابت پنهنجي ڪلام ۾ جيڪي اشارا ۽ ڪنايا ڏنا آهن انهن جو مختصر ذڪر ڪيل آهي .باب ٻئين ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ مرد جو ڪردار. هن باب ۾ اوائل کان وٺي موجوده دور جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لوڪ شاعريءَ ۾ مرد جي ڪردار کي ساراهيو ويو آهي، تنهن بعد ”شاهه لطيف کان اڳ واري اساسي شاعريءَ ۾ مرد جو ڪردار“ هن عنوان ۾ آڳاٽن اساسي شاعرن جن ۾ قاضي قاضن، شاهه ڪريم، لطف الله قادري، ميون شاهه عنايت رضوي، ميون عيسىٰ جي شاعريءَ ۾ مرد ڪردار جن ۾ ”پورهيت، جوڳي، سامي، چارڻ، حڪمران“ وغيره جي نيڪ صفتن جي ساراهه سان گڏ ڪجهه بدڪردارن جو به بيان ڪيل آهي .شاهه سائين کان اڳ ان دور ۾ اها بنيادي سنڌي اساسي شاعري هئي جنهن جي عظيم الشان عمارت پٽائيءَ جوڙي راس ڪئي .باب ٽيون عنوان ”شاهه صاحب جو زمانو“ عنوان ”شاهه جي حياتيءَ جو احوال، عالمن ۽ بزرگن سان ملاقاتون“. هن عنوان ۾ شاهه صاحب جن ماڳن مڪانن تان پيرا ڪري اهل دل وارن سان رهاڻيون ڪيون پوءِ ڪيترائي سندن معتقد ۽ مريد ٿيا . هن عنوان ۾ انهن جو مختصر تذڪرو ڪيل آهي .اهو عنوان لمبو چوڙو آهي .ان عنوان تي هن وقت تائين ڪنهن به مڪمل ڪم نه ڪيو آهي، جڏهن ته شاهه سائين جي دور ۾ نامور مرد، لسٻيلو ڪڇ، ٿر، ڪاڇي، لاڙ، وچولي، سري، اتر ۽ ملتان طرف بيشمار مجتائن جا مالڪ شريعت جا صاحب ابدي آرامي آهن جن تي قلم کڻڻ جي ضرورت آهي .هن ٿيسز جي آخري باب چوٿين ۾ شاهه جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ مرد جي نفسيات جو مطالعو پيش ڪيل آهي.مٿير مردن جي خوبين ، سهپ، صبر، جاکوڙ، جستجو، چڱاين ۽ ڪمزورين تي قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ پرک ڪيل آهي .هن ٿيسز ۾ محمد ابراهيم سنڌيءَ شاهه سائين جي نظر ۾ عظيم مرد ڪردار کان وٺي ٻين مرد ڪردارن کي يڪجاءِ ڪنو ڪري انهن جو سماجي، ثقافتي، تهذيبي، تاريخي ۽ روحاني پسمنظر پيش ڪيو آهي.

**ڪتاب- اندر تون اجار**، ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي، ڇپائيندڙ-ثقافت کاتو ڇاپو پهريون 2017ع. ڪتاب ۾ ڏنل فهرست: 1- پبلشر جو نوٽ. 2- پنهنجي پاران. 3- مهاڳ. 4- اندر تون اجار. 5- سرڪلياڻ. 6- سريمن ڪلياڻ ۾ سمايل فڪر ۽ ڪردار. 7- سرڪنيات تي هڪ نظر. 8- سرسامونديءَ جو سماجي، تاريخي ۽ روحاني فڪر. 9- سرڪاهوڙي ۾ جستجو ۽ جاکوڙ جو سبق. 10- واڪو هڏ م لاهه. 11- سرڪوهياريءَ جا ڪردار. 12- ڪيو مطالعومون. 13- حسينيءَ جا هاڪ. 14- شاهه جو ڪامل انسان. 15- سرپرياتيءَ ۾ تاريخي ڪردارن جو جائزو. 16- سرمومل راڻي جو فلسفو. 17- سرڪارايل ۾ انسانيت جو عنصر. 18- سررپ جو

سماجي ۽ ثقافتي پهلو. 19- سرڪيڏارو ۽ عالمن جا رايا. 20- شاهه لطيف جي دعائيه شاعري. 21- شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ مولانا جلاالدين رومي. 22- شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ ڳوناڳو ماحول. 23- شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ماڻهن جا نالا ۽ ذاتيون. 24- سرسارنگ جو اڀياس. 25- لاڙ ۽ لطيف. 26- سرپورب جا مرد ڪردار ۽ شاهه جو فڪر. 27- درگاهه ڪريمي تي لطيفي راڳ جي ابتدا. 28- شاهه جو فن ۽ فڪر. 29- جادم جکري جو قومي ڪردار-شاهه جي نظر ۾. 30- ڄام تماچيءَ جو عوامي ڪردار-شاهه لطيف جي نظر ۾. 31- ملير ۽ مارئي.

مختلف عنوانن بابت مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مرد جو روپ، ڪلاچي مارچ ۽ جون 2001ع .شاهه جي ڪلام جو مطالعو -ماهوار نئين زندگي .مئي 2005ع .لاڙ ۽ لطيف -ماهوار نئين زندگي مئي 2001ع .شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ماڻهن جا نالا ۽ ذاتيون -ماهوار نئين زندگي سيپٽمبر 2002ع .ساڳيو مقالو ڪلاچي جون 2002ع ۾ شايع ٿيس .سرسامونديءَ جو سماجي، تاريخي ۽ روحاني فڪر، ماهوار نئين زندگي، اپريل-مئي 1998ع .جادم جکري جو قومي ڪردار، شاهه جي نظر ۾ -ماهوار نئين زندگي مئي-جون 1996ع ۽ ڊسمبر 1996ع .سرڪاهوڙيءَ ۾ جستجو ۽ جاکوڙ جو سبق -ماهوار نئين زندگي فيبروري-مارچ 2003ع .سرمومل راڻي جو فلسفو -نئين زندگي ڊسمبر، جنوري 5-2004ع. سرڪلياڻ جي معنىٰ -سمايل فڪر ۽ ظاهري مخفي ڪردار .ماهوار نئين زندگي مئي 2002ع .سر يمن ڪلياڻ ۾ سمايل فڪر ۽ ڪردار، نئين زندگي ڊسمبر 1997ع. بلڙي ۽ ان جي ڀرپاسي وارا تاريخي ماڳ ۽ شخصيتون، ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر 2001ع. مضمون- شاهه جي ڪلام ۾ سمايل فڪر، مقالو- شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ مولانا جلال الدين رومي -ڪلاچي جرنل مئي 1999ع. شاهه جي ڪلام ۾ اندر اجارڻ جو فلسفو، ڪتاب-ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد ٻيو ڊسمبر 1999ع. شاهه لطيف جي دعائيه شاعري -ڪتاب .حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي مستند سوانح ۽ پيغام، مرتب -ڊاڪٽر عابد لغاري .سرڪارايل ۾ انسانيت جو عنصر، ڪتاب-سرڪارايل، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1996ع .سرسارنگ ۾ سمايل سماجي ۽ روحاني فڪر، ڪتاب -سرسارنگ، مرتب -حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1998ع. 1-سرڀ جو سماجي ۽ ثقافتي پهلو، 2- شاهه سائينءَ جو سفر ۽ ماڳ مڪان، لاڙ وارو ڀاڱو، ڪتاب -سرڀ هڪ مطالعو، ڇپائيندڙ -عاشق



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حسين ميمڻ، ڇاپو پهريون، 2002ع .مقالو -سرحسينيءَ ۾ ٻن اهم واقعن جا اهڃاڻ، ڪتاب-حسينيءَ جي هاڪ (سرحسينيءَ جو مطالعو)، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون مارچ 2005ع .سرسورٺ جون رمزون ۽ راز، ڪتاب -سرسورٺ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون، اپريل 2003ع .مقالو -درگاهه ڪريميءَ تي لطيفي راڳ جي ابتدا، ماهوار نئين زندگي فيبروري-مارچ 2004ع .سرپورب جا مرد ڪردار ۽ شاهه جو فڪر، ڪتاب -سرپورب، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافتي کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون 2011ع .ساڳيو مقالو امرتا 2011ع واري شماري ۾ شايع ٿيس .سرکيڏارو ۽ عالمن جا رايا، ڪتاب-سرکيڏارو، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون 2008ع .سرپرڀاتيءَ جا تاريخي ڪردار، ڪتاب -سرپرڀاتي، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون 2010ع .سرڪوهياريءَ جا ڪردار، ڪتاب-سرڪوهياري، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون فيبروري 2007ع .مخدوم نوح جو زمانو، شاعري ۽ شاهه ڪريم تي اثر .مهراڻ نمبر-2، 2013ع. حديقةالاولياء جي سنڌي ترجمي ۾ غلطيون، مهراڻ نمبر-2، 2010ع. شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ڳوٺاڻو ماحول، ڪتاب -ڀٽائي-اردو سنڌي انگريزي (خاص اشاعت)، مرتب -حافظ ارشد انڍڙ، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي سيپٽمبر 1989ع .مخدوم نوح جو شاهه ڪريم تي روحاني اثر، تماهي تخيُل، جنوري-مارچ 2016ع.

شاهه سائينءَ جي259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل "شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس" 16-15 صفر1424 هه بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي .ان موقعي تي جمعي جي ڏينهن 18 اپريل تي محمد ابراهيم سنڌيءَ مقالو "سرراڻي جو فلسفو" پڙهيو، جنهن ۾ هن لوڪ داستان ۽ ان ۾ شاهه جي بيتن جي روشنيءَ ۾ بيان ٿيل فلسفي بابت پنهنجا ماهراڻا ويچار ونديا.

# ڊاڪٽر تهمينه مفتي

ناماياري ليکڪ، شاعره، ڪهاڻيڪاره ۽ محقق ڊاڪٽر تهمينه مفتي 7 جنوري 1953ع تي نوابشاهه شهر ۾ ڄائي .سندس تعلق شڪارپور جي مشهور مفتي خاندان سان آهي .سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم-اي ڪرڻ کان پوءِ 1976ع کان سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿي ۽ 1996ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿي .سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ پروفيسر جي عهدي تي به ڪم ڪيائين .سندس شاعري ۽ ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿينديون رهنديون آهن .شاهه لطيف جي فن ۽ فڪر تي پڻ سندس ڪيترائي تحقيقي مقالا ڇپيل آهن .تهمينه مفتيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”ڪتا اپ ڪتا“، سينٽر فار پيس ائنڊ سِول سوسائٽي حيدرآباد طرفان 2007ع ۾ ڇپرايو ويو آهي .ان ڪتاب ۾ ڊاڪٽر تهمينه جون ٽي پراڻيون ڪهاڻيون ۽ باقي نيون ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن، جيڪي وقت گذرڻ باوجود نڪور لڳن ٿيون .هنن ڪهاڻين ۾ جيڪو سماجي منظر پيش ڪيو ويو آهي، اهو اڄ به نظر اچي رهيو آهي .ڪتاب ۾ ڪل ست ڪهاڻيون آهن، جن مان هڪڙي ڪهاڻي ترجمو ٿيل آهي، ڪتاب جو مهاڳ نوجوان دانشور جامي چانڊئي لکيو آهي .سندس شادي ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڊاڪٽر پروفيسر سڪندر علي ميمڻ سان ٿيل آهي ۽ هن وقت، سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽيءَ ڄامشوري ۾ رهائش پذير آهي.

ڊاڪٽر تهمينه مفتي سن 1996ع ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي رهنمائي ۾ ”سنڌي افساني جو سماجي ڪارج“ جي موضوع تي تحقيقي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي-ايڇ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. (حوالو-ڪينجهر تحقيقي جرنل-8، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي 2002ع صفحو-304). پي-ايڇ-ڊي جي سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ مفتي صاحبه تحقيق واري عمل کي جاري رکندي اچي ٿي .پاڻ لطيفيات، افسانوي ادب ۽ مختلف موضوعن تي مقالا لکندي رهي آهي جيڪي سنڌ جي مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن .مختلف ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ به تحقيقي مقالا پيش ڪري چڪي آهي .سندس مرغوب موضوع جماليات آهي .جنهن تي نه رڳو مطالعو ڪندي رهي ٿي پر شاهه لطيف، سچل ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام تي جمالياتي حوالي سان لکندي به رهي آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب- شاهه جي ڪلام جو فلسفو. ڇاپو پهريون 2011ع .دانش پبليڪيشن لاڙڪاڻو .ڪتاب جي فهرست.
ارپنا-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ .مهاڳ-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ .هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر تهمينه جا 11 تحقيقي مضمون ۽ مقالا هن ريت آهن: 1- شاهه جي ڪلام جو فلسفو. 2- شاهه جي ڪلام ۾ جماليات جو فلسفو. 3- شاهه جي شاعريءَ ۾ حسن ۽ جمال وارو تصور. 4- شاهه جي رسالي ۾ منظر ۽ احساس. 5- سسئي جي تمثيل ۽ اعلىٰ فهم، جدت ۽ جاڳرتا وارو خيال. 6- شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ مارئي هڪ غير معمولي عورت جو ڪردار. 7- سورٺ سنڌ جي عورت جو المياتي ڪردار. 8- ڪلهوڙا دؤر سنڌي سماج، شاهه عبداللطيف ۽ سنڌ جون سورميون. 9- سرپرياتي جو فڪري ۽ سماجي اپياس. 10- هو جي جرڪيا جر تي، سي تان سپ حباب. 11- شاهه عبداللطيف ڀٽائي، فلسفو ۽ سماجي ڪارج.
سندس 50 ڪان وڌيڪ تحقيقي مضمون ۽ مقالا شايع ٿيل اٿس، جن مان ڪجهه هن ريت آهن.
مقالو -جديد دنيا لاءِ سچل جو پيغام، ڪلاچي-1، 1998ع .شاهه جي ڪلام جو فلسفو -ڪتاب .شاهه ۽ سنڌ، جلد-1، 1998ع .شاهه جي ڪلام ۾ جماليات جو فلسفو. ڪلاچي سيپٽمبر 1999ع .شاهه عبداللطيف ڀٽائي فلسفو ۽ سماجي ڪارج، ڪتاب-شاهه لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج، مرتب -خالد آزاد، ڇاپو پهريون 2007ع .شاهه جي شاعريءَ ۾ حُسن ۽ جمال جو تصور، ڪتاب -سرِپ هڪ مطالعو، ڇاپو پهريون 2002ع .سسئيءَ جي تمثيل ۾ اعلىٰ فهم، جدت ۽ جاڳرتا وارو خيال .ڪتاب-حسينيءَ جي هاڪ (سرحسينيءَ جو مطالعو)، مرتب- تاج جويو، ڇاپو پهريون مارچ 2005ع، سورٺ سنڌ جي عورت جو المياتي ڪردار، ڪتاب -سرسورٺ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون، اپريل 2003ع، مقالو - عدد ناهي عشق، ڪتاب -شاهه ۽ عشق، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2014ع .سرپرياتيءَ جو فڪري ۽ سماجي اپياس، ڪتاب - سرپرياتي، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون 2010ع .شاهه جي رسالي ۾ منظر ۽ احساس، ڪتاب -ڀٽائي تحقيقي جرنل، شمارو-6، ڇاپو پهريون 1999ع .مقالو -هو جي جرڪيا جَر تي، سي تان سپ حباب .ڪتاب-جهڙي سونهن سندياس، سهيڙيندڙ-محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون 2012ع .سنڌ جي ڪوپائي ڪٿا دودي چنيسر جي ڳالهه، لوڪ ادب ۽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ هڪ

اپياس، مهراڻ نمبر-3، 2012ع .ڪنزاللطيف جي روشنيءَ ۾ سرڪيڏاري تي ٿيل تحقيق جو اپياس، مهراڻ نمبر-2، 2014ع .ڪوٽن سان وابسته سنڌ جا عشقيه داستان ۽ آڳاٽو ورثو، ڪتاب-سنڌ جو قديم ورثو، مرتب-آزاد قاضي، ڇاپو پهريون سال 2006ع .ساميءَ جي سلوڪن ۾ سماج جو تصور، ماهوار نئين زندگي، نومبر 1995ع.

شاهه سائينءَ جي سرڪنيات، سربروو سنڌي ۽ سرپورب مان عشق، ناز ۽ نياز، دلڪشي، انتظار ۽ بيقراريءَ جا آثار ۽ ڪيفيتون پڌريون آهن .شاهه وٽ عشق جو اظهار مختلف صورتن ۽ ڪيفيتن ۾ ٿئي ٿو، سرسسئي، مارئي، ليلا چنيسر، مومل راڻو ۽ سهڻيءَ ۾ اهي ڪردار ڏارڏار ڪيفيتن ۽ احساسن ۾ منفرد آهن .صوفي فڪر ۽ فلسفي ۾ حقيقتن جي پروڙ لاءِ اهو امتحان آهي .حوالو-شاهه جي ڪلام جو فلسفو، ڇاپو پهريون 2011، ص-17-16.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# نذير ناز

مشهور لطيفي ليکڪ، شاعره ڪھاڻيڪار ۽ عورتن جي حقن لاءِ جدوجھد ڪندڙ سماج سڌارڪ ۽ سنڌ ۾ پھرين عورت پبلشر جو اعزاز ماڻيندڙ نذير ناز (ٽيپو) 15 مارچ 1953ع تي حيدرآباد ۾ جنم ورتو، هن ايم-اي سنڌي تائين تعليم پرائي، هن پھرين نوڪري پي-ايس-ٽي طور ڪئي .ان بعد هن پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏنو ۽ ليڪچرار مقرر ٿي، ان بعد اسسٽنٽ پروفيسر ٿي ۽ 15 مارچ 2013ع تي رٽائرڊ ٿي.

ننڍپڻ کان شاعري ۽ ڏک وارا گيت ٻڌڻ جي شوق سبب 10 سالن جي عمر ۾ شاعري ڪيائين. ان وقت سنڌس شاعري اخبارن جي ٻارڙن واري صفحي ۾ شايع ٿي هئي. ان ئي عمر ۾ سنڌس پھرين ڪھاڻي ٻارڙن جي رسالي ۾ شايع ٿي، جنھن تي کيس انعام پڻ مليو .اھڙي طرح هن جو لکڻ پڙهڻ جو سفر جاري ٿيو، پاڻ پھرين نذير بيگم جي نالي سان لکڻ شروع ڪيائين. ادب ۾ سنڌس استاد نورشاهين آهي، ٿوري وقت دوران هن ڪھاڻين، ڪالمن، مضمونن، مقالن ۽ لطيفيات ڪانسواءِ مختلف موضوعن تي ڪتاب لکيا، انھن ۾ شاعري جو ڪتاب -آءُ غزل ڇو نہ چوان (شاعري) 2004ع، ڪتاب-هيلو ڪو وري آ (ڪھاڻيون) 1985ع. ڪتاب -جھرٽا (مضمون) 1986ع. ٻارن جي پرورش بابت ڪتاب-ٽيندو تن طبيب .مضمونن تي ٻڌل ڪتاب -لھرن لک لباس ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن .هن کي مجتا طور 25 ايوارڊ ملي چڪا آهن .ان ڪانسواءِ هن کي پارٽي ادبي تنظيمن طرفان دهلي، آگرا، احمد آباد، جئہ پور ۽ ٻين شھرن ۾ ٿيل ڪانفرنس ۾ 3 ڀيرا سڏرايو ويو آهي .کيس 7 ڀيرا عمري جي سعادت ماڻڻ جو شرف بہ حاصل آهي، نذير ناز سنڌي ادبي سنگت ۽ سگا جي سينيئر ميمبر پڻ آهي.

آپا نذير ناز پبليڪيشن جي ڪم جي ابتدا 1979ع ۾ هڪڙي مئگزين جي اشاعت سان ڪئي .پر ان مئگزين کي هڪڙي ئي نالي جي قيد ۾ جڪڙي نہ رکيائين، بلڪ مئگزين جي هر نئين ڪڙيءَ کي نئون نالو ڏئي پڙهندڙن جي هٿن ۾ پھچائيندي رهي .آپا نذير ناز مئگزين ڪانسواءِ ڪيترائي ناول، ڪھاڻي، شاعري وغيره جا ڪتاب شايع ڪرائي ناري پبليڪيشن جي اشاعتي سفر کي اڳتي وڌائڻ سان گڏ پڙهندڙ کي سٺن ڪتابن جو تحفو پڻ ڏيندي رهي ٿي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهه سائين جي 242هين عرس جي موقعي تي ميلي جي ٻئي ڏينهن20 آڪٽوبر 1986ع ۾ادبي ڪانفرنس ۾ ٽن ٻين ليکڪن جي ڪتابن سان گڏ سندس ڪتاب ”جهرڻا“ جي مهورت پڻ ٿي.

ڪتاب -اديون عبداللطيف ڇئي، ناري پبليڪيشن صدر حيدرآباد، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2014ع ۾ شايع ڪيو .هن ڪتاب ۾ نذير ناز جا مضمون ۽ مقالا جيڪي مختلف رسالن، ڪتابن ۾ شايع ٿيل هئا ۽ انهن مان ڪجهه ادبي ڪانفرنسن ۾ به پڙهيا هئائين اهي يڪجا ڪري هن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن . ڪتاب جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

منهنجي سوچ-نذير ناز .جوڳيءَ جاڳايوس (مهاڳ)-حميد سنڌي.

سرپرياتيءَ جو فڪري جائزو -شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ تاريخ -سرڪيڏارو ۽ ان ۾ سمايل عورت جو عظيم ڪردار -سورٺ جو جنم جو ساٿ -شاهه عبداللطيف جو گنجو ٽڪر -ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان ٿيل هٿ چُراند پويان ڪير آهي؟-لطيف لافاني شاعر -شاهه لطيف انسانيت جو علمبردار -احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي - شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نظر ۾ هنج پکي -شاهه لطيف ڀٽائيءَ جا آئيڊيل جوڳيئڙا -سرسارنگ جا رنگ -لطيفي سير ۽ مشاهدي جا رنگ -شاهه جي نظر ۾ اُٺ جي اهميت -نئين سماج جا اڏيندڙ نُوري ڄام -شاهه جي نظر ۾ عورت جي اهميت -شاهه لطيف جو سربروو سنڌي -سرسامونديءَ ۾ عورت جو ڪردار - شاهه جي شاعريءَ ۾ اخلاقي قدر -سرڪوهياري -شاهه جي شاعريءَ تي ڀڳت ڪبيرداس جو اثر.

سندس ٻيا شاهه سائينءَ متعلق مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

مضمون -شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو پيغام .ماهوار نئين زندگي جولاءِ 2005ع .
جديد سنڌي ادب ۾ تحقيق ۽ تنقيد، ماهوار نئين زندگي جون-جولاءِ 2004ع .
مضمون -سچل سارو سچ، ماهوار نئين زندگي جولاءِ -آگسٽ-سيپٽمبر 2006ع .
مقالو -لطيفي سير ۽ مشاهدي جا رنگ، ڪتاب-سرڀ هڪ مطالعو، 2002ع .
سورٺ جو جنم جو ساٿ، نئين زندگي آڪٽوبر-نومبر 2002ع .ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان ٿيل هٿ چُراند پويان ڪير آهي؟ (ڪاوش اخبار ۾ ڇپيل) 17 جون 2001ع. نئين سماج جا اڏيندڙ نُوري ڄام ماهوار پيغام، جنوري 2000ع .شاهه جي شاعريءَ ۾ اخلاقي قدر -ڪتاب-سرڪاموڏ، مرتب-حميد سنڌي، ڇاپو پهريون 1988ع. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نظر ۾ هنج پکي، هي مقالو شاهه سائين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي251 هين عرس جي موقعي تي پڙهيائين. مضمون -سرسارنگ جا رنگ، هي شاهه سائين جي 254هين عرس جي موقعي تي شايع ڪيل ڪتابي سلسلي سرسارنگ ۾ ڇپيل .نئين سماج جا اڏيندڙ نوري ڄام، ماهوار پيغام جنوري 2000ع .شاهه لطيف جو سربروو سنڌي، ڪتاب-سربروو، 1995ع ۾ شايع ٿيل.مقالو -سرساموندي ۾ عورت جو ڪردار، شاهه سائين جي 252هين عرس جي موقعي تي پڙهيائين، سندس اهو مقالو ڪتاب-سرساموندي 1997ع ۾ شايع ٿيس .شاهه جي شاعريءَ ۾ اخلاقي قدر، ڪتاب-سرڪاموڏ، سيپٽمبر 1988ع. شاهه جو انسان ڪامل، ڪتاب-ٽر، سهيڙيندڙ-عبدالقادر منگي، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، 2013ع .مضمون -ڪوڙين ڪن سلام اڇي آڳهه ان جي . ڪتاب -سرگهاتو .مرتب -حميد سنڌي، آڪٽوبر 1987ع .هن مضمون مان ڪجهه سٽون "شاهه صاحب عورت کي ايتري اهميت ڏني آهي جو پنهنجو پاڻ کي عورت ذات ۾ سمائي ڇڏيو اٿس".

شاهه صاحب عورت جي عظمت جا گيت ڳايا آهن، سٽن سورمين جي ذريعي لافاني قدرن ۽ نظريات جي تبليغ ڪئي آهي .سندس سسئي ۾ سورن ۽ سختين جو آدرش آهي، سهڻي ۾ معاشري سان بغاوت جو آدرش، نوري ۾ نياز ۽ نوڙت جو آدرش، مومل ۾ قرباني ۽ ايثار جو آدرش آهي، ليلان ۾ پڇتاءُ ۽ غلطين مڃڻ جو آدرش آهي، مارئي ۾ حب الوطني جو آدرش آهي، سورٺ ۾ ٻين جي سرن جي خير گهرڻ جو آدرش آهي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر نور افروز خواجه

مشهور ليکڪ نور افروز خواجه ڌيءَ احمد علي 5 جولاءِ 1953ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي، ابتدائي تعليم حيدرآباد جي اسڪولن ۽ ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جي اسڪول مان حاصل ڪري مئٽرڪ جو امتحان 1969ع ۾ گورنمينٽ گرلس پائليٽ اسڪول (ميران اسڪول) مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. سن 1973ع ۾ بي-اي جو امتحان گورنمينٽ زبيده گرلس ڪاليج مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. سن 1975ع ۾ ايم-اي (سنڌي) جو امتحان سنڌ يونيورسٽي مان فرسٽ ڪلاس/فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. سن 1997ع ۾ "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر" جي عنوان هيٺ علامه غلام مصطفیٰ قاسمي جي رهبري ۾ تحقيقي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي-ايڇ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. (حوالو-ڪينجهر-8، سنڌي يونيورسٽي 2002ع. ص-314 ۽ ڪينجهر تحقيقي جرنل شمارو-13، سال 2010ع جي صفحي 185 تي پي-ايڇ-ڊي جو سال 1996ع لکيل آهي).

ڊاڪٽر نور افروز خواجه 7 جون 1976ع ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي .سن 1983ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ۽1991 ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ٿي . سن 1997ع ۾ پروفيسر مقرر ٿي .آگسٽ 2013ع ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿي2005 .ع کان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ چيئرپرسن جا فرائض سرانجام ڏنائين.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه تعليم ڏيڻ سان گڏ تحقيق به ڪندي رهي ٿي . سندس مضمون/مقالا سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختلف رسالن ۾ وقت بوقت شايع ٿيندا رهيا آهن .سندس اهم موضوع شخصيات، شاهه لطيف، عورت، ناول، اصطلاح چوڻيون ۽ پهاڪا آهن .مضمونن/مقالن کان علاوه ٻاراڻي ادب تي ڪتاب "پرڏيهي ڪهاڻيون" جي نالي سان ترجمو ڪيائين .جيڪو سنڌالاجي پاران شايع ٿيو .سندس تحقيقي مقالي جو پهريون حصو "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ گلشن پبليڪيشن پاران 1999ع ۾ شايع ٿيو.مشڪ ڪتوريءَ مڻ، ڪتاب پڻ شايع ٿيل اٿس.

ڪتاب-پائي پٽ ڪٽا 2005ع ۾ گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد پاران شايع ٿيس .هن ڪتاب ۾ قديم زماني کان نثري صنفون افسانو، ناول ۽ گنان تي روشني وڌل آهي .تنهن بعد مقالو سامي جي ڪلام ۾ عورت، ڊاڪٽر عابد



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لغاري جي ڪتاب جي باري تاثر، سحر امداد جي چونڊ شاعري، تنهن ڪان پوءِ لطيف شناسيءَ تي مضمون-عورت شاهه جي نظر ۾، مقالو-پير صدرالدين ۽ شاهه لطيف، مقالو-شاهه ڪريم جو شاهه لطيف تي اثر، مضمون-سورٺ جو ڪردار ۽ مضمون ”سرمومل راڻي جي تمثيل“ تي پرپور انداز سان ڪم ڪيل آهي .تنهن ڪان پوءِ 22 نامور شخصيتن جي سوانح حيات ۽ سندن مختصر قلمي پورهيو ڏنل آهي .ڪتاب جي آخري حصي ۾ عنوان ”سنڌي اصطلاح، چوڻيون ۽ پهاڪا“. هن عنوان ۾ شاهه سائينءَ جي سرڪلياڻ، سامونڊي، سهڻي، بروو سنڌي، ڪاپائتي، پرياتي، ڪاموڏ، پورب، مومل راڻو، بلاول، آسا، سورٺ، مارئي مان اصطلاح ڏنل آهن ۽ سرڪلياڻ، بروو، رپ مان مختصر چوڻيون بيان ڪيل آهن .ان ڪانسواءِ لسانيات ۽ ٻين تخليقي مضمونن ۽ لوڪ ادب تي روشني وڌل آهي.

100ڪان وڌيڪ مضمون-مقالا ڇپيل اٿس، انهن مان مختصر هيٺ ڏجن ٿا.
مقالو -شاهه جي ڪلام ۾ اصطلاح (سريمن ڪلياڻ)، ٽه ماهي سرتيون، آڪٽوبر-ڊسمبر 1990ع .شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اصطلاح، ٽه ماهي سرتيون، اپريل-جون 1991ع .سرڪلياڻ ۾ آيل اصطلاح ۽ مصدر، ماهوار نئين زندگي سيپٽمبر 1988ع .پيڙم پيچ پنهونءَ سين -ماهوار نئين زندگي مئي 2005ع .ساڳيو مضمون ڪتاب-ديسي سيڻ ڪجن 2005ع ۾ ۽ ڪتاب-اڳهيا ست سندا 2007ع ۾ شايع ٿيس .سورٺ جي ڪردار جو جائزو .ماهوار نئين زندگي جون 2006ع .سرڪلياڻ ۾ اصطلاح -ڪينجهر نمبر-2، 1988ع. پير صدرالدين ۽ شاهه لطيف -ڪينجهر نمبر-3، 1989ع. شاهه ڪريم جو شاهه لطيف تي اثر -ڪينجهر نمبر-4، 1990ع. ساڳيو مقالو ڪتاب-حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي مستند سوانح ۽ پيغام، مرتب -ڊاڪٽر عابد لغاري، ڇپائيندڙ شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2009-10ع .ساڳيو مقالو ڪتاب -سنڌي شاعريءَ وهائو تارو: شاهه ڪريم، سهيڙيندڙ -رڪيل مورائي، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2012ع، ڇپائيندڙ -ثقافت کاتو سنڌ .عورت شاهه جي نظر ۾ -سالانه تحقيقي جرنل سنڌي ادب .شمارو-1 ۽ 2، جلد-7، 1983ع. ساڳيو مضمون ماهوار نئين زندگي نومبر-ڊسمبر 1993ع ۾ شايع ٿيس .شاهه لطيف جي ڪلام ۾ انسان شناسي -ڪينجهر تحقيقي جرنل شمارو-14، سال 2011ع .سومرن جي دور جي ويراڳي شاعري ”ڳنان“، ڪينجهر تحقيقي جرنل شمارو-12. سال 2009ع، ڇپائيندڙ سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو .سرجي تان سُور، ڪتاب -



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لوچيان تي لاحد ۾، چاپو پهريون 2010ع .سرسورٺ جي ڪردار جو جائزو، ڪتاب -سرسورٺ، مرتب -تاج جويو، چاپو پهريون، اپريل 2003ع، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه حيدرآباد .سنڌي ادب ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي، ڪينجهر تحقيقي جرنل-9، 2003ع. ناميارو ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار امرجليل، ماهوار نئين زندگي جون-جولاءِ 2003ع .شاهه لطيف جي ڪلام ۾ انسان دوستي، ڪتاب -شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق، سهيڙيندڙ -پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ڇپائيندڙ -ثقافت کاتو، چاپو پهريون مئي 2012ع.

شاهه سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل "شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس" 15-16 صفر1424 هه بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي .ان موقعي تي جمعي جي ڏينهن 18 اپريل تي ڊاڪٽر نور افروز خواجه مقالو "سرمومل راڻي جو تمثيلي انداز" پڙهيو، جنهن ۾ هن سرمومل راڻي جي ڪردار ۽ قصي جي تمثيلي پيشڪش ۽ هر ڪردار جي اهميت بابت پنهنجي اڌمن جي اپٽار ڪئي.

# ڊاڪٽر مهرالنساء لاڙڪ

سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ليکڪ، شاعره، لطيف سائينءَ سان خانداني انس رکندڙ تعليمدان مهرالنساء لاڙڪ حيدرآباد جي علائقي هيرآباد ۾ پرگڙي فليٽن ۾ رهندي هئي .ڏينهن بيمار رهڻ کان پوءِ آچر 28 فيبروري 2016ع بمطابق 19 جمادي الاول 1437هه شام جو ڇئين وڳي سنڌس انتقال ٿيو .هن جي آخري آرامگاهه حيدرآباد جي بابن شاهه قبرستان ۾ موجود آهي.

مهرالنساءِ لاڙڪ 15 جنوري 1954ع تي ڀٽ شاهه ۾ جنم ورتو .سندس والد خليفو لعل محمد لاڙڪ ڀٽائي صاحب جو ذاڪري خليفو ۽ سماع ڏٽي هو، مهرالنساءِ ننڍپڻ ۾ پنهنجي ڇئن ڀائرن سان گڏ ڇوڪرن جي اسڪول ۾ تعليم ورتي ۽ پنجين درجي ۾ اسڪالرشپ جو امتحان پاس ڪري ائين درجي تائين اسڪول ۾ پڙهي .ان زماني ۾ ڇوڪرين جي تعليم تي گهڻو ڌيان نه ڏنو ويندو هو، تنهنڪري هن کي اسڪول وڃڻ جي اجازت نه ملي .پر سندس ڀائرن هن جي قابليت ۽ ذهانت کي رائگان ٿيڻ نه ڏنو ۽ ڪيس مئٽرڪ کان وٺي ايم-اي تائين


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پرائيوٽ امتحان ڏيارڻا. مئٽرڪ 1971ع ۾، انٽر 1973ع ۾، بي-اي 1975ع ۾ ۽ 1978ع ۾ ايڊيوڪيشن ۾ ايم-اي جا امتحان پاس ڪيائين.

مهرالنساءِ تعليم کاتي ۾ پي-ايس-ٽي، جي-ايس-ٽي ۽ ايچ-ايس-ٽي طور ملازمت ڪئي. 1970ع ڌاري پرائمري استاد مقرر ٿي .بعد ۾1972ع ۾ جڏهن پٽ شاهه ۾ گرلس اسڪول قائم ٿيو تہ ڪيس اتي رکيو ويو ۽ پوءِ 1994ع ۾ ڪميشن پاس ڪري ليڪچرر مقرر ٿي، ان وچ ۾ هوءَ 1979ع کان 1984ع تائين علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد ۾ ريسرچ آفيسر پڻ رهي، 1980ع ۾ سندس شادي ٿي، بعد ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي-ايڊ ۽ ايم-ايڊ جا امتحان بہ امتيازي نمبرن سان پاس ڪيائين. 1999ع ۾ ايم-فل جي سند پڻ ورتائين، جنهن ۾ سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو سنڌي ٻوليءَ جي نصاب ۾ شامل شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو تعليمي جائزو (ڪلاس ڇهين کان ٻارهين جماعت تائين). سندس ايم-فل ڪرڻ جو مقصد هو تہ ڪافي سارن سالن کان سنڌي نصاب ۾ شاهہ سائين جا ساڳيا بيت درج ٿيل آهن .انهن بيتن جي تبديلي ۽ درستگيءَ خاطر ايم-فل ڪيائين پوءِ ان ئي موضوع کي اڳتي وڌائي پي-ايچ-ڊي ڪيائين. مهرالنساء لاڙڪ جي پي-ايچ-ڊي ٿيسز ”سنڌي ٻولي جي نصاب ۾ شامل شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري جا اثرات ۽ ان جو تنقيدي اڀياس“ سنڌ يونيورسٽي سال 2002ع حوالو-ڪلاچي تحقيقي جرنل، ڊسمبر 2006ع صفحو-124.

سندس علم ۽ ادب سان چاهہ ننڍپڻ کان ئي رهيو. هن پهريون پيرو اردو ۾ هڪ مضمون ”عورتن لاءِ تعليم ضروري آهي“ جي سري سان لکيو. جيڪو 1990ع ۾ اردو اخبار ”اخبارِ خواتين“ ۾ شايع ٿيو .پوءِ وقت بہ وقت ٿورو گهڻو لکندي رهي. 1996ع کان باقائده لکڻ ۽ مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ شروع ڪيائين .ان بعد مختلف اديبن ۽ شاعرن سان سندس شناسائي ٿي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين سندس لکڻين ۾ پختگي آندي .هن شاعريءَ کان علاوه لطيف سائين ۽ مختلف موضوعن تي اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون پڻ لکيا .ڪيس 2009ع ۾ سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد شاخ جي سيڪريٽري جي ذميواري سونپي وئي .جنهن بعد مرڪزي باڊيءَ ۾ عورت جوائنٽ سيڪريٽري پڻ رهي. هن 1979ع کان 1984ع تائين تعليم بالغان بابت نصاب ۽ حسابن جا ڪتاب لکيا ۽ استادن لاءِ رهنما گائيڊبس پڻ ترتيب ڏنيون. سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ پاران تيار ڪيل ٽئين کان پنجين ڪلاس لاءِ سنڌي نصاب جي ڪتابن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي تياريءَ ۾ پڻ شامل رهي 15 .جنوري 2014ع تي زبيده ڪاليج مان 19 هين گريڊ جي پروفيسر طور رٽائر ٿي.

سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”رنگن جا اوجاڳا“ سنڌي ادبي شاخ حيدرآباد پاران 2010ع ۾ شايع ٿيو .هوءَ سنڌي ادبي سنگت سنڌ مرڪز ۾ جوائنٽ سيڪريٽري، ناري سنگت حيدرآباد جي نائب صدر، سگا شاخ حيدرآباد جي نائب صدر ۽ وومين ايڪشن فورم جي رُڪن پڻ رهي .ڪيس مختلف ايوارڊ پڻ مليا آهن، جن ۾ (1)سنت ڪنور رام مشن، لکنو ائنڊ مارئي، نيو دهلي ايوارڊ 2007ع. (2)تنظيم عزاداري، سيدالشهداءُ حيدرآباد پاران بيسٽ رائٽر ايوارڊ 2008ع. (3)سنڌ-سنگت ”ثميره زرين“ مجتا شيلڊ 2009ع. (4)استاد بخاري ايوارڊ 2009ع. (5)گورنمينٽ ڪاليج قليليءَ پاران حسنڪارڪردگي ايوارڊ 2008ع. (6)ناري ايوارڊ -ناري سنگت حيدرآباد 2008ع ڪان علاوه شهيد بينظير ڀٽو ريڪگنيشن ايوارڊ ۽ بيسٽ جج ايوارڊ گورنمينٽ نذرت ڪاليج حيدرآباد وغيره شامل آهن.

مهرالنساءِ ايران، عراق، سعودي عرب، شام ۽ هندستان جا دورا پڻ ڪيا. 2014ع ۾ ڀارت ۾ مارئي تنظيم پاران منعقد ٿيندڙ شاهه- سچل-سامي ڪانفرنس ۾ بہ شريڪ ٿي ۽ انهن يادگيرين کي محفوظ ڪري ”ڏور بہ اوڏا سپرين“ جي نالي سان سفرنامو لکيائين .جيڪوسنڌي ادبي سنگت حيدرآباد پاران 2014ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو .ان کان علاوه هن شمشيرالحيدريءَ جي فن ۽ شخصيت تي پڻ ڪتاب ترتيب ڏنو، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو آهي.

شاهه لطيف جي ڪلام ۽ ان ۾ آيل ڪردارن متعلق سندس لکيل مضمونن ۽ مقالن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو.

سرحسينيءَ ۾ جُهد مسلسل جو درس .ڪتاب -حسينيءَ جي هاڪ (سرحسينيءَ جو مطالعو)، مرتب -تاج جويو .ڇاپو پهريون 2005ع .شاهه عبداللطيف ماهر رياضي دان .ڪتاب -سرآسا .مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي .ثقافت ۽ سياحت کاتو .ڇاپو پهريون 2009ع .ڪمزور عورت جو سگهارو پيغام .ڪتاب - ديسي سيڻ ڪجن (سرديسيءَ جو مطالعو)، مرتب -تاج جويو .ڇاپو پهريون جولاءِ 2005ع .شاهه جو رسالو -سماجي ترقيءَ جو منشور .حوالو -ڪتاب .شاهه لطيف، سنڌي ٻولي ۽ سماج .مرتب -خالد آزاد .سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو ڪتاب . نمبر-112، ڇاپو پهريون 2007ع. طمع جي تنوار متان ڪرين مڱڻا (سرپرڀاتيءَ جو ڪفري جائزو)، ڪتاب -سرپرڀاتي .مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي .ثقافت



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاتو ڇاپو ڀهريون 2010ع .سرديسيءَ جو روز مرهه جي زندگيءَ تي اثر -پيج پٽائي مئگزين فيبروري 2010ع .ڀٽ شاهه تي سماع ۽ ذڪر جو سلسلو -پيج پٽائي مئگزين مارچ-اپريل 2005ع .مقالو -جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسورو ئي نيهن جو، ڪارونجهر جرنل، ايڊيٽر -ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري، ڊسمبر2010 ع.

شاهه سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل "شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس" 16-15 صفر 1424هه بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي .ان موقعي تي ڇنڇر جي ڏينهن 19 اپريل تي ڊاڪٽر مهرالنساء لاڙڪ پنهنجو مقالو" ڀٽ شاهه تي سماع ۽ ذڪر جو سلسلو " پڙهيو، جنهن ۾ هن ڀٽائيءَ جي درگاهه تي راڳ جي سلسلي جو تاريخي پسمنظر بيان ڪيو ۽ راڳ ڳائيندڙن جي انداز تي پڻ تاريخي حوالي سان ويچار ونديا.

# ڊاڪٽر قمر جهان مرزا

قمر جهان مرزا جي پيدائش 14 آگسٽ 1956ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ ٿي . ابتدائي تعليم ٽنڊو ٺوڙهو مرزا قليچ بيگ اسڪول ۽ سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ ميران اسڪول مان پرايائين .ان کان پوءِ ايم-اي (سنڌي) ۽ ايل-ايل-بي ڪيائين، 18 فيبروري 1985ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر ٿي .هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر طور ڊيوٽيءَ جا فرائض پڻ سرانجام ڏنا .قمر جهان مرزا "حيدرآباد جي ٽالپرن جو علمي، سماجي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو" جي عنوان سان ڊاڪٽر غلام علي الانا جي رهبريءَ ۾ مقالو تيار ڪري 1983ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي-ايچ-ڊي جي سند حاصل ڪيائين . ڪتاب-ڪينجهر تحقيقي جرنل-8، سال 2002ع صفحو-301 تي پي-ايچ-ڊي جو سال 1982ع لکيل آهي.

هن مشهور ليکڪ کي سنڌي ۽ اردو ادب جا ناول ۽ افسانا تمام گهڻو پسند آهن ۽ انهن جو وڏي شوق ۽ ذوق سان مطالعو ڪندي رهي ٿي .ڪيس شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دؤر ۾ سنڌ جي پهرين نياڻي "پيپلز پارٽي وومين برانچ" جي چيئرپرسن ٿيڻ جو اعزاز حاصل آهي .تقريرون ڪرڻ جو فن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جون تقريرون ٻڌي سکي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهه سائينءَ جي ڪلام متعلق مضمون ۽ مقالا.
مقالو -شاهه لطيف جي ڪلام ۾ تجنيس جو استعمال، ماهوار نئين زندگي سيپٽمبر 2002ع .شاهه جي ڪلام ۾ جيجل ماءُ، ڪينجهر تحقيقي جرنل-3، 1989ع .شاهه جي ڪلام ۾ تقدير -ڪتاب-لوچيان تي لاحد ۾، ڇاپو پهريون 2010ع .ساڳيو مقالو عبدالجبار شيخ جي سهيڙيل ڪتاب-لطيفي لات ۾ به ڏنل آهي. مقالو ”شاهه لطيف جي ڪلام ۾ تقدير“ پاڻ هن مقالي ۾ لکي ٿي ته شاهه سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ تقدير جو ذڪر ڪافي بيتن ۾ ڪيو آهي، جن سرن ۾ شاهه سائينءَ تقدير، لوح محفوظ، لوح و قلم، نصيب، قسمت، ازل، امر، قضا ۽ لکيو منجهه نراڙ لفظ استعمال ڪيو آهي، اهي 13 سر هي آهن: 1-سرڪلياڻ. 2- يمن ڪلياڻ. 3- سرسريراڳ. 4- سرسهڻي. 5- سرسسئي آبري. 6-سرمعذوري. 7- سرديسي. 8- سرڪوهياري. 9- سرمومل راڻو. 10- سرمارئي. 11-سرڪيڏارو. 12- سربروو سنڌي. 13- سررامڪلي .هن مقالي ۾ سيني سرن مان اهي بيت ڪنيا ويا آهن، جن ۾ شاهه سائين ازل، امر، لوح و قلم، لکيو، تقدير، نصيب، قسمت، قضا لفظ استعمال ڪيا آهن .بلڪ اهي سڀ بيت تقدير تي ئي ڇيا اٿن .شاهه سائينءَ جو ايمان آهي ته جيڪي ڪجهه تقدير ۾ لکيل آهي انهي ڪي مٽائي نه ٿو سگهجي .اهڙي نموني سرسهڻيءَ، سرمارئي ۽ سرڪيڏارو ۾ سڀ ڪان وڌيڪ شاهه سائينءَ ازل، قضا، لکيو، تقدير جو ذڪر ڪيو آهي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# استاد لغاري

استاد لغاريءَ جو پورو نالو لقمان ولد محمد عالم سندس جنم 21 نومبر 1956ع تي ڳوٺ مولوي خير محمد احمداڻي ضلعي سانگھڙ ۾ ٿيو .ادب سان عشق سبب اول "لقمان مسافر"، تنهن بعد استاد لغاريءَ طور مشهور ٿيو. 1968ع ۾ پرائمري ۽ ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري، مئٽرڪ ۽ انٽر ڪپري (سانگھڙ) مان ۽ ايم-اي 1991ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪيائين. 1983ع ۾ مسجد اسڪول استاد 1991ع ۾ جي-ايس-ٽي ۽ 2001ع ۾ ايچ-ايس-ٽي مقرر ٿيو .انهيءَ دوران، پي-ٽي-سي، سي-ٽي ۽ بي-ايڊ جا ٽريننگ ڪورس سال 2000ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام مان مڪمل ڪيائين .

استاد صاحب باقاعده لکڻ جي شروعات 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ڪئي. 1981ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو يونٽ قائم ڪري سيڪريٽري مقرر ٿيو . ساڳئي سال "پڪار پبليڪيشن" ڪپرو جو بنياد وڌائين، ان پليٽ فارم تان ڪتابي سلسلو جاري ڪيائين، جنهن جو پهريون ڪتاب "آيو آيو سوجهرو" جون 1982ع ۾ شايع ٿيو .ساڳي پبليڪيشن پاران، ٻيا چار ادبي پرچا "سچي دني" جي نالي سان 1986ع ۾ ڪپري مان شايع ٿيا .اهڙي طرح 1990 ع واري ڏهاڪي ۾ اخباري سائيز جو هڪ ادبي پرچو "ڪاروانِ بهار" ۽ ٽي ٻيا ادبي پرچا "ياڳ" جي نالي سان ڪپري مان شايع ڪيائين.ڪتابَ ڪليات ٻاجهي (ٻاجهي فقير لغاريءَ جو ڪلام) ڇاپو پهريون ڪويتا پبليڪيشن، سيپٽمبر 2017ع ۾ شايع ڪرايائين. 1983ع ۾ ماتا (مسجد اسڪول ٽيچرس ايسوسيئيشن) جو بنياد وڌائين ۽ ان جو پهريون مرڪزي صدر منتخب ٿيو .استاد لغاري گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪپري ۾ ايچ-ايس-ٽي طور ڪم ڪري اتان 21 نومبر 2016ع تي رٽائر ٿيو ته سندس 60هين سالگره جي موقعي تي پندرنهن روز اخبار "سانگھڙ سماچار" جي چيف ايڊيٽر احسان لغاري ۽ ايڊيٽر راجا ادريس لغاري پاران استاد لغاريءَ متعلق خاص اشاعت پڻ شايع ڪئي .ان اشاعت ۾ سماجي، ادبي، سڄاڻ شخصيتن جن ۾ تاج جويو، حاجي عبدالجليل لغاري، محمد جمن گجو، حڪيم امام بخش مگريو، عباس لغاري، نور محمد بلوچ، ڪامريڊ دين محمد، منور ملاح، ممتاز علي، عبدالرشيد، زينب ۽ اياز علي لغاريءَ ڪانسواءِ ٻين شخصيتن ۽ شاگردن استاد لغاريءَ جي لطيف شناسيءَ بابت ڪم جي واکاڻ ڪئي آهي .

ڪيس لاتعداد دعائن سان ڳڍ سنڌن درس و تدريس واري ڪم ڪي سچائيءَ سان نڀائڻ ۽ لطيفيات تي آئنده بہ قلم وسيلي پٽائيءَ جي پيغام کي عام ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ التجا ڪئي تہ جيئن ايندڙ نسل سنڌن لکڻين مان لاڀ پرائي سگهي.

سنڌس ذاتي لائبريريءَ ۾ هن وقت ٻين ڪتابن کان علاوه شاهہ جي رسالن جو قيمتي ذخيرو موجود آهي .خصوصاً قلمي، ليٿو، عڪسي، فوٽو اسٽيٽ، پرنٽنگ پريس ۽ ڪمپيوٽر لکائي تي مشتمل، سنڌي، سرائيڪي، انگريزي، عربي، اردو ۽ پنجابي ٻولين ۾ شاهہ جا رسالا موجود اٿس .سنڌس نمايان ادبي ڪم شاهہ جي رسالي جو منظوم سرائڪي ترجمو ڪرڻ آهي.شاهہ جي رسالي جو منظوم سرائيڪي ترجمو ڪرڻ تي 20 ڊسمبر 2013ع ۾ ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران شاهہ سائينءَ جي 270هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ڪيس ”لطيف اوارڊ“ سان نوازيو ويو .سنڌس ان منظوم سرائيڪي ترجمي (شاهہ دا رسالا) مان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايترو تہ خوش ۽ مطمئن ٿيو جو ان رسالي جي مهورتي تقريب ۾ ڊاڪٽر صاحب فرمايو تہ ”هي هڪ اهڙو تاريخي ڪم آهي جيڪو مون کان رهجي ويو هو، جنهن کي استاد لغاريءَ مڪمل ڪيو آهي“. استاد لغاريءَ کي سال 2009ع کان وٺي سال 2012ع تائين ”لطيفيات“ بابت بهترين ادب لکڻ تي ”ليٽرس اڪيڊمي آف پاڪستان“ پاران مارچ 2014ع ۾ 50 هزار روپيہ ڪيش انعام پڻ ڏنو ويو .ان ڪانسواءِ استاد لغاريءَ شاهہ جي رسالي جو رنگين قلمي نسخو پڻ لکيو آهي .سنڌس مشهور مقالن ۾ موکي متارا، ڪلام گرهوڙي جو نئون هٿ آيل قلمي نسخو ۽ شاهہ جي رسالن جي مختصر تاريخ ۽ ٻيا شامل آهن.

هن شاهہ جي شيدائيءَ، شاهہ جي ڪلام ۽ رسالي تي پاڪستان ليول جو )پي-ايچ-ڊي جيڏو وڏو (ادبي ڪم ڪيو آهي .سنڌس شمار ليجنڊ ليکڪن ۾ ٿئي ٿو.سنڌس شاهہ لطيف تي ڪيل ڪم هيٺ ڏجي ٿو:

شاهہ دا رسالا (منظوم سرائيڪي ترجمو)، ترجمہ نگار-استاد لغاري، ڇاپو پهريون جنوري 2010ع .صفحا-352، ڇاپيندڙ -مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور سنڌ، ڪل سر-30، داستان-165، بيت-3182، وايون 213، ڪل ٽوٽل ڪلام 3395، رسالي ۾ هيٺيان سر ترجمو ڪيل آهن:

سرڪلياڻ، يمن، ڪنيات، بروو سنڌي، سريراڳ، ساموندي، سرگهاتو، ڪاهوڙي، ڪاپائتي، بلاول، پرڀاتي، ڪارايل، ڏهر، سسئي آبري، معذوري، ديسي،

ڪوهياري، حسيني، مومل راڻو، ليلان چنيسر، ڪاموڏ، سورٺ راءِ ڏياچ، رپ، پورب، رامڪلي، آسا، مارئي، سهڻي، سارنگ ۽ سرڪيڏارو.

هي رسالوتاريخ ۾ پهريون ڀيرو سرائيڪي ٻوليءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو ويو آهي.جيئن تہ سرائيڪي ٻوليءَ ۾، ٻ، ڄ، ڃ، ڏ، ڳ، ڱ ۽ ڻ جا آواز شامل آهن، پر اردو لپيءَ ۾ انهن آوازن لاءِ ڪي بہ الڳ نشانيون موجود نہ آهن. ان ڪري آوازن جي پورائيءَ خاطر هي رسالو سنڌي لپيءَ ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

رسالي جي شروع ۾ جامع مقدمو شامل آهي، جنهن ۾ ترجمہ نگار شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي مختصر سوانح حيات ڪانپوءِ رسالي جي ترجمي ٿيڻ بابت بہ تفصيل سان روشني وڌي آهي .رسالي جي پڇاڙيءَ ۾ بہ معنىٰ جون پٽيون هڪ عربيءَ مان سرائيڪي ۾ ۽ ٻي سرائيڪي مان سنڌيءَ ۾ شامل آهن.

**شاهہ جو رسالو (رنگين قلمي نسخو)، ڪاتب و مرتب -استاد لغاري، لکڻ جو سال 2011ع مطابق سن 1432هہ، متن جا صفحا-502، سرن جو تعداد-36، عنوان جو تعداد-40، رنگن جو تعداد-6.**

**ڪيفيت** :هي شاهہ جي قلمي نسخن جي تاريخ جو آخري رسالو آهي جنهن کي استاد لغاري ڇهن رنگين قلمن سان لکيو آهي .ڳاڙهِي، نيرِي، ناسِي، سائِي، واڱڻائِي ۽ ڪارِيءَ مس سان لکيل آهي .هن ۾ هيٺيان سر ڏنل آهن.

سرڪلياڻ، جَمَن، ڪنيات، بروو سنڌي، سريراڳ، سامونڊي، گهاتو، ڪاهوڙي، ڪاپائتي، بلاول، پرڀاتي، ڪارايل، ڏهر، سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني، ٽريهہ اکري سسئي، مومل راڻو، ليلان چنيسر، ڪاموڏ، سورٺراءِ ڏياچ، رپ، پورب، رامڪلي، ٽريهہ اکري رامڪلي، ٽريهہ ڏينهن رامڪلي، آسا، مارئي، سهڻي، سارنگ، ڪيڏارو، ڌناسري، شينهن ڪيڏارو، مانجهہ، بيراڳ هندي، داستان فارسي، ڊول مارو ۽ سربسنت بهار.

عالمن ۽ محققن جي تحقيق مطابق هيل تائين دستياب ٿيل شاهہ جي قلمي نسخن جو تعداد 69 هو .ان حساب سان هن قلمي نسخي جو نمبر 70 بيهي ٿو .هن کان اڳ 1970ع ۾ شاهہ جي راڳائي مرحوم سيد غلام شاهہ ڀٽائيءَ واري جو لکايل قلمي نسخو آخري سمجهيو ويندو هو. 1970ع کان پوءِ گذريل 40 سالن جي وڏي وقفي بعد قديم سنڌي رسم الخط (ابوالحسن واري سنڌيءَ ۾) زيرن زبرن سان لکيل هيءُ شاهہ جو آخري رنگين قلمي نسخو آهي، جيڪو هن جديد ۽ ڪمپيوٽر جي تيز ترين دور ۾ هٿ سان لکيو ويو آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

استاد لغاريءَ هن قلمي نسخي کي لکڻ جي شروعات فجر جو ڇهه لڳي ٽيهن منٽن تي تاريخ 12 مارچ 2010ع عتي ڪئي ۽ مڪمل ٿيڻ جي تاريخ 15آگسٽ2011ع رمضان المبارڪ جي 14 تاريخ سن 1432 هجريءَ ۾ لکي مڪمل ڪيو .اهڙيءَ ريت هي قلمي نسخو هڪ سال پنجن مهينن ۽ ٽن ڏينهن ۾ لکجي مڪمل ٿيو.

شاهه جو رسالو: ترتيب ۽ تاليف استاد لغاري، ڇيپجڻ جو سال اپريل 2013ع. صفحا-624، ڇاپيندڙ -مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور سنڌ. سرن جو تعداد -ڀاڱو پهريون 29 سر ۽ ڀاڱو ٻيو 36 سر.

ڪيفيت :هن رسالي جي ترتيب ۾ شاهه جو ڪلام ۽ رسالي جو ڪلام هڪڙي ئي جلد ۾ ڌار ڌار ٻيهاريل آهي .رسالي جي پهرين ڀاڱي ۾ شاهه جي پنهنجي مستند ڪلام جا 29 سر شامل آهن، جن جو وچور هيٺين ريت آهي: سرڪلياڻ، يمن ڪنيات، بروو، سريراڳ، ساموندي، گهاتو، ڪاهوڙي، ڪاپائتي، بلاول، پرڀاتي، ڪارايل، ڏهر، آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني، راڻو، ليلا، ڪاموڏ، سورٺ، رپ، پورب، رامڪلي، آسا، مارئي، سهڻي ۽ سرسارنگ.

رسالي جي ٻئي ڀاڱي ۾ شاهه جي مختلف رسالن مان ٻين سگهڙن، سالڪن ۽ درويشن جو الڳ ڪيل ڌاريو ڪلام ”رسالي جو ڪلام“ طور ٻيهاريو ويو آهي.

مذڪوره ٻئي ڀاڱي ۾ 29 سرن مان جدا ڪيل ڌاريي ڪلام سميت 36 سر مڪمل ڪيل آهن جن ۾ سر ڪيڏارو، ڏناسري، شينهن ڪيڏارو، هير رانجهو، بيراڳ هندي، ڊول مارو ۽ سربسنت شامل آهن.

اهڙيءَ طرح ٻن ڌار ڌار ڀاڱن ۾ ترتيب ڏنل ۽ 36 سرن تي آڌاريل هن رسالي جي پڇاڙيءَ ۾ ”183 رسالي جو ڪلام“ طور لوڪ وايون به شامل ڪيون ويو آهن.

شاهه جو رسالو (حمائل سائيز ۾)، ڇاپو پهريون سيپٽمبر 2015ع .صفحا-814، سرن جو تعداد-30، ڇاپيندڙ -سهڻي اڪيڊمي ڪپرو.

هن وقت تائين جيڪي به شاهه سائينءَ جا رسالا شايع ٿيا آهن .انهن ۾ سڀني کان ننڍي ۾ ننڍي سائيز وارو يعني پاڪيٽ سائيز رسالو سڏجي ٿو. 2x3 انچ سائيز واري هن رسالي ۾ سرڪيڏاري سميت شاهه جي رسالي جا مستند 30

سر شامل آهن .رسالي جي آخر ۾ ڪلام جي لغت (معنیٰ جي پٽي، الف-ب وار) ڏنل آهي .هن رسالي ۾ سرن جي ترتيب هيٺينءَ ريت رکيل آهي.
سرڪلياڻ، يمن، ڪنيات، ٻروو، سريراڳ، سامونڊي، گهاتو، ڪاهوڙي، ڪاپائتي، بلاول، پرڀاتي، ڪارايل، ڏهر، آبري، معذور، ديسي، ڪوهياري، حسيني، راڻو، ليلا، ڪاموڏ، سورٺ، رپ، پورب، رامڪلي، آسا، مارئي، سهڻي، سارنگ ۽ سرکيڏارو.

هن رسالي ۾ حضرت سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي گادي نشين محترم سيد وقار حسين شاهه لطيفي پاران دعائيه پيغام پڻ شامل ڪيل آهي.

**شاهه جو رسالو سِٽ وار سمجهاڻيءَ سان -ڏهه جلد** .سمجهاڻي، سرن جي سار، معنیٰ ۽ شرح استاد لغاري، ڇپيل جلد-ٻيون، ڇپجڻ جو سال مئي 2016ع . صفحا-160، ڇاپيندڙ -سهڻي سنڌ اڪيڊمي ڪپرو، سرن جو تعداد-3، سربرو، سرسريراڳ ۽ سرسامونڊي.

**شاهه جو رسالو سِٽ وار سمجهاڻيءَ سان -ڏهه جلد گڏ.** سمجهاڻي، سرن جي سار، معنیٰ ۽ شرح، ڪويتا پبليڪيشن ڇاپو پهريون جون 2017ع. استاد لغاريءَ مڪمل شاهه جي رسالي جي شرح ۽ سمجهاڻي لکي وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي .هن تيهن ئي سرن جي سٽ وار سمجهاڻي لکي آهي .هن رسالي جي ڏهن ئي جلدن ۾ جن سرن جي سٽ وار سمجهاڻي لکي ويئي آهي، انهن جو وچو هيٺينءَ ريت آهي: سرڪلياڻ، يمن، ڪنيات، ٻروو، سريراڳ، سامونڊي، گهاتو، ڪاهوڙي، ڪاپائتي، بلاول، پرڀاتي، ڪارايل، ڏهر، آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني، راڻو، ليلا، ڪاموڏ، سورٺ، رپ، پورب، رامڪلي، آسا، مارئي، سهڻي، سارنگ ۽ سرکيڏارو شامل آهن.

شاهه جي رسالي تي ڪم ڪندڙن جي تاريخ لکڻ مهل قلمي نسخا لکندڙن، شرح لکندڙن، ترجمه نگارن، مرتب نگارن ۽ پاڪيٽ سائيز رسالن شايع ڪرائيندڙن جي جڏهن لسٽ تيار ڪئي ويندي ته استاد لغاريءَ جو پورهيو سيني ڪان مٿانهون نظر ايندو، ڇوجوسندس مٿان شاهه لطيف جي عظيم محقق ڊاڪٽر نبي خان بلوچ جو هٿ هو ۽ پاڻ ان ئي رستي جو راهي آهي.

| | |
|---|---|
| قلمي نسخا لکندڙ: | تمر فقير، اسماعيل فقير ڪاهوڙي، سيد غلام شاهه . . .استاد لغاري. |
| شرح لکندڙ: | ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، بلوچ صاحب . . . استاد لغاري. |


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| ترجمہ نگار: | شيخ اياز، آغا سليم، آغا محمد يعقوب ...استاد لغاري. |
| مرتب نگار: | ارنيسٽ ٽرمپ صاحب، مرزا قليچ بيگ، بلوچ صاحب ...استاد لغاري. |
| پاڪيٽ سائيزز: | محمد عثمان ڏيپلائي، غلام مصطفىٰ مشتاق ميمڻ ...استادلغاري. |

ڪتاب-موکي متار :شاهه جي رسالي جي مشهور لوڪ داستان "موکي متارا" تي مبني ڪتاب آهي، جنهن کي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو تحقيقي صورت ڏيئي محترم استاد لغاري سهيڙي شايع ڪرايو آهي .هي ڪتاب مشهور نيم عشقيہ لوڪ داستان موکي متارن جي بنيادي احوال جو مڪمل احاطو ڪري ٿيو .ٽن ڀاڱن تي آڌاريل هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ جامع مقدمي کان پوءِ شاهه جي مختلف رسالن مان چونڊيل موکي متارن بابت 96 بيت قلمي ۽ ڪمپيوٽرائيزڊ لکائيءَ سان هڪبئي جي آمهون سامهون بيهاريل آهن .قلمي بيتن جو ڪاتب، ڪتاب جو مصنف پاڻ آهي، جيڪي رنگين خطيءَ ۾ سندس لائبريريءَ ۾ موجود آهن .ان بعد انهن بيتن جون سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن. جڏهن تہ شاهه سائينءَ جي سرڪلياڻ داستان-2 ۽ سريمن ڪلياڻ داستان-3، 4، 7 ۾ مختلف ليکڪن تقريباً 60 بيت موکي متارن جا چونديا آهن.

ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ تحقيقي مقالو "موکي متارا" اچي ٿو .جنهن ۾ موکي ۽ ناتر، متارا، موکيءَ جو مئخانو، متارا ڪيئن مُئا؟، متارن جون مزارون، موکيءَ جي مزار، موکي متارن جو دور، شاهه جي رسالي ۾ موکي متارن جا تمثيلي لقب ۽ قصي جو معنوي پهلو جهڙن عنوانن جو احاطو ڪيل آهي.

ڪتاب جو ٽيون ۽ آخري ڀاڱو شاعريءَ تي مشتمل آهي .هن ڀاڱي ۾ پهريائين "وحدت وارا شاعر" رکيا ويا آهن.جن پنهنجي شاعريءَ ۾ وحدت جي صاف سرکي چکڻ، اڏيءَ تي سر ڏرڻ ۾ پير مغان (موکيءَ) وٽ اثباتان اچڻ جي صلاح ڏني آهي .انهن شاعرن ۾ ميون شاهه عنايت رضوي، خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو، ميون عبدالرحيم گرهوڙي، خليفو نبي بخش 'قاسم' لغاري، غلام محمد خانزئي، پير اعجاز راشدي، مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' ۽ ٻيا شامل آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب جي آخر ۾ وحدت وارا شاعر جنهن ۾ ميون شاهه عنايت جي دور کان ويندي مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ تائين 20 شاعرن جي موکي متارن متعلق شاعري ڏنل آهي. ”ڪيف ڪڪوريا شاعر“ عنوان تحت موجوده دور جي 56 مشهور شاعرن جي موکي متارن بابت شاعري ڏنل آهي .هي ڪتاب ”المهراڻ فائونڊيشن سانگهڙ“ طرفان محترم عاجز منگيءَ جون 2013ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو .ڪتاب 316 صفحن تي مشتمل آهي.

موکي متارن جو احوال ڪتاب ”ميخانئہ لطيف عرف موکي ۽ متارا“ جليل سيوهاڻي، ڇاپو پهريون شهباز اڪيڊمي حيدرآباد 1961ع-ڇاپو ٻيو ادارو ساڃيو 2016ع .هن ڪتاب ۾ مصنف موکي متارن ۽ منڌ، وٽي (پيالو) جي تذڪري وارا سريمن ڪلياڻ مان 45 بيتن جي چونڊ ڪري انهن بيتن جي تشريح ڪندي مئہ پيارڻ واري موکي مان مراد حضرت عزرائيل ڏني آهي ۽ ڪربلا جي شهيدن کي متارا سڏيو آهي .مصنف انهن بيتن جي عقلي دليلن سان تشريح ڪري سيني محققن کان نرالي تحقيق ڪندي لکي ٿو تہ سريمن ڪلياڻ جي انهن 45 بيتن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪربلا جي واقعي کي مئخاني سان مشابهت ڏئي پيش ڪيو آهي .واقعي سندس تحقيق بلڪل صحيح آهي پر شاهه سائين جي بيت جي انمول خوبي اها آهي تہ جڏهن ڪوبہ عالم زهد و تقوىٰ وارو فقير,لطيف سائين جو ساڳيو بيت روزانو پڙهندو تہ اهو بيت هر ڀيري نئين تشريح سان تري بيهندو آهي.موکي متارن متعلق حاجي ولي محمد ڪنيار جو لکيل مقالو ”موکي متارا“ لطيف ڊائجسٽ جنوري 1986ع ۾ شايع ٿيو. ابوبڪر شيخ جو مضمون ”موکي متارا“ ماهوار نئين زندگي ڊسمبر 1989ع ۽ موکي متارن تي نياز سرڪيءَ جو مقالو ”شاهه لطيف جي اٺين سورمي“ ڪلاچي ۾ 1998ع ۾ شايع ٿيو .عبدالعزيز خاصخيليءَ جو مقالو ”شاهه جا ڪردار موکي متارا“ 2002ع ۾ شايع ٿيو. شاهده برفت جو اردو مقالو ”شاہ لطیف کے کردار موکھی اور متارے“ 2006ع ۾ شايع ٿيو .بدر ابڙي صاحب جو مضمون-موکي متارا ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ سرجمن جو افسانوي پسمنظر، داستان موکي ۽ متارا لکيو آهي .حافظ محمد بخش خاصخيليءَ جو مضمون موکي ۽ متارا لطيف جي نظر ۾ .ملڪ نديم جو لکيل مضمون ”شاهه جا ڪردار موکي ۽ متارا“ ۽ شاهه سائين جي شاعري جا ڪردار (موکي ۽ متارا)، غلام مصطفىٰ سولنگي، عوامي آواز سنڌي مئگزين 3 آگسٽ 2014ع ۽ هفتيوار سنڌ منظر،

سيپٽمبر 2014ع ۾ شايع ٿيو .انهن سيني مقالن جي مطالعي کان پوءِ استاد لغاري جي تحقيقي ڪتاب ”موکي متارا“ جي مطالعي بعد آءٌ سندس ڪم مان بيحد متاثر ٿيس .ان جو سبب اهو آهي تہ لغاري صاحب هڪ تہ ان ماڳ جو پيرو ڪڍي اتي رسيو آهي ۽ ٻيو تہ هن شاهہ صاحب جا قلمي نسخا ۽ گهڻ بيتن وارا شايع ٿيل رسالا بنياد بنائي تحقيق ڪئي آهي.

ڪتاب -لطيفي اسرار (لطيفيات تي لکيل مقالا ۽ مضمون)، ڇاپو پهريون اپريل 2016ع .ڇپائيندڙ-مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور .ڪتاب ۾ ڏنل فهرست . پيش لفظ .مهاڳ .تنهن بعد مقالا: 1- شاهہ لطيف جي سُر سسئيءَ ۾ ”پاڻ“. 2- شاهہ جي رسالن جي مختصر تاريخ. 3- شاهہ جي رسالي جا 10 جُلد ڊاڪٽر بلوچ واراج. 4- شاهہ جي رسالي ۾ گرامر ۽ اعرابن جو جائزو. 5- شاهہ جي رسالي جو صحت نامو. 6- موکي متارا. 7- متارا ڪير هئا؟. 8- لطيف جي سُرسامونڊي ۾ ”منهنجي امڙ“. مضمون- (1)شاهہ جي بيتن جي حفاظت ڪريو. (2)هي راڳ بہ ڪوئي رستو آ. (3)مون ۾ تون موجود. (4)اسين رات جا مسافر آهيون. (5)ڪُلهي ڪونهي ڪينرو. (6)اسان جاڳ جا پاڳ آهيون پرين. (7)ڪي اونداهيون ڪي سوجهرڙا. (8)شاهہ جو رسالو-ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ صاحب وارو ڇاپو. (9)شاهہ جو رسالو 1867ع وارو پهريون بمبئي ڇاپو. (10)شاهہ جو رسالو- مرزا قليچ بيگ وارو ڇاپو. (11)شاهہ جو رسالو-ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي وارو ڇاپو (ٽيئي جلد گڏ). (12)شاهہ جو رسالو-علامہ غلام مصطفیٰ قاسمي وارو ڇاپو. (13)شاهہ جو رسالو-محمد عثمان ڏيپلائي وارو ڇاپو. (14)شاهہ جو رسالو- پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي وارو ڇاپو. (15)شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جو ترتيب ڏنل ڇاپو. (16)شاهہ جو رسالو-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ترتيب ڏنل (2009ع) وارو ڇاپو.

استاد لغاري جا شاهہ سائينءَ متعلق مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل مختصر مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

موکي متارا -ماهوار نئين زندگي مئي 2001ع. مقالو -شاهہ جي رسالي ۾ گرامر ۽ اعرابن جو جائزو. ٽماهي مهراڻ، آڪٽوبر-ڊسمبر 2013ع. مولوي عبدالقادر لغاري (شخصيت) مهراڻ نمبر-2، 2013ع. مولوي محمد حسن پهوڙ (شخصيت). مهراڻ نمبر-3، 2012ع. متارا ڪير هئا؟. مهراڻ نمبر-4، 2012ع. شاهہ جي رسالي ۾ ٻوليءَ جو لطيفي لهجو. ٽہ ماهي تخيُل شمارو-5، 2017ع.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر آزاد قاضي

ناميارو اديب، شاعر، شاهه جو شيدائي ۽ اسڪالر عبدالاحد المعروف آزاد قاضي 15 نومبر 1956ع تي قاضي دڙا، تعلقي ڏوڪريءَ ۾ محمد حسن جوڻيجي جي گهر ۾ پيدا ٿيو .ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان 1966ع ۾ پراپائين .ان ڪانپوءِ مئٽرڪ 1971ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول باڊهه مان پاس ڪيائين. لائبريري سائنس ۾ ماسٽرس 1983ع ۾ ۽ ايم-اي (سنڌي ادب) 1995ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين .شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پنجن سالن لاءِ پروجيڪٽ ريسرچ طور ڪم ڪيائين. ان عرصي دوران چيئر طرفان ڇهن ڪتابن ڇپرائڻ ۾ سندس هٿ رهيو .ماهوار ”جياپو“ ڪراچيءَ جي ايڊيٽر طور 6 پرچا ۽ مومل پبليڪيشن جي ايڊيٽر طور 4 پرچا ڇپائي چڪو آهي.

آزاد قاضيءَ 1973ع کان شاعريءَ جي ابتدا ٻاراڻي ادب سان ڪئي .نثر جي ابتدا ڪهاڻين لکڻ سان 1975ع ۾ ڪيائين .هن پنيور اشاعت گهر حيدرآباد، رني ڪوٽ پبليڪيشن حيدرآباد، فڪر نئو پبلشنگ هائوس ڪراچي، جي-ايم سيد لٽرري سوسائٽي ڪراچيءَ طرفان 50 کن ڪتاب ڇپايا آهن .سندس طبعزاد، ترجمي ڏنل ڪتابن مان اهم ڪتاب هي آهن :سوڀ سدائين سچ (تنقيد)، سنڌ جون انقلابي عورتون، انقلابي ماءُ (ترجمو)، قول فيصل (ترجمو)، لبرل ازم ۽ انقلاب دشمني (سياسي تنقيد)، لامون تنهن وڻ سنديون (ترتيب)، سنڌ جو آواز (ترتيب)، جي-ايم سيد جي جدوجهد ۽ نيشنلزم (ترتيب)، جي-اي سيد، ڊاڪٽر درشهوار سيد جي نظر ۾ (ترتيب)، سنڌ جو قديم ورثو (ترتيب 2006ع وغيره.

آزاد قاضي 1980ع ڌاري قاضي دڙا تعلقي ڏوڪريءَ مان لڏي ميهڙ تعلقي جي راڌڻ شهر ۾ مستقل سڪونت پذير ٿيو .عرصي بعد ڄامشوري لڏي ويو. پوءِ 8 سيپٽمبر 2001ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو .هن وقت اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي فائز آهي ۽ پاڻ ڊاڪٽر قمر جهان مرزا جي رهبريءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ”جي-ايم سيد جي سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪيل ڪاوشن جو تحقيقي جائزو“ عنوان هيٺ پي-ايچ-ڊي ڪيائين .پاڻ هينئر سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ رهائش پذير آهي .هن شاهه سائينءَ جي همعصر خواجه محمدالزمان لنواريءَ واري جي سوانح حيات ۽ ان جي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاعريءَ بابت ڪتاب -سلطان الاولياء خواجه محمد الزمان (هڪ مطالعو) ترتيب ڏنو اهو ڪتاب گلشن پبليڪيشن حيدرآباد/لاڙڪاڻو پاران ڇاپو پهريون 2002ع ۾ پڌرو ٿيو .لطيف سائينءَ جي فڪري اڏام بابت سندس لکيل ڪتاب جو تذڪرو هيٺ ڪجي ٿو.

قاضي صاحب جو شاهه لطيف جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت سٺو مطالعو آهي، هن ڪاڪي پيرومل مهرچند جي ٿڙيل پکڙيل لکڻين کي سهيڙي ان تي پرپور مقدمو لکي 1997ع ۾ ڪتاب ”شاهه عبداللطيف هڪ مطالعو“ عنوان سان شاهه عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان شايع ڪرايو .هي ڪتاب 11 عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي. جن ۾ 1- شاهه عبداللطيف. 2- شاهه جي سنڌي. 3- شاهه سيلاني. 4- پنيور. 5- سسئيءَ جو سفر. 6- مارئيءَ جو ملڪ. 7- گرنار جو گل. 8- سرسورٺ. 9- تير اندازي شاهه جي نظر ۾. 10- حل طلب لاءِ حل. 11- غلطيون درست ڪيو وغيره .هن ڪتاب ۾ مهاڳ نامور محقق ۽ اديب ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ لکيو آهي، مقدمو، مرتب ۽ پيش لفظ پروفيسر ايم-سيلم ميمڻ لکيو آهي .هي ڪتاب 180 صفحن تي مشتمل آهي.

ڪتاب -شاهه عبداللطيف سنڌي سماج جو ترجمان، مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2008ع .ڪتاب جي فهرست :پنهنجي پاران -ليکڪ پاران - مهاڳ -شاهه عبداللطيف سنڌي سماج جو ترجمان -تصوف جو فڪر ۽ شاهه عبداللطيف -شاهه عبداللطيف جي فڪر ۾ سنڌ جا سماجي قدر -شاهه لطيف جي ڪلام تي فارسيءَ جو اثر -شاهه جو سرڪاهوڙي، جدوجهد جي علامت - خداآباد ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي -خواجه محمد الزمان ۽ شاهه عبداللطيف جي ملاقات -رسالہ اويسيہ جو مطالعو -گربخشاڻي واري رسالي ۾ ٿيل ڪوتاهي - شاهه جي رسالي جو هڪ قلمي نسخو.

هن ليکڪ جا شاهه سائينءَ ۽ مختلف موضوعن تي مضمون ۽ مقالا.

گربخشاڻي واري رسالي ۾ ٿيل ڪوتاهي -ماهوار نئين زندگي مئي 2001ع . تصوف جو فڪر ۽ شاهه لطيف -ماهوار نئين زندگي جون 2006ع .خواجه محمد الزمان جي انقلابي شاعري -ڪينجهر تحقيقي جرنل سال 2011ع .خواجه محمد الزمان ۽ شاهه لطيف جي ملاقات -ڪلاچي جون 2002ع .مقالو -سچل سائينءَ جي ڪلام جا ماخذ، ڪلاچي مارچ 2004ع .پيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ شاهه جي لغت ”غريب اللغات“. ڪتاب -لوچيان ٿي لاحد ۾، مرتب -ڊاڪٽر نور افروز خواجه، شاهه لطيف ريسرچ سيل سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ڇاپو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڦھريون 2010ع .بزمِ صوفياءِ سنڌ -ڪلاچي ڊسمبر 2013ع .شاھ لطيف جي فڪر ۾ سنڌ جا سماَجي قدر -ڪتاب-شاھ لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج، مرتب - خالد آزاد، ڇاپو ڦھريون 2007ع .سچل سرمست ۽ حڪمرانن جا تعلقات، ڪتاب -ڪلاچي تحقيقي جرنل، ڇاپو ڦھريون مارچ 2003ع .مقالو -شاھ لطيف جو فڪر ۽ عالمي امن جو سوال، ڪلاچي تحقيقي جرنل، سيپٽمبر 2002ع . مضمون -ساميءَ جو فڪر، ماھوار نئين زندگي حيدآباد، اپريل-مئي 2005ع . ڪلام شاھ نصير ۽ ان جو مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق، ماھوار نئين زندگي آڪٽوبر-نومبر 2004ع .مھراڻ اوائلي دؤر 1946ع مختصر جائزو، ٽماھي مھراڻ، آڪٽوبر-ڊسمبر 2013ع .سنڌ ۾ انور سھيليءَ جو مطالعو، ڇھہ ماھي سنڌي ادب ڊسمبر 2003ع .سجڻ سونيءَ تند جيئن، مھراڻ نمبر-2، 2010ع .ڀٽ ۽ ڀٽائيءَ کي متعارف ڪرائڻ لاءِ ورتل اوائلي ڪوششون، مھراڻ نمبر-2، 2014ع .ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ ڪتاب لواريءَ جا لال، ماھوار نئين زندگي، سيپٽمبر 2002ع . رسالہ اويسيہ جو مطالعو -ڪتاب-اگھيا سٽ سندا، ڇاپو 2007ع.

مقالو -تصوف جو فڪر ۽ شاھ عبداللطيف، ھن مقالي مان ڪجھہ سٽون.

شاھ صاحب پنھنجي شعر ۾ تصوف جون چار ئي منزلون ڌارڌار بيان ڪيون آھن پر ڪجھہ شعر اھڙا بہ ملن ٿا جن ۾ ھڪ ئي جاءِ تي سرآسا، سرسھڻي ۽ سرامڪلي ۾ تصوف جون چار ئي منزلون بيان ڪيل آھن.

ڪر طريقت ٽڪيو، شريعت سجاڻ،

ھيبون حقيقت ھير تون، ماڳ معرفت ماڻ،

ھوءِ ثابوتي ساڻ، تہ پسڻ ڪان پالھو رھين .سرآسا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

ڊاڪٽر پروين موسىٰ ميمڻ 26 نومبر 1958ع تي ان وقت جي مختيارڪار محمد موسىٰ ميمڻ جي گهر ۾ ڏيپلي شهر ۾ اک کولي پيءُ جي بدلين سبب پروين شروعاتي تعليم مٺي، سانگهڙ، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، ماتلي، ٽنڊي ۽ ڏيپلي ۾ حاصل ڪئي .نائين ڪلاس ۾ هئي تہ هن خليل جبران جو افسانو ”ماءُ جو دلاسو“ ترجمو ڪيو .ننديپڻ ۾ ڪيس امرجليل، غلام رباني آگري جون ڪهاڻيون پسند هيون جن ڪان پاڻ متاثر تي لکڻ شروع ڪيائين. 16 سالن جي عمر ۾ هڪ فقيرياڻيءَ ڪان متاثر تي پهرين ڪهاڻي چري لکيائين . اهڙي طرح سندس لکڻ جو سفر شروع ٿيو .پوءِ مختلف رسالن، اخبارن ۾ مختلف موضوعن تي لکندي رهي، تقريباً 10 ڪتاب شايع ڪرايائين .سندس ڪتاب اڻچپيل بہ آهن.پاڻ پڻائي ۾ سنڌي ادب توڙي مختلف موضوعن تي 500 ڪان وڌيڪ مضمون مقالا لکي چڪي آهي، اڃان بہ لکي پئي .قدرت وارو ڪيس ڏات ۾ سگهہ بخشي -آمين.

1976ع ۾ سندس شادي انجنيئر انور خان سان ٿي. 1991ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ليڪچرر مقرر ٿي .وڌيڪ ترقي ڪري ايسوسيئيٽ پروفيسر ٿي .پاڻ سي-ايس-ايس ۽ پي-سي-ايس جي امتحانن جي تياري ڪرائڻ سان گڏ مختلف موضوعن تي ٿيندڙ سيمينارن ۾ ليڪچر پڻ ڏيندي آهي .ان سان گڏ عورتن جي تعليم توڙي ادب لاءِ جاکوڙي رهي آهي.

علمي لياقتون -ايم-اي انگريزي ادب.ايم-اي سنڌي ادب (گولڊ ميڊلسٽ)، پي-ايڇ-ڊي -سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، موضوع-سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ ليکڪائن جو حصو (تحقيقي اڀياس) 1985ع تائين اهو مقالو لکي 2012ع ۾ پي-ايڇ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين .اسسٽنٽ پروفيسر (سنڌي) سردار بهادر گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج حيدرآباد سنڌ.

ڇپيل ڪتاب -سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2004ع .سنڌي نثر جي صنفن جو اڀياس، هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد 2008ع .ساڳيو ڪتاب روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2015ع .سون ورنيون سوڍيون (تحقيق ۽ ترتيب) محمد موسىٰ ادبي اڪيڊمي 2009ع .اخلاقي قدر (ٻاراڻو ادب)، محمد موسىٰ ادبي اڪيڊمي 2010ع .وکر سو وِهاءِ (مضمون

نويسي)، هائر ايجوڪيشن ڪميشن، اسلام آباد 2011ع HEC.(پاران مونوگراف اينڊ ٽيڪسٽ بوڪ رائٽنگ اسڪيم طور منظور ٿيل .ڪتاب -پلئه پايو سچ، سنڌ راڻي پبليڪيشن، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2016ع .ڪتاب -اُتي رائوريل (مضمون ۽ مقالا)، محمد موسیٰ ادبي اڪيڊمي 2008ع.هن ڪتاب ۾ سنڌي ادب جي اهم موضوعن، ناولن، ناٽڪن، افسانن، سفرنامن، سوانح عمرين، خاڪن، تنقيد ۽ تحقيق ڪانسواءِ لطيفيات متعلق (1)مضمون حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو فن/رسالو، مقصديت ۽ پيغام. (2)مقالو لطيفيات ۾ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ ٿيل ڪم جو جائزو .بهترين تحقيق تي مبني آهي .ڪتاب - آديسين ادب آهي اکڙين ۾ (لطيفيات)، محمد موسیٰ ادبي اڪيڊمي 2009ع.
هن ڪتاب ۾ شاهه سائينءَ جي بيتن مان جن ليکڪن عنوان چونڊي ڪتاب لکيا آهن اهي بيت مڪمل طور پيش ڪيا ويا آهن، مثال ڪتاب ”وڪر سو وهاءِ“ مضمونن جو مجموعو .هن ليکڪ ان عنوان وارو مڪمل بيت ڏنو آهي .پروين موسیٰ هن ڪتاب ۾ ناٽڪن، ناولن، افسانوي مجموعن، سفرنامن، آتم ڪهاڻين، سوانح عمرين ۽ متفرقه موضوعن جي تقريباً ٽي سؤ کن ڪتابن جا ٽائيٽل وارا بيت ڏنا آهن .مٿيون ڪتاب محقق وڏي جاکوڙ سان ترتيب ڏنو آهي .پاڻ جس لهڻي، پر جيڪڏهن ان ڪتاب ۾ شاعريءَ جي مجموعن، سفرنامن، ناولن، ناٽڪن، ڪهاڻين جي شايع ٿيڻ جا سال ۽ اداري جي معلومات به ڏني وڃي ها ته مطالعو ڪندڙ جي معلومات ۾ اضافو پڻ ٿئي ها.
ڪتاب- عالم سپ آباد ڪرين (لطيف شناسي)، ڇپيندڙ-سنڌ راڻي پبليڪيشن، ڇاپو پهريون نومبر 2016ع .ڪتاب ۾ سٽاءُ، اداري پاران، به اکر- ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه ، پنهنجي پاران-ڊاڪٽر پروين موسیٰ ميمڻ، تنهن بعد مضمون، مقالا: 1- ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي. 2- جنهن هادي ميڙيم ههڙو. 3- سورهيه مرين سوپ ڪي. 4- سپيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم. 5- جي پانيين جوڳي ٿيان. 6- نايو نيڻ نهار، تو ۾ دير و دوست جو. 7- مٿيءَ لڏو مان. 8- الا اجنگ جين. 9- سڙيا مٿي سچ. 10- نيز منهنجي نينهن اجاري اڇو ڪيو. 11- روندبون ڏنيون مون، ان در تي دادليون. 12- سلطاني سهاڳ نندون ڪندي نه ملي. 13- شاهه لطيف جو پيغام. 14- شاهه جي شاعريءَ ۾ سجاڳيءَ جو سڏ. 15- شاهه ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ عورت جي عظمت. 16- شاهه لطيف جي سوانح ۽ فن تي ٿيل ڪم جو جائزو. 17- شاهه جي رسالي جي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مقصديت. 18- شاهه جي شاعريءَ ۾ اخلاقي در. 19- شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جا معاشي ۽ ثقافتي قدر. 20- عالم سپ آباد ڪرين.
اعزازي ايوارڊ: 1- سرٽيفڪيٽ اڪيڊمڪ بحث مباحثي جي مقابلي ۾ رُڪنيت تي بورڊ آف انٽرميڊئيٽ حيدرآباد طرفان 2004ع ۾. 2- بيسٽ ڪمپيئر شيلڊ بورڊ آف انٽرميڊئيٽ حيدرآباد طرفان 2007ع. 3- هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد پاران ”سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس“. تنقيد ۽ تحقيق 2005ع جي بهترين ڪتاب طور ڪيش ايوارڊ ۽ تعريفي خط. 4- هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد پاران ”وڪر سو وهاءِ“ مضمون نويسي 2006ع ۾ بهترين ڪتاب طور ڪيش ايوارڊ ۽ تعريفي خط. 5- شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ انٽرنيشنل ڪانفرنس 3 مارچ 2009ع تي شموليت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان اعزازي سرٽيفڪيٽ. 6- ڪئنڊين ايسوسيئيشن ۽ جيجل سنڌ (جس) ريسورس سينٽر جي اشتراڪ سان بين الاقوامي مضمون نويسيءَ جي مقابلي ۾ نقد انعام ۽ سرٽيفڪيٽ. 7- پهرين قومي مضمون نويسيءَ جي مقابلي بعنوان ”جمهوريت بهترين انتقام آهي .شهيد بينظير ڀٽو جي جمهوريت لاءِ ڪيل جدوجهد“ ۾ شموليت تي سنڌ يونيورسٽيءَ پاران اعزازي سرٽيفڪيٽ 2010ع. 8- ساڳئي مضمون نويسيءَ جي مقابلي ۾ اردو ٻوليءَ ۾ مضمون لکڻ تي اعزازي سرٽيفڪيٽ. 9- نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد پاران 2010ع ”معاشي قدر“ قومي مضمون نويسيءَ جي مقابلي ۾ ٻيو نمبر انعام تعريفي خط ۽ سرٽيفڪيٽ. 10- سنڌي ادبي سنگت پاران”اُتي رائو ربل “تنقيد ۽ تحقيق 2009ع جي بهترين ڪتاب طور منظور ٿيڻ تي 7 جولاءِ 2010ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ خيرالنساءِ جعفري ايوارڊ جي شيلڊ.

## ڇپيل مضمون، مقالا، تقريرون ۽ تحريرون

1-شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ انساني اخلاقي قدر (تقرير) ابنِ رشد گرلز ڪاليج ميرپور خاص، لطيف ڏي مارچ 1998ع. 2- شاهه جو فلسفو، مضمون ڪاليج مخزن 2000ع ميرپورخاص. 3- ذاتي انٽرويو، سورٺ ادبي صفحو، عبرت پبليڪيشن حيدرآباد 2005ع. 4- مرزا قليچ بيگ ۽ ادب جون خدمتون، هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ، 27 فيبروري کان 5 مارچ 2006ع. 5- ڀٽائيءَ جي طفيل، سوجهرو (مخزن)، جنوري 2009ع، ايڊيٽر تاج بلوچ، ڪراچي. 6- ڪهاڻي، ڪلا ۽ سنڌي ادب جون ڪهاڻيڪارائون، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) ڊسمبر 2009ع . ايڊيٽر -پروفيسر سليم ميمڻ، شاهه عبداللطيف چيئر ڪراچي، يونيورسٽي. 7-



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون سنڌي صحافت ۾ خدمتون. ادبي تحقيق (ريسرچ جنرل)، سنڌي شعبو. وفاقي اردو يونيورسٽي براءِ آرٽس سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ڪراچي 10-2009ع. 8- سنڌ سرزمين محبت آهي، مضمون 10-2009ع (ترتيب)، ڪامران يوسف زئي، سورج پرنٽرز حيدرآباد. 9- جي هينئڙي منجهه هُرن (يادگيريون)، نواءِ سروش، 2010ع ابنِ رشد ڪاليج، ميرپورخاص. 10- مفتي منجهه ويهار، جاکوڙ آگسٽ 2010ع، ايڊيٽر :محمد هنگورجو، ساجهه ويلفيئر فيڊريشن ٿرپارڪر. 11- ترجمي جي فن جو تعارف، اهميت، افاديت ۽ سنڌي نثر ۾ ترجما نگاري، ڪارونجهر، ڊسمبر 2010ع .تحقيقي جنرل ايڊيٽر :ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري، سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي .ساڳيو مقالو ٽه ماهي مهراڻ نمبر-2، 2013ع ۾ شايع ٿيس. 12- ڏوريندي ڏِسن اگهڻ عجيبن جا، پيغامِ احمد، مارچ 2011ع، مولوي حاجي احمد ملاح اڪيڊمي بدين. 13- تون ڇپر تون ڇانوَ، هڪ جائزو، سنگت ادبي مخزن، ايڊيٽر :يوسف سنڌي، گاڏي کاتو حيدرآباد. 14- ڇاپ خانن جي ڪوٽ ۽ ڇپيل تخليقي ادب جي معيار ۽ مقدار جو جائزو، ادبي تحقيق" وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي 2011ع. 15- تصوف ۽ وحدانيت جو شاعر قاضي قادن -آچر 28 فيبروري سوپ مئگزين 2016ع. 16-سفر ناما، تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو -آچر 13 مارچ سوپ سندي مئگزين 2016ع. 17- سنڌ جي سياست جو تڪراري ڪردار -پير علي محمد راشدي-آچر 13 مارچ عوامي آواز سندي مئگزين 2016ع. 18- مقالو -لطيفيات تي سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ٿيل ڪم -پندرنهن روزه عبرت مئگزين .ايڊيٽر - مرتضیٰ سيال 16 مئي 2011ع. 19- اسين سڪون جن کي سي تان اسين پاڻ، ڪتاب-لطيفي لاٽ، چونڊ-عبدالجبار شيخ. 20- ادب زندگيءَ جو آئينو ۽ عڪس، سوپ سندي مئگزين 11 سيپٽمبر 2016ع. 21- خود شناسي ۽ شاهه عبداللطيف، سوپ سندي مئگزين 2 آڪٽوبر 2016ع. ڪافي سنڌي ٻوليءَ جي آڳاٽي صنف، عوامي آواز سندي مئگزين 10 جولاءِ 2016ع. قومن جي تهذيب ۽ تمدن جي سڃاڻپ، سوپ سندي مئگزين جولاءِ 2016ع. مٽيءَ لڌو مان (شاهه لطيف جي رسالي جي مقبوليت جا سبب)، تماهي تخيل، جولاءِ-سيپٽمبر 2016ع .ساڳيو مضمون سوپ سندي مئگزين آچر 18 ڊسمبر 2016ع ۾ شايع ٿيس .شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو-مقصديت ۽ پيغام، پيج ڀٽائي مئگزين، نومبر 2016ع. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ تهذيب ۽ تاريخي داستانن جو ذڪر، سوپ سندي مئگزين 25 ڊسمبر 2016ع. جي پائين جوڳي ٿيان،

سوپ سنڌي مئگزين پهرين جنوري 2017ع .اسين سڪون جن ڪي سي تان اسين پاڻ، سوپ مئگزين 8 جنوري 2017ع .شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جا معاشي ۽ ثقافتي قدر، سوپ مئگزين 5 فيبروري 2017ع .شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دعائيه شاعري، سوپ سنڌي مئگزين 19 فيبروري 2017ع .صفحو 7 تي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو صوفي، آدرشي ۽ آفاقي شاعر آهي، هن جي شاعري هن قوم جي لاءِ بہ پر پوري دنيا جي لاءِ آهي .هو ڪائناتي شاعر دنيا جي شاعرن جو سردار آهي. تنهن ڪان علاوه ڪوڙ سارا مضمون ۽ مقالا مختلف ڪتابن ۽ رسالن ۾ پڻ شايع ٿيل اٿس.

# سليم ڀٽو لطيفي

سليم ڀٽو ولد حاجي محمد عظيم ڀٽو پهرين آڪٽوبر 1961ع تي ڳوٺ ٻيلو پٽڻ تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ ڄائو .هن ابتدائي تعليم 1971ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي .مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ مان 1976ع ۾ پاس ڪئي .انٽر 1978ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج ڪي-اين شاهه مان پاس ڪيائين .هن پرائيويٽ شاگرد جي حيثيت ۾ بي-اي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪاري موريءَ مان 1982ع ۾ پاس ڪئي ۽ ايم-اي (انگريزي) جي ڊگري 1985ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين.

سليم ڀٽو لطيفي عملي زندگيءَ جي شروعات 1978ع ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر جي حيثيت ۾ ڪئي .هن جي مقرري ميهڙ ۾ ڪئي ويئي .جتان پوءِ هن سنڌ جي مختلف شهرن :راڌڻ، ٽاٽو بولا خان، سن، ٽنڊو حيدر، لالو رائنڪ، نصيرآباد ۽ حيدرآباد ۾ 1983ع تائين درس و تدريس جون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. 1985ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم-اي ڪرڻ کان پوءِ هن کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو، جتي هو ڇهه مهينا انگريزي پاڙهيندو رهيو. 1987ع ۾ هن C.S.S ڪواليفاءِ ڪئي. 1988ع ۾ P.C.S پاس ڪري ايڪسائيز ڪاتي ۾ ڪراچيءَ جي لياريءَ واري علائقي ۾ E.T.O مقرر ٿيو .ان کان پوءِ هن سنڌ جي مختلف ضلعن: حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، نوابشاهه، خيرپورميرس، سانگهڙ، دادو، شڪارپور، ڄامشورو، مٽياري ۽ گهوٽڪيءَ ۾ نوڪري ڪري چڪو آهي .ان کان پوءِ ترقي ڪري ڊائريڪٽر پراپرٽي ٽيڪس طور ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سليم پتو لطيفي کي اولاد ۾ 6 ٻار .سرويچ، سنگھار، سارنگ، سنڌ سونيتي، سورٺ ۽ سمڪ فاطمہ آهن.

سليم پتو لطيفيءَ جو لطيف سائينءَ ڏانھن لاڙو ايم-اي انگريزي ڪرڻ دوران پيدا ٿيو .هن ايم-اي انگريزيءَ جو شعبو ان ڪري ئي چونڊيو تہ جيئن هو لطيف سائينءَ کي انگريزي ادب ۾ متعارف ڪرائي سگھي. سليم پتي لطيفي لکڻ جي ابتدا ڪاليج واري زماني کان ڪئي .شاھ لطيف جي سرمارئي تي سندس لکيل پھريون مضمون سال 1988ع ۾ روزاني عوامي آواز ۾ ڇپيو .ان کان پوءِ هن باقائده شاھ لطيف جي ڪلام تي ڪم ڪرڻ لاءِ مسلسل لطيفي سگھڙن سان ڪچھريون ڪرڻ شروع ڪيون .لطيفي سگھڙن ۾ جن هن جي رهنمائي ڪئي تن ۾ فقير محمد جمن مگڻهار (ٽنو)، سلطان احمد چانديو ميرپور بٺورو، مبارڪ لغاري، مگيلڏو لغاري (ٽنڊو محمد خان)، ڪرم جت (ڪڍڻ-بدين)، محمد عثمان نھڙيو، ذوالفقار نھڙيو، محمد حسين چانديو، اسماعيل جت، نور محمد جت (ڪڍڻ)، قلندر بخش جمالي، غلام حيدر جمالي (ڪڍڻ)، ڏٽي بخش نوحاٽي (ٽنڊو غلام علي) وغيره شامل آهن .هي اُهي لطيفي سگھڙ آهن جن سليم پتو کي لطيفي عشق ۾ رڱي ريتو ڪري ڇڏيو ۽ هن انھن جي صحبت ۾ پاڻ کي لطيفي سڏائڻ شروع ڪيو.

سليم پتو لطيفي صاحب، لطيفيات جي شعبي ۾ پنھنجي هڪ الڳ شناخت رکي ٿو .هن انھيءَ شعبي ۾ مختلف موضوعن تي ليڪچر ڏنا آهن. هو شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچيءَ جي پراجيڪٽ انسائيڪلوپيڊيا آف شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر بہ ٿيو. ان ڪانسواءِ هن مھراڻ ۽ سنڌ ٽي-وي، ڪي-ٽي-اين سيٽ لائيٽ چئنلن تي لطيف شناسيءَ جي حوالي سان ”ڀٽائي جا پنڌ ۽ پيچرا“ ۽ ان ڪانسواءِ شاھ لطيف سائين جي سرن تي مبني ڪئين پروگرام ڪيا آهن .هن 2004ع ۾ ٻارڙن جي علمي ۽ ادبي ترتيب ۽ نشونما لاءِ ماهوار ”انڊلٺ“ رسالو جاري ڪيو، جيڪو سال هليو .ڪراچيءَ مان ماهوار ”پورب“ 1992ع کان 1995ع تائين هلايو جنھن ۾ لطيفيات سان گڏ ٻين موضوعن تي بہ مفيد مضمون، مقالا ۽ شاعري شامل ڪئي ويئي. ماهوار ”جاکوڙ“ 1996ع ۾ جاري ڪيائين، جنھن جا ٻہ پرچا ڪڍيائين. 2008ع ۾ مرحوم رسول بخش جتوئي لطيف شناسيءَ جي حوالي سان سليم پتو لطيفيءَ جي آواز ۽ ترتيب ۾ صوفي يونيورسٽي ڀٽ شاھ پاران ”درس لطيف“ جي عنوان سان 2 سي-ڊيز رڪارڊ ڪيون.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سليم ڀٽو لطيفي شاهه سائين جي اڻڇپيل بيتن جي ڳولا، سهيڙ ۽ تحقيق جي حوالي سان مختلف ضلعن، شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي لطيفي سگهڙن سان ڪچهريون ڪري لطيف سائين جا ٻن هزارن کان وڌيڪ بيت هٿ ڪري چڪو آهي ۽ سندس اهو سلسلو هلندڙ آهي .هن شاهه سائين جي موضوعاتي ڪتابچن جو سلسلو شروع ڪيو .جنهن جو پهريون ڪتابچو "شاهه عبداللطيف جا دعائيه بيت" ڇپائي پڌرو ڪيو .سندس لطيفيات جي موضوع تي ڇپيل ڪتاب هن طرح آهن.

ڪتاب 1- شاهه جي شاعريءَ جو جديد فڪر 1990ع. هن ڪتاب ۾ شاهه سائينءَ جي فن ۽ فڪر ۽ ڪلام ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ تي سرسري نظر وڌي وئي آهي .هن ڪتاب ۾ 6 مضمون ڏنل آهن. 1-مورڙي جو ڪردار. 2-مارئي جو ڪردار. 3-جنگ جو فلسفو. 4-عوامي شاعر. 5-ٻولي ۽ ڌرتي. 6-وڏي وڻ ٿيو.
ڪتاب 2- لطيفي لات جا ڏات ڏٽي 1991ع.

3. Shah Abdul Latif Bhittai-A star just before the Dawn 1991.

4- شاهه جي سرن جو سچ 1992ع .هي ڪتاب ڀٽائي لٽرري ايجوڪيشنل سوشل ويلفيئر سوسائٽي 1993ع ۾ ڇپايو .هن ۾ شاهه جي ٽن سرن بابت سمجهاڻي ڏنل آهي.

5. Horizons of Shah Latif's Poetry 1994.

6- لات جا لطيف جي، ڇاپو پهريون 1994ع .ڇاپو ٻيو 1996ع. 7- حقيقت هن حال جي (هن ڪتاب جا 4 جلد، جن ۾ جلد-1، 1994ع. جلد-2، 1994ع. جلد-3، 1995ع. جلد-4، 1995ع ۾ شايع ٿيس). 8- هھڙا سيڻ سُڌير 2002ع. 9- قدر ڪيميا اُن جو، نومبر 2004ع. 10- اسان جو شاهه لطيف (جلد-5)، هيءُ ڪتاب سڄا جي اسڪولن ۾ ڇوٿين ڪان اٺين ڪلاس تائين 2004ع ڪان اضافي ڪورس ۾ شامل آهي. 11-- ڇپيل شاهه جي رسالن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس، ڇاپو ٻيو 2005ع. 12- شاهه جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا هنر 2008ع -شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران ڇپيل (ڊاڪٽر الهه رکئي ٻٽ سان گڏجي ڪم ڪيل). 13- شاهه جي شاعريءَ ۾ ڪرتڪار ڌنڌا، پيشا، ڇپائيءَ ۾ ڊاڪٽر الهه رکئي ٻٽ سان گڏ ڪم ڪيل. 14- سائُو هلن سامهان 2009ع. 15- ڳالهه پريان جي ڳجهه جي، ڇاپو پهريون 2013ع.

لات جا لطيف جي -هن ڪتاب ۾ شاهه صاحب جي ڪلام ۽ فلسفي تي ويچار ونديل آهن .هن ۾ هيٺيان مضمون شامل آهن. 1- سي ئي جوين ڏينهن.

2- صوفي لاڪوفي. 3- مون ۾ عيب اپار. 4- الا جُنگ جيئن. 5- سرسسئيءَ ۾ وجوديت جو فلسفو. 6- ڀٽائي ۽ نئين ٿهي. 7- ڀٽائيءَ جو فقير. هن جو ڇاپو ڀيو 1996ع. لٽرري ايجوڪيشنل سوسائٽي اينڊ سوشل ويلفيئر طرفان شايع ٿيو.

ڪتاب -سائُو هلن سامهان -لطيفي تحقيقي تڪيي ڄامشوري طرفان 2009ع ۾ شايع ٿيو .هن ڪتاب جو سٽاءُ -جي مَٽي مُور نہ ڀائين -سليم ڀٽو لطيفي .وک وڌڻ ڪان اڳ ۾ -سليم ڀٽو لطيفي .لطيف ۽ لطيفي -ڊاڪٽر غفور ميمڻ. 1- جانب تون جيڏو آهين. شان شعور سين. 2- هھڙا سورهيہ سپرين. 3- ڪا هنئين سين لاءِ پوري. 4- رُون رُون ڪري راز. 5- ايءُ تان شاعر سڏ. 6- سائو هلن سامهان. 7- سارنگ !سار لهيج.

ڪتاب -ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي، ڇپائيندڙ -لطيفي تحقيقي تڪيو. لطيفي واهرو سوسائٽي ڄامشورو. ڇاپو پهريون 2013ع. هن ڪتاب ۾ سليم ڀٽو لطيفيءَ جا شاهہ سائينءَ جي شاعرانہ فڪر تي 25 تحقيقي مضمون ۽ مقالا ڏنل آهن.

سليم ڀٽو لطيفيءَ جو لطيف سائين سان عشق تمام گهرو آهي .سندس سمورين لکڻين جو محور ۽ مرڪز شاهہ لطيف ئي آهي .هو لطيف سائين جي عشق ڪانسواءِ پنهنجي وجود جي نفي ڪري ٿو.

سليم ڀٽو لطيفي عام زندگيءَ ۾ ملنسار ۽ پُربهار شخصيت جو مالڪ آهي .هو اجائي وڏائي ۽ ٺاٺ ڪان پري ڀڄندڙ آهي .هن سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي واري رهائشگاهہ تي ”لطيفي تحقيقي تڪيو“ جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو آهي .جتان پنهنجا لطيف سائين تي لکيل ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪري ٿو .سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي ڄامشورو واري رهائش ”لطيفي واهيرو“ جي نالي سان بہ مشهور اٿس.

ڪتاب -قدر ڪيميا ان جو. گلڙا پبليڪيشن ميمڻ پاڙو ٽنڊو ڄام نومبر 2004ع .ڪتاب جو سٽاءُ: 1- وک وڌڻ ڪان اڳ -سليم ڀٽو لطيفي. 2- ڪجهہ ليکڪ بابت -غلام مصطفىٰ گرگيز. 3- شاهہ سائين جي فڪر جو قدر ڪيميا -واحد پارس هيسباڻي. 4- پبلشر پاران -شبير ساگر. 5- رڻ گجيو راڙو ٿيو. 6- راڻو رنج رکي ويو. 7- ٻري جن ٻاري. 8- لطيف سائين خيرالعالمين. 9- ڦلاٽي ڦيرو ڀيو. 10- ڀٽائيءَ جي ڪردارن جو قدر ڪيميا. 11- تخليق جا سرچشما.

ڪتاب -چپيل شاهه جي رسالن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس (لطيفي تحقيق تڪيو ڇامشورو)، ڇپيندڙ -سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو ٻيو 2005ع .ڪتاب جو سنائُ: 1- جي مٽي مورڻ پائڻين -سليم پٽو لطيفي. 2- وڪ وڌڻ ڪان اڳ -سليم پٽو لطيفي. 3- ٻہ اکر -ڊاڪٽر فهميده حسين. 4- سنڌي ادب ۾ تحقيق ۽ تنقيد جي ڪوٺ -مرتضيٰ سيال. 5- شاهه سائينءَ جي ڪلام جو تحقيقي تسلسل -امداد سومرو. 6- لطيف سائينءَ جي ڪلام تي علمي تحقيق جي ضرورت -ڪنول سنڌي. 7- اڇو تہ اعتراف ڪريون -نثار شاهين. 8- لطيف سائين ۽ نئين تحقيق -عنايت ميمڻ. 9- لطيفيات جي دنيا ۾ گم ٿيل شخص -بشير منگي. 10- شاهه جي رسالي جي مستند ڇاپي جي ضرورت -غلام مصطفيٰ گرگيز. 11- سرڪيڏارو ۽ سنڌ ڪيڏارو. 12- ڪيت مارئي ۽ ڍول مارئي. 13- لاڪو ڦلاڻي ۽ مهر راڻي. 14- ههڙا هاچا ٿين. 15- پڇيونءِ تان پور. 16- ٽرمپ، بمبئي، سرڪاري، قليچ ۽ گربخشاڻي جن جي ڇپيل رسالن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس. 17- قاضي، آڏواڻي، شهواڻي، قاسمي، انصاري، ڏيپلائي، گنج ۽ جنجهي جي ڇپيل رسالن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس. 18- ڊاڪٽر بلوچ جي ترتيب ڏنل ”شاهه جو رسالو“ ۽ ڊاڪٽر صاحب طرفان رسالي مان خارج ڪيل ڪلام جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس. 19- ڊاڪٽر بلوچ جي ترتيب ڏنل ”شاهه جو رسالو“ ۽ ڊاڪٽر طرفان رسالي مان خارج ڪيل ڪلام جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس.

شاهه سائينءَ جي ڪلام ۽ رسالي ۾ آيل ڪردارن متعلق مضمون ۽ مقالن جو مختصر وچور:

1-مقالو -ڦلاڻيءَ ڦير ٻيو. 2-لاکو ڦلاڻي ۽ مهر راڻي .ڪتاب -لاکو ڦلاڻي (سنڌ جو سورهيہ سردار)، مرتب -قاضي مقصود احمد، ڇپائيندڙ -لاکو ڦلاڻي پبليڪيشن نواب شاهه، ڇاپو پهريون 2007ع .سي ئي جوين ڏينهن .ڪتاب -پٽائي تحقيقي جرنل-3، ڇپائيندڙ -ملڪ نديم-ايازگل-پاران-سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور .ڇاپو پهريون آگسٽ 1993ع .سرسسئي ڪوهياريءَ جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس .ڪتاب -سرڪوهياري .مرتب -منظور احمد قناصرو .ثقافت کاتو ڇاپو پهريون 2007ع .مرزا قليچ بيگ جي شاهه جي رسالي جو مطالعو .مهراڻ بهار، ايڊيٽر -نفيس احمد شيخ .سنڌي ادبي بورڊ-1،

2004ع .لطيف سرڪار جا ڏور بيت -سلسليوار سگهڙ سماچار، ڄامشورو - آڪٽوبر-نومبر 2007ع .ٻري جن ٻاري -ڀيچ ڀٽائي پبليڪيشن ڊسمبر 2015ع. ڀٽائي جو فقير -ماهوار پورب .شمارو ستون 1995ع .پبلشر احمد علي ڪراچي . صوفي لا ڪوفي -ماهوار پورب -ڪراچي پرچو-10، 1994ع .ايءَ تان شاعر سڏ - ڪلاچي ڊسمبر 2009ع .رون رون ڪري راز -ڪلاچي سيپٽمبر 2008ع .مفتي منجهه ويهار -ڪلاچي ڊسمبر 2010ع .ساڳيو مضمون ڪتاب-فڪر لطيف، مرتب-بشير احمد شاد، ڇاپو پهريون 1985ع ۾ بہ شايع ٿيو .ڏات نہ آهي ذات تي -ڪلاچي ڊسمبر 2007ع .عشق ناهي راند -ڪلاچي سيپٽمبر 2000ع . الاجنگ جين (سربلاول جو جائزو)، ڪلاچي، مارچ 1999ع .ڪهڙو وڏوهہ ڪيوم (ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ عورت جي بيوسيءَ جي اپٽار)، ڪلاچي، سيپٽمبر 2003ع. سرڪيڏارو جو تاريخي پسمنظر -ڪتاب -سرڪيڏارو .مرتب -منظور احمد قناصرو .ثقافت ۽ سياحت کاتو ڇاپو پهريون 2008ع. پڙهڻ تہ پرجهڻ - عبرت مئگزين 15 سيپٽمبر 2009ع .لطيفي ماڳن جي سار سنڀال ڪير لهندو؟- عبرت مئگزين 16 جون 2009ع .لاکو ڦلاڻي ۽ مهر راڻي -ڀيچ ڀٽائي پبليڪيشن حيدرآباد، نور سنڌي .فيبروري 2009ع .وهہ ماڪيءَ جي ڪن، امرتا (شاهہ لطيف نمبر)، مرتب -فقير محمد ڊول سال 2011ع.

مقالو -ههڙا هاڃا ٿين (شاهہ جي بيتن جي صحيح صورتخطي پڙهڻي، معنیٰ ۽ تشريح)، حوالو -ڪلاچي تحقيقي جرنل شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي ڊسمبر 2003ع .ليکڪ هن مقالي ۾ لکي ٿو تہ شاهہ سائينءَ جي رسالي تي نظر وجهنداسين تہ سريمن (جمن) ڪلياڻ ڪي پراڻن رسالن جهڙوڪ بمبئي ڇاپو، گنج ۾ ”جمن“ لکيو ويو آهي .ٻانهي خان شيخ بہ ان کي ”جمن“ لکيو آهي .باقي ٻين سيني رسالن ۾ ”يمن“ لکيو اٿن .جڏهن تہ اهو لفظ جَمن ٿيڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ هن سر ۾ پيالي جا بيت موجود آهن ۽ ان کان علاوه موکي جي داستان ۾ بہ وٺي، وٺو يا پيالي جو ذکر ملي ٿو ۽ الفاظ ”جمن“ جي معنیٰ بہ آهي وَٺو.

مضمون -بيشڪ الله جي ياد سڪون بخشي ٿي، پندرنهن روزه عبرت ميگزين 15آڪٽوبر 2005ع ۾ شايع ٿيل هن مضمون ۾ سليم ڀٽو لطيفي شاهہ جي ڪلام مان ڪجهہ نصيحت آموز ۽ دعائيہ بيت شامل ڪيا آهن .جن کي پڙهڻ بعد عمل ڪرڻ سان انسان پنهنجي زندگيءَ جا سکيا ڏينهن گهاري سگهي ٿو.

# ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

مشهور محقق، نقاد، تاريخدان، شاعر ۽سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي جو استاد محمد انور فگار ولد محمد صديق هڪڙو تاريخ شهر شڪارپور ۾ 1 اپريل 1961ع ۾ ڄائو. (حوالو-نور افروز خواجه ڪتاب "پائي پٽ ڪٽان، سال 2005ع صفحو-568). ابتدائي ۽ ثانوري تعليم جا مرحلا شڪارپور ۾ طئي ڪري سن 1986ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم-اي جو امتحان پاس ڪيائين .اهڙيءَ طرح 1996ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي جي رهنمائي ۾ "شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو 1943ع کان 1970ع تائين" جي عنوان هيٺ تحقيقي مقالو پيش ڪري ڊاڪٽوريٽ جي اعلىٰ سند حاصل ڪيائين. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي مان ڪيس پهرين ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پهرين جولاءِ 1997ع کان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ اپريل 2001ع ۾ ترقي ڪري اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو .پاڻ سنڌ ۾ نامور محقق، مقاله نگار، مضمون نگار ۽ شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو .سندس شاعري مختلف رسالن، ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهي . شاعري ۾ تخلص انور ۽ فگار استعمال ڪيل اٿس.سندس غزل جون ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

ڪنهن کي دل جو حال ٻڌايون،
ڪيئن تا پنهنجو وقت گذاريون،
هاءِ ماضي پنهنجو ياد ڪري،
تا حال ۾ حال تي ڳوڙها ڳاڙيون.

لطيف ڊائجيسٽ، مارچ 1986ع

مقالو-شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو، هن جاکوڙيءَ شڪارپور تي مختلف پاسن کان تحقيق ڪري سنڌ جي پهرئين صحافي مرزا مخلص علي علوي جي مزار شڪارپور ۾ ڳولي لڌي .ڪيس مماتي وارن بزرگن جي درست سن ۽ تاريخ ڳولڻ جو الڪو هوندو هو ته مطالعو ڪندڙ تائين سنڌي ادب، شخصيات ۽ تاريخ جي صحيح ڄاڻ رسائجي .سندس شڪارپور تي بيحد تحقيق سبب شيخ اياز ڪيس "شڪارپور جو عاشق" سڏيو آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سندس ڪيل تحقيق کي ٿوري عرصي ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ٿيڻ جو هڪ سبب سندس تخليقي نثر ۽ جاذب ٻوليءَ جو هئڻ بہ آهي .هن ٿماهي مهراڻ ۽ ماهوار نئين زندگي ۾ نهايت معياري مقالا لکيا آهن، انهن کان علاوه سندس تصنيفات ۾ ”سمنڊ سمايو بوند ۾“ (ترتيب) 1995ع، ڪٺلداس فاني جي شاعري ۽ ڪلام (جنم جنم جي جيت اياز 1999ع)، شيخ اياز جي زندگيءَ بابت (جي تند برابر توريان) ترتيب 1998ع شيخ اياز جي افسانن جو مجموعو (ادب، زندگي ۽ سماج) ترتيب، جون 2006ع. پَٽَ جون ڳنڍيون -ريشم ويڙها )سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون، ترتيب 2007ع. سون برابر سڳڙا (مرتب) مرتب 1997ع. علامہ داؤد پوٽي جا لکيل مضمون ۽ مقالا (شڪارپور جي صحافتي تاريخ) 2004ع. ڪتاب-سامي ساگر بوندم (سامي بابت) شايع ٿيل آهن. ڪتاب سچ جهڙا پرين(شخصيتن جا خاڪا)شيخ اياز اڪيڊمي شڪارپور 2018ع. شيخ اياز جي ادارت ۾ شڪارپور مان 1947ع ۾ شايع ٿيل ماهوار رسالو ”اڳتي قدم، نئين ترتيب سان شيخ اياز فائونڊيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي، جنهن جي ترتيب، تدوين ۽ مهاڳ لکڻ جا فرائض ڊاڪٽر انور فگار ئي سرانجام ڏنا آهن.

شاهہ سائينءَ کان علاوه تقريباً 63 کن مضمون-مقالا مختلف موضوعن تي شايع ٿيل اٿس.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عظيم مفڪر، ماهوار آڪاس فيبروري 2010ع . سونهائي سورن کي هيڪاندي هوت سين -ڪلاچي مارچ 2005ع .عاشق اهڙين اڪرين، لنگهيا لامڪان .ڪتاب-اگهيا سُٽ سندا، ڇاپو پهريون آگسٽ 2007ع .ٻولي ۽ سماج جي ترقيءَ ۾ لطيف جو ڪردار -ڪتاب .شاهہ لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج، مرتب -خالد آزاد، ڇاپو پهريون 2007ع. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، اپريل-مئي 1998ع. اردو ادب تي سنڌيءَ جا اثر، ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر-نومبر 2004ع .مضمون -ساميءَ جو خانداني پسمنظر، ماهوار نئين زندگي جنوري-فيبروري 2006ع .شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ موجوده حالتن تي اطلاق، ڪتاب -شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق، سهيڙيندڙ -پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ڇپائيندڙ -ثقافت کاتو، ڇاپو پهريون مئي 2012ع.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عظيم مفڪر، ليکڪ هن مقالي ۾ لکي ٿو تہ شاهہ لطيف جي شاعري هڪ اڻ ميو مخزن آهي جنهن مان ظاهر ظهور تہ گهڻو

ڪجھ حاصل ڪري سگھجي ٿو پر ان مان ڪي مخفي خزانا ماڻڻ لاءِ ٻوليءَ جي سڌ ۽ ساڃاھ سوجھ ۽ ٻوجھ نهايت لازم آهي.
شاھ لطيف جي ٻوليءَ کي جيتوڻيڪ لاڙي ٻولي يا لهجو قرار ڏنو ويو آهي پر ان هوندي بہ منجهس ٿري، اترادي ۽ وچولي جي لهجن جو استعمال ملي ٿو، پر هن وڏي دانشمنديءَ سان انهن جي واهپي کي اهڙو ٺاهيو آهي جو ان کي مجموعي طور سنڌي سماجي ٻولي چئبو.

# ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو

مشهور محقق، تنقيد نگار، ڪهاڻيڪار، شاعر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو ولد نور محمد کهڙو ولد محمد بچل کهڙو -جنم 29 آگسٽ 1964ع ڳوٺ دلاور کهڙو تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور ميرس.
سائين غلام مصطفيٰ کهڙو پنهنجي آتم ڪٿا ”جيڪي منجھ جهان“ حصو پهريون صفحي 60 ۽ 61 تي لکي ٿو تہ سيوهڻ ۾ هڪ درگاھ آهي ان صاحب مزار کي ”اولادي امير“ چوندا آهن، جنهن کي قلندر لعل شهباز پنهنجو پٽ بنايو هو، ان جو اصل نالو شاھ صلاح الدين آهي پر ڪيس اولادي امير چوندا آهن .وڏيڪ کهڙو صاحب لکي ٿو تہ منهنجي والد صاحب کي جڏهن پهرين گهرواري مان نرينہ اولاد نہ ٿيو تہ گهرواري جي صلاح سان ٻي شادي ڪيائين پوءِ بہ اولاد نہ ٿيس تہ منهنجي والد صاحب ”اولادي امير“ سرڪار جي قدمن ۾ منهنجي پيدا ٿيڻ لاءِ ست راتيون گذاريون هيون ۽ الله عزوجل کي اولادي امير سرڪار جو واسطو ڏنو هو پوءِ ڪيس ستين رات جو اشارو ٿيو تہ توهان پنهنجي گهر وڃو توهان کي پٽ جو اولاد ٿيندو. اهڙيءَ طرح منهنجو جنم ٿيو ۽ مون کي ٻاروتڻ ۾ ئي قلندر لعل شهباز ۽ اولادي امير سرڪار جي قدمن ۾ رکي ڇڏيائون .جڏهن مون هوش سنڀاليو تہ ان جاءِ جو ديدار ڪيم .اهڙيءَ طرح فقيريءَ جو ونڊ اولادي سرڪار ۽ لعل شهباز کان مليو اٿم.
پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ بعد انگريزي تعليم لاءِ مراد هاءِ اسڪول گمبٽ، انٽر گمبٽ سائنس ڪاليج مان پاس ڪرڻ کان پوءِ بي.ڪام اسلاميہ ڪاليج سکر مان ۽ ايم-اي سنڌي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڪيائين.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايل-ايل-بي سنڌ لاڪاليج حيدرآباد مان ڪيائين ۽ پي-ايچ-ڊي (سنڌي ادب ۾) شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيس 2004ع ۾ اوارڊ ٿي.

ڪين تعليم جي لاٽ سان منور ڪرڻ ۾ استاد شهاب الدين، استاد حضور بخش کهڙو، استاد رسول بخش ميمڻ، استاد علي مدد، استاد گل احمد، استاد شرف علي شاهه، غلام حيدر سولنگي، نامور استاد عبدالجبار جوڻيجو ۽ ٻين کوڙ سارن استادن جو ساٿ نصيب ٿيس .پاڻ پڙهائي واري دور ۾ 1980ع ۾ گنمبٽ ڪاليج ۾ شاعري جي شروعات ڪيائين .پوءِ علي رضا شاهه رضا ۽ استاد رجب الدين عاصي کان پنهنجي شاعريءَ جي اصلاح ڪرائي "نظمي کهڙو" تخلص سان شاعري ڪري مشاعرن ۾ بهرو ورتائين. 1981ع ۾ گنمبٽ سائنس ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران سندس لاڙو ادب طرف ٿيو، ان ڪاليج ۾ هڪ مضمون نويسي جو مقابلو ٿيو .اهو مضمون هو "مسلمان سائنسدانن جو علم جي واڌاري ۾ حصو" ان مضمون تي ڪيس پهرين پوزيشن ملي .اهڙي طرح ڪراچي جي هڪ تنظيم سکر ۾ "ماءُ" عنوان تي مضمون نويسي جو مقابلو ڪرايو ته ان ۾ به کهڙو صاحب پهريون نمبر کڻي 1000 روپيه انعام حاصل ڪيو.

1982ع ۾ ٽائيپيسٽ طور نيشنل بينڪ ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. 1994ع ۾ سکر نيشنل بينڪ مان بدلي ڪرائي حيدرآباد آيو، ان لاءِ ته ڪيس پي.ايچ.ڊي ڪرڻي هئي. پاڻ 1995ع ۾ ايم.فل ڪيائين.کهڙي صاحب پي-ايچ-ڊي لاءِ سڀ کان پهرين موضوع حيدر بخش جتوئي فن ۽ شخصيت پوءِ شاهه لطيف جا ڪردار ۽ آخر ۾ شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو هو، سندس آخري موضوع "شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو 12-12-1991ع" تي سنڌ يونيوسٽي ۾ منظور ٿيس، پوءِ پاڻ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب جي رهبريءَ ۾ تحقيقي ڪم ۾ لڳي ويا. ڪافي عرصي کان پوءِ نيٺ هٿي هنڌ ڪيائون ۽2004 ع ۾ کين پي-ايچ-ڊي جي ڊگري اوارڊ ٿي .پاڻ پي-ايچ-ڊي ٿيسز "شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو" ڇاپو پهريون مئي 2013ع ۾ شاهه لطيف اڪيڊميءَ پاران ڪتابي صورت ۾ منظرِ عام تي آندائون، هي ٿيسز534 صفحن تي مشتمل آهي.کهڙي صاحب هن ٿيسز تي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪاٽيا آهن .ڪيس ان ٿيسز ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ لاءِ چيو ويو، ان وقت جي ڪجهه استادن جو خيال هو ته غلام مصطفیٰ کهڙو دل شڪسته ٿي اهو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڏيندو پر هن همٿ نه هاري ۽ فيبروري 1995ع کان روزانو رات جو 12



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڳي ڪان ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين .راتين جون راتيون جاڳي اکين جو نور نچوڙي نيٺ منزل ماڻيائين .هي سنڌ جو واحد پي-ايچ-ڊي هولڊر ۽ شاهه جو شيدائي آهي جنهن تقريباً 9 يا 13 سالن ڪان پوءِ پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي .هن فقير صفت انسان متعلق جنهن به ليکڪ جيڪو ڪجهه لکيو آهي اهو سائينءَ جي صبر ۽ محنت جو ثمر آهي جو چوٽيءَ جي ليکڪن جي اندر مان عاليشان الفاظ سندن لاءِ قلم جي نوڪ وسيلي جاري ٿيا .پوءِ کهڙي صاحب انهن موڪليل خطن کي سهيڙي پنهنجي ڪتاب ”سجڻ ۽ ساٿيهه“ ۾ ڏنا.

مون سندس پي-ايچ-ڊي ٿيسز 2013ع. نوشهرو فيروز جي هڪ بوڪ اسٽال تي ڏٺي، ڪتاب جي فهرست ڏسي سوچيم ته اهو ڪم ته جيجي درشهوار سيد ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي اڳ ۾ ڪيو آهي .وري دل چيو ته اهو ڪتاب خريد ڪيان.بوڪ اسٽال وارو 500 روپيه واري ڪتاب جي رقم رعايت ۾ 450 روپين ۾ ڏئي پيو .ان سال مون کي قرض به ڏيڻو هو .ان ڪري اهو ڪتاب خريد نه ڪيم .ڪتاب تان فقط محقق جو نمبر نوٽ ڪري لطيف سائين کان دعا گهريم ته مرشد لطيف تون ته ڄاڻين ٿو جنهن ڪتاب ۾ تنهنجي شان ۾ فقط هڪ جملو لکيل هوندو آهي اهو ڪتاب اڌ ملهه ۾ خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان .هي ڪتاب ته ٻين ڪتابن کان بهتر لڳي ٿو .هن وقت منهنجا مالي حالات ڪمزور آهن، جيڪر اهو ڪتاب مفت ۾ ملي ته واهه واهه ٿي پئي . پوءِ مهيني اڌ ۾ 2013ع ۾ کهڙي صاحب جو لطيف سائين تي ٻيو تخليقي ڪتاب ”شاهه لطيف جي سوانح ۽ شاعري ۾ لاشعوريت“ جو تعارف ڪاوش اخبار ۾ شايع ٿيو ته مون کين ٻن ڪتابن جي مبارڪ ڏني ته پاڻ چيائون توهان جو جڏهن به حيدرآباد اچڻ ٿئي ته ملاقات ضرور ڪجو .ڪجهه مهينن کان پوءِ ڪم سانگي حيدرآباد وڃڻ ٿيو ته منهنجي سندس پهرين ملاقات 2013ع ۾ شريف اسڪوائر حسين آباد ۾ سندس رهائش تي ٿي ۽ منهنجو سوال لطيفي درٻار ۾ اگهاميو .ڪتاب به مليا عزت به ملي .گهر اچي ”شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو“ ان ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ بعد پروڙ پئي ته منهنجي عقل فهم کان جر وڏو آهي .منهنجي سوچ درشهوار ۽ جوڻيجي صاحب تائين محدود هئي .پر ائين نه آهي پٺائي سائين جي چواڻي ته ”اجا ڪي آهين ڪل جڳ جا ڪاپڙي“ هي ٿيسز ڇهن بابن تي مشتمل آهي .باب پهرئين ۾ شاهه جي رسالي جا فارسي، سنڌي، انگريزي، اردو، عربي، براهوي ۽ پنجابي ترجما ڏنل آهن .باب ٻئي ۾ شاهه سائين جي 50 قلمي نسخن جي تعارف کان پوءِ شاهه جي 22



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چپيل رسالن ۾ شاهه سائين جي 3 ٽن رسالن جون ڏسٽيون الف-بي وار، جن ۾ محمد عالم سومرو، عبداللغفار گوهر دائود پوٽو ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي الف-بي وار شاهه جي يارهن رسالن جي ڏسٽي ۽ ڪجهه ليکڪن جو مختصر تعارف ڏنل آهي .باب ٽئين ۾1997ع تائين شاهه سائين جي 30 سرن جو تفصيلي ذڪر سان گڏ ليکڪن جو مختصر تعارف جيڪو وقت جي اهم ضرورت طور شمار ٿئي ٿو .سندس اهو ڪم ٻين ليکڪن کان منفرد آهي .ان کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي .باب چوٿين ۾ اوائلي منظوم فارسي، انگريزي، اردو، براهوي، پنجابي، عربي منظوم توڙي متين ٻولين جا نثري ترجما بہ ڏنل آهي .باب پنجين ۾ چار اوائلي انگريزي پي-ايڇ-ڊي ۽ 6 سنڌيءَ ۾ پي-ايڇ-ڊي ٿيسز جو اپياسي جائزو ورتل آهي .تنهن بعد ٻن ايم-فل ٿيسز جو تحقيقي جائزو ورتل آهي .آخري باب ڇهين ۾ مير علي شير قانع ٺٽوي جي ٽن ڪتابن ۽ هڪ مير عبدالحسين جي ڪتاب ”لطائف لطيفي“ جي تحقيقي اڀياس کان پوءِ شاهه بابت اوائلي انگريزي ڪتابن ۽ سنڌي اردو ۾ شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق کي محقق هن باب ۾ ليکڪن جي ڪم کي مدِ نظر رکندي ان وقت جي لاتعداد ڪتابن جو تحقيقي اڀياس پيش ڪري هڪ ڪوزي ۾ درج ڪيو آهي .ڊاڪٽر مصطفىٰ مصروفيات جي باوجود شاهه سائين تي لازوال ڪم ڪيو آهي .هن وڏي تحقيق کان پوءِ پنهنجو جاندار تبصرو ۽ رايو بہ هن ٿيسز ۾ ڏنو آهي .هن محقق جي ڪتاب ۾ مون کي تہ نوان رخ، نوان پهلو نظر آيا جيڪڏهن هي ٿيسز مون وٽ نہ هجي ها تہ شايد مان ڪتاب ”شاهه جا شيدائي“ نہ لکي سگهان ها .هيءَ ٿيسز مون لاءِ رهبر طور ثابت ٿي آهي .هي محقق سادو صحيح پر مبارڪن جو مستحق آهي .مون لاءِ کهڙو صاحب شاهه جي شيدائيءَ کانسواءِ لطيفي گوهر آهي.

ڊاڪٽر غلام مصطفىٰ کهڙي جي ڇئن ڪتابن جي مهورتي تقريب 3 نومبر 2013ع تي ٿيٽائي آرٽس ڪائونسل پاران سنڌ ميوزم ۾ محترمہ ڊاڪٽر حميده کهڙو صاحبہ جي صدارت ۾ ٿي .اهي ڪتاب آهن (1) شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو (پي-ايڇ-ڊي ٿيسز)، ڇاپو پهريون مئي 2013ع. (2) شاهه لطيف جي سوانح ۽ شاعريءَ ۾ لاشعوريت، ڇاپو پهريون 2013ع. (3) حضرت سخي بابا صلاح الدين چترالي (ڪوٽڙي والي)، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2012ع. .
(4)اردو ڪتاب-شهنشاهه حضرت محمد شاهه مڪي عرف جيئي شاهه يا شيرسوار (درگاهه ڪچا قلعہ حيدرآباد)، ڇاپو پهريون 2013ع.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب -شاهه لطيف جي سوانح ۽ شاعريءَ ۾ لاشعوريت، ڇاپو پهريون 2013ع .هن ڪتاب جي فهرست هن ريت آهي .پيش لفظ-ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو، ٻه اکر-ارشد مصطفيٰ کهڙو، 1- شاهه لطيف جي سوانح ۽ شاعريءَ ۾ لاشعوريت 2- .سماج يا معاشرو 3- .شاهه لطيف جي دؤر جون سماجي حالتون 4- .سماجي حالتن ۾ ڀٽائيءَ جو ڪردار 5- .شاهه لطيف جي مختصر سوانح 6- .شاعري 7- .شاهه لطيف جي شاعري 8- .شاهه جي شاعريءَ ۾ نفسيات.
ڪتاب -سچڻ ۽ ساڃهه (مضمون ۽ مقالا)، ڇاپو پهريون 2014ع .هن ڪتاب ۾ کهڙا قوم جو حسب نسب، مقالو -شاهه لطيف جا اتر سنڌ ۾ موجود اوتارا، شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو، ان ٿيسز تي مختلف اديبن جا ويچار وغيره ان ڪانسواءِ ٻيا ليک به شامل آهن .هن ڪتاب ۾ ڪل 21 مضمون ۽ مقالا ڏنا ويا آهن .ڪتاب -جيڪي منجهه جهان (آتم ڪٿا حصو پهريون)، ڇاپو پهريون 2015ع .ڪتاب -شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو، ڇاپو پهريون مئي 2013ع.
مقالو -سنڌي ادب ۾ جديد لاڙا، ماهوار نئين زندگي اپريل 1990ع .شاعري . عنوان -زندگي هڪ مرڪ .نئين زندگي .ايڊيٽر امداد علي ميمڻ، جنوري-فيبروري 1993ع. مقالو -شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت .ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر-نومبر 1993ع. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، شخصيت ۽ شاهه تي ڪيل ڪم .ماهوار نئين زندگي ڊسمبر 1995ع .مضمون -شاهه جو محقق -مرزا قليچ .ڪتاب -ڪينجهر (تحقيقي جرنل)، ايڊيٽر -ڊاڪٽر هدايت پريم، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو 1999ع. سمنڊ جن ساڃهه، ڪوهه نه وئينءَ تن سين، ڪتاب-سرساموندي، مرتب- حميد سنڌي .ڇاپو پهريون 1997ع . ڊاڪٽر تنوير عباسي جي شاهه لطيف تي ڪيل ڪم جو جائزو، ڪتاب -ڀٽائي تحقيقي جرنل-3، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور آگسٽ 1993ع .شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ لاشعوريت، ڪتاب -ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجيون .مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون 2015ع .
سرحسينيءَ تي ٿيل تحقيق جو تفصيل .ڪتاب -حسينيءَ جي هاڪ (سرحسينيءَ جو مطالعو)، مرتب -تاج جويو .ڇپائيندڙ -سيد انور حميد سيڪريٽري، ڇاپو پهريون مارچ 2005ع. صفحي 174 تي کهڙو صاحب هن مقالي ۾ لکي ٿو ته سرڪيڏاري جيان سرحسيني به ڪربلا جي شهيدن جي شان ۾ ڇيل آهي، هي

سر ٻه وڏن سرن مان هڪ آهي ۽ سسئيءَ جي حوالي سان رٿيل هن سر ۾ ٻه ڏکن ۽ ڏاکڙن ڏورڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي .بظاهر سسئيءَ جي دل ڏاريندڙ سفر جو ذڪر آهي، پر حقيقت ۾ اها ٻه هڪ تمثيل آهي ۽ لطيف سائينءَ انهيءَ ۾ ٻه رمز رکي آهي. سندس ڪلام جو انداز اهڙو آهي جو هر ٻڌندڙ جي دل تي اثر ۽ سوز رهجي ٿو وڃي.

حسيني حسين لئہ، بيبيءَ پاڻ چئي،
تهان پوءِ پئي، خبر ہيءَ خلق کي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# زيب نظاماڻي

مشهور ڪهاڻيڪار، شاعره ۽ شاهه لطيف جي عقيدتمند زيب نظاماڻي 4 جولاءِ 1964ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي. (ڪتاب سنڌ جون شاعر عورتون، تحقيق-غلام مصطفيٰ سولنگي، ڇاپو 2015ع .صفحي 73 تي زيب نظاماڻي ڌيءُ غلام رسول نظاماڻي، جنم 4 جولاءِ 1963ع .ڳوٺ ٽنڊو محمد خان). هن کي ادبي ماحول سندس گهر مان ئي مليو .سندس والد ۽ ڏاڏو پنهنجي وقت جا سٺا شاعر ٿي گذريا آهن، جڏهن ته هن شاعريءَ جي شروعات اٺين درجي کان ڪئي .هن سنڌي، اردو، هندي، سرائيڪي، ڍاٽڪي ۽ پنجابي ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي .زيب نظاماڻي وٽ وڏي تعداد ۾ اڻ ڇپيل مواد موجود آهي .ڪيس ڪجهه اديبن کان شڪايت آهي ته، نه سهو اديب چاهين ٿا ته منهنجا ڪتاب ادارا نه ڇپرائين ۽ مون جڏهن سمجهيو ته مرڻ واري آهيان ته پوءِ سڀ لکٽيون درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏينديس .هن مضمون، مقالا، ڪهاڻيون، شاعري، لطيفيات کان علاوه بيشمار تعليمي اسٽيج ڊراما لکيا ۽ انهن ۾ اداڪاري سان گڏوگڏ ڊائريڪشن به ڏني آهي.

سندس شاهه لطيف متعلق مضمون-مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

سرديسيءَ جو اڀياس، ڪتاب -ديسي سيڻ ڪجن (سرديسيءَ جو مطالعو)، مرتب -تاج جويو، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، ڇاپو پهريون 2005ع .سرپرڀاتيءَ جي اصطلاحن جو اڀياس، ڪتاب -سرپرڀاتي، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون 2010ع .مضمون -ٿر مارل ڏيهه، ڪتاب-ٿر، سهيڙيندڙ-عبدالقادر منگي، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، ڇاپو ٽيون، مئي 2013ع.

شاهه سائينءَ جي 259هين ورسيءَ جي موقعي تي ٻن ڏينهن تي مشتمل "شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس" 16-15 صفر 1424هه بمطابق 18 ۽ 19 اپريل 2003ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي پاران منعقد ٿي .ان موقعي تي ڇنڇر جي ڏينهن 19 اپريل تي مشهور شاعره ۽ ليکڪ زيب نظاماڻيءَ "سرومل راڻي جا عڪس" جي عنوان سان پنهنجو مقالو پڙهيو، جنهن ۾ هن سرومل راڻي کي ٻوليءَ ٽوڙي منظرڪشيءَ جي حوالي سان لطيف جي رسالي جو اهم سر ڪوٺيو ۽ چيو ته ٻوليءَ جي حوالي سان هيءُ سر پڙهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو سر آهي .هي سر اندر ۾ اڌمو پيدا ڪري سٽل سور جاڳائي وجهي ٿو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# الطاف ملڪاڻي

الطاف ملڪاڻي ولد غلام هادي ملڪاڻي تاريخ 19 اپريل 1967ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو .سندس اصل نالو علي گوهر ملڪاڻي آهي، پر ادبي حوالي سان الطاف ملڪاڻي جي نالي سان مشهور آهي .الطاف ملڪاڻي مضمون، مقالا، ڪهاڻيون ۽ شعر لکندو رهي ٿو .هن جا ڪيترائي ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن.

الطاف ملڪاڻي 1984ع ۾ ٻاراڻي شاعري ڪرڻ سان ادب ۾ پير پاتو، اڳتي هلي ڪهاڻيڪار طور نالو ڪڍيائين .سندس مختصر ڪهاڻين جو مجموعو "ساڀيائن ڪان رُٺل سپنا" سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران 1996ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو .هن جو ٻيو ڪتاب "شانتي" (اجيت ڪور جي ناوليٽ جو ترجمو)، 1996ع ۾ سوپ پبليڪيشن طرفان ڇپيو .الطاف ملڪاڻي پبلشر ۽ ايڊيٽر به رهيو آهي .هو مهراڻ پبليڪيشن حيدرآباد جو سرپرست رهيو آهي .عبرت گروپ آف پبليڪيشنز حيدرآباد پاران ٻارن جي رسالي "ارڇڪ مرڇڪ" جو پهريون نگران ۽ پوءِ 1997ع ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو .ٻارن جي مخزن ماهوار "لاٽ" جو چيف ايڊيٽر 1993ع، ماهوار "گلستان" جو ايڊيٽر 1993ع، ٻارڙن جي "سنڌ رنگ" جو سب ايڊيٽر 1995ع، ٻارن جي مئگزين "دوستيءَ" جو اعزازي صلاحڪار 1995ع ۽ سنڌباد ڪتابي سلسلي جو سب ايڊيٽر رهي چڪو آهي .
الطاف ملڪاڻي سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) پاران سنڌ مان نڪرندڙ مئگزين "سنگت ورلڊ" جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر 1990ع ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيندڙ ماهوار "سنڌ رنگ" جو ايڊيٽر پڻ رهيو .ڪيس سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد پاران معاون ايڊيٽر اوارڊ 1993ع پڻ مليو .ڪجهه عرصو هن ڪرزما ڊائجسٽ ۾ به ڪم ڪيو .پاڻ پيشي جي حوالي سان زرعي کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ آهي.

ملڪاڻي صاحب جي ڇپيل ڪتابن جو مختصر وچور-

لطيفي مينيفيسٽو (ڪتاب)- هي ننڍڙو ڪتاب نوجوان ليکڪ الطاف ملڪاڻيءَ جي تصنيف آهي .ڪتاب جو مهاڳ مقصود احمد قاضي متياريءَ لکيو آهي .ڪتاب ۾ ڏنل عنوان هن ريت آهن .لطيف ازم ڇا آهي؟، لطيف ازم



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو بنيادي ماخذ. لطيفي مينيفسٽو جو بنيادي مقصد ۽ لطيف ازم جا مکيہ نقطا خودشناسي، خدا شناسي، وطن پرستي، انسان دوستي، خدمت خلق. خود شناسيءَ جا مرحلا (حصول علم)، تزکيہءِ نفس، معرفتِ عشق، خدا شناسي (فلسفہ وحدت الوجود تي يقين)، وحدت مذاهب تي ايمان، وحدت فکر ۽ عمل، وطن پرستي قومي ٻوليءَ سان پيار ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ، مثبت قومي ۽ ثقافتي قدرن جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ، قومي تاريخي حقن جي بحاليءَ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ، انسان دوستي (اتحاد انساني)، امن عالم ۽ تعاون براءِ ترقي، (خدمت خلق) بردباري يا سهپ يا عدم تشدد کان ڪم وٺڻ، سماجي انصاف ۽ ڀائيچاري لاءِ پاڻ پتوڙڻ، لاڪوفيت يا رواداريءَ جو خيال رکڻ، نتيجو ۽ لطيف ازم تحريڪ جي ڪم جو طريقہ ڪار .هي ڪتابڙو "لطيف ازم تحريڪ" جي پليٽ فارم تان ڇپايو ويو آهي ۽ 48 صفحن (ڊيمي سائيز) جي ڪتاب جي قيمت 30 روپيا آهي.

سندس ٻيا ڪتاب -پلئہ پايو سچ (شاهہ لطيف جي زندگيءَ بابت سوال جواب)، لطيفي لاٽ پبليڪيشن دادوَ پاران ڇپيل .سوريءَ سزاوار (صوفي شاهہ عنايت شهيد جي زندگيءَ بابت سوال جواب)، مهراڻ پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپيل . سوري سڏ ڪري (لطيف سنگت سنڌ جي ٻارڙن ڏانهن آزاد سمي جا خط)، مهراڻ پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپيل .ڪتاب -داستانِ حلاج، سنڌ بڪ ڪلب حيدرآباد 2002ع .ان کان علاوه نهج البلاغہ (ترجمو)، عشق ڇا آهي؟ تصوف عشق ۽ سائين جي-ايم سيد، درناياب، فلسفو ڇا آهي؟ حضرت علي جاقول، شيخ سعديءَ جا قول، عورت، جنس ۽ مذهب وغيره شامل آهن .سندس شاهہ سائين سان عقيدت جو اظهار هيٺ ڏجي ٿو.

ڪهڙو مان لکان تنهنجو شان ڀٽائي!
سنڌ سموري جو آن تون مان ڀٽائي!
دل کي راحت ملي تنهنجي رسالي مان،
جيون جي آهين تون جان ڀٽائي!
سچ، سونهن سمايل بيتن واين ۾،
حق جو رهبر ۽ اسان جو ايمان ڀٽائي!
لاٽ روشن" الطاف "رهي پٽ تي،
عزت، عظمت، اسان جي آن ڀٽائي!


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهہ لطيف متعلق مضمون ۽ مقالن جو مختصر وچور-

پيغام لطيف جو سماجي تبدليءَ ۾ ڪردار .تماهي آڪاش (ڪوٽڙي)، ايڊيٽر - آفتاب حسين ڪوهارو، مئي 2010ع .پيغام لطيف جو سماجي تبديليءَ ۾ ڪردار، اخبار عبرت، جمع 21 جنوري 2011ع 16 صفر 1432هہ. ليکڪ هن مضمون ۾ لکي ٿو تہ پيغامِ لطيف تحريڪ نہ رڳو سماجي تحريڪ آهي پر انهيءَ سان گڏ انفرادي مسئلنَ جي حل ۽ تبديليءَ جي تحريڪ بہ آهي .پيغامِ لطيف جي تحريڪ هڪ اهڙي لازوال تحريڪ آهي جنهن جي روشني فردن ۽ قومن کي امر بنائي ڇڏي ٿي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ايوب ڪوسو

نامور شاعر، ناول نگار، نثر نويس ۽ شاهه جو شيدائي ايوب ڪوسو 1971ع ۾ جهڏي پرسان ڳوٺ حاجي احمد خان ڪوسي ۾ ڄائو.سيڪنڊري تعليم ڪان پوءِ 1997ع ۾ بي-اي پاس ڪئي ۽ 1990ع کان وٺي 1998ع تائين جڏي شهر جي هڪ پرائيويٽ پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ درس و تدريس جون خدمتون سرانجام ڏنائين.هي بنيادي طور ريڊيو لسنر آهي، ريڊيو تي وڏن شاعرن ۽ اديبن جي انٽرويوز ڪيس لکڻ لاءِ اُتساهيو .پوءِ 1989ع کان ادبي ڪيتر ۾ پير پاتائين ۽ مسلسل لکندو پيو اچي .پاڻ مزاحمتي شاعر آهي .ان ڪري ڪيس مزاحمتي ۽ انقلابي شاعري وڻندي آهي .امين ارباب وانگر ڪيس لفظن جو جادو آهي .لفظن جي چونڊ ڪريانهن ڪي موتين جي مالها وانگر پوئي شاعريءَ جو روپ ڏئي ٿو . اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي ڪجهه سينئر شاعرن ڪيس ”سنڌ جو ساحر لڌيانوي“ ۽ ”سنڌ جو ڪيفي اعظمي“ سڏيو آهي.

ڪيس شاهه لطيف، شيخ اياز ۽ آڪاش انصاريءَ جي شاعري سان تمام گهڻو موهه اٿس .اردو ادب ۾ محسن نقوي ۽ فيض احمد فيض جون لکڻيون وڻنس ٿيون. سندس 11 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن ۾ شاعريءَ جا 6 ڪتاب، گلابن جو ڪفن، ڪنارن جا سَڏَ، اڪيلائيءَ جو آسمان، ۽ اوجاڳن جي پن ڇڻ شامل آهن .جڏهن ته ڪتاب -بارش سوچي ٿي، سنڌ اداس آهي، ڪتاب-ديوران جي دنيا پويان (جيل ڊائري) ڇاپو پهريون 2003ع، ڇاپو ٻيو جنوري 2014ع . ڪيس هن ڪتاب تي اڪيڊمي ادبيات اسلام آباد پاران 2003ع جو بهترين سنڌي ڪتاب طور ”شاهه لطيف قومي ايوارڊ“ ڏنو ويو .درد جون مسافتون 2016ع .سهائي سپرينءَ جي، نثر تي ٻڌل ڪتاب اٿس .سندس پهريون ناول وڇايل وارث، ڪويتا پبليڪيشن پاران 2016ع، نگاهون نيرا گل (شعري مجموعو) روشني پبليڪيشن 2017ع. رڻ تي چانڊوڪي (شعري مجموعو) روشني پبليڪيشن 2017ع. ويساهن جا وچن (چونڊ خط)، روشني پبليڪيشن 2017ع.

ڪتاب-سُهائي سپرينءَ جي (پٽائيءَ جي شاعريءَ جو فڪري ۽ رومانوي اڀياس)، سنڌيا پبليڪيشنس حيدرآباد، ڇاپو پهريون، فيبروري 2016ع .ڪتاب ۾ ڏنل سناءُ: 1-پنهنجي پاران ”سجڻ ميخون ڏونگرين“. 2- بابا پٽائي ۽ تحقيق



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو پسمنظر. 3-فلسفو ۽ روشن خيال صوفياڻي شاعري. 4-اوپر جو (پورب) فلسفو، تاريخ ۽ لطيف. 5-لطيف، رومي ۽ فارسي شاعري. 6-لطيف جو عظيم تصوف. 7-ڀٽائيءَ جو صوفيءَ بابت نظريو. 8-لطيف وٽ وحدت يا هڪ مرڪز جو نظريو. 9-لطيف: عظيم ۽ وجداني شاعر. 10-لطيف :عظيم ۽ مشاهدڪار شاعر. 11-لطيف جو دانشوراڻو فڪر. 12-لطيف: قوم دوست شاعر. 13-لطيف وٽ عاشقاڻي احساس جي انتها. 14-لطيف جي فڪري مزاحمتي، انقلابي ۽ بغاوتي شاعري. 15-سنڌ، پاڻي ۽ لطيف جي شاعري. 16-لطيف وٽ عورتاڻي مزاج جي عڪاسيءَ جو رنگ. 17-لطيف وٽ سوريءَ جي سچ جو فلسفو. 18-لطيف جي شاعريءَ ۾ پتنگن جو فلسفو. 19-ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ مافوق الحقيقت نگاري. ڪتاب -سهائي سپرينءَ جي صفحو 109 بنگالين جو وڏو ليڊر شيخ مجيب شاهه لطيف جي سرمارئيءَ جي بيتن کان متاثر هو .صفحو-112، لطيف ٻڌائي ٿو ته وطن سان عشق ڪندڙ ڀلي ظاهري طور هڪ ڪمزور عورت ٿي آهي، پر جيڪڏهن وطن سان عشق اٽس ته اها عورت قطعي ڪمزور ناهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# طارق عزيز شيخ

مشهور صحافي، اديب ۽ شاهه سائين جو پارکو طارق عزيز شيخ 19 ڊسمبر 1971ع تي ٽنڊي آغا، حيدرآباد ۾ ڄائو .ابتدائي تعليم کان پوءِ سيڪنڊري تعليم پرائڻ بعد ڪراچي جي يونيورسٽي مان گريجوئيشن ۽ پيون ڊگريون حاصل ڪيائين .طارق عزيز شيخ ڪيترن ئي سنڌي اخبارن ۾ ڪالم ۽ مضمون لکيا .هن ڪيترين ئي اخبارن ۾ ذيلي ايڊيٽر، اسٽاف رپورٽر، چيف بيورو، انچارج ادبي صفحو، انچارج تعليم صفحو، انچارج ايڊيٽوريل صفحي تي، انچارج اشتهار حصي ۾، ڊپٽي ايڊيٽر ۽ ايڊيٽر جي حيثيت سان پڻ ڪم ڪيو . ان ڪانسواءِ ريسرچ آفيسر طور شاهه عبدللطيف ڀٽائي چيئر تي 1998ع کان 2001ع تائين ڪراچي جي يونيورسٽي ۾ ڪم ڪيو، Quatarly Kalachi تحقيقي جرنل جنهن ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين ايڊيٽر ۽ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو سان ذيلي ايڊيٽرن طور ڪم ڪيو .طارق عزيز شيخ جا شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري جي باري ۾ تحقيقي مضمون ۽ مقالا ڪلاچي تحقيقي جرنل ۽ مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن .سندس ڪجهه ڪتاب شايع ۽ ترتيب ڏنل آهن.تن جو مختصر تذڪرو هيٺ ڪجي ٿو.

ڪتاب -1 -سُرها ساهه پرين جا (مختصر ڪهاڻيون) 1994ع. 2-حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ پاڪستاني ٻولين جا صوفي شاعر، تحقيق ۽ تحرير -ڪمال ڄامڙو ۽ طارق عزيز شيخ .ڇپائيندڙ -شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون نومبر 1998ع. 3-سنڌي ادب جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو، ڇاپو پهريون نومبر2001ع ڪانياواڙ اسٽورس. 4-مهراڻ جا موتي (گائيڊ بوڪ ڪلاس انٽر) 2002ع. 5- مهراڻ جا موتي (گائيڊ بوڪ ڪلاس ڏهون) 2002ع. شاهه سائينءَ متعلق مضمون ۽ مقالا.

شاهه لطيف جي دؤر جو سياسي ۽ تاريخي منظرنامو -افيئر پندرنهن وار نيوز مئگزين 31 ڊسمبر 2011ع .شاهه لطيف ۽ سلطان باهوءَ جي ڪلام جو جائزو - ڪلاچي جرنل ايڊيٽر .فهميده حسين ڇاپو پيو مئي 1999ع .ڇپائيندڙ -شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ سنڌي شعبو .ڪراچي يونيورسٽي .مضمون -سرسورٺ، ڪلاچي جون 2002ع .مقالو -شاهه جو ڪلام وحدة الوجود جي روشنيءَ ۾ . ڪلاچي سيپٽمبر 2000ع .مارئي قومي غيرت جو اهڃاڻ -ڪلاچي-1، نومبر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

1998ع .شاهه جي شاعريءَ ۾ سياست ۽ مزاحمت -ڪلاچي مارچ 2000ع .
مقالو -تنوير عباسيءَ جي شاهه تي ڪيل تحقيق ۽ تنقيد، ٻٽائي تحقيقي جرنل-7، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2002ع، ڇپائيندڙ -شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.
شاهه جي ڪلام ۾ راڳ ۽ ساز جو جادو، ڪتاب -ڪلاچي تحقيقي جرنل، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2000ع .شاهه جي ڪلام ۾ سر ۽ ساز جو آواز -ڪلاچي تحقيقي جرنل مارچ-جون 2001 ع .شاهه لطيف جو سرگهاتو :سياسي پسمنظر ۾، ڪارونجهر تحقيقي جرنل، شمارو-7، ايڊيٽر -ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2012ع .جديد سنڌي شاعريءَ جا مختلف لاڙا، ڪلاچي مارچ 2002ع .شاهه جي زماني جي سياسي ۽ اقتصادي تاريخ، ڪتاب -سرتاج صوفي حضرت شاهه عبداللطيف، مرتب -ياسمين ميمڻ، اطلاعات کاتو جنوري 2012ع .
مضمون -ڀائي کان ڪمان ۾، ڪتاب-سنڌ جا ڪالم نگار، ڇاپو پهريون ڊسمبر 1998ع ۾ شايع ٿيس .شاهه لطيف جو مرثيہ گوئيءَ ۾ اندازِ بيان، ماهوار نئين زندگي جولاءِ-آگسٽ 1992ع .مقالو -سنڌي صحافت تاريخ سفر ۽ ڪردار، هن مقالي ۾ شيخ صاحب اوائلي اخبارن کان وٺي موجوده اخبارن ۽ رسالن جو تفصيلي تذڪرو ڪيو آهي .پاڻ لکي ٿو تہ جنوري 1949ع ۾ هڪ رسالو ”عرفان لطيف“ سيد محمد شاهه جاري ڪيو، هي رسالو شاهه لطيف جي شان ۾ ڪڍيو ويو ۽ ان جو پهريون ايڊيشن ”لطيف نمبرر“ سان شايع ڪيو ويو.
شاهه جو ڪلام وحدت الوجود جي روشنيءَ ۾، ڪتاب -اول الله عليم (سنڌي-اردو)، مرتب-گل حسن عارباڻي، اطلاعات کاتو ، ڇاپو پهريون مئي2001ع .
صفحو-29، شاهه لطيف مٿان پنهنجي تڙ ڏاڏي جو نظرياتي اثر هئو ئي پر ٻنهي جي وچ ۾ شاهه لطف الله قادريءَ جي خيالن جي هڪ جهڙائي بہ گهڻي ملي ٿي .شاهه لطيف کان اڳ لطف الله قادري جي ڪلام ۾ سامونڊي، جوڳين، آديسين، ناڪئن، مارئيءِ سسئي جا مضمون ملن ٿا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

ادبي نالو -ڪمال ڄامڙو .پورو نالو -ڪمال الدين پٽ لونگ خان ڄامڙو .ڄنم جي تاريخ -پهرين آگسٽ 1972ع .ڄنم جو هنڌ -ڳوٺ گل محمد ڄامڙو، لڳ راڻيپور ضلعو خيرپور ميرس.تعليم -ايم-اي (سنڌي ادب) ٻي پوزيشن ۽ سنڌي لوڪ ادب ۾ پي-ايڇ-ڊي ڪيائين.
ريڊيو ۽ ٽي-وي ذريعي خدمتون 1988ع کان ريڊيي سان وابسگيءَ ابتدا خيرپور کان .عرصي بعد ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۾ ڪمپيئر، اناؤنسر، پروڊيوسر، ليکڪ، ڊراما آرٽسٽ ۽ ڊيوٽي آفيسر جي حيثيت ۾ FM.101 .سان ليکڪ، ڪمپيئر ۽ ڊيوٽي آفيسر جي حيثيتم (آڪٽوبر 2001ع کان جون 2004ع)، پاڪستان ٽيلي ويزن ڪراچيءَ سان 1996ع کان ليکڪ ۽ ڪمنٽيٽر جي حيثيت ۾ وابستگي .ريڊيي ۽ ٽي-وي تي هر قسم جا سنڌي ۽ اردو پروگرام . ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي ادبي پروگرام رسالي جو ايڊيٽر، ڪمپيئر ۽ پروڊيوسر (1999-2000) ۽ 2004ع کان ريڊيو تي مختلف پروگرام ڪيائين . سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 1998ع کان 2001ع تائين ريڊيي ۽ ٽيليويزن جي سنڌي پروگرامن جي ٻوليءَ جي نگراني.
نوڪريون -ڪراچيءَ جي مختلف اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استاد (ٽي سال)، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ريسرچ آفيسر طور (ٻه سال 2000ع-1998ع)، اسلاميه سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار . (آگسٽ 2000ع کان)، تنهن بعد وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس سائنس ۽ ٽيڪنالاجي عبدالحق ڪيمپس ڪراچي ۾ ڊيوٽيءَ جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي .يونيورسٽي پاران ڇهه ماهي تحقيقي جرنل ڪارونجهر جو 2012ع کان 2015ع تائين ايڊيٽر پڻ رهيو.
ادبي، سماجي تنظيمون ۽ ٻيون مصروفيات.چيف ايڊيٽر گورنمينٽ اسلاميه سائنس ڪاليج ميگزين 2003ع .ايڊيٽر -ماهوار ماهه روز ڪراچي (هڪ سال 98-1997ع)، سب ايڊيٽر -نئين سوچ ڪراچي ۽ روزاني بزنس ايڪسپريس ڪراچي . سب ايڊيٽر -شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران نڪرندڙ ڇه ماهي تحقيقي جرنل ڪلاچي (ٻه سال)، اعزازي ايڊيٽر، پاڻ باقائدي تحقيقي ڪم جي شروعات 1998ع کان شاهه لطيف چيئر مان ئي ڪيائين .خوشبوءِ (مئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

2004ع کان) سرهاڻ ويلفيئر سوسائٽيءَ پاران نڪرندڙ سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ”خبرنامو“ ۾ ڪم ڪيائين.
سنڌي ادبي سنگت راڌيپور جو پيهر بنيادي سيڪريٽري .سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ ۾ ڪاروباري ڪميٽيءَ جو هڪ سال لاءِ ميمبر .سماجي تنظيم سرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي ڪراچيءَ جو باني .آرٽ ڪائونسل ڪراچيءَ جو ميمبر .فورم آف انوارنمينٽل جرنلسٽس ڪراچيءَ جي ايگزيڪٽو ڪميٽيءَ جو ميمبر .سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز ڪراچيءَ جو بنيادي صدر (2002ع کان)، مقامي ۽ قومي سطح تي ٿيل مختلف سماجي، ادبي ۽ ثقافتي ميڙاڪن ۾ سنڌي ادب، ٻوليءَ، شخصيات، شاهه، سچل، تعليم ۽ ٻارڙن جي حقن وغيره تي پنجاهه کن تقريرون، مقالا ۽ ليڪچرر.
ايوارڊ-بهترين ڪمپيئر ايوارڊ 1998ع .پاران -ريڊيو پبليڪيشن ڦُلجي اسٽيشن دادو .بهترين پروڊيوسر ادبي پروگرام ”رسالو“ ايوارڊ 2004ع .پاران -سنڌ سلامت ريڊيو لسنرس ڪلب ٺٽو .ڪتاب“ سنڌؤ جا گيت ”لکڻ تي سنڌي ادبي سنگت پاران سال 2008ع ۾ بهترين تحقيقي ڪم جو ايوارڊ وغيره.
ڇپيل ڪتاب-ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي 25 کن ڪتاب سهيڙيا ۽ ايڊٽ ڪيا آهن . جن ۾ پي-ايچ-ڊي مقالا به شامل آهن ۽ ڪجهه ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ اٿس.
موجوده دؤر ۾ سنڌي لوڪ ادب تي ڪم ڪندڙن ۾ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو پهريون محقق آهي جنهن ڊاڪٽر فهميده حسين جي نگراني ۾ ڪراچي يونيورسٽي مان ”سنڌي لوڪ گيتن جو تحقيقي جائزو“ جي سري هيٺ پي-ايچ-ڊي ڪئي .سندس اهو ڪم سنڌؤ جا گيت نالي ثقافت کاتي پاران 2008ع ۾ شايع ٿيو .ان کانسواءِ سندس ٻيا ڪتاب جن ۾ ڪتاب -سنڌوءَ جا لوڪ گيت) سنڌي لوڪ گيتن تي تحقيق ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ 2008ع .ڪتاب -سنڌي لوڪ ادب :مضمون ۽ مقالا، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ 2013ع .ڪتاب -ڪڇهريءَ جا مور، ثقافت کاتو 2014ع .ڪتاب -ڪراچيءَ جا اديب ۽ شاعر، سرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي 2007ع .لوڪ رنگ لقمان جا (سگهڙ محمد لقمان کوکر جو ڪلام) ثقافت کاتو 2015ع .پاڪستاني زبانون کا لوڪ ادب (اردو)، ترتيب-سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي 2015ع .هن ڪتاب ۾ پاڪستان جي اٺن ٻولين جي لوڪ ادب جي مختصر تعارف سان گڏ انهن تي روشني وڌل آهي ڪتاب -ڪتيم ڪينَڪي (لطيف شناسيءَ بابت مقالا)، شاهه سائينءَ جي 271هين عرس مبارڪ جي موقعي تي هي ڪتاب ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇپرايو ڊسمبر 2014ع ۾ شايع ڪيو .سنڌي لوڪ ادب جو اپياس، سنڌيا پبليڪيشنس، ڇاپو پهريون مارچ 2016ع .ڪتاب -سنڌ دا لاڙها) پنجابي زبان ۾ (ايڊيٽنگ -ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو 2013ع.ڪتاب -سنڌي ثقافت جا امر آواز، ڇپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو پهريون آگسٽ2003 ع .هن ڪتاب ۾ سنڌ جي 54 فنڪارن جي سوانح عمري ڏنل آهي.

ڪتاب -حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ پاڪستاني ٻولين جا

صوفي شاعر، تحقيق ۽ تحرير -ڪمال ڄامڙو ۽ طارق عزيز شيخ .ڇپائيندڙ -شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون نومبر 1998ع . هن ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ پشتو شاعر رحمان بابا، پنجابي شاعر بلها شاهه، سرائڪي شاعر خواجه غلام فريد، بلوچي شاعر جام درڪ ۽ اردو شاعر خواجه مير درد جي سوانح، شاعري ۽ سندن دؤر بابت تحقيق ڪري انهن جي شاهه سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي.

Book: Shah Abdul Latif Bhitai and other Sufi Poets of Pakistani Languages, translated by Saleem NoorHussain, Culture Department, Government of Sindh 2013.

ڪتاب -لطيف ذهني چٽاڀيٽي (ڪوئيز بوڪ)، ڇپائيندڙ -شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي .ڇاپو پهريون آگسٽ 2004ع .هن ڪتاب ۾ شاهه لطيف جي زندگي، ڪلام، رسالن، شارحن، ترجمي نگارن، مرتبن ۽ شاهه لطيف چيئر بابت تحقيقي انداز ۾ سوال جواب ڏنل آهن .ڪتاب -سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت (گڏيل ڪم، ٽيم ۾ سڀ کان وڌيڪ حصو ڪمال ڄامڙي جو)، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي 2005ع.

ڪتاب -رسالو گُجهارت -هي ڪتاب شاهه سائينءَ جي 272هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ثقافت ۽ سياحت کاتي، ڇاپو پهريون 2015ع ۾ پڌرو ڪيو .هن ڪتاب ۾ شاهه صاحب تي ٿيل سموري ڪم کان مُنفرد ۽ نئون ڪم منظرِ عام تي آندل آهي .جيئن ته سگهڙائپ هڪ اوکو فن آهي ۽ وري هن جديد دؤر ۾ ڏور بيت ڳجهارت جي صنف تي ڪم ڪندڙن کي جس هجي .هن ڪتاب ۾ شاهه لطيف جي سگهڙ شيدائين شاهه جي رسالي مان ٽيهن سرن مان ڳُجهارتون چونڊي جيڪا لطيفي پيغام جي پرچار سگهڙائپ وسيلي ڪئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي، تنهن کي ڊاڪٽر صاحب سندن سوانح سان گڏ. سندن پورهئي جو قدر ڪندي ان ڪم کي ڪتابي شڪل ڏئي هڪ اهم ۽ وڏو ڪم ڪيو آهي.

سندس ٽن سون کان وڌيڪ مختلف موضوعن تي لکيل مضمون، مقالا، ڪهاڻيون ۽ ڪالم وغيره شايع ٿيل آهن .انهن مان ڪجهه مضمون-مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

1- شاهه جي رسالي جو مرتب ٻانهو خان شيخ. 2- شاہ عبداللطیف بھٹائی پر تعلیمی، تحقیق،ایک جائزہ.ڪارونجهر ڇهه ماهي تحقيقي جرنل جون 2014ع. شاهه لطيف جي ڪلام ۾ سجاڳيءَ جو سڏ -ڪلاچي جرنل مئي 1999ع .شاهه لطيف ۽ سچل سرمست ۾ نظرياتي فرق، ڪلاچي تحقيقي جرنل-1، ڇاپو پهريون نومبر 1998ع .ساڳيو مقالو ڪتاب -شاهه جي ساڃاهه، سهيڙيندڙ -ماستر حيدر بخش هڪڙو، ڇاپو پهريون جنوري 2010ع ۾ شايع ٿيس .شاهه جي ڪلام ۾ خوشيءَ جو فلسفو، ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد چوٿون، ڊسمبر 2001ع .مقالو - سنڌي لوڪ ادب تي 1970ع کان 2013ع تائين ٿيل تحقيق جو جائزو، ڪارونجهر ڇهه ماهي تحقيقي جرنل، ڊسمبر 2014ع .سنڌ ۾ اردو ٻولي ۽ سچل سرمست جو اردو ڪلام، ماهوار پيغام ڪراچي، آڪٽوبر 2009ع.

ڊاڪٽر صاحب گُذريل ڏهن ٻارهن سالن کان شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ قلندر لال شهباز جي عُرسن بابت ثقافت کاتي پاران ٺاهيل ڪميٽين جو سرگرم ميمبر به آهي .ڪيترين ئي قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ مقالا به پڙهي چُڪو آهي .سيمينار ۽ ڪانفرنسون آرگنائيز به ڪندو رهندو آهي .هن پاڪستان جي پهرين لوڪ ادب ڪانفرنس 2015ع ۾ ڪرائي .سنڌ کان سواءِ پاڪستان جي مُختلف شهرن، هندستان ۽ آمريڪا ۾ ٿيل مُختلف ڪانفرنسن ۾ شريڪ به ٿي چُڪو آهي.

ڊاڪٽر صاحب تمام گهڻو مُتحرڪ شخص آهي .علمي ادبي سرگرمين سان گڏ سماجي خدمتون به سر انجام ڏيندو رهي ٿو .سُرهاڻ ويلفيئر سوسائٽيءَ، سگا، آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچيءَ، سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين تنظيمن سان وابستو آهي .سنڌي سبجيڪٽ سوسائٽي ڪاليجز جو بُنياد 2003ع ۾ رکيائين.

ڊاڪٽر صاحب ٿورڙي عرصي ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي .هن دور ۾ سندس همعصرن ۽ سنڌيءَ جي پروفيسرن ۾ پڻ ڪنهن جو به ايترو ڪم ناهي پر افسوس جو سندس قدر نه ٿيو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر احسان دانش

احسان دانش ولد بشير احمد شاد 15 فيبروري1974ع تي محله علي گوهرآباد ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.پرائمري تعليم کان پوءِ ايم-اي (اردو ادب) 1996ع .ايم-اي (سنڌي ادب) 1998ع ۾ ڪيائين .تنهن بعد 1998ع ۾ پبلڪ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ اردو جو ليڪچرار مقرر ٿيو. 2002ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو.

احسان دانش 1988ع کان پنهنجي والد جي رهنمائي هيٺ نثر ۽ نظم لکڻ شروع ڪيا .سندس شمار سنڌ جي نوجوان شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ لطيف جي پارکن ۾ ٿئي ٿو.سندس شاعري من موهيندڙ آهي، غزل، نعت ۽ وائيءَ تي پڻ طبع آزمائي ڪئي اٿس .

ان ادبي سفر ڪي وڏائيندي ڪيس شاهه لطيف جي بيتن ۽ شرح لکڻ جو شوق اڀريو .لطيف سائين متعلق سندس پهرين لکڻي روزاني جاڳو ۾ 1994ع شايع ٿيس .پوءِ ان ئي اخبار ۾ هفتيوار ڪالم لکندو رهيو .سندس اهو سلسلو 1995ع تائين جاري رهيو .ٿوري ئي عرصي ۾ معروف ٿي ويو ۽ مختلف عنوانن تي مضمون، مقالا ۽ ڪتاب شايع ٿيس.

سندس شايع ٿيل ڪتاب بي سڪون خواب جو سچ (افسانا) 2005ع . لاڙڪاڻو تاريخي ۽ تحقيقي مطالعو (تحقيق) 2005ع. لاڙڪاڻي جي شخصيتن تي ”ويل نه وساريم“ (ترتيب) 2007ع. لفظن جي خوشبو (شاعري) 2010ع ۽ سنڌو سيپتا جو عظيم ورثو موهن جو دڙو (تحقيق) 2012ع .پي-ايڇ-ڊي ٿيسز ”شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“ ڇاپو پهريون 2016 ع پيهي پروڙيوم(جديد سنڌي شاعريءَ جو تنقيدي اڀياس)سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد2017ع وغيره شامل آهن.

احسان دانش سنڌ يونيورسٽي مان ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي جي رهنمائي سان ۽ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جي رهبريءَ سان ”شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“ موضوع تي مقالو تيار ڪري 2015ع ۾ پي-ايڇ-ڊي جي سند حاصل ڪيائين .هن پهريائين ”شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“ عنوان ڪي پنجن بابن ۾ ورهائي ايم-فل سطح تي ڪم جو آغاز


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيو. 17 مئي 2010ع تي پهرين ڊپارٽمينٽل سيمينار ۾ مليل تجويزن بعد ڪيس معلوم ٿيو تہ مذڪور عنوان تي هڪ وسيع ۽ جامع ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي، پوءِ پنهنجن رهبرن جي مشورن سان ان موضوع کي ايم-فل مان پي-ايچ-ڊي ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ يونيورسٽيءَ کي درخواست ڏنائين، جيڪا 2011ع ۾ منظور ٿيس .رولز مطابق ڇهن مهينن دوران پي-ايچ-ڊي لاءِ اين=ٽي=ايس طرفان سيپٽمبر 2011ع ۾ ٽيسٽ GAT پاس ڪري پوءِ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج موضوع تي تحقيقي ڪم ۾ جنبي ويو .سندس ان تحقيقي مقالي کي ڪتابي شڪل ۾ ثقافت ۽ سياحت کاتي ڪراچي پاران 2016ع ۾ منظرعام تي آندو.

ڪتاب-شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج، ڇاپو پهريون 2016ع . ڇپائيندڙ-ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇپيندڙ- سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڪل صفحا-525. ڪتاب جو سٽاءُ: پبلشر نوٽ-لام اڪبر لغاري، هن ڪتاب جو مهاڳ 21 صفحن تي ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي لکيو آهي .هن وقت تائين شاهہ لطيف تي جيڪي بہ ٿيسز شايع ٿيون آهن انهن مان طويل مهاڳ جو اعزاز هن ٿيسز جي محقق کي مليو آهي .سڌايي صاحب محقق سان انصاف ڪري حق ادا ڪيو آهي، واقعي ڊاڪٽر احسان شاهہ سائين تي وڏو ڪم ڪيو آهي .ٿيسز جي شروعاتي بابن ۾ سنڌي سماج کي ماضي ۽ حال جي درسني ڏيکارڻ بعد، سماج جي لغوي معنیٰ ۽ وصف، سماجي گروهہ، طبقا-قبيلا، ڳوٺ-شهر، ايڪو-اتحاد، ثقافت، تهذيب، ڪرتڪاري-طبقا وغيره .قديم شاعريءَ جا سماج تي اثر، شاهہ کان اڳ واري اساسي شاعريءَ جو سماجي اڀياس، ان کان پوءِ باب پنجين ۾ عنوان، 1- سنڌي سماج ۽ شاهہ لطيف جي عظمت، 2- شاهہ جي ڪلام ۾ موضوعاتي وسعت، 3- سنڌي سماج ۾ شاهہ جي ڪلام بابت فڪري ۽ نظرياتي تضاد، 4- شاهہ جي ڪلام جي ادبي، فني ۽ لسانياتي پرک، 5- شاهہ جي ڪلام جا عالمي ادبي قدر ۽ سنڌي سماج ۾ شاهہ لطيف جي مقبوليت جا سبب عنوان تحت صوفي فڪر توڙي اتم انسانن يا هيٺئين طبقي جي انسان جي سماجي قدرن جو تذڪرو شاهہ سائين جي ڪلام وسيلي هر پهلوءَ کان عيان ڪيو آهي .باب ڇهين ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام تي ڏيهي پرڏيهي متقدمين جا اثر ڏيکاريل آهن .باب ستين ۾ عنوان ”شاهہ لطيف ۽ سنڌس دؤر جون سماجي حالتون“ عنوان ”شاهہ جا منفي ۽ مثبت ڪردار ۽ سندن سماجي ڪارج“. آخري باب اٺين ۾ عنوان شاهہ لطيف جي علامتي شعور مان جنم وٺندڙ سماجي

فڪر، عنوان شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ سماجي قدر، عنوان ”شاھ جي شاعريءَ ۾ مثبت سماجي قدر“ محقق مٿين عنوانن تي وڏي محنت ڪري شاھ سائين جي علامتي شعور مان جنم وٺندڙ سماجي فڪر ڪي جديد اصولن جي آڌار تي تحقيق ڪري سنڌي سماجي تي اڻ مٽ احسان ڪيو آهي. سندس پي-ايچ-ڊي جي مهورت 15 صفر 1438ھ مطابق اربع 16 نومبر 2016ع تي ڀٽ شاھ ۾ ٿي.

ڊاڪٽر احسان دانش اربع 16 نومبر 2016ع بمطابق 15 صفر 1438ھ تي شاھ سائين جي 273هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ۾ مقالو ”شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ درد هڪ ڳهڻ رخو اپياس“ پڙهيو هو .ان مقالي تي ڪيس بهترين مقالي جو ”شاھ لطيف ايوارڊ“ 18 نومبر 2016ع تي جناب نثار احمد کهڙي صاحب جي هٿان مليس .ان ڪان علاوه شاھ لطيف ايوارڊ 1999ع لاڙڪاڻو .سچل ادبي مرڪز لاڙڪاڻي پاران، تنوير عباسي ايوارڊ 2000ع عباسي ڪلهوڙا تنظيم پاران 2001ع ۽ ڪتاب شاھ لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج، سنڌي لئنگويج اٿارٽي طرفان 2017ع جو شاھ لطيف ايوارڊ وغيره.

شاھ سائينءَ جي شاعريءَ جا ڪردار ۽ ٻين موضوعن متعلق مضمون ۽ مقالا.

سرڪارايل ۾ پکين، جانورن ۽ جيتن جو ذڪر .ماهوار نئين زندگي مئي 2001ع .ساڳيو مقالو ڪتاب -سرڪارايل، مرتب -حميد سنڌي، صفحي 197 تي شايع ٿيل. شاھ لطيف جا منفي ۽ مثبت ڪردار ۽ سنڌن سماجي ڪارج- ڪلاچي ڊسمبر 2013ع .سچل سرمست جي سرسسئيءَ جو اڀياس -ڪلاچي ڊسمبر 2014ع .اهم مشرقي زبانن جي شاعريءَ جو سماجي اڀياس -ڪلاچي، ڊسمبر 2015ع .شاھ جو ڪلام، سونهن جو سرچشمو، ڪتاب -سرِڀ هڪ مطالعو، ڇپائيندڙ -عاشق حسين ميمڻ، ڇاپو پهريون، 2002ع .ساڳيو مقالو پيج پٽائي پبليڪيشن 2008ع ۾ شايع ٿيو .شاھ جي سرسورٺ جو مطالعو، ڪتاب -سرسورٺ، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون، اپريل 2003ع .سرآسا ۾ سقلتا جو سنيهو، ڪتاب -سرآسا، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون، 2009ع ڇپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ .مقالو -شاھ جي ڪلام جي ادبي، فني ۽ لسانياتي پرک .ڪتاب -ڪوڙين ڪاپائون تنهنجون، مرتب-منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون، ڇپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ 2015ع .ساڳيو مقالو ڪلاچي جون 2015ع ۾ ۽ پيج پٽائي مئگزين نومبر 2016ع، پيج پٽائي مئگزين 2017ع. ۾ به شايع ٿيس .شاھ لطيف جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪلام ۾ هڪ اهم سماجي قدر سخاوت، ڪتاب -سک نہ ستا ڪڏهين، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2013ع .لاڪيٽي لطيف جي سرسامونديٰ ۾ درد جا آلاپ، ماهوار نئين زندگي اپريل-مئي 2002ع . سرساموندي‌ءَ ۾ درد جا آلاپ، ڪلاچي تحقيقي جرنل، ايڊيٽر -فهميده حسين، ڇپائيندڙ -شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون سيپٽمبر 1999ع .انيس انصاري‌ءَ جي ڪهاڻين جو فني ۽ فڪري جائزو، ماهوار نئين زندگي، جنوري-فيبروري 1999ع .شاهه لطيف ۽ اڄ جو سنڌي اديب، ڪتاب-سنڌ جا ڪالم نگار، سهيڙيندڙ-مير نصرت حسين ابڙو، ڇاپو پهريون ڊسمبر 1998ع .شاهه جي شاعري‌ءَ ۾ هڪ اهم سماجي قدر:سچائي، ڪتاب-ڪلياڻ تحقيقي جرنل 2015ع .شاهه لطيف جي شاعري‌ءَ هڪ اهم سماجي قدر: سچ، عوامي آواز سنڌي مئگزين 13 نومبر 2016ع .سنڌي سماج ۾شاهه جي ڪلام بابت فڪري ۽ نظرياتي تضاد، ڪلاچي تحقيقي جرنل، شمارو-2، جلد-12، ڇپائيندڙ -شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ڊسمبر 2016ع .شاهه لطيف جي سورمين وٽ درد جان انواع، ٻاجهہ ساليانو تحقيقي جرنل، ايڊيٽر-محمد ابراهيم ڪوڪر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، جلد-1، شمارو-1، 2017ع. مقالو-شاهه لطيف جي ڪلام تي پنجابي شاعري‌ءَ جا اثر، پڻ شايع ٿيل آهي. شاهه لطيف کان اڳ واري اساسي‌ءَ شاعري‌ءَ جو سماجي اڀياس، قليچ تحقيقي جرنل جلد-1، شمارو-1، سال 2015ع. سنڌي‌ءَ سماج ۾ شاهه لطيف جي مقبوليت جا سبب، ڪتاب-توحيد جي تنوار اطلاعات کاتو نومبر 2017ع.

سنڌي لئنگويج اٿارٽي پاران موضوع ”شاهه لطيف جي شاعري‌ءَ ۾ سنڌي ٻولي‌ءَ جا لهجا“ ان موضوع تي خميس 24 نومبر 2016ع تي هڪ سيمينار منعقد ٿيو، ان موقعي تي ڊاڪٽر احسان دانش مقالو ”شاهه لطيف جي شاعري‌ءَ جو اترادي لهجو“ پڙهيو هو جنهن تي ڪيس زبردست داد مليو.

# غلام شبير پيراهين

مشهور ريڊيو لسنر، اديب ۽ شاهه سائين جي محقق شبير احمد(غلام شبير) ولد ڏتي بخش پيراهين جي پيدائش 20 محرم 1394 هه مطابق 13 فيبروري 1974ع ڳوٺ اختيار وسير(مڇالي مسو واهه) ضلعو سکر، موجوده ضلعو گهوٽڪي ۾ ٿي. تعليم ايم اي سنڌي 1997ع نوڪري پوليس ڪانسٽيبل طور 2002ع ۾ پرتي. 1997ع کان ادبي دنيا ۾ پير پاتائين. ان دور ۾ سنڌس مضمون ۽ مقالا مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيس. سنڌس شاهه لطيف تي بهترين چارڪتاب شايع ٿيل آهن.ڪتاب 1. شاهه لطيف تاريخ جي آئيني ۾ 2008ع. 2.شاهه عبداللطيف ڀٽائي شخصيتون ۽ درسگاهون 2015ع. 3. شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو 2016ع. 4. ڀيٽي جن پرک 2018ع.

**ڪتاب ڀيٽي جن پرک**(سر، مضمون،مقالا ۽ تبصرا) سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد ڇاپو پهريون 2018ع فهرست، اداري پاران ساجد سنڌي، پيش لفظ غلام شبير پيراهين، مهاڳ اعجاز ممنائي، ٻه اکر راهب علي لاڙڪ. **باب پهريون:** شاهه جا سر ،ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، ڪنيات، سريراڳ، سامونڊي، سهڻي، سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني، ليلا چنيسر، مومل راڻو.**باب ٻيون(مضمون):** سنڌي ٻولي جو قومي ۽ دنيا جو عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي. سنڌ جو ولي حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو. سنڌ جو ولي حضرت لعل شهباز قلندر. سنڌ جو ولي حضرت سچل سرمست. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سيد موسيٰ شاهه(موسن شاهه) سان لوءِ صاحبان گهوٽڪيءَ ۾ رهاڻ. شاهه سائين جو ترائي تان پيرو ۽ سنڌس اتارو. صوفين جو سرواڻ شهيد صوفي شاهه عنايت. **باب ٽيون:(مقالا)** جو ڪيڙي سو ڪائي صوفين جو سرتاج صوفي شاهه عنايت شهيد. شهنشاهه لطيف محققن اديبن ۽ شاعرن جي نظر ۾(ببليو گرافي). شاهه جي شاعريءَ ۾ اُٺ، هڪ تحقيقي جائزو. شاهه جي نظر ۾ محبت. شاهه لطيف جي شاعري ۾ اُٺ جو تاريخي پسمنظر.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاماري جا قرب ڳٽيان. **باب چوٿون (تبصرا):** هن باب ۾ ليکڪن جي ٽن ڪتابن جا تعارف ۽ تبصرا ڏنل آهن. شاهه لطيف تاريخ جي آئيني ۾، ان ڪتاب تي تبصرو روزاني اخبار فيصلو ۾ شايع ٿيل. شاهه عبداللطيف ڀٽائي شخصيتون ۽ درسگاهون، تبصرو ڊاڪٽر ڪمال جامڙو. شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعرن جو تذڪرو، تبصرو رڪيل موررائي. شاهه لطيف تاريخ جي آئيني ۾ ان ڪتاب جو تعارف، سنڌيانا انسائيڪلو پيڊيانا ۾ شايع ٿيل.

غلام شبير پيراهين جا شاهه سائين جي فن، فڪر ۽ سير و سفر بابت مضمون ۽ مقالا مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن. تن مان مختصر هن ريت آهن. مضمون-شاهه سائينءَ جو ترائي تان پيرو ۽ اوتارو 2005ع. مقالو ڀٽائي سائين جي پير موسيٰ شاهه سان لوءِ صاحبان ۾ رهاڻ، سنڌس اهو مقالو ڪتاب ڪوڙين ڪايائون تنهنجون 2015ع ۾ شايع ٿيو. مضمون شاهه سائين جو ترائي تان پيرو ۽ سنڌس اوتارو، سوڀ سنڌي مئگزين 7 فيبروري 2016ع. مضمون-شاهه لطيف جي نظر ۾ محبت. حوالو-ڪتاب ”ڀٽائي هڪ آدرشي انسان 2017ع.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# اعجاز علي ممنائي

سنڌ ڌرتيءَ کي اهو شرف حاصل آهي جو هن پوڻ تي پلوڙ انسانن جي کمي ڪانهي، پوءِ چاهي اهي ولي الله هجن يا مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل هجن .انهن انسانن ۾ وري ڪاتبن جو ڪم نرالو آهي جن پنهنجي قلم جي نوڪ وسيلي پنهنجي رهبر جي اوٽ ۾ پنهنجي اوچي ڳاٽ کي نيچي ڪرڻ لاءِ اوليا الله جو سهارو وٺي من جي ميس ماري پنهنجي سائين جي سڳنڌ سان پاڻ کي معطر ڪيو آهي، اهڙن انسانن ۾ اعجاز ممنائي جو به شمار ٿئي ٿو .جنهن کي قدرت پاران ۽ اوليائن جي طفيل قلم جي تيز ڌارا ارپيل آهي، سندس سيني ۾ لفظن جو سنگم سمايل آهي .هي نوجوان شاهه سائين ۽ سچل سائين جي پريم جو پانڌيئڙو آهي ۽ وقت بوقت ادبي ڪانفرنس ۾ به شموليت اختيار ڪندو آهي، پاڻ انهن بزرگن جي ڏنل درس تي عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن جي ڪلام مان نوان نت عنوان چونڊي سندن پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ وسان نه گهٽايو اٿس .هن جي مضمون ۽ مقالن ٿورڙي ئي عرصي ۾ مونکي ايترو ته متاثر ڪيو جو مان ڪيس "چپارستم" چوڻ لڳس .آءُ ادبي ڪيتر ۾ سمجهندو هئس ته اسان جي تر ۾ فقط مون وٽ مواد گهٽو آهي ۽ چڱي پلي جاڻ به آهي، پر ائين نه آهي، اجان ڪي آهين ڪل جڳ جا ڪاپڙي .سندس مختصر تعارف هن ريت آهي.

اعجاز علي ولد الهڏنو ميمڻ، پيدائش: 4 نومبر 1974ع ڳوٺ ڪاهي ممن، تعلقو پريا، ضلعو نوشهرو فيروز -تعليم :ايم-اي (انٽرنيشنل رليشن)، ڊسپينسر، ڊينٽل ٽيڪنيشن، ادبي سفر جي شروعات 1986ع ۾ شاعريءَ سان ڪيائين، کيس شاعريءَ جي صنفن مان غزل جي صنف پسند آهي .سندس پهريون غزل 1990ع ۾ روزانه آفتاب حيدرآباد اخبار ۾ شايع ٿيس، ان بعد سندس شاعري ماهانه ادب انٽرنيشنل، ريڊيو پبليڪيشن، ماهوار ڪنول پيان سعيدآباد، ماهوار سونهن نوشهرو فيروز، ماهوار ڪاڪ ٽنڊوڄام، هفتيوار سائين اخبار سميت ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي ٿي.

اعجاز 14 سال نوشهرو فيروز جي هڪ خانگي اسڪول ۾ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪيو، سندس اسڪول واري زندگيءَ جو وڏو ڪارنامو اهو هو جو پاڻ نائين ۽ انٽر جي شاگردن کي شاهه لطيف جو رسالو ضرور وٺرائيندو هو ۽ شاگردن کي چوندو هو ته اسان وٽ جيڪو ڪجهه آهي، اهو لطيف سرڪار جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طفيل مليو آهي ان ڪري ان کي پڙهڻ سمجهڻ ائين ضروري آهي جيئن قرآن شريف کي پڙهئون ٿا .خانگي اسڪول جي ڊيوٽي ترڪ ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ سماجي تنظيم صادق فائونڊيشن سان سلهاڙجي ويو ۽ زندگيءَ جي هر موڙ تي غريب مسڪينن، محتاجن جي مدد ۾ رڌل آهي.

ڪيس صوفي بزرگن سان نينهن جو ناتو آهي انهن جي آسڻ تي وڃي اڄ اجهائي سندن پيغام کي عوام الناس تائين رسائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري پيو .مرحوم سائين سميع الوري خانزاده کان پوءِ پاڻ نوشهرو فيروز جي بزرگن تي پڻ ڪافي تحقيق ڪري مختلف اخبارن ۾ 30 کان وڌيڪ بزرگن جا احوال شايع ڪرايائين.

نثر جو آغاز: 1990ع کان مختصر ڪهاڻيون لکي ڪيائين .سندس پهرين ڪهاڻي ”سڀ کان مٿي شيءِ“ 4 مارچ 1995ع جي روزانه عبرت حيدرآباد ۾ شايع ٿي .ان کانپوءِ ماهوار ڏات مئگزين 1998ع .روزانه آفتاب اخبار 19 مئي 1994ع، 8 جون 1994ع، 8 جولاءِ 1994ع، 16 آگسٽ 1994ع سلسليوار جهاد نواب شاهه، ماهانه سورهيه مئگزين سنڌ نومبر 2007ع ۽ آڪٽوبر 2008ع . سروري پبليڪيشن 2016ع سميت سنڌ جي مڙني سنڌي علائقائي اخبارن ۽ قومي اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس 500 کان مٿي مضمون مقالا شايع ٿيل آهن، جن جو خاص موضوع ملڪي سياسي حالات ۽ سماجي مسئلا، مذهبي ڏڻ، لطيف شناسي، غير ملڪي رويا، دهشتگردي، شخصيتن جا ڪارناما، ولين ۽ بزرگن جي سوانح عمري وغيره شامل آهن .جڏهن ته شاهه عبداللطيف جي سرآسا، سرڪوهياري، سرڪلياڻ، سرپرياتي، سرڪيڏارو، سرڪاموڏ، سرڪاهوڙي ۽ سرڏهر تي تحقيقي مضمون، مقالا لکي شايع ڪرايا اٿائين جن جي ڏسٽي هيٺ ڏجي ٿي.

ثقافت کاتي شاهه لطيف تي سندس پهريون تحقيقي مقالو -سرڪوهياري جو جائزو، ڪتاب-سرڪوهياري 2007ع ۾ شايع ڪيو .ان کانسواءِ مقالو .سرآسا ۾ نفس سان جنگ، ڪتاب-سرآسا، ڇاپو پهريون 2009ع .سراندي ساز ڪيو، ڪتاب -سرپرياتي، ڇاپو پهريون 2010ع .سرڪيڏاري جو اصل راز نومبر 2007ع، سورهيه مئگزين .شاهه لطيف وٽ نفش شناسي آڪٽوبر 2008ع. سورهيه مئگزين ۾ شايع ٿيس .مضمون 1-لطيف فڪر واري قرهي، 8، 6، 12 ڊسمبر 2014ع تي سنڌ جي تمام اخبارن ۾ شايع ٿيو .مضمون 2-شاهه لطيف انسانيت ساز شاعر، 29 نومبر 2015ع تي روزانه جيجل، تعمير سنڌ، عوامي آواز،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جهونگار ۾ ڪلياڻ ۾ شايع ٿيس .مضمون 3-شاهه ڀٽائي هڪ ڪامل انسان (هفتيوار سائين ۾ پچار، هلال پاڪستان، ساهتي آواز نوشهرو فيروز ۾ ).
مضمون 4-صوفيت حقيقت جي آئيني ۾، نئون سج 25 اپريل 2015ع _هلال پاڪستان، پچار نيوز .(مضمون 5-هلو تڪيا پسون تن جا (پرين پچار نوشهرو فيروز). مضمون 6-سرڪلياڻ ۾ پردي پنيان حقيقتون،پيچ ڀٽائي مئگزين، نومبر 2016ع ۾ پندرنهن روزه اخبار پرين پچار اربع 16 نومبر 2016ع ۾ شايع ٿيس.ڀٽائي ڪربلا جو عزادار، ماهوار سنڌيا مئگزين ڪراچي، ايڊيٽر-عقيل عباس سومرو، نومبر 2016ع .مضمون -ڀٽائيءَ جو ميلو ۾ سنڌ حڪومت، اخبار هلال پاڪستان، عوامي آواز 18 نومبر 2016ع ۾ ساڳيو مضمون اخبار مومل 19 نومبر ۾ نواءِ سنڌ اخبار 21 نومبر 2016ع تي شايع ٿيس .مضمون -جيئي لطيف، اخبار عوامي فورم 15 نومبر 2016ع .پليو سپ پنيور جو پنيءَ هوت نه هليو، هفتيوار سنڌ منظر، شمارو نمبر-192، اطلاعات ڪاتو نومبر 2016ع ۾ شايع ٿيس. تحقيقي مضمون شاهه ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اڪين جو تذڪرو، پيچ ڀٽائي مئگزين 2017ع ۾ سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيس.
مضمون -شاهه لطيف جي سرڪلياڻ ۾ پردي پنيان حقيقتون، ليکڪ هن مضمون ۾ لکي ٿو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي ست ست روحانيت جي اعلىٰ رازن ۾ رمزن سان سينگاريل آهي، جيئن ڪائنات جو تصور ظاهر به آهي ته باطن به آهي .تيئن لطيفي فڪر به ساڳئي تصور جي عڪاسي ڪري ٿو . سرڪلياڻ شاهه سائينءَ جي رسالي جو بظاهر ته پهريون سر آهي، پر باطني طور پهرين مان مراد ان ذات ڪي ورتو آهي جنهن کان اڳ ڪا به شيءِ نه هئي نه عرش هو ، نه فرش هو، نه جن هئا، نه ملائڪ هئا .بس هو (اللّٰه) موجود هو.
مٿين مضمونن ۾ مقالن ۾ اعجاز ممنائي قلم جي نوڪ سان شاهه لطيف، سچل سائين جي پيغام، فن ۾ فڪر کي عوام  تائين پهچائڻ جي بهترين ڪوشش ڪئي آهي .هن وٽ ڍهن ڪتابن جيترو قلمي مواد موجود آهي، جن ۾ هڪ تحقيقي مضمونن جو ڪتاب-لطيف سرچشمه هدايت پڻ شامل آهي . سندس اهي ڪتاب ڪنهن سرڪاري اداري جي ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهن .

# ڊاڪٽر مخمور بخاري

هالا جي نوجوان محقق محترم سيد رشد الله المعروف مخمور بخاري 30 مارچ 1979ع تي هالا جي هڪ علمي ۽ ادبي خاندان ۾ جنم ورتو.انٽر تائين تعليم هالا مان پرائي، سنڌ يونيورسٽي مان سنڌي ۾ ماسٽر ڪري، تعليم کاتي ۾ ليڪچرار ڀرتي ٿيو .ڪجهه عرصو اڳ هن ڪراچي يونيورسٽي مان سچل سائين تي پي ايچ ڊي جي ڊگري ورتي آهي .سندس انهي تحقيق جومکيه نڪتو اهو آهي ته سچل سائين ستن ٻولين جو شاعر نه پر چار زبانن جو شاعر آهي .بخاري صاحب نه صرف اعليٰ پائي جو محقق آهي، پر ان سان گڏ هڪ شاعر به آهي .سندس لکڻ جي رفتار تمام سٺي آهي .سوين مقالا لکي چڪو آهي .ڪجهه ڪتاب به مرتب ڪري چڪو آهي .ايف ايم ريڊيو پٽ شاهه تي ادبي پروگرام سالن کان پيش ڪيائين.

سندس پهريون ڪتاب ”هالا جي ادبي تنظيمن جي تنقيدي جائزو“ سيف بخاري اڪيڊمي، هالا پاران سال 2004ع ۾ شايع ٿيو هو، جيڪو هالا جي ادبي تاريخ مرتب ڪرڻ لاءِ بنيادي ماخذ طور ڪم آندو وڃي ٿو .ڊاڪٽر بخاري 2007ع ۾ ماهوار متياري مئگزين جو شاهه لطيف اسپيشل ايڊيشن پڻ ترتيب ڏنو آهي .گذريل چند سالن ۾ شاهه لطيف ۽ سچل شناسيءَ جي حوالي سان سندس ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ، ثقافت کاتو ۽ پوپٽ پبليڪشين پاران شايع ڪيا ويا آهن .جن ۾ ڪتاب ”سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر“. سندس پي-ايچ-ڊي مقالو آهي .جيڪو هن ڊاڪٽر نواز علي شوق جي نگراني ۾ لکيو ۽ ڪراچي يونيورسٽي ان تي ڪيس فيبروري 2008ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني . ڊاڪٽر مخمور بخاري کي سڀ کان ننڍي عمر يعني 29 سالن ۾ پي-ايچ-ڊي ڪندڙ جو اعزاز حاصل آهي .هيءُ ڪتاب عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ثقافت کاتي حڪومت سنڌ 2011ع ۾ حضرت سچل سرمست جي 190هين عرس جي موقعي تي خاص اشاعت هيٺ ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب ”سچل، ساجاهه شعور“ حضرت سچل سرمست تي لکيل مختلف تحقيقي مقالن تي مشتمل آهي . جنهن کي مسٽر قربان منگي چيئرمين پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور آگسٽ 2011ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ ڪتاب-سچل سرمست سچ جو شاعر، ثقافتي کاتي 2012ع ۾ شايع ڪيس .ڪتاب-سچل سرمست جو آفاقي پيغام ترتيب ڏنائين .مرزا قليچ بيگ جي ٻاراڻي ادب تي سرجيل ڪتاب ”ٻاراڻي شاعري“



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ترتيب ڏنل 2012 ع ۾ شايع ڪرايائين .ڪتاب -لڱ لات لطيف چئي، ترتيب-ڊاڪٽر مخمور بخاري، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو پهريون 2014 ع .هن ڪتاب ۾ رحيمداد مولائي شيدائي جا تڙيل پکڙيل 12 مضمون-مقالا ترتيب ڏئي شايع ڪرايائين .ڪتاب -جلي منهنجي جاڳ (اپياس) ۽ 21 تحقيقي مضمون ۽ مقالا سال 2015 ع .هن ڪتاب ۾ مقالو "ڀٽائي اڄ به اسان جو سونهون آهي" شايع ٿيل آهي.

شاهه سائينءَ جي فن ۽ فڪر ڪانسواءِ ٻين عنوانن بابت تحقيقي مضمون ۽ مقالا.

مقالو -سرحسينيءَ ۾ سسئي جو مقام، ڪتاب -حسينيءَ جي هاڪ (سرحسينيءَ جو مطالعو)، مرتب -تاج جويو، ڇاپو پهريون مارچ 2005 ع .سرآسا جو فڪري جائزو، ڪتاب -سرآسا، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون 2009 ع .مقالو -سرديسيءَ ۾ ٻهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال، ڪتاب-ديسي سيڻ ڪجن (سرديسيءَ جو مطالعو)، مرتب-تاج جويو، ڇاپو پهريون2005 ع . سرپرڀاتيءَ جو جائزو، ڪتاب -سرپرڀاتي، مرتب -ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون 2010 ع .مقالو -شاهه لطيف جي ڪلام انسان دوست رويا، ڪتاب -ڪوڙين ڪاپائون تنهنجون، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇاپو پهريون 2015 ع . ڇپائيندڙ -ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ .ڀٽائيءَ وٽ تصوف ۽ سماج جا ناتا، ڪتاب -سک نہ ستا ڪڏهين، مرتب-منظور احمد قناصرو، ڇپائيندڙ -سيڪريٽري ثقافت سنڌ، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2013 ع .ساڳيو مقالو عوامي آواز مئگزين 7 ڊسمبر 2014 ع تي شايع ٿيس .مقالو -سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ انساني جبلتن جو اظهار، ڪارونجهر تحقيقي جرنل، شمارو-7، ايڊيٽر -ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2012 ع .هالا جي پهرين شاعره مونس هالائي، نئين زندگي، آڪٽوبر 2001 ع .حضرت سيد علي سرمست شاهه بخاري قلندر سائينءَ جو وزير، تماهي مهراڻ، آڪٽوبر-ڊسمبر 2013 ع .روحانيت جو صاحب: حضرت پير راشد روضي ڌڻي، مهراڻ نمبر-3، 2012 ع .هالا جي نعتيہ شاعري اپياس، مهراڻ نمبر-4، 2012 ع .قلندر لعل شهباز تي نئين سر تحقيق جي ضرورت، مهراڻ-4، 2011 ع .ڀٽائي اڄ به اسان جو سونهون آهي، ڪتاب -امرتا (شاهه لطيف نمبر)، ڇاپو پهريون2011 ع .سامي جي فلسفي ۽ فڪر تي مضمون -مايا جو موهه، مثياري مئگزين، ايڊيٽر -عزيز ميمڻ، جون-جولاءِ 2007 ع .سئي قندر جاگير شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي پيدائش جو هنڌ، عوامي آواز سنڌي مئگزين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

29نومبر 2015ع .شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي شروعات (شاهہ عبداللطيف يادگار ڪائونسل جي تناظر ۾) ٽہ ماهي تخيل، ايڊيٽر-بشير احمد هيسباڻي، شمارو-2، اپريل-جون 2016ع.عطا محمد حامي-سچل جو جديد شارح، ٽہ ماهي تخيل، سيپٽمبر 2016ع.شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ انساني فطرت جي عڪاسي، ڪتاب-شاهہ جا اسرار، سهيڙيندڙ-غلام اڪبر لغاري، ثقافت ۽ سياحت کاتو ڪراچي 2016ع.

# شاهہ لطيف سان عقيدت جو اظهار (عبداللّٰہ شرر)

ڪراچيءَ جي شاعرن ۾ عبدالله "شرر" جو هڪ خاص مقام هو. جڏهن بہ ڪٿي ڪا ادبي تقريب منعقد ٿيندي هئي تہ اتي عبدالله شرر جي موجودگي لازم هئي. شرر مرحوم 1927ع ۾ لسٻيلي ضلعي بلوچستان ۾ جنم ورتو. والد صاحب جو نالو صالح محمد لاسي هو. هڪڙي غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيڻ ڪري پاڻ ڪا خاص تعليم نہ پرائي سگهيو. عبدالله شرر جي مرحوم محمد جمن هالي سان تمام گهڻي رغبت هئي. 1963ع ۾ هالي مرحوم جي مجموع ڪلام "سوزِ عشق" جي طباعت ۾ دل و جان سان ڪم ڪيائين.

عبدالله شرر جميعةالشعراء سنڌ جي ڪيترن ئي ڪانفرنس ۾ ڪراچيءَ جي نمائندگي ڪئي. پاڻ پهرين پنهنجو تخلص "عاجز" ۽ پوءِ "شرر" رکيائين جو آخري وقت تائين قائم رهيس. هي خوش مزاج، پرخلوص، يار ويس ۽ جولاني طبيعت وارو شاعر ۽ شاهہ جو عقيدتمند عبدالله شرر 17 آگسٽ 1967ع تي دائي اجل کي لبيڪ چوندي وفات ڪري ويو. نظم عنوان (شاهہ عبداللطيف)

قوم کي بخشي حيات جاودان عبداللطيف،
سنڌ ۽ سنڌي زبان جي پاسبان عبداللطيف.
نقش آ هر دل تي تنهنجو داستان عبداللطيف،
ياد پيو تنهنجي ملهائي اڄ جهان عبداللطيف.
شاعر شيرين بيان آهن گهڻا، تو جيئن مگر،
دل اندر ڪنهن جي بہ آ درد نهان عبداللطيف.
جوت جا بخشي جهان کي تو اچي آهي اها،
ماہ مان، خورشيد مان آهي عيان عبداللطيف.
جنهن منور تي ڪئي ساري جهان ۾ روشني،
تون ئي آهين سو چراغ ضو فشان عبداللطيف.
ڪيئن پيلا پهچي وڃي ڪو منزلِ مقصود تي،
رهگذر آهي وڃايو ڪاروان عبداللطيف.
سنڌ کي ڏئي رسالو پنهنجي شيرين سخن جو،
مهربان تو ڪئي اي مهربان عبداللطيف.
مدح تنهنجي ۾ زمين وارا ۽ تن سان گڏ "شرر"
پڻ ثنا خوان تنهنجو آهي آسمان عبداللطيف.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري

پٽ جو گھوٽ لطيف، شاعرن پيش امام
قرب جو ڪاتو نہ ڪو، رب ڏنس ھر مام
عشق عابد جام، ڪر مھر رب لطيف جي

اڪر ڏنو الف جو، پٽ جي گھوٽ جو
ناھي اھم ڪو ٻيو، عابد ھن سنسار ۾

پٽ جو گھوٽ ھر دم، مون سين گڏ رھيو
تڪيو ھن ڪيو، عابد سندي روح ۾.

## مختلف ليکڪن جا مضمون ۽ مقالا

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو مقالي ۽ مضمون جي فرق کي واضح ڪندي لکن ٿا تہ ادب ۾ تخصيص ٿيڻ ڪان پوءِ مضمون، تحقيقي مقالي ڪان ھن ريت ڌار ليکيو ويو، جو ھن ۾ تحقيقي ۽ علمي انداز اختيار ڪرڻ بدران فقط عام دلچسپيءَ جا موضوع آندا ويا .مثال طور علم حيوانات جو ماھر "ڪونج" بابت ڪو ليک لکي ٿو ۽ ان ۾ پکيءَ جي خاندان بابت مختلف ڪتابن جا حوالا ڏيئي ان بابت معلومات گڏ ڪري تہ اھو ليک تحقيقي مقالو ليکيو ويندو .ان جي برعڪس ڪونج تي ادبي انداز مان لکي تہ اھو مضمون شمار ٿيندو.

ڊاڪٽر پروين موسىٰ ميمڻ لکي ٿي تہ مضمون ۽ مقالي ۾ بنيادي طور ڪافي فرق آھي .مقالي ۾ منطقي استدلال ۽ سائينٽيفڪ طريقي سان موضوع کي ثابت ڪري پيش ڪبو آھي، جن ڪتابن جا حوالا ورتا ويندا آھن .انھن جا حاشيہ آرائي ڪئي ويندي آھي .يا ڪتاب جي آخر ۾ يا فٽ نوٽ ۾ اھي حوالا يا ريفرنسز جاٽايا ويندا آھن .مقالو ڏيان ۽ چڪاس سان ڪيل اھا تحقيق آھي، جنھن مان علمي معيار جي بلنديءَ سان گڏ محقق جي علمي استعداد پڻ جھلڪندي آھي .انھيءَ جي برعڪس مضمون ۾ ليکڪ جو شخصي عڪس


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

واضح ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ مضمون سندس ذاتي اظهار خيال هئڻ سبب ذاتي ڄاڻ ۽ مشاهدي جي قوت تي مختصر هوندو آهي.
هينئين ليکڪن ۾ اڪثريت اهڙن ليکڪن جي آهي جن شاهه سائينءَ جي ڪلام، سورمن، سورمين، همعصرن ۽ سير سفر متعلق ڪوڙ سارا مضمون، مقالا ۽ ڪجهه اديبن ڪتاب بہ لکيا آهن. انهن جي مختصر ببليوگرافي هيٺ ڏجي ٿي.
**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ** -سورتہ سنيهو آهي ويچ وٽ وڃڻ جو. (بلوچ صاحب ڀٽائيءَ تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي). **ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**- 1- سسئي جي سورن جي ڪهاڻي. 2-حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مارئي ۽ مارو ئڙن سان محبت. **ڊاڪٽر قاضي خادم**- شاهه جي مطالعي جا نوان رخ، نئين زندگي جون 2006ع. **ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري**- مقالو -شاهه لطيف جو ڪلام ۽ پيغام. **ڊاڪٽر نجمہ نور قلپوٽو** -شاهه لطيف جي نظر ۾ عورت جي سماجي حيثيت، ڪلاچي تحقيقي جرنل ڊسمبر 2010ع. **ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر** -شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ ڳاهن، ٻوٽن، ميون، ڀاڄين، اناج، وڻن ۽ ولين جو ذڪر، ڪتاب -نرتي تند نياز سين، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، فيبروري 1988ع. **ڊاڪٽر اسدالله قاضي** - سرسورٺ جو روحاني راز، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد -آگسٽ 2002ع. **ڊاڪٽر عبدالعزيز** -سرمارئيءَ ۾ ماڳ ۽ مڪان، ٽماهي سامي سماچار (عمر ڪوٽ)، ايڊيٽر -مير حسن آريسر .جولاءِ کان سيپٽمبر 2012ع. **ڊاڪٽر اعجاز شيخ** -لطيف سرڪار جي نظر ۾ انسان ذات جو قدر ۽ عشق، ماهوار آڪاس .فيبروري 2010ع. **ڊاڪٽر غلام عباس مهيسر** -شاهه تصوف جو بادشاهه، پيج ڀٽائي جنوري 2012ع. **ڊاڪٽر عبدالرحيم سنڌي** -شاهه جي شعر ۾ انساني مزاج ۽ فطرت جي عڪاسي، پيج ڀٽائي 2011ع. **ڊاڪٽر هدايت پريم**- 1-شاهه لطيف جي ٻولي ۽ سماج. 2-شاهه لطيف جي ٻوليءَ جو لساني جائزو. 3-شاهه جي ٻوليءَ تي لاڙي لهجي جو اثر. **ڊاڪٽر شير**


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**مهراڻي-** 1-شاهه لطيف جو جديد اپياس. 2-انسان دوستي جو فڪر ۽ شاهه لطيف. 3-شاهه لطيف جي شاعري ۾ سونهن جا سوين رنگ. 4-وجودي جماليات ۽ شاهه لطيف. 5-سرپرياتي ۾ جدوجهد جا مختلف پهلو. 6-شاهه ۽ جماليات. 7-ماحوليات ۽ شاهه لطيف. **ڊاڪٽر نسرين لطيفي** -مقالو -شاهه جي ڪلام ۾ اخلاق جو اڀياس، ڪتاب -جر تر تڪ تنوار، مرتب -شيمشيرالحيدري-انور هالائي، ڇاپو پهريون 1979ع .ڇپائيندڙ -سگا ڪراچي. **ڊاڪٽر ادل سومرو** -1 -شاهه لطيف ۽ سنڌي سماج -2 .شاهه جي ڪلام جو اقتصادي فلسفو (مختصر جائزو). **ڊاڪٽر محمد علي قاضي** -مقالو -شاهه لطيف ۽ موسيقيءَ جو فن. **ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي** -مضمون-شاهه جا سورما، ماهوار السنڌ، جون-جولاءِ 1993ع. **ڊاڪٽر عمر بن داؤد پوٽو** -مقالو-شاهه جي رسالي ۾ تحريفون، ماهوار السنڌ، مئي 1995ع .شاهه جي عظمت جا اسباب، ماهوار السنڌ، جون-جولاءِ 1996ع .شاهه جو صوفياڻو شعر، ماهوار السنڌ، آگسٽ 1996ع. **مراد علي مرزا** -مقالو-شاهه جستجو ۽ جدوجهد جو شاعر. **جي-ايم سيد-** پٽ شاهه: سنڌي ثقافت جو مرڪز. **شيخ اياز-** شاهه لطيف هڪ مفڪر. **مخدوم امير احمد-** شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ اسلامي قدر. **عثمان انصاري-** شاهه جي ڪيمياگري. **شازيه پتافي-** مقالو-شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو معنوياتي جائزو، قليچ تحقيقي جرنل شمارو پهريون 2015ع. **محمد هنگورجو** -مقالو -شاهه جا شيدائي ۽ سندن شرح جو معيار، ڪتاب-اديون عبداللطيف ڇئي (خاص اشاعت)، مرتب-ياسمين ميمڻ، ڇپائيندڙ -اطلاعات کاتو ڊسمبر 2014ع . سندس ٻيا شايع ٿيل مضمون ۽ مقالا: 1-شاهه جا شيدائي ۽ سندن شرح وارو ڪم. 2-شاهه جو سرمارئي ۽ محقق. 3-شاهه جو سرسارنگ ۽ شارح. 4-شاهه جي سچائي ۽ سچاڻ شارح. **پروفيسر ستار سومرو** -شاهه لطيف وٽ سماجي اڏاوت جو اعليٰ ۽ عظيم تصور -ماهوار نئين زندگي ڊسمبر 2008ع .شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ حاضر جوابي .ماهوار نئين زندگي مئي 2001ع .شاهه لطيف جون سورميون ۽ اڄوڪو سنڌي سماج .عبرت مئگزين 15 جولاءِ 2006ع .شاهه ۽ عشق -ڪتاب-شاهه ۽ عشق، ڊسمبر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

2014ع .ساڳيو مقالو ماهوار پيغام جنوري 2015 ع ۾ شايع ٿيس .سمنڊ سيويو جن، ڪتاب-ڪوڙين ڪيائون تنهنجيون، ڇاپو 2015ع. **پروفيسر محمد ابراهيم لاشاري** -مضمون-شاهه جي رسالي منجهه جانورن جو ذڪر، سوجهرو مئگزين 20 نومبر 2016ع. **احمد علي چانڊيو** -شاهه لطيف مڙني معيارن تي پورو شاعر، هفتيوار نئين سوچ ڪراچي .ايڊيٽر -عنايت الله مهر 31 . مارچ 1993ع. **الحاج رحيم بخش قمر لاکو** -سرڪاپائتيءَ جا روحاني راز،ماهوار السنڌ اسلام آباد،آڪٽوبر 1991ع .مضمون-ملير منهنجو ماڳ، ماهوار السنڌ اسلام آباد،ڊسمبر 1992ع.تخت تماچي ڄام جو، ماهوار السنڌ، ايڊيٽر-عبدالحي ابڙو،جون-جولاءِ 1992ع.مضمون-وڳر ڪيو وتن،ماهوار السنڌ، مارچ 1993ع. **الهداد جهنجي** -شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڳم ٿيل بيتن جو جائزو، سنڌي ادب شمارو-1، جلد-5، 1981ع. **محمد خان زرداري** -سرآسا جو پسمنظر .سرپرڀاتي جو تاريخي پسمنظر، سرڪيڏارو تاريخ جي آئيني ۾. **بدرالدين اڄڻ** -مقالو-لطيف، ڪالرج ۽ هيمنگوي (سامونڊي فلسفي جا ٽي شاهڪار)، فڪرِ لطيف مئگزين، مارچ 2011ع. **حزب الله آءِ سومرو**-سرديسيءَ ۾ جاگرافيءَ جو مطالعو، نئين زندگي آگسٽ-سيپٽمبر 2005ع. **آغا ظفر**- سررامڪلي هڪ مطالعاتي جائزو، ماهوار نئين زندگي آگسٽ-سيپٽمبر 2006ع. **برڪت بلوچ** - 1-شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ حواسي رنگ. 2-شاهه جي شاعريءَ ۾ اذيت پسندي. **ثريا سوز ڏيپلائي** -شاهه جي ڪلام ۾ ڪاريگرن ۽ هنرمندن جي اهميت، ڪتاب -جر ٿر ٽڪ ٽنوار، مرتب - شيمشيرالحيدري-انور هالائي، ڇاپو پهريون 1979ع .ڇپائيندڙ-سگا ڪراچي. **حاجي گل محمد جلباڻي** -شاهه عبداللطيف ڀٽائي سالڪن ۽ عاشقن جو استاد -فڪرِ لطيف .مئگزين .مارچ 2011ع .ساڳيو مقالو نئين زندگي مارچ 2005ع ۾ شايع ٿيل .ڀٽائيءَ جي رسالي جو سرسهڻي -نئين زندگي .سيپٽمبر 2004ع .سرسريراڳ -ماهوار نئين زندگي .فيبروري 2006ع. **جاويد شيخ** - مضمون-ڏياري ۽ ڀٽائي، ماهوار سنڌيا مئگزين ڪراچي، ايڊيٽر-عقيل عباس

سومرو، نومبر 2016ع. **حسين ڪپري** -افلاطون جو فلسفو ۽ شاهه لطيف جي شاعري، سلسليوار فڪرِ لطيف مئگزين پٽ شاهه، چيف ايڊيٽر-خورشيد ڀڳيو، 2016ع. **حڪيم محمد يعقوب قادري** -مقالو-سنڌ جو علمي پسمنظر ۽ مشرقي شاعرن ۾ شاهه جو درجو.**خليق گچيرائي**-شاهه لطيف وٽ ڪلاسيڪي ادب جو نظريو، ماهوار سنڌ رويو ڪراچي، اپريل 2006ع .ساڳيو مقالو عبرت مئگزين 15 مارچ 2006ع ۾ شايع ٿيو. **خير محمد ڪولاچي** - شاهه جي شخصيت ۽ پيغام تي واضح موقف جي ضرورت، عوامي آواز سنڌي مئگزين 30 آڪٽوبر 2016 ع. **استاد عبدالقادر ڪوسو**- ڀٽائي هڪ آدرشي انسان. **استاد عبدالجبار ڪوسو**- شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي نظر ۾ محبت. **عبيدالرحمان چنه** (فيض)- شاهه جي شاعريءَ ۾ امن. **دين محمد ڪلهوڙو**-پنرو بداماڻي تاريخ جو هڪ رزميا ڪردار، نئين زندگي سيپٽمبر 2002ع. **عبدالخالق شيخ**-مهاڏيو جي مڙهي ۽ شاهه لطيف جو وارث (لطيف سرڪار جي 246هين عرس تي خاص مضمون)، هفتيوار نئين سوچ ڪراچي . ايڊيٽر -عبدالخالق شيخ، آڪٽوبر 1990ع. **نثار احمد ابڙو**- شاهه جي ڪلام ۾ تنظيم سازيءَ جو تصور. **عبدالرزاق عمراڻي** -ڪالم-ڀٽ جو ڀٽائي، ڏند ڪٿائون ۽ تاريخ، ليکڪ-عبدالرزاق عمراڻي، ڪتاب-چوان ڪيئن سنڌ سنڌ آ ساڳي، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو پهريون نومبر 2014ع. **عزيز قاسماڻي** -سپ موتي بيت ۾ ڪچي ڪين مهاءُ (سرڪارايل ۾ پکين جو ذڪر)، ماهوار نئين زندگي، اپريل 2006ع . **علي احمد بروهي** -مضمون- جاڳو جاڳايو (شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حوالي سان)، ماهوار السنڌ، جون-جولاءِ 1995ع .ليکڪ هن مضمون ۾ لکي ٿو تہ سرپرياتي، ڌهر، ڪنيات، رامڪلي، ڪاهوڙي ۽ ڪاپائتيءَ ۾ شاهه پنهنجي ”ستا اٿي جاڳ، واري سنيهي کي هر ويلي ورجائيندو رهي ٿو. **عاجز عبدالستار سنجراڻي**-شاهه جي شاعري حقيقي آيتون، ماهوار نئين زندگي سيپٽمبر 2001ع. **عبدالرشيد لاکو** -شاهه عبداللطيف شاعرن جو سرتاج، ماهوار فڪر لطيف مئگزين .ايڊيٽر-محرم راز

خاصخيلي .مارچ 2014ع. **عمر قاضي** -مضمون-شاهه لطيف جي ڪردار جو وجوديت پرست عڪس ”کهڙي منجهه حساب“ مهراڻ-4، 2008ع .مضمون-ويا ويراڳي نڪري (لطيفيات)، مهراڻ-1، سال 2009ع. **عمران اسلم** -مضمون -جيئي لطيف، ڪتاب -سنڌي موسيقيءَ جا سرتار، سنڌيڪار -خليل رحمان شيخ، ڇاپو پهريون 2011ع. **عبدالحفيظ قريشي** -مقالو-سنڌ شناسيءَ جو هڪ تاريخي، علمي ۽ ڪلاسيڪل سبق، سلسليوار فڪرِ لطيف مئگزين پٽ شاهه، چيف ايڊيٽر-خورشيد ٻگهيو 2016ع. **علي مظهر رضوي** -مضمون-زندگيءَ بابت شاهه جو فلسفو، ماهوار شهباز، چيف ايڊيٽر-نور محمد عباسي، اپريل-مئي 2002ع حيدرآباد. **عنبرين ملاح** -شاهه جي شاعريءَ ۾ محنت ۽ محبت، ڪتاب -سڪ نہ ستا ڪڏهين، مرتب -منظور احمد قناصرو، ڇپائيندڙ -سيڪريٽري ثقافت سنڌ، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2013ع. **عزيز جعفراڻي** -مقالو: 1-شاهه سائين جا ٽئي ضلعي تان ڦيرا. 2-شاهه جي ڪلام ۾ جعفرافيائي اهڃاڻ. 3-فخرِ سنڌ، حضرت ڀٽائي گهوٽ. 4-شاهه لطيف ۽ رحمان بابا جي درميان فڪري هم آهنگي .ڪتاب-مقالاتِ عزيز، ليکڪ-عزيز جعفراڻي، ثقافت کاتو ڪراچي، ڇاپو پهريون 2012ع. **عزيزالله ڦل** -سرساموندي ءَ جا ڪردار ۽ انهن جي جدوجهد، سرواڻ ڪاليج مئگزين 10-2009ع. گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نوشهرو فيروز. **غلام رسول چانڊيو** -مقالو -دنيا جو عظيم مفڪر ۽ شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ڪتاب -جهڙي سونهه سندياس، سهيڙيندڙ -محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون 2012ع .ثقافت کاتو سنڌ. **غلام قادر ٿهيم** -شاهه جي ڪلام ۾ اخلاقي نصيحتون، ڀيج ڀٽائي مئگزين، نومبر 2016ع. **غلام محمد ڀٽي** -اکين ۾ ٿي ويهه، ماهوار نئين زندگي مئي 2001ع .ستي نہ سرندياس ڪر پچار پرينءَ جي، ماهوار نئين زندگي .مارچ 2002ع .تتي ٿڌي ڪاهه . ماهوار نئين زندگي .جون-جولاءِ 2004ع. **وفا خادم ڏيٽو** -مقالو-شاهه لطيف جي شاعري آڪاڻين جي اوٽ ۾، نئين زندگي، اپريل-مئي 2002ع. **رضيہ شيخ** -سرڪاهوڙيءَ ۾ زندگي گذارڻ جا روحاني راز، ڀيج ڀٽائي مئگزين، اپريل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

2005ع .سربروو سنڌي منهنجي نظر ۾، ڀيج ڀٽائي، جنوري 2012ع .سرسارنگ ۾ سنڌي عورت جا احساس -ڀيج ڀٽائي مئگزين حيدرآباد، مارچ 2007ع. **رقيہ عامر**- مقالو: 1-حامي، هادي، هاشمي، محبوبِ لطيف. 2-شاهه لطيف جو سماجي، اڻبراري ۽ پورهئي جي استحصال بابت فڪر. 3-سنڌي سماج ۾ ذات پات جو فرق ۽ لطيف جو نظريو. ڪلاچي تحقيقي جرنل ڊسمبر 2017ع. **رؤف عباسي**_شاهه لطيف جو فڪر، انتهاپسندي ۽ نندو ڪنڊ. ڪتاب -جهڙي سونهن سندياس، سهيڙيندڙ -محمد علي مانجهي، ڇاپو پهريون 2012ع .ثقافت کاتو سنڌ. **رياض عمراڻي ٽنڊوالهيار**-حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سورمن ۽ سورمين تي تحقيق جي ضرورت، ڀيج ڀٽائي پبليڪيشن حيدرآباد سال 14-2013ع. سرپرستِ اعلىٰ سيد نثار شاهه. چيف ايگزيڪيوٽو -سيد وقار حسين شاهه لطيفي ۽ هن رسالي جو چيف نگران نور سنڌي آهي. **رسول بخش تميمي**-مضمون -پيغامِ لطيف، ماهوار السنڌ اسلام آباد، جنوري-فيبروري 1993ع .مقالو -لطيف جي ڪلام جا روحاني راز، سرڪلياڻ، سرمعذوري، سرپرڀاتي ۽ سرسارنگ . **فقير شهمير چانڊيو**-لطيفي سوچ ۽ انسان، ماهوار نئين زندگي، مئي2001ع .عشق الاهي يا صراط المستقيم (لطيفي سوچ جي آئيني۾)، ماهوار نئين زندگي .اپريل-مئي 2002ع. **سرمد چانڊيو**-مقالو: 1-شاهه سائين ۽ چند وديا، مهراڻ نمبر-2، 2010ع. 2-سرپورب ۽ چند وديا. 3-سرجمن ڪلياڻ، امرتا شاهه لطيف نمبر. 4-شاهه سائين جي واين جو اڀياس، مئگزين نئين آس شهدادڪوٽ. 5-جمن شاهه لطيفي ۽ سرمد چانڊيو-مقالو-سرپرڀاتي، ڪتاب-سرپرڀاتي سال 2010ع .هن محقق جو هڪ بهترين ڪتاب حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي چند وديا، ڇاپو پهريون جون 2016ع تي ڪنول پبليڪيشن قمبر پاران شايع ٿيو. **ساجد سومرو**-شاهه جي ڪردارن جي تجديد ۽ تڪميل جو تاريخي سوال، ماهوار نئين زندگي، اپريل-مئي 2002ع .ڀٽائي دنيا جو عظيم شاعر -ماهوار نئين زندگي فيبروري-مارچ 2005ع. **سجاد اختر ٽالپر**-شاهه ۽ نئين زندگي، هن مقالي ۾ سجاد اختر ٽالپر جنوري 1951ع کان 1967ع تائين ماهوار نئين زندگي ۾ ڇپيل شاهه سائينءَ متعلق مضمون ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مقالن جي ببليوگرافي ڏني آهي. **سليمان سعيد**-شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ همت ۽ جستجو جو پيغام، پيج ڀٽائي .سال ڊسمبر 2015ع. **سلطانه وقاصي**-شاهه لطيف جي نوري، ماهوار سنڌ رويو اپريل 2004ع .شاهه لطيف جون سورميون. **سيد ٻچل شاهه بخاري**-سرڪاپائتيءَ ۾ سرت سجاڳيءَ ۽ جاڪوڙ جو سڏ، پيج ڀٽائي 2011ع. **سيما ابڙو**-مقالو_شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ گوتم ٻڌ جو فلسفو، ماهوار امرتا، نومبر-ڊسمبر 2009ع. **سڪندر سروا**ڻ( **سومرو**) -مضمون-سرڪاموڏ، ڪلاچي ڊسمبر 1999ع.ساڳيو مضمون، ڪتاب-سڪ نه ستا ڪڏهين. **سڪندر ساگر**-شاهه جي رسالي ۾ موجود سنڌي پرڪاش راڳن جو اپياس-سورٺ **سلطانه** -لطيف سائينءَ جي عالمگيريءَ واري شاعري، پيج ڀٽائي مئگزين، نومبر 2016ع. **شيخ نياز محمد نياز** -شاهه جي شاعريءَ ۾ محاڪات ۽ منظرنگاري، ماهوار نئين زندگي جنوري 1978ع. **صوفي غلام مصطفيٰ موراڻي**-ڀٽائي جي شاعري محاڪات ۽ منظرنگاري، ماهوار سنڌ رويو .ايڊيٽر -سيد محسن شاهه .اپريل 2004ع. **قمر ڀٽي (ايڊووڪيٽ)**-شاهه لطيف ۽ جدوجهد،ماهوار سڦلتا حيدرآباد .ايڊيٽر -هوش محمد ڀٽي .چيف ايڊيٽر -دودو ديشي .فيبروري 2014ع. **نور احمد ميمڻ**-شاهه سائينءَ جي هن دؤر لاءِ رهنمائي، پندرنهن روزه عبرت مئگزين 31 .جولاءِ 2005ع .ساڳيو مضمون -ماهوار پيغام مارچ 2005ع. **ياسين قربان ڪوهارو** -عورت جو مرتبو ۽ شاهه سائينءَ جي ڀيتا،عبرت مئگزين 31 آگسٽ 2004ع. **پروفيسر محمد سليم ميمڻ**.1 -شاهه جي ڪلام ۾ آيل قصا. 2-ڪاپائتي پورهيت جو سر. 3-رامڪلي جو ڪاپڙي. 4-لطيف جي ڪلام ۾ انساني ڪردار جي پرک. 5-شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ وجدان. **پروفيسر مظهر علي قريشي**-سرسارنگ جو روحاني راز، نئين زندگي نومبر 2004ع .شاهه جي ڪلام ۾ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن، ماهوار نئين زندگي .ايڊيٽر -امداد علي ميمڻ .آڪٽوبر 1994ع .جهاد اڪبر ۽ شاهه لطيف جو ڪلام، ماهوار نئين زندگي مئي

2002ع. **گل نذير گل** -لطيف بحيثيت انقلابي شاعر، ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر 1994ع. **خواجہ ذوالفقار**-خيرپور جي حدن ۾ ڀٽائي جا پيرا،ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر-نومبر 2003ع. **دين محمد اڪرم پورڙائي**-سرڪارايل ۽ ڀٽائي جو پيغام، ماهوار نئين زندگي اپريل-مئي 2004ع . مضمون -سچل سالڪ ۽ مجذوب، ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر-نومبر 2003ع. **چاموٽ حاجي خان چاچڙ**- ڀٽائيءَ جو اڀياس، رسالو ڪاڪ .پرچو نمبر-8، ايڊيٽر- گلشير لوچي، ٽنڊوڄام حيدرآباد. **پروفيسر ميان بخش لغاري**-مقالو- تعليم شاهہ جي نظر ۾، ماهوار السنڌ، مئي 1994ع. **رؤف نظاماڻي**-جمالياتي احساسن جو شاعر، ماهوار پيغام .ايڊيٽر -آفتاب ابڙو .سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي مارچ 2005ع. **خاڪي جويو**-شاهہ لطيف جي شاعري ۽ تخليق ۾ حسن ڪاري، پيج ڀٽائي ميگزين .مارچ-اپريل 2007ع. **ذوالفقار خاڪي**-شاهہ لطيف ڪاهوڙڪي ڪير جو لوڪ طبيب، پيج ڀٽائي ميگزين،پٽ شاهہ 13-2012ع. **ذوالفقاري علي قريشي**-شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي وائيءَ جو اڀياس ۽ موسيقياتي تجزيو- **جمن احمداڻي**-شاهہ جي شاعري ۽ ذاتيات ۽ جدوجهد جو گڏيل تصور،ايڊيٽر -محمد علي بچاڻي .ماهوار نئين زندگي، آگسٽ 1999ع. **محمد خان مسڪين ڪنڀار**-نوري ۽ ڄام تماچي، ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر 1994ع. **مرزا ڪاظم رضا بيگ**-شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ سنڌ ۽ عالم اسلام جا تاريخي اهڃاڻ، ماهوار نئين زندگي ڊسمبر 2005ع. **فقير قربان علي**-سرڪيڏارو مختصر سمجهاڻي، ماهوارفڪر لطيف مئگزين .ايڊيٽر -محرم راز خاصخيلي، مارچ 2014ع. **مرحوم محمد خان مگٽهار**-شاهہ ۽ شريعت، ماهوار ڪهڪشان .ايڊيٽر-ڪامران ميمڻ .جلد-1، مارچ 2007ع. **ماجد علي ميمڻ**- شاهہ لطيف وطن دوست شاعر، ماهوار ڪهڪشان متياري، جلد-1، مارچ 2007ع. **محمد ابراهيم قاضي** -اڳوٽو هيڊ ماستر پرائمري اسڪول لواري شريف .مضمون -حضرت سلطان الاولياءُ قدر سره جن ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي روح رهاڻ، ماهوار رسالو اخبار تعليم،

ايڊيٽر -عبدالجبار مغل .جلد -2 جنوري کان جون 1982ع. **مريم مجيدي**- مضمون-ونڊيہ جو وينجهار، ڪتاب-شاھ ۽ نوجوان، شاھ عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي، ڇاپو پھريون مارچ 1985ع .ڌرتيءَ جيڏو شاعر شاھ لطيف، ڪتاب-جهڙي سونهن سندياس، سھيڙيندڙ-ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڇاپو پھريون 2012ع. **علي بخش بوزدار**- ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ آيل جبل ۽ ٽڪر، مھراڻ-1-2، 2016ع. **مجاهد حسين سولنگي** _مضمون-شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ تي ٽيل ڪم جو مختصر جائزو، هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ 7 جون کان 13 جون، عبرت پريس حيدرآباد، 2009ع .مقالو-شاھ لطيف جي سر پر ڀاتيءَ ۾ استعاري جو استعمال -مھراڻ، جلد نمبر-3، سال 2010ع. **زيب سنڌي**- مضمون سرسامونڊي-شاھ جي شاعريءَ ڪي سنڌ جي موجوده حالتن مطابق سمجهڻ جي ضرورت، پھرين مئي اخبار ڪاوش 1997ع. شاھ لطيف جي فڪري سگهہ ۽ اڄوڪي سنڌ، ڪاوش اخبار 9 جنوري 2018ع. **خاوند ڏنو لاڙڪ** -مقالو-شاھ لطيف جي سرن ۾ اڪين جي اپٽار -ساليانو ياجهہ تحقيقي جرنل، ايڊيٽر-محمد ابراهيم ڪوڪر، ڇپائيندڙ -شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر خيرپور ، شمارو پھريون مارچ 2017ع. **ماهم سنڌي** -ڀٽائي گهوٽ جو ميلو ۽ ست سورميون، پيج ڀٽائي مئگزين، نومبر 2016ع .**پروفيسر عابد مظهر**- سرليلا چنيسر ڏاهپ لفظ جو اپياس .**سرڪش سنڌي**-سربروو، اظهاري ڪيفيت .پيج ڀٽائي، سال ڊسمبر 2015ع .**مير شاهنواز**-شاھ جو پيغام، پيج ڀٽائي ميگزين حيدرآباد/ڀٽ شاھ 13-2012ع. **نجم عباسي**-سرسريراڳ جو اپياس، پيج ڀٽائي مئگزين اپريل 2005ع .**پروفيسر غلام حسين جلباڻي**- شاھ جي ڪلام ۾ تصوف .**ذوالفقار علي قريشي** -شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وائي جو اپياس ۽ موسمياتي تجزيو .**فضل سليمان قاضي** -شاھ لطيف جي شعرن جو عربي ترجمو، عوامي آواز مئگزين 13 نومبر 2016ع .**ذوالقرنين شاھ** -سرپورب جو مختصر جائزو ۽ پيغام .**نصير احمد جوکيو**-شاھ جا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مرد ڪردار ۽ سماجي جوڙجڪ ـ**قدير ڪاندڙو**-شاھ لطيف وٽ انسان دوستيءَ جو تصور ـ**سيد منظور نقوي**- مقالو -شاھ عبداللطيف جي پنجن راڳن جي موسيقي . **سعادت ”سعدي“ لاڪير**-لطيف ۽ ماروئڙا، ماهوار آڪاس . فيبروري 2010ع .**سهيل ابڙو**-موت مران تي مينڌرا، پيج پٽائي جنوري 2012ع .**ساگر حنيف بڙدي**-لطيف سچ ۽ سنڌ جو ترجمان، پيج پٽائي جنوري 2012ع . **شهناز رانجھاٽي** -جيئي لطيف، پيج پٽائي سال ڊسمبر 2015ع .**آغا ظفر** ـسرامڪلي هڪ مطالعاتي جائزو، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد .سيپٽمبر 2006ع .**سيما**-سرڪيڏاري ۾ منظرنگاري، پيج پٽائي 2011ع .**ممتاز علي لغاري**-شاھ لطيف جي ڪلام ۾ ساجاھ جو درس - **غلام حيدر گھايل لغاري**-پٽ ڌڻي دنيا جو رهبر شاعر -**غلام رسول چانديو**-دنيا جو عظيم مفڪر ۽ شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائي ـ**غلام رسول ڪاهوڙي**-اندر اجاريندڙ شاعر، ماهوار پيغام، مارچ 2005ع . **رسول بخش درس**-مايوسين کي مات ڏيندڙ شاعر، ماهوار پيغام، مارچ 2005ع .**جاويد بوزدار**-مومل جي انتظار جو اظهار .شاھ جو سرسهڻي-منظر نگاري جو پندار. **زاهده پروين ملاح**-حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي، پيج پٽائي مئگزين، سيپٽمبر 2002ع. **محمد صالح کهڙو**-شاھ جي نظر ۾ عشق، عاشق ۽ معشوق -ماهوار نئين زندگي مئي 2001ع .**جاويد شيخ**-سرسامونڊي، وفا شعار ونيءَ جي محبت جو لازوال داستان.**حاجن نظاماڻي**-شاھ سائين جو دنبورو، پيج پٽائي، سال ڊسمبر 2015ع .**محمد اسلم پٽو**-لطيفي پيغام ۽ مقصد جا نقش، ماهوار پيغام جنوري 2015ع.**حميده قاضي**-شاھ جو ڪيڏارو ۽ منظرنگاري، پيج پٽائي .سال ڊسمبر 2015ع.**قائم سولنگي**-پٽ ڌڻي جي ڪلام ۾ انسان ڪامل جو تصور، پيج پٽائي .سال ڊسمبر 2015ع. **پروفيسر**



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**زيب پنهور** -جي رتا وچن روح ۾، پيج پنهور پبليڪيشن، ڊسمبر 2015ع . **حاجي الله بخش عقيلي**-مضمون -شاهه عبداللطيف ۽ سنڌي موسيقي . **جي-ايم-سيد**-شاهه جي سنڌڙيءَ جي تهذيبي اهميت -**ذوالفقار علي ميراڻي** -شاهه جي شاعريءَ ۾ ڪردار جو معيار.**محمد اسلم پنهور**-شاهه سائين وٽ اختلاف جي حڪمت .**لطف پيرزادو**-ڪجي ڪاچوٽي نانگن ٻڌي نينهن جي .**اقرار پيرزادو**_1 -ڀٽائي ۽ وارث شاهه ۾ عوامي رنگ ۽ فڪري هڪجهڙايون. 2-ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجون .**انور ڏنگڙائي** -ڀٽائي جو پيغام-اڪ التي ڏار .**لطيف جمال** -محبت جو سفر ۽ ڀٽائي .**بلوچ بهاءُ الدين عظيمي**-شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ تصوف -**يوسف شاهين**-وڍيل ٿي وايون ڪري، ماهوار پيغام جولاءِ-آگسٽ 1985ع .**منظور پنهور**-لطيف انسانيت جو شاعر، لطيف ڊائجيسٽ، جلد-5، مارچ 1986ع .**الهنور بروهي** -شاهه ڀٽائيءَ جي بيتن جي مشابهت، ماهوار پيغام ڪراچي .**ارباب علي چڇڙو**-عشق ۽ لطيف، ماهوار سنڌ رويو ڪراچي، اپريل 2006ع .**امان الله جوکيو**-ڪيڏارو تحقيق جي روشنيءَ ۾، ماهوار نئين زندگي .فيبروري 1992ع. **امام راشدي**-مضمون-شاهه جو سربلاول، ماهوار السنڌ، سيپٽمبر-آڪٽوبر 1994ع .**عاجز رحمت الله لاشاري**-شاهه جي شاعريءَ ۾ سگهڙائپ جو رنگ .-**شيخ عبدالحڪيم جوش**-شاهه جي ڪلام ۾ تشبيهن جو ڪمال . پيج پنهور 2011ع. **شيخ اياز** -ڀٽائيءَ جي پيغام سان ناتو نڀاڻ .**محمد آدم ٻٽ** _شاهه جي شاعري ۽ حيات جي بقا جو سوال .**عبدالحفيظ قريشي (جونيئر)** _ شاهه عبداللطيف ۽ اڄوڪي سنڌ .**انب گوپانگ** _گهاتو گهر نه آيا .**راز شر** _شاهه لطيف ثابت قدمي جو شاعر.**ناسف علي شيراز**-شاهه جي رسالي جون لغتون-مختصر جائزو، ماهوار نئين زندگي .اپريل 2006ع .**هدن جيسر** _ڀٽائيءَ جي بيتن جي پيتا .**بدرالنساء قريشي** -مقالو-شاهه جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نقش نگاري، رسالو-سنڌي رهاڻ، مدرسة النضرت 1959ع . **گدا حسين خاصخيلي** -شاهه جو سرديسي ۽ سسئيءَ جا دشمن .**رڪيل مورائي**.1- سرديسيءَ جي ٻوليءَ جي حسناڪي. 2-سرحسينيءَ ۾ لفظي اٽت جي حسناڪي. **ڪريم بخش چنه** -مقالو-شاهه جي شاعريءَ ۾ وارن جو ذڪر. **گل شير ڏاهري** -شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف ۾ هڪجهڙايو.**نظير حيات سيوهاڻي** - مضمون-شاهه جي سرپورب ۾ اڪير جي ڪيفيت.**ممتاز تبسم شر** -شاهه لطيف جي تعليم محققن جي نظر ۾ .**رشيد ڪليري** -شاهه عبداللطيف ڀٽائي بحيثيت انقلابي شاعر، ماهوار سرت، آگسٽ 2009ع .**معشوق علي قاضي** -شاهه جي رسالي ۾ سسئي جا اڙانگا پنڌ .**محمد ڪوڙل رند** -شاهه لطيف سنڌ جو سڀ کان وڏو پير پرست شاعر. **شاهه محمد سومرو** -مقالو-شاهه لطيف جي نظر ۾ مارئيءَ جي ڪيت سين سان محبت .**محمد اقبال شيخ** - شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اتسائي پيغام .**ڊاڪٽر الهه وسايو سومرو** -1- سرآسا ۾ شاهه لطيف جا روحاني راز. 2-شاهه جي رسالي جي قلمي نسخي جو تنقيقي جائزو. **حافظ ارشد انيڙ** -شاهه جي رسالي ۾ توحيد جو بيان.**عرفان علي** -ڀٽائيءَ جي صوفيانه سوچ تي عمل ڪرڻ جي ضرورت .**عبد ماجوئي** - شاهه جي شاعريءَ جو تجزياتي اڀياس .**نصير مرزا** -شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جو ثقافتي پسمنظر.

اردو مضمون-مقالا -**انور پٹی** -شاہ سسئی اور عشق .**ارسلان احمد** -شاہ عبداللطیف بھٹائی کا شاعرانہ اور فلسفیانہ انداز. **فیصل طفیل** -1 -شاہ عبداللطیف بھٹائی کا کلام محبت کا پیغام -2 .راگوں کا شاہ سائیں. **شفيق احمد شفيق** -بنی نوع انسان سے محبت کرنے والا عظیم صوفی شاعر .**فهيم شناس ڪاظمي** -1-شاہ عبداللطیف بھٹائی اعلیٰ اقدار کے شاعر-2- شاہ عبدالطیف بھٹائی کی شاعری کے نفسیاتی پہلو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**فرحین مغل** ۔شاہ عبداللطیف بھٹائی عظیم شاعر اور موسیقار ۔
**قرۃالعین اسلم** ۔شاہ لطیف اور وارث شاہ کی شاعری میں ھم آھنگی .**نذیر لغاري** ۔شاہ عبداللطیف بھٹائی تے انھاں دی شاعری۔
**ڈاکٹر وفا راشدي** ۔شاہ لطیف کا کلام وحدت و اخوت کا پیغام۔
**سید سبط حسن** ۔شاہ لطیف کی شاعری۔ **ڈاکٹر جمیل جالبي** ۔شاہ لطیف کی شاعری میں نئے گوشے۔ .**اختر حفیظ** ۔مضمون۔ بھٹ شاہ راگ و رنگ کی منفرد دنیا، پیج پتائي مئگزين، نومبر 2016 ع .
**نسیم انجم** ۔مضمون۔شاہ عبداللطیف بھٹائی سندھ کے بیمثال شاعر، پیج پتائي مئگزين، نومبر 2016 ع.**عامر حسین**۔ شاہ عبدالطیف بھٹائی کے ابتدائی دور کے انگریزی کے سوانح نگار۔**شیرین فاطمہ**۔شاہ عبدالطیف بھٹائی سندھ کی شاعری کا درخشاں ستارا۔**افسانہ بدر**۔ شاہ عبدالطیف بھٹائی کا شاعرانہ اور فلسفیانہ انداز۔ **نبیل طاھر**۔شاہ سائین کے فلسفیانہ افکار۔ **شبیر کوکر**۔شاہ عبدالطیف اور مست توکلی کا کلام۔ **مرزا کاظم رضا بیگ**۔ شاہ لطیف کے معاصرین صوفیائے کرام اور ان کی شاعری کا موازنہ۔ **حلیم شرر**۔ شاہ عبدالطیف بھٹائی اور اقبال۔**شفیق احمد**۔بنی نوع انسان سے محبت کرنے والا عظیم صوفی شاعر۔**پروفیسر آفاق صدیقی**۔1-زندہ جاوید عظیم صوفی شاعر۔ 2 -سر ڈھر کا مجموعی پیغام۔ 3-شاہ لطیف اور عصر حاضر۔ **محمد علی صدیقی**۔ شاہ عبدالطیف بھٹائی ایک آفاقی شاعر۔ **شہناز نور**-1-شاہ لطیف ، زمین سے محبت کی علامت-2-سر ماروی کے چوتھے باب کے چند ابیات کا ھائیکو میں ترجمہ۔**بشریٰ رحمٰن**۔ شاہ عبدالطیف بھٹائی کی شاعری کا رنگ و آھنگ۔ **جمال نقوی**۔عشق مجازی سے عشق حقیقی



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تک-صادق جعفری-شاہ لطیف،انسانیت کے شاعر-بیگم شمس نورالدین سرکی-شاہ اور اردو شعرا کے صوفیانہ خیالات- ڈاکٹر یوسف خشک-سندھی لوک داستان سورٹھ راءڈیاچ-

# بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس 1988 ع جو مختصر احوال
## تحرير_ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس جو افتتاحي اجلاس 2 فيبروري 1988ع تي آرٽس فيڪلٽي جي پڙ ۾ خوبصورت پنڊال ۾ ٿيو، اها ڪانفرنس 4-3-2 فيبروري تائين جاري هئي .سڀ کان پهرين سنڌ يونيورسٽي جي پروفيسر فاروقي صاحب قرآن مجيد جي تلاوت ڪئي ۽ تنهن بعد علڻ فقير ۽ سندس ساٿين شاهه جي وائي ڳائي .هن ڪانفرنس ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض محمد قاسم ٻگهيي ادا ڪيا .سڀ کان پهريائين بين الاقوامي سنڌي ڪانفرنس جي وائيس چيئرمين، سنڌي شعبي جي سربراهه ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب آيل مهمانن جي آجيان، شاهه سائين جي هن بيت سان ڪئي.

آيا آس ٿيام، ٻاروچا ٻنيور ۾،
پسي پهر پنهونءَ جي، ننهن سيئن نيڻ ٺريام،
ڳوندر وسريام، سڪن شاخون ڪڍيون.

ڊاڪٽر صاحب جي مختصر جملن کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جناب مظهرالحق صديقي ”خطبہ استقباليہ“ ڏنو .ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي افتتاحي خطبي ۾ هن ڪانفرنس کي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو . ڊاڪٽر بلوچ کان اڳ ڊاڪٽر جميل جالبيءَ شاهه لطيف جي شاعري تي خاص مقالو پڙهيو .ڪانفرنس جي پهرين ويهڪ انهيءَ ڏينهن تي مانجهاندي کان پوءِ محترم سراج الحق ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿي، انهيءَ موقعي تي اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض محترمہ سحر امداد ادا ڪيا .هيءَ نشست لسانيات جي موضوع لاءِ وقف ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ محمد حسين پنهور، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي محمد طاهرزادي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر حيدر سنڌي، رچرڊ هائل ۽ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ پنهنجا پنهنجا مقالا پڙهيا.

رات جي مانيءَ کان پوءِ گورنمينٽ زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد جي آڊيٽوريم ۾ هڪ ناٽڪ ۽ هڪ ٽئبلو جو بندوبست ڪيو ويو، انهي موقعي لاءِ قمر شهباز اسٽيج ناٽڪ ”عيد برادري“ ۽ نثاز حسيني ”ملير گهرجي مارئي“ ٽئبلو لکيو هو .مانائتي سلطانہ صديقي انهيءَ ثقافتي نشست ۾ خاص مهمان هئي، مهمانن ۽ شاگردن جي هجوم ۾ هي نشست پوري ٿي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

3 فيبروري صبح جو 10 وڳي کان پوءِ هن ڪانفرنس جي ٻي ويهڪ ٿي، هن نشست جي صدارت ڊاڪٽر آفتاب قاضي ڪئي ۽ ڊاڪٽر مبارڪ علي خان، ڊاڪٽر سرفراز پٽي، نيلوفر شيخ، ڊاڪٽر يعقوب مغل، ڊاڪٽر صاحب خان چني، پرويز حبيب الله، غلام محمد لاکي، تاج صحرائي ۽ مظهر يوسف سنڌ جي "تاريخ ۽ ثقافت" جي موضوع تي پنهنجا پنهنجا مقالا پڙهيا .آخر ۾ ڊاڪٽر آفتاب قاضي پنهنجو صدارتي خطبو ڏنو ۽ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض پروفيسر اعجاز قريشيءَ سرانجام ڏنا، اهڙي طرح هي ويهڪ پڄاڻي تي پهتي .
ماني کان پوءِ ڪانفرنس جي ٽين ويهڪ ٿي، جنهن جي صدارت "پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس" جي ڊائريڪٽر جنرل غلام رباني آگري ڪئي، اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض سنڌي شعبي جي استاد قاضي خادم سرانجام ڏنا .هن نشست ۾ آغا سليم، ابوبڪر شيخ، ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، سحر امداد، ملڪ نديم، ڊاڪٽر ايم شوڪت علي، محمد حسين ڪاشف، ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي، غلام احمد بدوي ۽ بشير احمد شاد "تخليقي ادب" جي موضوع تي پنهنجا پنهنجا مقالا پڙهيا .ويهڪ جي مهمانِ خاص ڊاڪٽر تنوير عباسي نشست ۾ پڙهيل مقالن جي واکاڻ ڪئي .آخر ۾ غلام رباني آگري صاحب پنهنجو صدارتي خطبو پڙهيو، اهڙي طرح ڪانفرنس جي ٽين ويهڪ جي پڄاڻي ٿي.
بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس جي هيءَ چوٿين ۽ آخري ويهڪ 4 فيبروري 1988ع تي صبح جو ساڍي ڏهين وڳي شروع ٿي .لطيفي فن ۽ فڪر تي مقالا پڙهڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ هڪ قسم جو هجوم لڳي ويو .ان ڏينهن اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرائض انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ سرانجام ڏنا، جڏهن ته ويهڪ جي صدارت سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي اڳوٽي پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي ڪئي ۽ ساڳي ئي شعبي جي پروفيسر محرم خان ساٿي مهمان جي حيثيت سان صدر سان گڏ اسٽيج تي ويٺو .شڪارپور کان آيل مهمان پروفيسر امين الله علوي قرآن شريف جي تلاوت ڪئي ۽ اهڙي ريت نشست جو باقائدي آغاز ٿيو.
اسٽيج سيڪريٽريءَ انهيءَ نشست جي اهميت تي روشني وجهندي تعارفي جملا ڳالهائيندي چيو ته ٻولي، علم، ادب، ثقافت، تاريخ ۽ ڌرتي قومن جا ڪامن فيڪٽرس ٿيندا آهن، انهن جي حوالي سان ئي قومن جي ڄاڻ سڃاڻ ٿيندي آهي .هن ڪانفرنس ڪي اهم ڪارنامو سرانجام ڏيندي چيو ته سنڌي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شعبي پنهنجي سرپرست اعليٰ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جناب مظهرالحق صديقي جي اڳواڻيءَ ۾ دانشورن، عالمن، اديبن، شاعرن، استادن ۽ شاگردن جي چڻ تہ هڪ اهم پارليامينٽ سڏائي آهي.

هن اهو پڻ ٻڌايو تہ سنڌ يونيورسٽي اسان جي عظيم ترين تعليمي ادارن مان هڪ آهي، اهو ئي سبب آهي جو 1962ع ۾ هن يونيورسٽيءَ جي فلاسافي واري شعبي جڏهن ”وزڊم“ نالي رسالو ڪڍڻ شروع ڪيو تہ ان موقعي تي مشهور فلاسافر برٽريند رسل ان شعبي کي پيغام موڪليو هو، جنهن مان پڻ يونيورسٽيءَ جي اهميت ۽ عظمت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

انهيءَ موقعي تي نامياري دانشور ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کي گذارش ڪئي وئي تہ هو برٽريند رسل جو پيغام پڙهي ٻڌائي، هن تاڙين جي گونج ۾ انگريزيءَ ۾ اهو پيغام پڙهي ٻڌايو.

مقالہ نگارن مان سڀ کان پهريون سنڌ يونيورسٽيءَ جي عربي شعبي جي استاد ڊاڪٽر خالد ٽالپر پنهنجو مقالو پيش ڪيو .سندس مقالي جو عنوان هو ”شاهہ جو رسالو ۽ قرآن ڪريم“ ڊاڪٽر صاحب مثال ڏئي ٻڌايو تہ لاکيٽي لطيف جي ڪلام ۽ فڪر تي مذهب اسلام جو نمايان اثر نظر اچي ٿو .ڪانئس پوءِ ناميارِي اديب غلام نبي سڏايي ”لطيف سائين ۽ علامت نگاري“ جي موضوع تي مقالو پڙهيو.

پاڪستان جي اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي اڳواڻ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي هن ڪانفرنس جي اهميت ۽ حيثيت کي ڏسان ۾ رکندي اسلام آباد مان کهي اچي شرڪت ڪئي .هن بزرگ محقق ”شاهہ لطيف ۽ حضرت حسان بن ثابت جي فڪري ۽ فني هم آهنگي“ جي موضوع تي انگريزيءَ ۾ مقالو پڙهيو .هن پنهنجي مقالي ۾ ٻڌايو تہ حضرت حسان بن ثابت جيڪي تشبيهون ۽ استعارا ڪم آندا آهن، تن جو لاکيٽي لطيف پڻ ڪثرت سان استعمال ڪيو آهي.

مرحوم شاهنواز سوڍر ”شاهہ عبداللطيف ۽ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۽ تجارت“ جي موضوع تي پنهنجو مقالو پڙهيو .سندس مقالي کي تاڙين جي گونج ۾ ٻڌو ۽ پسند ڪيو ويو .هن رسالن جي سرن، ڪاپائتي، سريراڳ ۽ سامونڊي وغيره جي حوالي سان سنڌ جي واپار ۽ اقتصادي حالتن جي جهلڪ پيش ڪئي ۽ ٻڌايو تہ لطيف سائين فقط ۽ فقط صوفي منش بہ ڪونہ هو .هو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دنيا ڪان ڪٽيل ڪونہ هو پر پنهنجي دؤر جو حساس ۽ چاڱو انسان هو. سندس ڪلام ۾ سندس دؤر سڄيءَ ڪان وٺي سڀئي تائين محفوظ آهي.

ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر جو شمار سنڌ يونيورسٽيءَ جي ايڊيوڪيشن فئڪلٽيءَ جي ناميارن پروفيسرن ۾ ٿئي ٿو. هن مقالہ نگار "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۾ گاهن، ٻوٽن، ميون، ڀاڄين، اناج، وڻن ۽ ولين جو ذڪر" جي عنوان سان پنهنجو مقالو پڙهيو. محترم پروفيسر پنهنجي مقالي تي ڏاڍي محنت ڪئي هئي، ان ڪري هر هڪ سر جو الڳ الڳ ذڪر ڪري گاهن، ٻوٽن، ميون، ڀاڄين، اناج، وڻن ۽ ولين جو حوالو ڏيندو ويو.

ڪانئس پوءِ ناميارِي شاعر ۽ نقاد ڊاڪٽر تنوير عباسي "شاهہ جي ڪلام ۾ رنگن جو ذڪر" جي عنوان سان مقالو پڙهيو، سندس اهو مقالو لطيفي ڪلام جي اندلت ريکا جي عڪس هئڻ ڪانسواءِ نهايت فڪر انگيز ۽ نظرياتي نوعيت جو هو. حاضرين هن مقالي کي غور سان ٻڌو ۽ دل کولي داد ڏنو. ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي مقالي ۾ ٻڌايو تہ لطيف سائين ڳاڙهي رنگ جو پنهنجي ڪلام ۾ ڪثرت سان ذڪر ڪيو آهي. اهو رنگ سونهن، بهادري ۽ روشن آئيندي وارين حالتن ۽ ڪيفيتن بيان ڪرڻ لاءِ ڪم آندو اٿس.

مرحوم تنوير عباسيءَ کان پوءِ نئين ٿهيءَ جي سڃاڻ اديب ۽ صحافي مرحوم فقير محمد لاشاري "اڄ جو زمانو ۽ شاهہ لطيف" جي عنوان سان مقالو پڙهيو، جنهن کي پڻ تاڙين جي گونج ۾ ٻڌو ويو. فاضل مقالہ نگار پنهنجي هن مقالي ۾ لطيفي فڪر جي حوالي سان موجوده دؤر جي حالتن جي جائزي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي سندس مقالو نئين ٿهي ۽ وقت جي حالتن جي ڀرپور نمائندگيءَ برابر هو.

ڪانئس پوءِ ڊاڪٽر دِرشهوار "Longings and Sorrows in the Poetry of Shah Latif" جي عنوان سان پنهنجو مقالو پڙهيو، هن مقالي کي اول کان وٺي آخر تائين تاڙين جي گونج ۾ ٻڌو ويو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ "شاهہ جي ڪلام ۾ تاريخي اشارا" جي عنوان سان پنهنجو مقالو پڙهيو. ڊاڪٽر صاحب ڪيترائي مثال ڏئي ثابت ڪيو تہ لطيف سائين جو ڪلام اسان جي تاريخ جو ماخذ پڻ آهي.

ويهڪ جو آخري مقالو جمال ابڙي جي فرزند ۽ ترقي پسند اديب بدر ابڙي پڙهيو. سندس مقالي جو عنوان هو "ڪائنات ۽ ماڻهو". بدر ابڙي هن مقالي ۾ سرگهاتو، سامونڊي ۽ سريراڳ جي پسمنظر ۾ لطيف سائين جي "عظيم انسان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

واري تصور“ جي وضاحت ڪئي ۽ ٻڌايو تہ زندگي مسلسل جدوجهد آهي .انسان کي گهرجي تہ مخالف قوتن کي منهن ڏئي منزل طرف وڌندو رهي.

جيئن تہ سامع مهربانن لطيفي فن ۽ فڪر کي نهايت عقيدت، غور ۽ دلچسپيءَ سان ٻڌڻ جو مثال قائم ڪيو، ان ڪري وقت گذري وڃڻ جو ڪنهن کي بہ احساس نہ ٿيو .مهمانن کي ڏيڍ وڳي ٻنپهرن جي ماني کائڻي هئي، پر مٿان بہ ٿي چڪا هئا، ان ڪري ويهڪ جي صدر محترم علي نواز حاجن خان جتوئي کي پنهنجو مختصر صدارتي خطبو ڏيڻو پيو .هن پنهنجي صدارتي خطبي ۾ ٻڌايو تہ لطيف سائين جو ڪلام اسلامي اقدار جي اپٽار آهي.اهڙي نموني سان هي ويهڪ خيرخوبيءَ سان پڄاڻيءَ کي پهتي.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي سيمينار1999 ع جو مختصر احوال

سنڌ جي سدا سهڻي شاعر ۽ مفڪر، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 255هين ورسي جي موقعي تي 6 جون 1999ع تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران هڪ ڏينهن وارو شاهه عبداللطيف ڀٽائي سيمينار 1999ع ۾ ڪرايو ويو .جنهن جا ٻه اجلاس ٿيا، پهريون اجلاس افتتاحي ۽ ٻيو مقالن وارو اجلاس ٿيو .مقالن واري اجلاس جو موضوع ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ اڪيهين صدي“ هو.

افتتاحي اجلاس جي صدارت ڪراچي يونيورسٽيءَ جي قائم مقام وائس چانسلر ڊاڪٽر وقار الدين احمد ڪئي ۽ خاص مهمان ان وقت جي سنڌ حڪومت ۾ تعليم واري سيڪريٽري محترمه مهتاب اڪبر راشدي هئي .سيد ٻچل شاهه ۽ سائين جمال ابڙو اعزازي مهمان هئا .جڏهن تہ اجلاس جو خصوصي مقالو ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ پاران پيش ڪيو ويو، جنهن ڪان پوءِ هن حاضرين جي سوالن جا جواب ڏئي اجلاس کي وڌيڪ اهميت وارو ۽ جاندار بنائي ڇڏيو .شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي ڊائريڪٽر فهميده حسين مهمانن جي آجيان ڪرڻ ڪانسواءِ چيئر پاران مڪمل ڪيل ۽ رٿيل ڪمن جو وچور ڏنو ۽ اعلان ڪيو تہ چيئر پاران شاهه صاحب جي ڪلام تي ٻڌل ڪمپيوٽر C D جي تياري هلندڙ آهي، اها CD هن سال جي پڇاڙيءَ تائين مڪمل ڪري پڌري ڪئي ويندي . پنڊال ۾ ويٺلن پاران اعلان جي زبردست آجيان ڪئي وئي .هن موقعي تي چيئر پاران ڇپيل ڪتابن جو مهورت پڻ ڪرائي وئي.

سيمينار جو ٻيو اجلاس مقالن تي ٻڌل هو. ”شاهه لطيف ۽ ايڪيهين صدي“ جي عنوان تي ٿيندڙ هن نشست جي صدارت ڊاڪٽر سليمان شيخ ڪئي ۽ خاص مهمان جناب علي احمد بروهي هو .ڊاڪٽر قاضي نبي بخش صاحب خصوصي مقالو پڙهيو .مقالا پڙهندڙن ۾ سائين انور پيرزادو، ڊاڪٽر هدايت پريم، ڊاڪٽر تهمينہ مفتي، ڊاڪٽر رضيہ ڪوکر، غفور ميمڻ ۽ رحمان گل پالاري شامل هئا .هن سيمينار جو عنوان ايترو تہ اهم ۽ وقت جي ضرورت موجب هو جو پنڊال ۾ ويٺلن جو هڪ وڏو انگ صبح ڪان شام تائين مستقل موجود رهيو ۽ تمام گهڻي دلچسپيءَ سان مقالن کي ٻڌندو رهيو.

ان تقريب جا اسٽيج سيڪريٽري چيئر جو ريسرچ آفيسر ڪمال جامڙو ۽ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي ڪمپيئر شهناز راڄپر هئي.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي سيمينار 2000ع ،رپورٽ، ڪمال ڄامڙو

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران شاهه صاحب جي 256 هين ورسيءَ ۽ ميڙي جي موقعي تي هر سال جيان هن سال به هڪ سيمينار ڪيو ويو جيڪو 27مئي 2000ع تي هوٽل آواري ٽاورس جي خورشيد محل هال ۾ ٿيو. ان موقعي تي چيئر پاران سن 1999ع ۾ ڪرايل تحقيق ۽ ترجمي تي ٻڌل انهن ڪتابن جي مهورت پڻ ڪرائي وئي جيڪي 2000ع جي پهرين اڌ ۾ مڪمل ٿي سگهيا ۽ ڇپائيءَ جي مختلف مرحلن ۾ هئا.

سيمينار جي صدارت ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائس چانسلر ڊاڪٽر ظفر ايچ زيديءَ ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان نالي وارو ڪهاڻيڪار سائين جمال ابڙو هو .اعزازي مهمانن ۾ ناميارو ڏاهو سائين علي احمد بروهي، سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جو سيڪريٽري سائين حميد آخوند، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر عارفه فريد، سنڌي ٻوليءَ جي بااختياري اداري جو سيڪريٽري سائين تاج جويو ۽ سائين عبدالغفور پرڳڙي شامل هئا.

ايڪيهين صديءَ ۾ انسان جي بنيادي حقن ۽ آزادين بابت قوم ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ شاهه جي ڪلام وسيلي اجاگر ڪرڻ لاءِ عالمن، اديبن ۽ دانشورن کي ڳالهائڻ جي دعوت ڏني وئي .اهو ئي سبب آهي جو سيمينار 2000ع جو موضوع "شاهه لطيف ۽ انساني حق" رکيو ويو.

انهيءَ ڏس ۾ جن اديبن ۽ دانشورن کي مقالا پڙهڻ لاءِ گهرايو ويو اهي هئا سائين انور پيرزادو، سائڻ سحر امداد، سائڻ خورشيد نصير سومرو ۽ سائين بدر ابڙو.

سيمينار جي شروعات قرآن شريف جي تلاوت سان ٿي جيڪا محترم حافظ محمد صديق ميمڻ ڪئي .ان بعد شاهه جا بيت محترم انب گوپانگ ۽ شاهه جي وائي محترمه دلشاد مرزا پڙهي .تنهن کان پوءِ شاهه لطيف چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فهميده حسين آجياڻي واري تقرير ڪئي ۽ چيئر جي ڪارڪردگيءَ بابت رپورٽ پيش ڪئي.

سيمينار ۾ هڪ خصوصي مقالو (Key note address) محترم انور پيرزادي انگريزيءَ ۾ پيش ڪيو .ان کان پوءِ واري واري سان عالمن پنهنجا پنهنجا مقالا پڙهيا .مقالن کان پوءِ ڪتابن جي مهورت ڪرائي وئي، جن ڪتابن جي پڌرائي ڪئي وئي انهن ۾ شاهه جو رسالو -مرتب-ٻانهو خان شيخ .سنڌ جو

شاهه - بدر ابڙو .صوفي شاعر فقير قادر بخش بيدل جو ڪتاب-پنج گنج (اردو ترجمو) ڊاڪٽر نواز علي شوق .زندگيءَ جو سفر (رومي، شاهه ۽ اقبال) عبدالغفور پرڳڙي -Book of Shah. جرڊ ليوپڪي، انگريزي ترجمو طارق محمود ۽ ”تحقيقي جرنل ڪلاچي“ جو مهورت پڻ ڪيو ويو.

# شاهه لطيف سيمينار2001ع، رپورٽ _ڪمال ڄامڙو

هر سال جيان هن سال به شاهه سائينءَ جي (257هين عرس جي) عرس جي موقعي جي مناسبت سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران 28 اپريل 2001ع تي ڪراچيءَ ۾ ”شاهه لطيف سيمينار“ ۽ ڪتابن جي مهورت ٿي .سيمينار جو موضوع ”شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مرد جو روپ“ هو ۽ مهورت وارن ڪتابن ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين جي لکيل ڪتاب جو موضوع ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ “هو .اهو ئي سبب آهي جو هي مذاڪرو هڪ دلچسپ مذاڪرو رهيو. ڊاڪٽر فهميده حسين جي ان ڪتاب جو انگريزي ترجمو ڊاڪٽر امجد سراج ڪيو آهي .مهورت وارن ٻين ڪتابن ۾ ٻانهي خان شيخ جو سهيڙيل، سموهيل گهٽين معنائن تي ٻڌل شاهه جو رسالو ڀاڱو ٻيو ۽ ڪلاچي تحقيقي جرنل جا سال 2000ع جا پرچا شامل هئا.

ان تقريب جي صدارت ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائس چانسلر ڊاڪٽر ظفر سعيد سيفيءَ ڪئي، جڏهن ته مک مهمان سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين سائين محمد ابراهيم جويو هو .اعزازي مهمانن ۾ سائين علي احمد بروهي، پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا، امداد حسيني ۽ نورالهديٰ شاهه شامل هئا .سيمينار جي موضوع تي جن اديبن ۽ شاعرن تقريرون ڪيون انهن ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو اسسٽنٽ پروفيسر عابد مظهر، سنڌ يونيورسٽيءَ جي فلاسافي ڊپارٽمينٽ جي استاد امر سنڌو، ناميارو صحافي ۽ ڏاهو انور پيرزادو اچي وڃن ٿا .جڏهن ته مهورت وارن ڪتابن تي نالي واري شاعر سائين امداد حسينيءَ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي بين الاقوامي تعلقات واري شعبي جي اسسٽنٽ پروفيسر انعام شيخ ڳالهايو .ان ڪانسواءِ ڪتاب جي انگريزي ترجمي نگار ڊاڪٽر امجد سراج به خيالن جو اظهار ڪيو.

ان تقريب ۾ اديبن، شاعرن، محققن ۽ شاهه جي چاهيندڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي .تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي، جيڪا تقريب جي ڪمپيئر ڪمال ڄامڙي ڪئي .چيئر جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين آيل مهمانن جي آجيان ڪئي ۽ انهن جا ٿورا مڃيا ۽ چيئر جي پاران ڪيل ڪم تي روشني وڌي .هن پنهنجي تقرير ۾ چيو ته شاهه سائين پاڻ هڪ مرد هو، تنهن هوندي به هن پنهنجي ڪلام ۾ عورتن جي پڙ ڪنئي آهي، هن عورتن کي تمام وڏو مان بخشيو آهي، پر افسوس آهي ته اڄوڪي دؤر ۾ عورت کي سماج ۾ صحيح مقام نٿو ڏنو وڃي.

# مددي ڪتاب

ببليوگرافي شاهه تي لکيل ڪتابن جي، عبدالجبار جوڻيجو 2000 ع .شاهه لطيف تي ببليوگرافي، ڀاڱو پهريون، سهيڙيندڙ-دِرشهوار سيد 1996 ع .شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو 2013 ع .لطيف جا ٽر تان ڀيرا -معمور يوسفاڻي، ڇاپو 2001 ع .ڀٽائي -انور پيرزادو ڊسمبر 2007 ع. ڇام هٿ ۾ چار -نواز رڪٽائي 2006 ع .سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا جلد پهريون ۽ ٻيو. جلد ائون. امرتا شاهه لطيف نمبر، ڇاپو پهريون 2011 ع .لطيف ذهني چٽا ڀيٽي، ڪمال جامڙو، ڇاپو پهريون آگسٽ 2004 ع .سنڌي ادب تي هڪ نظر، مختيار احمد ملاح 2006 ع .ڪتاب -انمول هيرا 2015 ع ۽ سونهان منهنجي سنڌ جا، ليکڪ-سليم چنه .جاڻ سچل جي، ياسر عبدالغني خاصخيلي، ساحل حاجي حسين جلباڻي .دادو ضلعو هڪ اڀياس، محمد عرس اظهر سولنگي . لاڙڪاڻو امر شخصيتون، عبدالستار پيٽي .لاڙڪاڻو علمي، ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، مرتب-رضوان گل، مارچ 2016 ع. ڪتاب-بيت (سٽا ۽ اوسر) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سال 2002 ع .سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري، ڇاپو ٻيو 2001 ع .لاڑکانہ تاریخ و تھذیب، مرتب- مختیار سموں، مارچ ۲۰۱۶ع۔آئینہ خانہ شاہ لطیف، ڈاکٹر طاہر تونسوی، اشاعت اول ۲۰۱۰ع. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جلد ڏهون، ش-1، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2016 ع. سرومل راڻو-هڪ مطالعو، مرتب-تاج جويو، ڇاپو پهريون اپريل 2004 ع .ڪنمال، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڇاپو پهريون 2002 ع.

**مختلف رسالا ۽ اخبارون.**

مهراڻ نمبر-1، جنوري-مارچ 2012 ع .ڪينجهر تحقيقي جرنل، شمارو-13، سال 2010 ع .ڪينجهر-4، 1990 ع .ڪينجهر تحقيقي جرنل-8، 2002 ع .مصطفيٰ سوينئر 97-1996 ع، سرپرست پروفيسر جمال الدين مومن،نوان جتوئي .ماهوان نئين زندگي، آگسٽ-سيپٽمبر 2004 ع. ٽماهي تخيُل، چيف ايڊيٽر-سڪندر ملاح، جنوري-مارچ 2016 ع. ڪلاچي ڊسمبر 2006 ع. مهراڻ 1997 ع. مهراڻ 2004 ع. سوڀ سنڌي مئگزين 3 جنوري 2016 ع.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book